تصوير جو خون

آسکر وائلڊ جا

فضل احمد بچاڻي

تصوير جو خون

PICTURE OF DORIAN GRAY

تصوير جو خون

(Picture Of Dorian Gray)
BY: OSCAR WILDE

مصنف : آسڪر وائلڊ
مترجم : فضل احمد ٻچاڻي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1983ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو **ڇهجيتاليهون** ڪتاب

ڇپائيندڙ : نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ : نيو فيمس پرنٽرس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڊيشن : سيپٽمبر 1983ع

قيمت : 20-00 رپيا

(حق ۽ واسطا مترجم جا قائم)

NOVEL — TASWEER - JO - KHOON— A Translation of OSCAR WILDE NOVEL— "PICTURE OF DORIAN GRAY" in Sindhi by Fazal Ahmed Bachani. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1983.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مترجم طرفان

آءٌ ترجما ڇو ٿو ڪريان-؟ ان ڪري ته، جي ڪا سٺي تخليق نٿو پيش ڪري سگهان ته ڪنهن سٺي تخليق جو ترجمو ئي پيش ڪندورهان جيڪا جيڪر آءٌ پاڻ پيش ڪرڻ گهرندو هجان، ته جيئن نئون پراڻي ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب جي اشاعت ۽ اپياس جو سلسلو جاري رهي. ترجمي لاءِ ڪنهن ڪتاب جي چونڊ جي معيار جو بنياد به اهوئي قائم ڪيو اٿم يعني جهڙو ڪتاب جيڪر آءٌ پاڻ لکڻ چاهيندو هجان تهڙي جو ئي ترجمو ڪري پيش ڪريان.

هي ڪتاب اڻويهين صديءَ جي نهايت پياري، مهان تُوڙي نهايت مظلوم ليکڪ **آسڪر فنگال او فلاهريٽ وِلس وائلڊ** جي واحد ۽ بي نظير ناول PICTURE OF DORIAN GRAY جو مڪمل ترجمو آهي (سواءِ چند غيراهم ذڪرن جي، جن جي هئڻ نه هئڻ سان ڪهاڻي جا نفس مضمون جي ربط، رنگ ۽ جوهر تي ڪو اثر نٿو پوي ۽ جيڪي پڙهندڙن لاءِ ويتر بار ٿين ها). آسڪر وائلڊ (١٩٠٠-١٨٥٦ع) جو مڪمل تعارف ۽ پيا ڪوائف اسين پنهنجي ڪتاب **سزا جا سُک** ۾ ڏئي چڪا آهيون جو پڻ هن ليکڪ جي خطن ۽ مضمون جو ترجمو آهي. ساڳيو تعارف هتي ورجائڻ بيکهه جو سبب ٿيندو. هن ناول جو محبوب هڪ بيحد خوبصورت ۽ امير ڇوڪرو آهي ۽، هن جا طالب

فهم ادراڪ، ڏات، ڏاهپ ۽ تيز فهمي جا مالڪ پر ذهين ۽
سڌريل انسان آهن— هڪ اعليٰ درجي جو چترڪار ۽ هڪ
اعليٰ ذهن جو معزز شهري. انهيءَ معزز ۽ ذهين ماڻهوءَ لاءِ
اهو ڇوڪرو هڪ خوبصورت، عجيب ٽوڙي هڪ جوکم
واري "تجربي" جي شئي آهي ۽ چترڪار لاءِ هو خود
سندس ڇوڻ موجب اظهار جو هڪ نرالو ذريعو بڻجي ويو
هو جنهن پنهنجي سونهن هن جي فن کي پيٽا ڪري ڇڏي
هئي— "ٻورين هڪ اهڙي شئي آهي جنهنکي ڪجهه ٻه
بڻائي سگهجي ٿو— هڪ ديوتا، يا هڪ رانديڪو—".

ڪو ذهين انسان ڪنهن خوبصورت ۽ ذهني ٽوڙي
جسماني طور تي بالغ انسان کي پنهنجي ادراڪ، حرفت،
عياري ۽ خوش گوئي سان ايترو متاثر ڪري سگهي ٿو جو
هو پنهنجي سڄي زندگي حال ۽ مستقبل داءَ تي لڳائي ڇڏي.!
ڏات ۽ ڏاهپ حسن ۽ جوانيءَ کي متاثر ڪن ٿا يا انهن
کان متاثر ٿين ٿا، يا ڪنهن موڙ تي هنن جو سنجوڳ ٿي
سگهي ٿو—؟ يا زندگي جي ڌارا ۾ اهي ٻئي وصفون هڪ
ٻي جون ضد آهن—؟ هن ناول موجب ته هڪ هوشيار ۽ سياڻو
انسان پنهنجي محبوب کي پنهنجن نظرين جو تجربو ۽
شڪار بڻائي هنکي هڪ ڀيانڪ انجام تائين پهچائي ٿو ڇڏي.!
هيئن سمجهو ته بيپناه سونهن ۽ بي پناه سياڻپ جي باهمي
ڇڪتاڻ، هڪ ٻي کي کٽڻ ۽ هارائڻ ۽ هڪ ٻي سان نهايت
خوبصورت ۽ نهايت خطرناڪ راند کيڏڻ جا خوبصورت
تجربا هن ناول جو جوهر آهن. ناول جي سڀ کان وڏي

خوبي اهي گفتا ۽ جملا آهن جيڪي ايڪ پنهنجن ڪردارن- خاص ڪري هينري واٽسن- جي واتان چورايا آهن جن ۾ فڪر احساس ادراڪ ۽ فهم لطف ۽ لذت آهي. ۽ هي ته محبت لاءِ جنس (ڇوڪرو يا ڇوڪري هجڻ) جي ڪا اهميت يا تخصيص ناهي.

آسڪروائلڊ کي عام طور تي لذتيت جي نظريي HEDONISM جو قائل ۽ وڏو پرچارڪ سمجهيو وڃي ٿو. برابر هن حسن پرستي ۽ جماليات پرستي کي هڪ ديني مسلڪ جو درجو ڏئي رس وگيان جي هڪ پنٿ جو بنياد به وڌو. هن تي هم جنس پرستي جون تهمتون به لڳيون، هنجي ڀرپور مخالفت ۽ نندا به ڪئي وئي ۽ هن جي خلاف تحريڪون هلايون ويون، هنکي جيل جي ڀوڳنا ڀوڳڻي پئي— پر اهي سڀ مرحلا هن جا نظرياتي تجربا هئا. هن ناول ۾ ته هو ثابت ڪري ٿو ته اهو لذتيت پرستي جو مسلڪ سخت هاڃيڪار آهي، فرد لاءِ به ۽ معاشري لاءِ به.

اسانجا نقاد حضرات هن ناول تي ڪهڙو به تبصرو ۽ ڪهڙي به تنقيد لکن، آءٌ ايترو چوڻ جو حوصلو ڪندس ته هي ناول سچ پچ جادوءَ جهڙو اثر ڪندڙ ڪتاب آهي. باقي فيصلو، ترجمي جي محنت جو، حال ۽ مستقبل جي پڙهندڙن تي آهي.

فضل احمد بچاڻي
١٣٩-ب. گانڌي چونڪ
ٽنڊوالهيار سنڌ.
ڇهين جولاءِ – ١٩٨٣ع

ادبي عمل

جناب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ خاص هن ڪتاب لاءِ لکيو

اڄ اسان انهيءَ دور مان گذري رهيا آهيون جنهن ۾ جيڪڏهن ويهي حساب ڪبو ته ليڪن جو تعداد ڪنهن حد تائين پڙهندڙن کان گهڻو نظر ايندو پر پوءِ به مزي جي ڳالهه آهي جو اسانجا اهي "گهٽائي وارا" عالم ۽ اديب خود پاڻکي ۽ "ڏورانئي وارن" پڙهندڙن کي اهو نه سمجهائي سگهيا آهن ته "علم ۽ ادب ڇا آهي ۽ ادبي عمل ڪهڙي شئي جو نالو آهي-؟" بس هر ڪو اديب شاعر يا ذات ڏٺي پنهنجي ڏن ۾ پورو آهي جنهن کان جيترو پڇي ته او ترو ڪري ٿو. ڪو ڪو آهي جنهن علم ادب سان گڏ ادبي عمل کي ڌيان ۾ رکيو آهي.

ادبي عمل جي اهميت يا طريقه ڪار کي نظرانداز ڪرڻ ڪري اسانوٽ علم ادب جي "موسمي ارتقا" ٿيندي آهي، پوءِ اها موسم ڪڏهين ڪهاڻيءَ جي ٿيندي آهي ته ڪڏهين شاعريءَ جي، ڪڏهين اجلاسن جي ٿيندي آهي ته ڪڏهين تنظيمن جي، جنهن ۾ ڪوبه ربط نه پر فيشن ٿي بنيادي محور تي ڪم ايندو آهي.

حقيقت ۾ "ادبي عمل" جي پيڙهه پنجن بنيادن تي

ٻڌل ٿئي ٿي، اهي آهن:- تخليق، ترجمو، تنظيم، تنقيد ۽ تحقيق. جنهن به ٻوليءَ جا رکوال انهن پنجن بنيادن مان ڪنهن به هڪ بنياد کي نظر انداز ڪري ويهن ٿا اهي ادبي عمارت جي تعمير واري ڪم جا مزدور ته ٿي سگهن ٿا، ليڪن ڪاريگر نه. جيئن ڪاريگر جو ڪم هوندو آهي هڪ مڪمل ۽ خوبصورت عمارت ٺاهڻ تيئن ٻوليءَ جي جهولي ڀريندڙ جو ڪم هوندو آهي ٻوليءَ جي مڪمل خدمت ڪرڻ ۽ نه هڪ مزدوز جيان مزدوري وهي جند ڇڏائڻ.

اسان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪڏهين ٻه ڪنجوسائي کان ڪم نه ورتو آهي ليڪن جا ڳالهه ڪکندي آهي اها هيءَ آهي ته پنهنجي خدمتن کي منظم روپ ڏيڻ کان قاصر رهيا آهيون. اسان انهيءَ کي ڏي عظيم ۽ صحيح سمجهون ٿا جيڪي ڪجهه پاڻ ڪيون ٿا.

اڄ ڪلهه اسانجو ”تخليقي موسم“ جو دور آهي اڄ اسان رڳو تخليق کي ڏي عظيم سنجهون ٿا باقي ترجمو، تنظيم، تنقيد ۽ تحقيق اسان لاءِ بي معنيٰ ڳُر آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته ڪوبه گر انهيءَ ڪري ڏي بي معنيٰ ٿيندو آهي جنهنجي ڪرڻ يا سمجهڻ جي اسانهِ سگهو ڪانه هوندي آهي.

تخليق کانسواءِ ادبي عمل جا باقي چار بنياد ڪيترا اهم آهن-؟ مونکي هتي انهن سوالن جو جواب ڏيڻو ڪونه آهي، پر جا ڳالهه هتي چوڻي اٿم اها هيءَ آهي ته صحتمند ۽ مستند ترجمو پڻ سببن ڪري وڏي اهميت رکي ٿو:

ڀيرئون، ته جڏهين ڪنهن قوم جي فنڪارن قلم ڪارن يا ذات ڏٺين کان "تخليقي صلاحيت" ڪسي وجهي يا رسي وڃي تڏهين ترجمو "تخليقي کوٽ" کي پوري ڪرڻ جو "وقتي ۽ هنگامي" ذريعو بڻجي ويندو آهي. جڏهين ڪو دکي انسان پنهنجا دک درد بيان نه ڪري سگهندو آهي يا ڪيئن بيان ڪرڻ نه ڄاڻندو آهي تڏهين هنلاء اهوئي وجهي اظهار جو ذريعو رهي ٿو ته ٻاڻ جهڙن مگر ٻين دکي انسانن جي وارتا بيان ڪري. انهيءَ ئي عمل کي چيو ويندو آهي- "پرائي پٽر تي ويهي پنهنجا پار ڪيڻ."

ترجمي جي ٻي اهميت آهي "بين الاقواميت". انهيءَ ڪو به شڪ ناهي ته انسان انفراديت پسند آهي ۽ خاص ڪري حساس فردانا جو مالڪ ٿئي ٿو مگر "انفراديت" جي باوجود انسان پوري انسانيت جي رنگ ۾ رتل ٿئي ٿو. هڪ انسان جا تجربا ۽ مشاهدا هنجا پنهنجا هوندي به پوري انسانيت جا تجربا ۽ مشاهدا هوندا آهن ۽ پوري انسانيت جا تجربا ۽ مشاهداهڪ فرد جا تجربا ۽ مشاهدا ٿيندا آهن. وحدت ۾ ڪثرت اٿين ٿئي ٿي ۽ ڪثرت ۾ وحدت جو اهو ئي راز آهي. ترجما علم ادب جي دنيا ۾ وحدت ۽ ڪثرت جي انهيءَ عمل کي وڌائين ٿا. ترجمي جي ذريعي مترجم پڙهندڙن جي منهن ۾ جڙتو زبان ڏيڻ بدران سندن ئي ٻوليءَ ۾ ڪين ٻين جي تجربن ۽ مشاهدن کان آگاه ڪري ٿو.

موجوده دور کان اڳ منظم نموني سان سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ويندا هئا. ليڪن اڄڪلهه انهيءَ ريت کي نباهڻ وارا

ڪي نورائي وچي رهيا آهن جن مان سائين فضل احمد بچاڻي ٻ هڪ آهي.

اسانجي ٻوليءَ جي جهولي ڀريندڙ هن انسان جو ڪجهه اسانکي ڏنو آهي اهو اسانجي اڳيان آهي. هن سڀ کان پهرين **سپون** جي صورت ۾ اسانکي جبران خليل جبران جون چونڊ ڪهاڻيون ڏنيون، ان بعد **ناز بو** سندس طبعزاد افسانن جو مجموعو آيو (١٩٦١)، انکان پوءِ **عاشي** جي صورت ۾ اسانکي انگريزي ادب جو مشهور ناول ڏنائين تازو جنهنجو ٻيو ڇاپو ٻ ڇپيو آهي، تنهن بعد **روح جي ڳولا، عجب اسرار ۽ سڌارت** ٻ اسانجي اڳيان آيا، سندس ستون **ڪتاب آسيه ـ عاشي جي واپسي** ۽ هي ڪتاب اوهانجن هٿن ۾ آهي جو جڳ مشهور اديب **آسڪر وائلڊ** جي ناول جو ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ جو ڪجهه ڏنو ويو آهي انجو تفصيل فاضل مترجم جي پيش لفظ ۽ تعارف ۾ ڏنو ويو آهي انڪري آءٌ ساڳين ڳالهين کي ورجائڻ نٿو گهران. آءٌ رڳو ايترو چوڻ گهران ٿو ته اگر جڏهين آسڪر وائلڊ جو نالو ڪچهرين ۾ محض انڪري ورتو ويندو هو ته ٻڌندڙن کي اهو تاثر ملي ته نالي وٺندڙ آسڪر وائلڊ کي پڙهيو آهي تڏهين هاڻي اديب جي نالي بدران خود اديب کي آڻي اسانجي اڳيان ويهاريو ويو آهي ته هنکي ٻڌئون ۽ سمجهون. هن اديب کي اڳ ٻ هي مترجم هنجي ڪهاڻين جي ترجمي ذريعي متعارف ڪرائي چڪو آهي، انڪري سائين فضل احمد بچاڻي صاحب انهن اديبن کان

مختلف ٿي پوي ٿو جيڪي ٻرهمڻن وانگر پنهنجي مطالعي يا ڄاڻ کي انهيءَ ڪري پنهنجي گوڏي هيٺان لڪائي ويهندا آهن ته جيئن ٻين جي گهٽ مطالعي يا اڻ ڄاڻائي جو فائدو ورتو وڃي. سائين بچاڻي صاحب هن ترجمي ذريعي عام پڙهندڙن سان اشتراڪ ڪري ٿو ۽ ٻين کي پنهنجي مطالعي ۾ شريڪ ڪري ٿو. سندس انهيءَ عمل کي ڏسي وڏڙن جو هي سخن ياد ٿو پوي ته: ”وندي ڪائجي ايمان پائجي.—“

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

٢٦ نومبر – ١٩٨٢ع

سڄو اسٽوڊيو گلاب جي خوشبوءِ سان واسيو پيو هو. آرهڙ جي هلڪي هوا هئي جنهن جي چور تي ٻاهرئين باغ جا وڻ ٽي، ڇريا ٿي. سوسن جي گلن جي تيز خوشبوءِ اندر لنگهي ٿي آئي. لارڊ هينري واٽن، هڪ پارسي چمڙي جي ديوان تي ليٽيو، عادت موجب سگريٽ مٿان سگريٽ ڦوڪيندو ٿي ويو. هن ڪليل دروازي مان انهن ڦڪن گلن جي ماکيءَ جهڙي ٻور جا جلوا ڇٽيءَ طرح پي ڏٺا جزجون ضعيف ڏانديون انهيءَ سونهن جو بار جهلڻ کان ڄڻ لاچار پي ڏسڻ ۾ آيون. ٻاهر اڏامندڙ پکين جا، پاڇا عجيب عجيب شڪلين ۾ دريءَ اڳيان پيل ڊگهن ۽ ٿلهن پردن تان تري ٿي ويا. لنڊن شهر جو هلڪو، گوڙ گبوڙ پري کان وڇندڙ ڪنهن ساز جي هلڪن سرن وانگيان پي ٻڌڻ ۾ آيو.

ڪمري جي وچ ۾، هڪ غير معمولي خوبصورت نوجوان جي آدم قد تصوير هڪ اوچي اسٽول سان جڪڙيل ايـي ڪري رکيل هئي ۽ ان جي سامهون ڪجهه پريرو انهي تصوير جو ٺاهيندڙ باسل هالورڊ ويٺو هو. جيڪو چند سال اڳ اوچتو ڪٿي روپوش ٿي ويو هو جنهن سبب عام لوڪ ۾ ڏاڍو جذباتي چوپول هليو هو.

هي چٽرڪار پنهنجي انهيءَ ماهرانِي ڪوشش سان چٽيل تصوير ڏانهن نهاريندو ٿـي ويو ۽ سندس چهري تي

خوشيءَ جي مرڪ ٻڪڙجي اتي ٿي ٽڪي ٿي وئي— ٻوءِ اوچتو هو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ اکيون ٻوري پنهنجون آڱريون ڪٺي ٻنبٽين تي رکيائين ڄڻ ڪنهن عجيب خواب کي پنهنجي ذهن ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي تہ متان اهو خواب ٽٽي نہ پوي.

”باسل—! تو اڄ تائين جيڪي بہ تصويرون ناهيون آهن تن مان، هيءَ تصوير تنهنجو بهترين شاهڪار آهي—“ لارڊ هينري موڳائي سان چيو— ”ايندڙ سال توکي اها تصوير گراسويٽر اڪيڊمي ڏانهن موڪلڻ گهرجي. اها اڪيڊمي تمام وڏي بہ آهي ۽ بالڪل رواجي بہ. آءٌ جڏهن بہ اتي ويو آهيان تڏهن اتي يا تہ ايترا ماڻهو هوندا آهن جو تصويرون نہ ڏسي سگهندو آهيان يا وري ايتريون تصويرون هونديون آهن جو ماڻهو نہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، هڪڙي ڳالهہ بدحواس ڪندڙ تہ ٻي ان کان بہ بدتر، سچ تہ تصوير جي نمائش لاءِ اها ئي اڪيڊمي بهتر جاءِ آهي—“

”شايد هيءَ تصوير آءٌ ڪيڏانهن بہ نہ موڪليندس.“ باسل پنهنجي عادت موجب ڪنڌ کي پٺئين طرف لوڏيندي جواب ڏنو. سندس انهيءَ انداز تي سندس دوستن کي اڪثر کل وٺي ويندي هئي. ”نہ— هيءَ تصوير آءٌ ڪيڏانهن بہ نہ موڪليندس.“

هينري پنهنجي نشي ڀريل سگريٽ مان وروڪڙ ڪائيندي نڪرندڙ دونهين جي سنهي تهہ مان باسل کي اچرج سان گهوريو:

”ڪيڏانهن ٿا ڪونه موڪليندين؟ پر چو دوست! ان لاءِ ٽو وٽ ڪهڙو سبب آهي، يار اوهين فنڪار ڪهڙا نه عجيب ماڻهو آهيو، جيڪي ڪجهه ڪريو ٿا سو فقط پنهنجو نالو چمڪائڻ لاءِ ٿا ڪريو ۽ جيئن ئي اوهان کي ناماچار ملي ٿو وڃي اوهين ان کي پري اڇليندا نظر ٿا اچو. ماڻهن کي پنهنجي بابت ڳالهيون ڪرڻ جو وجهه آخر ڇونه ڏجي. هيءَ تصوير انگليند جي نوجوان چترڪارن ۾ تنهنجو درجو بلند ڪري ڇڏيندي ۽ پيدا چترڪار جي جذباتي ٿي سگهيا نه توسان ريس ڪرڻ لڳندا.“

”مون کي خبر آهي ته تون مون تان کلندين، پر سچ ته آءٌ هن تصوير جي نمائش نٿو ڪري سگهان، هن تصوير ۾ تمام گهڻي حد تائين مون پنهنجو پاڻ کي ئي ظاهر ڪيو آهي.“

هينري کلڻ لڳو. باسل چوڻ لڳو:

”ها مون کي خبر هئي تون مون تان کلندين پر حقيقت اها ئي آهي.“

”هان! يار عجب آهي، اعتبار ئي نٿو اچي ته ڪو هن تصوير ۾ تو پنهنجي پاڻ کي ايتري حد تائين ظاهر ڪيو آهي، منهنجي خيال ۾ تون اهڙو هلڪي طبيعت جو به نه هئين. تنهن ڪان سواءِ تنهنجي گهري ۽ سخت ڇهري ۽ ڪوئلي جهڙن ڪارن وارن ۽ هن خوبصورت نوجوان ۾ ڪا مشابهت به ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هن کي ته چڻ عاج ۽ گلاب جي پنڙين مان ٺاهيو ويو آهي. هي نوجوان ته

نرگس جي گل ڇهڙو پيو ڏسڻ ۾ اچي ۽ تون — بيشڪ تون هڪ عقلي مورت جو مالڪ آهين تو وٽ عقل ادراڪ جي واسطي سان سيڪجهه آهي. پر، جتي شعور ۽ ادراڪ پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳندو آهي اتي حسن غائب ٿـي ويندو آهي، فهم جيئن ته مبالغي جو ذريعو آهي تنهنڪري اهو حسن جي رچنا کي تباهه ڪريو ڇڏي. جنهن گهڙيءَ ڪو شخص ويچار ڪرڻ ويهي ٿو .تنهن گهڙيءَ هن جو چهرو بگڙيو وڃي، انهن ڪامياب ماڻهن ڏانهن ڏس جي ڪنهن سنڌريل ڪاروبار ۾ پڙ آهن،انهن جي سڄي شخصيت ڪيڏي نه ڀوائتي آهـي. هاـ البت عبادتخاني ۾ هـو ايڏا ڀوائتا نه ڏسڻ ۾ ايندا آهن ڇاڪاڻ ته اتـي هنن کي نه ڪـا ڳڻتي هوندي آهي نڪو فڪر، اسي سالن جي پوڙهي پادريءَ کي به اتي اهـا ئي ڳالهه ورجائڻي هوندي آهـي جا هن ارڙهن سالن جي چمار ۾ سکي. تنهنجو هي پراسرار نوجوان دوست، جنهن جو نالو تو مون کي نه ٻڌايو آهي ۽ جنهن جي تصوير سچ پچ مون کي موهي ڇڏيو آهي سو مون کي يقين آهي ته ڪڏهن غور ۽ فڪر نه ڪندو هوندو. هي ته ڪو اهڙو اربيلو خوبصورت وجود آهـي جنهن کي هتي سيارن ۾ به هئڻ گهرجي جڏهن اسان وٽ ڏسڻ لاءِ ڪو گل نه هوندو آهي ۽ آرڙه ۾ به هتي هئڻ گهرجي جڏهن اسين ڪنهن روح رچندڙ شيءِ جا طالب هوندا آهيون، باسل، تـون پاڻ کي ٻڌائين ڇو ٿو، هن نوجوان جـي ڀيٽ ۾ تون ته .ڪجهه به نه آهين."

”تون مون کي سمجهين نه پيو هينري.“ باسل چيو- ”آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ هن جهڙو نه آهيان، افسوس جي ڳالهه ٿيندي جي آءٌ پاڻ کي هن جهڙو سمجهان، بس تقدير جو لکيو سمجهه—— تقدير، جا تواريخ جي هر دور ۾ انسان جي پٺيان لڳي وتي ٿي—— بس سمجهه ته تنهنجو رتبو، تنهنجي دولت، منهنجو شعور، منهنجو فن ۽ **ڊورين گري** جو حسن، انهن سڀني خداداد شين بابت جيڪي لکيو آهي تنهن لاءِ تيار رهڻو آهي.“

”ڊورين گري-؟ ڇا اهو هن نوجوان جو نالو آهي؟“ هينري باسل ڏانهن وڌندي پڇيو.

”ها، اهو ئي هن جو نالو آهي جو مون توکي ٻڌائڻ نه ٿي گهريو.“

”ڇو ڀلا؟“

”اهو بيان ڪرڻ مشڪل آهي، آءٌ جنهن هستيءَ کي شدت سان چاهيندو آهيان تنهن جو نالو ڪڏهن به ڪنهن کي نه ٻڌائيندو آهيان. محبوب جو نالو ظاهر ڪرڻ هن جو هڪ حصو ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏڻ جي برابر آهي، رازداري سان ته مون کي عشق آهي، آءٌ ڀانيان ٿو رازداري ئي هڪ اهڙي شئي آهي جا جديد زندگي کي پراسرار ۽ عجيب بنائي سگهي ٿي. هڪ رواجي ڳالهه کي به ٻين کان لڪائجي ته اها پرلطف بڻجي سگهي ٿي، هونئن ته اها هڪ احمقاڻي عادت آهي پر اها زندگيءَ کي ته پرلطف بنايو ٿي

ڇڏي، آءٌ پانيان ٿو انهيءَ حساب سان تون مون کي هڪ خطرناڪ بيوقوف سمجهندو هوندين."

"بالڪل نه! باسل يار، پانيان ٿو تو اهو وساري ڇڏيو آهي ته آءٌ پرٽيل آهيان ۽ شاديءَ جي مزن مان هڪڙو مزو اهو به آهي ته زال مڙس جو هڪ ٻئي کي فريب ڏيڻ لازمي ٿيو پوي. هاڻي ڏس ته نه مون کي پنهنجي زال بابت اها خبر آهي ته هوءَ ڪٿي آهي نه هن کي اها خبر آهي ته آءٌ ڇا پيو ڪريان. جڏهن اسين ملندا آهيون — ۽ اسين بس اتفاق سان ئي هڪ ٻئي سان ملندا آهيون — تڏهن اسين ڏاڍا گنڀير چهرا بنائي هڪ ٻئي کي بنهه اجايا سجايا افسانا گهڙي ٻڌائيندا آهيون ۽ ان معاملي ۾ منهنجي زال مون کان وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيندي آهي. ڪڏهن آءٌ چاهيندو آهيان ته منهنجي گهر مان غائب هئڻ تي هوءَ ڪو گوڙ گبوڙ ڪري پر منهنجي انهيءَ خواهش تي هوءَ کلي ڏيندي آهي."

"انهيءَ موضوع تي تنهنجي اهڙي گفتگو مون کي اصل ڪانه وڻي." باسل باغ واريءَ دريءَ وٽان ڦيرو ڪندي چيو. "منهنجو يقين آهي ته تون واقعي هڪ بهترين مڙس آهين پر خود پنهنجين خوبين تي ئي شرمندو ٿيڻ وارو، تون هڪ بهترين ساٿي آهين ڪا صحيح ڳالهه چوڻ وارو نه آهين ته ڪو غلط عمل ڪرڻ وارو به نه آهين. تنهنجي اها ٽڪي طبعيت فقط هڪ پوزنگ آهي."

"فطري هلت هلڻ هڪ چڙ ڏياريندڙ پوزنگ ئي آهي."

هينري وڏو ٽهڪ ڏنو.

تنهن بعد هو ٻئي جوان ٻاهر باغ ۾ هليا آيا ۽ گلن جي هڪ وڏي ٻوڙي جي آڏو پيل بانس جي هڪ بينچ تي ويهي رهيا. لسن پنن تي اس پئي جرڪي ۽ گاهه ۾ ننڍا ننڍا اڇا گل لڏي لمي رهيا هئا. ٿوري دير بعد هينري پنهنجي واچ ڪڍي ڏسندي چيو. ”اوهو، هاڻي مون کي هلڻ گهرجي، مگر، وڃڻ کان اڳ تو کان پنهنجي سوال جو جواب گهرندس.“

”ڪهڙو سوال؟“ چترڪار فرش تي اکيون کپائيندي چيو.

”اهو ئي ته آخر ڇو تون ڊورين گري جي تصوير جي نمائش نٿو ڪرڻ چاهين.؟“

”اصل سبب مون تو کي ٻڌائي ڇڏيو آهي.“

”تو فقط ايترو چيو ته ان تصوير ۾ تو گهڻي قدر پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو آهي، هاڻي اها ته هڪ ٻاراڻي ڳالهه ٿي نه—“

”هينري“ باسل سنئون سڌو هن ڏانهن نهاريندي چيو. ”جيڪا تصوير شوق ۽ جذبات سان ٺاهبي آهي سا تصوير چٽائڻ واري جي نه پر خود چترڪار جي ئي تصوير هوندي آهي، تصوير چٽائڻ وارو ته محض هڪ اتفاق هوندو آهي ۽ ڪئنوس جي رنگن ۾ انهيءَ جي بدران مصور پنهنجو پاڻ کي ٺاهيندو آهي، هن تصوير جي نمائش کان نٽائڻ جو سبب هي آهي جو انهيءَ ۾ مون پنهنجي روح جو راز ظاهر ڪيو آهي.“

”۽ اهو راز ڇا آهي؟“ هينري کلندي چيو.

”آءٌ توکي ٻڌايان ٿو.“ باسل چيو ـــ پر ڪجهه ٻڌائڻ جي بدران منجهڻ لڳو. هينري هن جي منهن ۾ نهاري جواب گهرڻ ته هو چوڻ لڳو:

”اڙي يــار، آهي ته هڪ معمولي ڳالهه پــر تون اها مشڪل سان ٿي سمجهندين، شايد يقين به نه ڪندين.“

”تون ڳالهه ڪر، مون کي پڪ آهي ته آءٌ اها سمجهي ويندس. آءٌ هر اعتبار جوڳي ڳالهه تي اعتبار ڪري ويندو آهيان ــ“

لارڊ هينري هڪ پيازي پنڙين وارو اڇنو گل پٽي ان کي گهورڻ لڳو، هوا جي هڪ هلڪي جهوٽي وڻــن جي ٻور کي ڏونڌاڙي ڇڏيو ۽ سوسن جي گلن جو سـتارن جهڙو ٻور جهومڻ لڳو. پتــه جي پر ۾ ڪنهن ڏڏ جــي جهونگار ٻڌڻ ۾ آئي ۽ هينري کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو باسل جي دل جي دڪ دڪ صاف ٻڌي رهيو آهي ـ!

”ڳالهه فقط هــيءَ آهي.“ باسل نيٺ ڳالهه ڇــوري.

”ٻه مهنا اڳ آءٌ ليڊي برنڊن واري ديـول ۾ ويس، توکي ته خبر آهي ته اسان غريب فنڪارن کي معاشري ۾ ماڻهن اڳيان مڙئي پنهنجي نمائش ڪرڻي ٿي پوي، رڳو ان لاءِ ته هو ياد رکن ته اسين ڪي جهنگلي نه آهيون. تو ٿي هڪ دفعي چيو هو ته ڪو به ماڻهو، چاهي اهو ڪو دلال ٿي ڇو نه هجي محض هڪڙو ڪوٽ پــائي تاهه ٻڌي پنهنجو پاڻ کي مهذب سڏائي ناماچار پرائي سگهي ٿو، خير، هڪڙي ڪمري ۾ اٽڪل ڏه منٽ آءٌ ڏاهن متارن ۽ اوچن ڪپڙن

سان سٽيل صاحبن سان ڳالهيون ڪندو رهيس، تنهن بعد مون کي اوچتو احساس ٿيو ته ڪو شخص مون ڏانهن نهاري رهيو آهي، مون ڪنڌ ورايو ۽ ڊورين تي پهريون دفعو منهنجي نظر پئي، اسان جون نظرون هڪ ٻئي سان ٽڪريون ته مون پاڻ تي ڪو جادو ٿيندو محسوس ڪيو، مون تي هيبت طاري ٿيڻ لڳي ۽ آءٌ سمجهي ويس ته آءٌ هڪ اهڙي انسان جي روبرو ٿيو آهيان جنهن جي محض شخصيت ئي ايتري موهيندڙ آهي جو ان کي موقعو ڏجي ته جيڪر هو منهنجي ذات، منهنجي روح ۽ منهنجي فن کي ڪامل طرح پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي، مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه چاهيو ته ڪو خارجي عنصر مون تي اثرانداز ٿي وڃي، تو کي ته خبر آهي ته آءٌ آزاد سڀاءَ جو ماڻهو آهيان ۽ هميشه فقط پنهنجي ئي حڪم ۾ رهيو آهيان پر اها خودي مون ۾ فقط اوستائين هئي جيستائين مون ڊورين کي نه ڏٺو هو، هاڻي تو کي ڪيئن ٻڌايان ته هن کي ڏسندي ئي مون کي ڄڻ ڪنهن آگاهه ڪري ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي هڪ نازڪ موڙ تي پهچي ويو آهيان، مون محسوس ڪيو ته منهنجي مقدر ۾ اڃا ڪي نراليون خوشيون ۽ ڪي سهڻا سهڻا سور آهن، آءٌ خوف کائڻ لڳس ۽ ڪمري مان نڪرڻ لڳس— اهو منهنجو شعور يا ضمير نه هو جنهن مون کي اتان ئي وڃڻ تي مجبور ڪيو پر اها منهنجي بزدلي هئي، آءٌ نه چوندس ته اتان ڀڄڻ جي ڪري مون ڪو همت جو ڪم ڪيو...."

”ضمير ۽ بزدلي ٻئي هڪڙي ئي شئي آهن باسل-!
ضمير بزدلي جو ئي ڪاروباري نالو آهي ۽ بس.“
”آءٌ انهيءَ ڳالهه جو قائل نه آهيان هينري ۽ پڪ اٿم
ته قائل تون خود به نه آهين، بهرحال، ان وقت منهنجو
جذبو ڪهڙو به هو- شايد اها منهنجي خود داري هئي،
جنهن تحت مون ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڻ
سان سخت جدوجهد ڪئي— اتي ليڊي برئنڊن مون کي
سڏ ڪري روڪيو، تون ته هن جي عجيب چيچاٽي آواز
کان واقف آهين-“
”ها- هوءَ سونهن کان سواءِ باقي هر ڳالهه ۾ مور آهي.“
هينري پنهنجين ڊگهين آڱرين سان گل جون پنيڙيون
پٽيندي چيو.
”خير آءٌ هن کان جند نه ڇڏائي سگهيس. هوءَ مون
کي انهيءَ ڪمري ۾ وٺي آئي جتي اسان جا معزز ماڻهو
وڏا وڏا ٻلا ۽ اسٽار لڳايل امير ۽ ڇٽ پهريل ڊگهن نڪن
واريون عورتون ويٺل هيون، اتي اتفاق سان ۽ اوچتو اهو
ساڳيو نوجوان منهنجي روبرو ٿيو جنهن جي شخصيت
منهنجن جذبات ۾ عجيب هلچل مچائي ڇڏي هئي، اسين
هڪ ٻئي جي بالڪل ويجها هئاسين ايتري قدر جو اسان
جا جسم هڪ ٻئي کي ڇهڻ لڳا هئا، اسان جون اکيون
هڪوار وري ٽڪريون— اها منهنجي بي احتياطي هئي،
پر ائين ٿيڻو ئي هو— ليڊي برئنڊن منهنجي فرمائش تي هن
جي مون سان واقفيت ڪرائي، ڇي اوهين بنا رسمي تعارف

جي به هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهيا ٿي، ۽ وري خود ڊورين به مون کي اهي ڏسي اکر چيا، بلڪ هن ته ائين به چيو ته اسان جي واقفيت ٽيٽي ڏي هئي....“

”۽ ليڊي برئنڊن انهيءَ عجيب شخصيت جي ساراهه ڪهڙي انداز ۾ ڪئي-؟“ هينري پڇيو.

”ها- اهو تعارف ڪجهه هن ريت هو ته- ’پيارو پيارو ڇوڪرو، هن جي غريب ۽ پياري ماءُ ۽ آءٌ هڪ ٻئي کان جدا نٿا رهي سگهون، هن جو ڪو شغل ڪيا ونـدر ناهي، ها البت پيانو وڄائيندو آهي، يا شايد تـون وائلن وڄائيندو آهين ڊورين-؟‘ اهو ٻڌي اسين ٻئي کلڻ کان سواءِ نه رهي سگهياسين ۽ پوءِ هڪدم هڪٻئي جا دوست بنجي وياسين.“

”دوستيءَ لاءِ کل هڪ بهترين ابتدا آهي ۽ اها ڏي کل هڪ بهترين انتها به ٿي سگهي ٿي.“ هينري هڪ ٻيو اڇو گل چونڊي چيو. باسل کنڌ ڌوڻيندي جهيڻي آواز ۾ چيو:

”تو کي ڪهڙي خبر ته دوستي ڇا آهي ۽ دشمني ڇا. تون جهڙو دوستن لاءِ تهڙو دشمنن لاءِ، نه هنن جو حمايتي نه هنن جي برخلاف.“

”اهـا تنهنجي ناانصافي آهي باسل.“ هينري پنهنجو ٽوپلو پٺتي جهڪائي اڇن چلڪندڙ ڪڪرن ڏانهن نهاريندي چڻ رڙ ڪئي- ”تو مون کي بنهه غلط سمجهيو آهي آءٌ هرڪنهن کي مختلف نگاه سـان ڏسندو آهيان، جيڪي خـوبصورت هوندا آهن تن سـان دوستي ڳنڍيندو آهيان، جيڪي چڱي

چال جا هوندا آهن تن سان فقط عليڪ سليڪ جو رستو رکندو آهيان، ۽ جيڪي داناءَ هوندا آهن تن کي پنهنجو دشمن بنائيندو آهيان. پنهنجو دشمن چونڊڻ ۾ ڪير به ايتري خبرداري کان ڪم نٿو وٺي سگهي، منهنجن دشمنن ۾ ڪوبه توکي نادان ۽ بيوقوف نظر نه ايندو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو مون کي ڏاڍو مچين ٿا."

"تڏهن تنهنجي انهيءَ درجي بندي موجب آءٌ تنهنجو فقط واقفڪار ٿيس-"

"تون ته مون لاءِ هڪ واقفڪار کان گهڻو وڌيڪ آهين-"

"۽ هڪ دوست کان گهڻو گهٽ-؟ شايد هڪ ڀاءُ جهڙو-؟"

"اوهو، ڀاءُ جي آءٌ ڪڏهن پرواه ئي نه ڪندو آهيان، منهنجو وڏو ڀاءُ آهي جو مرڻ جو نالو نٿو وٺي ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ کي دنيا ۾ ڇڻ ڪو ڪم ڪار ئي ڪونهي...."

"ڇا پيو چوين-؟"

"پيارا دوست! ڪٿي آءٌ بالڪل سنجيدگي سان نه پيو چوان پر آءٌ پنهنجن مائٽن سان نفرت ڪرڻ کان سواءِ به نٿو رهي سگهان، شايد ان جو سبب اهو هجي جو اسان مان ڪوبه شخص ڪنهن به اهڙي شخص کي برداشت نٿوڪري سگهي جنهن ۾ اهي ساڳيا عيب هجن جي خود منجهس آهن. پنهنجي عوام کي ڏس ته قانون جي خلاف ڪيڏي نه ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اٿن، هو چاهين ٿا ته بدمستي، بداخلاقي ۽ مورکپڻي

جا رکيو هو پاڻ مالڪ مختيار هجن ۽ جـي پلا انهن حقن جـي استعمال ۾ ڪو بنهہ گڏهہ بنجي تـو وچي ته بہ چڻ پنهنجي ئي خـزاني مـان ئو چوري ڪري تنهن ۾ ڪنهن ٻي جو ڇا وڃي!"

"آءٌ تنهنجي راء سان اصل سهمت ۾ نہ آهيان ۽ پڪ اٿم تہ تون پـاڻ پنهنجي راء سان سهمت نـہ آهين، وڌيڪ ڇا ٿو چوين–؟"

"راء جي قدر ۽ قيمت جو، راء ڏيڻ واري جي خلوص سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي. خيرــــ سياست، معاشرت ۽ روحانيت تي ويهي بحث تڪرار ڪرڻ جو منهنجو ڪوبہ ارادو ڪونهي آءٌ اصولن کان وڌيڪ ماڻهن کي پسندڪندو آهيان ۽ جن ماڻهن جو ڪو اصول نہ هوندو آهـي تن کي دنيا جي هر شئي کان بهتر ڀائيندو آهيان. هائي تون ٻورين گري بابت ڪجهہ وڌيڪ ٻڌاء تون هن سان ڪڏهن ملندو آهين ـ؟"

"آءٌ هن سان روز ملندو آهيان، هن کي ڏسڻ کان سواء آءٌ خوش ئي نٿو رهي سگهان هو منهنجي لاء هڪ انتهائي ضروري شئي بنجي ويو آهي."

"ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهـي. مون ڀانيو تہ تو کي فقط پنهنجي فن سان چاه هوندو ـ"

"هائي تہ بس هـو ئي منهنجي لاء منهنجو فن آهي."

باسل گمڀير ٿيندي چيو.

"هيئري آءٌ ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ دنيا جي تاريخ

۾ فقط ٻہ اهم دور هوندا آهن. هڪڙو فن لاءِ ڪنهن نئين ذريعي جو ظاهر ٿيڻ ۽ ٻيو فن لاءِ ڪنهن نئين شخصيت جو ظاهر ٿيڻ. جيئن حسن جي ديوي وينس جا نقش ۽ نشان مصوري جي فن کي چمڪائڻ جا سبب ٿيا، جيئن سنگتراشن انتينوس* جي صورت ڏسي سهڻا ۽ من موهيندڙ بت ٺاهيا، تهڙي طرح ڊورين گري جي صورت بہ منهنجي فن لاءِ هڪ نئون ۽ نرالو ذريعو ۽ منهنجي فن جو حسن بڻجي ويندي. رڳو ائين ڏي ناهي تہ آءٌ هن جي صورت ۽ شخصيت کي ڪينوس تي چٽي ٿو ڇڏيان — بيشڪ منهنجو عمل تہ اهو ڏي آهي — پر منهنجي لاءِ هو هڪ ماڊل يا تصوير چٽائڻ واري ڪان گهڻو وڌيڪ آهي. آءٌ ائين بہ نہ چوندس تہ آءٌ هن جي صحيح تصوير اڪيرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهيان يا سندس سونهن اهڙي آهي جو فن جي ذريعي ظاهر نٿي ڪري سگهجي، — دنيا ۾ اهڙي ڪابہ شئي ناهي جنهن کي فن بيان نہ ڪري سگهي— آءٌ ڄاڻان ٿو تہ ڊورين گري

---

* انتينوس، بٿيانا جي شهر ڪلاڊيو پولس جو هڪ بيحد خوبصورت ڇوڪرو هو ۽ شهنشاه هادريان جو منظور نظر هو. هن نيل نديءَ ۾ ٻڏو ڏئي آپگهات ڪيو هو جنهن تي انهيءَ شهنشاه وڏا خرچ ڪري هن جون يادگارون قائم ڪيون. فن، ۽ خاص ڪري سنگتراشي ۽ مصوري جي فن جو هو پنهنجي حسن سبب خاص موضوع رهيو آهي.
[١٣٠ قبل مسيح] (مترجم)

جي هيءَ تصوير منهنجي زندگيءَ جو بهترين شاهڪار آهي، شايد تون منهنجي ڳالهه نه سمجهي سگهين. ڊورين گري جي شخصيت مون کي پنهنجي فن ۾ هڪ بالڪل نئين ڏانءَ ۽ نئين طرز اختيار ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي، هڪ نئين عبارت ڏسي آهي. هاڻي مون کي هر شئي بدليل ٿي ڏسڻ ۾ اچي ۽ منهنجي سوچ جو انداز به بدلجي چڪو آهي. هاڻي آءٌ زندگيءَ جي تصوير انهيءَ طرز تي چٽي سگهان ٿو جا اڳ مون کان لڪل هئي. ڊورين منهنجي لاءِ — "تصور جي شهائيءَ ۾ هڪ صورت جو خواب —" بڻجي ويو آهي. انهيءَ ڳڀرو ڇوڪري جو فقط موجود هئڻ — هينري تون اصل اندازو نٿو لڳائي سگهين ته هن جو فقط ظاهري وجود ڪيتري اهميت رکي ٿو — ها، مون لاءِ هو هڪ ڳڀرو ڇوڪرو آهي جيتوڻيڪ هن جي عمر ويهن ورهن کان مٿي ٿيندي —! منهنجي لاشعور ۾ هو هڪ نئين مڪتب جو نقشو چٽي رهيو آهي جنهن ۾ روماني شيءَ جي هر جذبي کي اڀاريو وڃي ٿو ۽ ان جي اظهار جي سکيا ڏني وڃي ٿي. روح جي راحت ڏوڙي جسم جي راحت بئي هڪ ٻئي سان ڪيتري قدر نه لاڳاپيل آهن —! ۽ اسان وري چريائي ڪري ٻنهي کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ٻنهي ۾ فرق ڄاڻائي ڇڏيو آهي ۽ اهڙي "حقيقت شناسي" ايجاد ڪري ورتي اٿئون جا نسوري پوڪپائي آهي؛ هڪ اهڙو تخيل کولي ڪڍيو اٿئون جنهن جو باطل آهي.... هينري، ڪاش تون فقط ايترو ڄاڻي سگهين ته ڊورين منهنجي لاءِ ڇا آهي —! توکي

ياد آهي ته مون هڪ لينڊ اسڪيپ جي تصوير ناهي هئي، ان لاءِ اگنيو مون کي ڪيڏي نه وڏي قيمت ٿي ڏني مگر مون تصوير وڪڻڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو هو جو اها تصوير منهنجي فن جو بهترين ڪارنامو هئي، خبر اٿئي ڇو-؟ ان ڪري جو جنهن وقت آءٌ اها تصوير ناهي رهيو هوس ان وقت ڊورين گري منهنجي ڀر ۾ ويٺل هو، هن جي موجودگي منهنجي ذهن کي ايترو ته روشن ڪري ڇڏيو جو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي انهيءَ سادي جهنگلي ميدان ۾، جنهن جي مون تصوير پئي ناهي، اهي اهي معجزا ۽ چتڪار پئي ڏسڻ ۾ آيا جن کي ڏسڻ لاءِ آءٌ هميشه سڪندو هوس...."

"باسل-! اهي ڳالهيون ته واقعي ڏاڍيون عجيب ۽ اڻ رواجي آهن. تڏهن آءٌ ڊورين گري کي ضرور ڏسندس."

باسل هالورڊ اهو ٻڌي اٿي کڙو ٿيو ۽ چبر تي ٽهلڻ لڳو، ٿوري دير رکي هن هينري جي ويجهو اچي چيو:

"ڏس هيري، ڊورين گري مون لاءِ محض فن جو هڪ محرڪ آهي، سبب آهي، ذريعو آهي، ٿي سگهي ٿو توکي هن ۾ ڪجهه نظر نه اچي مگر مون کي هن ۾ سڀڪجهه ٿو نظر اچي، منهنجي جنهن تصوير ۾ هن جو عڪس موجود ناهي سا تصوير ڄڻ مون نه ناهي آهي، آءٌ چئي چڪو آهيان ته هو منهنجي فن ۾ هڪ نئين طرز جو سبب آهي، هو مون کي ڪن ليڪن جي ورن وڪڙن ۾ ملي ويندو آهي ۽ رنگن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ نظر ايندو آهي ۽ بس-"

”تہ پوءِ تون ھن جي تصوير جي نمائش کان ڇو ٿو انڪار ڪرين-؟“

”چاڪاڻ تہ غيرارادي طور مون ان ۾ پنھنجي عجيب بت پرستي جو راز ظاھر ڪري ڇڏيو آھي. انھيءَ بابت دورين کي ڪجھہ ٻڌائڻ جو مون ڪڏھن نہ سوچيو نہ ھو ان بابت ڪجھہ چاڻي ٿو نہ چاڻي سگھندو البت - جي انھيءَ تصوير جي نمائش ڪئي وئي تہ شايد ڏسڻ وارا منھنجي انھيءَ فنڪاراڻي مورتي پوڄا جي سڪ سھي ڪري ويندا ۽ آءٌ ماڻھن جي نوسيندڙ مگر سطحي نگاھن جي اڳيان پنھنجي روح کي بي لباس نہ ڪندس. ھينري-! ھن تصوير ۾ گھڻي حد تائين آءٌ پنھنجو پاڻ موجود آھيان، آءٌ پنھنجي دل ماڻھن جي اکين جي دوربين ھيٺ آڻڻ نٿو چاھيان.“

”ايترا شڪ ۽ وسوسا تہ شاعر بہ نہ رکندا آھن - جيترا تون ٿو رکين. شاعر تہ جذبات جو پرچار ڪرڻ وڏي فائدي جي ڳالھہ سمجھندا آھن. اڄڪلھہ تہ ھڪ ٽٽل دل ڪيترن ايڊيٽرن جي حضور ۾ ٿي حاضر ٿئي.“

”انھيءَ ڪري مون کي ھنن سان نفرت آھي.“ باسل چيو: ”فنڪارن کي خوبصورت شاھڪار تخليق ڪرڻ گھرجن مگر انھن ۾ خود پنھنجي زندگي جو ڪوبہ پھلو ظاھر نہ ڪرڻ گھرجين. اسين ھن وقت ھڪ اھڙي دور ۾ آھيون جنھن ۾ ماڻھو ھر تخليق کي تخليقڪار جي آتم ڪٿا جو ذريعو ٿا سمجھن. اسين حقيقت ۾ حسن جي روح کي سڃاڻڻ جو شعور وڃائي چڪا آھيون. بھرحال آءٌ دنيا

ڪي ڏيکاريندس ته حسن جو جوهر ڇا آهي ۽، اهو ئي سبب آهي جو دنيا منهنجي هن دوربين گري جي تصوير کي ڪڏهن به نه ڏسي سگهندي.“

”منهنجي خيال ۾ تون غلط ڇئي رهيو آهين باسل. خير آءُ توسان بحث نه ڪندس، بحث اهي ڪندا آهن جن جي مت ڪسجي ويندي آهي. بهرحال تون سون کي پڌاءِ ته ڇا دورين به تو کي ڏاڍو گهري ٿو-؟“

مصور ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. تنهن بعد چوڻ لڳو:

”هو مون کي پسند ڪري ٿو، آءُ ڄاڻان ٿو ته هو مون کي چاهي ٿو. بيشڪ آءُ هن جي چاپلوسي به گهٽي ڪندو آهيان. دراصل مون کي هن سان اهي ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي جي ڪرڻ جهڙيون نه هونديون آهن. عام طور تي هتي استوڊيو ۾ ويٺي آءُ هن جي حسن جي جادوءَ ۾ منجهي ويندو آهيان ۽ پوءِ اسان جي وچ ۾ هزارين ڳالهيون ٿي وينديون آهن ۽ هو وري اهڙو بي خيالو ۽ بي نياز بڻجو وڃي جنهن جي حد ئي ڪانهي، مون کي ستائڻ ۾ هن بيدرد کي ڏاڍو مزو ٿو اچي، تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ مون پنهنجي دل هڪ اهڙي شخص جي حوالي ڪري ڇڏي آهي جنهن جي نظر ۾ دل ته بس هڪ ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳائڻ جو هڪ گل آهي يا پنهنجي سگهٽي شخصيت کي چمڪائڻ جي ڪا چمڪدار شئي يا آرهڙ جي منڌ ۾ پائڻ جي ڪا شئي....“

”آرهڙ جا ڏينهن هميشه ڏکيا ۽ اينگهندڙ هوندا آهن ۽ شايد انهيءَ ڪان به اڳ جو هو تومان بيزار ٿي پوي تون پاڻ هن ڪان بيزار ٿي پوندين. اها ڳالهه آهي ته افسوس جهڙي پر اها حقيقت آهي ته سياڻپ سونهن ڪان وڌيڪ جٽاءُ ڪندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسين حد ڪان وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون جاکوڙون ڪندا آهيون، پنهنجي بقا جي وحشياڻي جدوجهد ۾ اسين اهي اهي شيون پيا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون جيڪي گهڻو وقت جٽاءُ ڪندڙ هجن، انهيءَ ڪوشش ۾ اسان جي ذهن ۾ اجايون توڙي سجايون سڀ ڳالهيون اچي ڳاهٽ ٿينديون آهن ۽ اسين انهيءَ احمقاڻي خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهندا آهيون ته اهڙي طرح اسان جا پير مضبوط پيا ٿين. اسان جو جديد نظريو هي آهي ته انسان جو ذهن هر ڳالهه ڪان پوري طرح باخبر هئڻ گهرجي جڏهن ته اهڙو هر ڳالهه ڪان باخبر ذهن مورڳو هڪ خطرناڪ پوائتي شئي بنجو وڃي، اهڙو ذهن ته بالڪل هڪ ڪاٻاڙيءَ جو دوڪان بنجي ويندو آهي جنهن ۾ ويچاريندڙ پيوت سامان رکيل هوندو آهي ۽ جنهن جي قيمت به اصل قيمت ڪان هميشه وڌيڪ هوندي آهي. خير تون هن ڪان اڳ ئي هن مان ڪڪ ٿي پوندين ۽ تڏهن توکي هن ۾ ۽ پنهنجي هن تصوير جي نقشي ۽ رنگن ۾ گهڻو تفاوت نظر ايندو، پوءِ ته توکي خود هن جو رنگ به نه وڻندو، تون پنهنجي دل ۾ هن کي پاراتا ڏيندين ته هن توسان ڏاڍا ڪلور ڪيا، هو تو وٽ هلي ايندو ته

تون هن کي منهن ئي نه ڏيندين ۽ ٿڌائي سان پيش ايندين
اها افسوسناڪ ڳالهه ضرور ٿيندي جو تون بدلجي ويندين.
تو جيڪو افسانو مون کي ٻڌايو آهي سا هڪ پريم ڪهاڻي
آهي جنهن کي فن جي پريم ڪهاڻي به چئي سگهجي ٿو ۽
رومانيت جو سڀ کان بدترين پهلو هي آهي جو ان جو
شڪار ٿيندڙ نيٺ غير رومانوي بنجو وڃي."

"ائين نه چئو هينري، ڊورين گري جي شخصيت جو
جادو منهنجي موت تائين مون تي غالب رهندو، جيڪي
ڪجهه آءٌ محسوس ڪريان ٿو سو تون نٿو ڪري سگهين،
تون پاڻ جلد بدلجو وڃين."

"اهو ئي ته سبب آهي جو آءٌ تنهنجن جذبن کي سمجهي
سگهان ٿو. جيڪي باوفا هوندا آهن سي محبت جي فقط
هڪ معمولي پهلو کان واقف هوندا آهن پر جيڪي بي‌وفا
هوندا آهن سي عشق جي مڙني آزارن جا واقف هوندا آهن."

ائين چئي لارڊ هينري پنهنجي خوبصورت چانديءَ جي
ڪيس مان سگريٽ ڪڍي ڏاڍي دلجاءِ ۽ رعونت سان
ڪش پيڻ لڳو ڄڻ اهو گفتو چئي هن درياءَ کي ڪوزي
۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. عشق پيچ جي گلن جي رنگبرنگي
پنن ۾ جهرڪين جهرمر لائي ڏني هئي ۽ ڪڪرن جا
پاڇولا هڪ ٻئي پٺيان ائين پئي ڊوڙيا جيئن ابابيل گاهه مٿان
اڏامندا آهن. هينري دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو: 'باغ ۾ هن
وقت ڪيڏي نه بهاري لڳي پئي آهي ۽ — ڪن ماڻهن
جا جذبات ڪيڏا نه سياويڪ آهن، سندن خيالن کان به

وڏيڪ سياويڪ ـــ روح هجي ۽ ان ۾ ڪنهن دوست جي محبت جا جذبا هجن ـــ زندگي جون اهي ٿي حقيقتون ته جادوءَ جهڙو اثر رکندڙ آهن ـ! چڱو، ٿيو جـو چاچيءَ جي دعوت تي نه ويس ۽ ان جي بدران هتي ٿي ترسي باسل جون هي ڳالهيون ٻڌم: اهڙين دعوتن ۾ ڇا ٿيندو آهي ـ؟ هرڪو ويهي انهن نيڪين جو پرچار ڪندو آهي جن تي پاڻ عمل ڪرڻ جي ضرورت ٿي نه سمجهندو آهـي. سرمائيدار ويهي صرفي ۽ قناعت جي قدرن جي ضرورت تـي زور ڏيندا آهن ته ڪي نڪما ويهي پورهئي ۽ پورهيتن جي اهميت ڏاڍي شد مد سان بيان ڪندا آهن ـ ڪيڏي نـه مزي جي ڳالهه ٿي جو اهڙي ڪچهريءَ کان بچي ويس ـــ پنهنجي چاچيءَ بابت سوچيندي هن کي اوچتو خيال آيو ۽ هن باسل ڏانهن منهن ڪري چيو:

”دوست ـ! اجهو هينئر مون کي ڪجهه ياد آيو آهي.“

”ڇا ياد آيو اٿئي ـ؟“

”اهوئي، ته مون ڊورين گري جو نالو ڪٿي ٻڌو آهي.“

”ڪٿي پيلا ـ؟“ باسل منهن ۾ گهنڊ وجهندي چيو.

”يار ايڏي ڪاوڙ به نه ڏيکار، ها ڊورين گري جو نالو مون پنهنجي چاچي ليڊي اگاٿا وٽ ٻـڌو هو. هن ٿي مون کي ٻڌايو هو ته هن هڪ چوڪرو ڳولي هٿ ڪيو آهـي جو سندس مددگار ٿيڻ چاهي ٿو ۽ هن جو نالو ڊورين گري آهي، پر هن مون کي اهو نه ٻڌايو ته هو ڪو ايڏو خوبصورت آهي ـــ عورتون، ۽ خاص ڪري سڀئي سياڻيءَ جون عورتون

هونئن به ڪنهن جي سونهن جـي شناس ۽ قــدر نه ڪري سگهنديون آهن—— هن فقط ايترو ٻڌايو ته ڊورين ڏاڍو باذوق ۽ سهڻي سڀاءَ وارو نوجوان آهي، تڏهن مون سمجهيو ته هو ڪو ڍِگهن وارن وارو چٽڪمڙو مـاڻهو هوندو، نڪ تـي عينڪ اٽڪيل هوندس ۽ ڏڦير جهڙن پيرن سان ٽاپ ٽاپ ڪري هلندو هوندو. ڪاش ان وقت خبر هجيم ها ته اهو ئي تنهنجو دوست آهي—!"

"ڏاڍي خوشي جي ڳالهه، ٿي جو توکي خبر نه هئي."

"چو—؟"

"آءٌ نٿو چاهيان ته تون ڊورين سان ملين."

"تون نٿو چاهين—؟"

"نه— آءٌ نٿو چاهيان."

ايتري ۾ نوڪر اچي اطلاع ڏنو ته مسٽر ڊورين گري اچي ويو آهي ۽ اسٽوڊيو ۾ انتظار ڪري رهيو آهي. لارڊ هينري کلي باسل کي چيو:

"هاڻي ته ڊورين سان منهنجو تعارف ضرور ڪرائيندين."

باسل پنهنجي نوڪر کي جو اَس ۾ بيٺو اکيون ڇنڀي رهيو هو چيو.

"پارڪر، تـون مسٽر ڊورين کي چئه تــه ٿورو وقت ترسي آءٌ ٿوري دير ۾ اچان ٿو—"

نوڪر ادب سان ڪنڌ نوڙايو ۽ هليو ويو. باسل هاڻي هينري کي مخاطب ٿيو:

"ڊورين گري منهنجو پياري ۾ پيارو دوست آ هي هينري،

هو ڏاڍي سهڻي ۽ سادي سلوڻي سڀاءَ جـو آهي، مهربـاني ڪري هن ڪي بگاڙڻ جي ڪوشش نہ ڪجان، هن تي پنهنجو اثر نہ وجهجان، تنهنجو اثر هـن کي بگاڙي ڇڏيندو، ڏس هن هيڏي ساري سنسار ۾ پيا ٻہ گهٽائي خوبصورت ماڻهو موجود آهن، مون کان اها هستي ڦري نہ وڃجان جا پنهنجو سچو حسن منهنجي فـن لاءِ پيش ڪري رهـي آهي، هڪ فنڪار جي حيثيت سان منهنجي سچي زندگي هاڻي هن جي محتاج آهي، ڏس هيري، منهنجي اعتبار کي دوکو نہ ڏجان."

باسل اهي جملا ڏاڍي آهستگي سان چيا جي ڇڻ سندس مرضيءَ جـي برخلاف هنکي ڏاڍي تڪليف ڏيندي هنجي دل مان ٿي نڪتا.

"ڪهڙيون بيوقوفي جون ڳالهيون ٿو ڪرين." لارڊ هينري اٿين چوندي بـاسل کي ٻانهن کان وٺي ڇڻ هنکي گهليندو اسٽوڊيو ۾ وٺي آيو.

[٢]

هو ٻئي اسٽوڊيو جي ڪمري ۾ داخل ٿيا تہ ڊورين گري کي پيانو وٽ ويٺو ڏٺائون، هو سچو مئنس جون ٺاهيل پيلن جون تصويرون ڏسي رهيو هو. باسل کي ڏسي هن هلڪي رڙ جي انداز ۾ چيو:

"باسل هـي تصويرون تہ ڪجهہ وقت لاءِ مـون کي ڏجان، آءٌ انهن جو ابياس ڪرڻ چاهيان ٿو واقعي ڏاڍيون دلڪش تصويرون آهن."

”خير– پر ڏسان ٿو اڄ تون تصوير ٺهرائڻ لاءِ ويهڻ جو ڪهڙو انداز ٿو ناهين، تصويرون ڏيڻ جو دارومدار به تنهنجي انداز تي آهي.“

ڊورين اهو ٻڌي هڪ البيلي نئر ٻار وانگر ماٺوڪندي جواب ڏنو:

”اون هون، آءٌ ته پوز ڏئي ڏئي هاڻي بيزار ٿي پيو آهيان، مون کي پنهنجي ايڏي وڏي تصوير نه گهرجي جيڏي منهنجي حياتي آهي....“ اتي هن جي نظر لارڊ هينري تي پئي ته ڇهري تي حيا جي هلڪي لالاڻ اچي ويس، هو اسٽول تان اٿي بيٺو.

”معاف ڪجان باسل، مون کي خبر نه هئي ته ڪو پيو به تو سان گڏ آهي.“

”هي آهي لارڊ هينري واٽن، منهنجو آڪسفورڊ جو جهونو يار، اڃهو هاڻي ئي ته مون هن کي ٻڌايو پئي ته تصوير لاءِ تنهنجي ويهڻ جو انداز ڪيڏو نه سهڻو آهي، پر خير هينئر ته اهو نظارو ئي بگڙي ويو.“

”مگر مون کي اوهان سا ملي جا خوشي ٿي آهي تنهن ۾ توهان جي انداز جي تبديليءَ ذرو به فرق نه وڌو آهي.“ هينريءَ پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو. ”منهنجي چاچي اڪثر تنهنجو ذڪر ڪندي آهي، هوءَ تو کي ڏاڍو پسند ٿي ڪري پر.... انديشو اٿم ته تون هن جو شڪار به بنجي ويو آهين.“

”اڄڪلهه ته آءٌ سندس ناپسنديده شخصيتن مان هڪ آهيان.“ ڊورين ڏيرج سان هڪ ڏاڍي وٽندڙ ادا سان چيو.

"گذريل اڳاري تي مون هن سان ڪلب ۾ هلڻ جو وعدو ڪيو هو پر پوءِ مون کي پنهنجو وعدو ياد ئي نه رهيو، اتي اسان کي ڏي ڳانا ڳڏجي ڳائڻا هئا، هائي هوءَ الائي ڇا چوندي هوندي."

"خير آءٌ چاچيءَ سان تنهنجو ناه ڪرائي ڇڏيندس توتي هن کي پورو ويساه آهي، آءٌ سمجهان ٿو تنهنجي اتي نه پهچڻ سان ڪو فرق به نه پيو ڇاڪاڻ ته چاچي اڪاٿا جو ڳانو ٻڌي به ماٺهن ائين سمجهو هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ به ڇٽا ويٺا ڳائين، هوءَ اجها اهڙي سريلي آهي."

"ايترو سريلو هئڻ خود هن کي به ڪونه وڻي ۽ نه مون کي." ڊورين ڪلندي چيو.

....لارڊ هينري ڊورين تي ڀرپور نظر وڌي ـ واقعي هن جي سونهن نرالي هئي ـ! ڏاڍي ڪاريگري سان ڪڪوريل ڳاڙها چپ، بيباڪ نيريون اکيون، پورا ۽ سونهري وار ۽ چهرو اهڙو جو ڏسڻ وارو ڏسندي ئي متس ويساه ڪري ويهي، ڀرپور قوه جواني ۾ نکار به هو ته پاڪيزگي ۽ شائستگي ۽ جوش به، ڏسڻ وارو جيڪر ڏسندي ئي سهي ڪري وجي ته هن الهڙ جوان کي دنيا جو اجـا ڪو داغ نه لڳو آهي. برابر، جي باسل هن کي پوڄيو ٿي ته اها ڪا اچنبي جي ڳالهه نه هئي ـ!

"تون نهايت خوبصورت آهين مسٽر ڊورين گري ـ"
هينري ائين چئي ديوان تي ليٽندي پنهنجو سگريٽ ڪيس کوليو. باسل هيستائين رنگ ملائڻ ۽ برش تيار ڪرڻ ۾

مصروف هو. هو هونئن ئسي منجهيل ۽ فڪرمند پئي نظر آيو ۽ جڏهن هن هينري جا اهي اکر ٻڌا ته هن ڏانهن نهاريندي ڪجھه هٻڪندي هن کي چوڻ لڳو:

”هينري، آءٌ هي ۽ تصوير اڄ ئي مڪمل ڪرڻ ٿو گهران، جي دل ۾ نه ڪرين ته آءٌ توکي چوندس ته جيڪر هن وقت هتان هليو وڃين۔“

هينري ڪجھه مرڪيو ۽ پوءِ ٻورين کان سوال ڪيائين:

”مسٽر گري، ڇا آءٌ هتان هليو وڃان۔؟“

”نه مسٽر هينري، تون مهرباني ڪري ويٺو رهه، باسل کي سڙئي ڪجھه ڏکي لڳي آهي ۽ مون کي سندس اها عادت اصل ڪانه وڻي، تون ويهه ته ڪي ڳالهيون ڪريون.“

”ڪيئن باسل۔“ هينري چيو. ”تون ته ناراض نه ٿيندين نه۔؟ تون پاڻ ئي ته چوندو آهين ته تصوير نهرائڻ واري سان ڪو ڳالهائڻ وارو ضرور ويٺل هجي.“

باسل جو ڪروڌ توڙي رنج ڏسڻ وٽان هو. چپ پڪوڙيندي هن چيو:

”جي ٻورين جي اها مرضي آهي ته توکي ويهڻ ئي گهرجي. ٻورين کي جيڪو پوراڇي وڃي سو منهنجي لاءِ ته حڪم آهي.“

هينري ٽوپلو ۽ دستانا کڻندي چيو. ”تون ته مجبور پيو ڪرين يار، پر مون کي وڃڻ گهرجي، مون هڪ دوست کي ملڻ جو وقت ڏنو آهي، چڱو خدا حافظ مسٽر گري، تون ڪڏهن ڪرزن اسٽريٽ ۾ مون وٽ اچ آءٌ اڪثر پنجين

ٻجي ڊاڙي گهر تي ئي هوندو آهيان، تون اچڻ جو اطلاع ضرور ڏجان ۽ آءٌ خوشي پائي انتظار ڪندس.“

”باسل۔“ ڊورين چڻ رڙ ڪئي. ”جي هينري وڃي ٿو هليو ته پوءِ آءٌ به هليو ٿو وڃان. تصوير ناهيندي تنهنجا چپ ته چڻ سبجو وڃن ۽ آءٌ هڪڙي صندل تي ويهي ويهي بيزار ٿيو پوان، هينري کي چئو ته ترسي، بس آءٌ جو چوان ٿو۔“

”ترسي پئه هينري، ڊورين جي خاطر ۽ پڻ منهنجي خاطر“ باسل پنهنجي تصوير ۾ اکيون کپائيندي چيو. ”برابر ڪم ڪرڻ وقت آءٌ نڪو پاڻ ڳالهايان نڪو ڪنهن جي ڳالهه ٻڌان، مهرباني ڪري ترسي پئه.“

”پر منهنجا دوست پيا انتظار ڪندا هوندا.“

”آءٌ نٿو پانيان ته تنهنجي نه وڃڻ سان هنن کي ڪجهه ٿي پوندو.“ باسل کلندي چيو. ”مهرباني ڪري ويهي رهه، ۽ تون مسٽر گري، هاڻي تون اچي صندل تي ويهه پر ڏس، نه گهڻي چرپر ڪجان نه هينري جي ڳالهين ڏانهن گهڻو ڌيان ڏجان، هن جا دوست هن کان گهڻو ڪري متاثر ٿي ويندا آهن سواءِ منهنجي.“

ڊورين گري چڻ لاچار ٿيندي صندل ڏانهن وڌيو ۽ هينري ڏانهن ڪجهه اهڙي انداز سان نهاريائين چڻ ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ اٿس، اها به هن جي هڪ ادا هئي. هينري ۾ هو چاه وٺڻ لڳو هو، باسل ۽ هينري ۾ فرق به ته گهڻو هو—— هڪ نهايت ئي عجيب فرق—!

ڪجهه دير خاموش رهي ڊورين هينري کان سوال ڪيو:
”ڇا واقعي تنهنجا دوست تو کان بري طرح متاثر ٿي ويندا آهن—؟“
”ڇڱي اثر جهڙي ته دنيا ۾ ڪا شئي آهي ئي ڪانه، اثر ڪهڙو به هجي هرصورت ۾ برو ئي هوندو آهي، سائنسي نقطه نگاه کان ته هرقسم جو اثر بري ڳالهه آهي.“
”ڇو ڀلا—؟“
”ڇاڪاڻ ته جنهن کي متاثر ڪجي ٿو تنهن کي ڇڻ پنهنجي دل ۽ پنهنجو دماغ ڏئي ٿو ڇڏجي ۽ پوء متاثر ٿيڻ واري وٽ پنهنجي دل ۽ دماغ نٿا رهن بلڪ هو انهيءَ جي دل دماغ کان ڪم وٺڻ لڳي ٿو جنهن کيس متاثر ڪيو آهي، هو انهيءَ جي دماغ سان سوچي ٿو ۽ انهيءَ جي ئي دل سان محسوس ڪري ٿو، پوء ته هن جا گناه به (جي واقعي دنيا ۾ گناه جهڙي ڪا شئي به آهي ته) پنهنجا گناه نٿا رهن بلڪ ان جا هوندا آهن جنهن کان هو متاثر ٿيل آهي، هو ڪنهن ٻئي جي مدائن جو پڙاڏو بنجو وڃي، هو ناٽڪ جو اهو ڪردار ادا ڪرڻ لڳي ٿو جو سندس لاء نه لکيو ويو آهي.
”زندگي جو مول مقصد آهي پاڻ کي، سڌارڻ سنوارڻ ۽ پنهنجي فطرت کي پوريءَ طرح پرکڻ، اڄ ڪلهه ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کان ئي خوف کائيندڙ آهن ۽ پنهنجا مکيه فرض وساري ڇڏيا اٿن. برابر ماڻهو نيڪيون به ڪن ٿا جو بکين کي کاڌو کارائين ٿا ۽ اگهاڙن جي اوگهڙ ڍڪين ٿا پر خود

سندن روح هميشه اگهاڙا ۽ بکيا رهن ٿا، اسان جي قوم مان حوصلو ته بالڪل ئي غير حاضر ٿي ويو آهي شايد حوصلي جهڙي ڪا شئي اسان وٽ هئي ئي ڪانه. سماج جو خوف جيڪو اخلاق جو بنياد آهي ۽ خدا جو خوف جيڪو مذهب جو بنياد آهي- اهي ٻئي اثر اسان تي حڪمراني ڪندڙ آهن مگر ان هوندي به....“

”ڊورين، هاڻي پنهنجو ڪنڌ ٿورو ساڄي پاسي ڏانهن وراءِ.“ باسل هينري جي ڳالهه ڪٽي. ظاهر ۾ هو پنهنجي ڪم ۾ محو هو پر اهو به ڏٺائين پئي ته ڊورين جي چهري تي هن وقت هڪ اهڙي ڪيفيت هئي جا هن اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي.

”....پر ان هوندي به-“ هينري ڳالهه جو سلسلو جاري رکيو. هن جي آواز ۾ ميٺاج هو ۽ هن جا هٿ ڏاڍي نزاڪت ۽ وڻندڙ انداز سان ٿي چريا پريا. اهي هن جون خاص خوبيون هيون- ”ان هوندي به، منهنجو ايمان آهي ته جيڪڏهن اڄ جو انسان هڪ ڪامل ۽ ڀرپور زندگي گذارڻ چاهي ٿو ته پوءِ هن کي پنهنجي هر احساس کي هڪ صورت، هرخيال کي اظهار ۽ هرخواب کي هڪ حقيقت بڻائڻو پوندو ۽ پوءِ مون کي يقين آهي ته دنيا ۾ خوشي ۽ سرهائي جون اهي موجون پلٽجي پونديون جو اسين پاڻ کي يونان جي سونهري دور، بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ حسين ۽ رنگين دور ۾ محسوس ڪنداسين، پر افسوس اهو آهي جو اسان جو بهادر کان بهادر ماڻهو به پنهنجو پاڻ کان ئي خوف ٿو کائي.

پرهيزگاري ۽ نفس ڪُشيءَ جي خيال ۽ عمل هميشه اسان جي حياتين کي برباد ڪيو آهي، اسين نعمتن کان انڪاري ٿيون ٿا ۽ ان جي اسان کي چڱي ، وچاري، سزا مليو وڃي يعني اسين خوشين ۽ مسرتن کان پاڻ کي محروم ڪريو ڇڏيون، اسين پنهنجين خواهشن کي گهُٽي ٿا ڇڏيون ته اهي اسان جي دل دماغ ۾ سڙڻ لڳن ٿيون ۽ اتي زهر پکيڙڻ لڳن ٿيون، جسم فقط هڪڙي ڀيري گناه ڪندو آهي سو هو ڪري چڪو آهي، عمل ته پنهنجي پاڻ کي پاڪ ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي ڇاڪاڻ ته گناه ڪرڻ کان پوءِ يا ته ياداشت ۾ هڪ عجيب لذت يا پڇتاءُ جو هڪ عجيب لطف باقي رهجي ويندو آهي. ڪنهن خواهش کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو بهتر طريقو هي آهي ته پنهنجو پاڻ کي ان خواهش جي حوالي ڪري ڇڏجي، ڪنهن خواهش کي دٻائي ٿو رکجي ته روح ان جي پوري ٿيڻ لاءِ سڪندو ۽ سڙندو رهي ٿو. جيئن چوندا آهن ته دنيا جا وڏا وڏا واقعا دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندا آهن تيئن هيءَ به حقيقت آهي ته وڏا وڏا گناه به دل ۽ دماغ ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن. ۽ تون پاڻ، مسٽر ڊورين گري، تون پاڻ گلاب جي گل جهڙي سونهن ۽ جوڀن جو مالڪ هئڻ جي ليکي ڪي اهڙا جذبات رکين ٿو جي توکي ڊيڄاريندا رهن ٿا ڪي اهڙا احساس ڌارين ٿو جي توکي ڏڪائيندا رهن ٿا ۽ تون ڪي اهڙا پور پچائين ٿو ۽ ڪي اهڙيون خواهشون ڌارين ٿو جن سبب حيا کان تنهنجا ڳل به ڳاڙها ٿي ٿا وڃن....."

”بس چپ ڪر“ ڊورين ھڪندي ھينري کي ٽوڪيو ”چپ ڪر ھينري، تو ته مون کي منجھائي ڇڏيو آھي، ھي ڇا آھي جو آءٌ تنھنجي ڪنھن ڳالھه تي ڪو سوال جواب ڏي نه ٿيو ڪري سگھان، مون کي ڪي لفظ ڏني نه پيا ملن؟ تون خاموش رھه ۽ مون کي سوچڻ ڏي، بلڪ بھتر ٿيندو ته آءٌ ڪجھه به نه سوچڻ جي ڪوشش ڪريان.“

اٽڪل ڏھن منٽن تائين ھو ائين بنان چرڻ پرڻ جي بي سرت بيٺو رھيو— چپ ڪي قدر کليل ۽ اکين ۾ ھڪ عجيب چمڪ — ۽ انھيءَ حقيقت کان بي خبر ته سندس دل ۽ دماغ ۾ ھڪ بالڪل نئون جذبو جاڳي رھيو آھي، ھڪ تازو اثر ڪم ڪري رھيو آھي. ھينري جيڪي ٿورا لفظ ھن جي ڪنن تائين پھچايا ھئا تن سندس روح جي انھيءَ حصي کي ڇُھيو جنھن کي اڳ ڪڏھن نه ڇھيو ويو ھو— اھي ڏو معني لفظ جيڪي اتفاق سان ۽ گڏوگڏ ڪنھن مطلب سان ھينري جي وات مان نڪتا ھئا. ھو ھينري جي گفتن کان به ايترو ئي متاثر ٿيو ھو جيترو ھو راڳ کان متاثر ٿيندو ھو، موسيقي کان ھن جي دل کي گھڻا دفعا چوٽ رسي ھئي پر موسيقي جي زبان پورو مطلب نه سمجھائيندي آھي ان جا اچار صاف نه ھوندا آھن ھن ڪڏھن به موسيقي جي ٻولي نه سمجھي ھئي مگر ھي لفظ!— محض لفظ ڪيڏا نه خوف پيدا ڪندڙ، ڪيڏا نه واضح ۽ چٽا ۽ پڻ ڪيڏا نه سخت، آھن—! لفظن کان ماڻھو پيڇو نٿو ڇڏائي سگھي. اھڙا سخت ۽ تکا ھوندي به لفظ ڪيڏو نه سياويڪ

جادوءَ جو اثر رکن ٿا_! لفظ، جيڪي بي شڪل شين کي شڪلين جـي قالب ۾ پيا ڪپائين، جـن ۾ ايترو ئي سر ۽ سرود آهي جيترو ڪنهن ساز ۾ هوندو آهي_! سگهارا لفظ_! ڇا ڪنهن به ٻئي شئي ۾ ايتري اصليت ۽ حقيقت هوندي آهي جيتري سگهارن لفظن ۾ آهي_؟ هـا، ڊورين گري سان ننڍپڻ ۾ به ڪي اهڙيون ڳالهيون ٿيون جـي هن کي ان وقت سمجهه ۾ نه آيون هيون پـر هاڻي هو اهي ڳالهيون سمجهڻ لڳو هو، زندگي هنوقت هن کي هڪ باه جي شعلي جيان پئي نظر آئي ۽ هن کي ائين لڳو ڄڻ هو سڄي عمر باه ۾ هلندو رهيو آهي.... اهي ڳالهيون هنکي ٻهرين ڇونه پئي سمجهه ۾ آيون_؟!

لارڊ هينري هنکي مٺي مٺي مرڪ سـان ڇتائي ڏسندو رهيو، هن ڇـائي ٻجهي به ڪٿي مان ڪمي هئي تـه جيئن ڊورين جي دل دماغ تي سندس گفتگو جـو پورو اثر ويهي وڃي، ڊورين جي اها ڪيفيت پروڙي هن ڏاڍو لطف پئي محسوس ڪيو، هو دل ئي دل ۾ چئي رهيو هو_ ”هڪڙو تير هوا ۾ اڇلايو اٿم، خبر ناهي ٺيڪ نشاني تي وڃي لڳو آهي يا نه، هي ڇوڪرو_ ڪيڏو نه من موهيندڙ آهي_!“

باسل ساڳيو ئي تصوير ٺاهڻ ۾ رڌل هو، پنهنجي انهيءَ ئي مخصوص ۽ نرالي انداز سان جيڪو فقط بااثر ۽ باهمت فنڪارن وٽ ئي هوندو آهي، هنجي ڪم ۾ اها نفاست ۽ پاڪيزگي هئي جيڪا ڪنهن مهان فنڪار جي ئي خاصيت هوندي آهي، ڪمري ۾ جا سانت هئي تنهن جي به هنکي

ڪا سڌ پئي نہ رهي هئي. اوچتو ٻوريءَ ن گري تکي آواز
۾ چيو:

”باسل، آءٌ بيهي بيهي ٿڪجي پيو آهيان، ڇو نہ ڪجهہ
وقت ٻاهر باغ ۾ هلجي، هتي تہ ٻوسٽ لڳي پئي آهي.“

”معاف ڪجان پيارا دوست، دراصل آءٌ جڏهين ڪم
۾ رڌل هوندو آهيان تڏهن ٻي ڪنهن ڳالهہ جو خيال ئي
نہ رهندو اٿم، پر تون هونئن وري ڪڏهن سنوت ڏيندو
آهين، خير مون کي تنهنجو جيڪو خاڪو گهربو هو سو
مون چٽي ورتو آهي— اڙ ڪليل چپ ۽ جوت ڀريل اکيون—!
مون کي تہ اها ئي سڌ نہ رهي تہ هينري ٽوسان کهڙيون
ڳالهيون ڪيون پر ايترو سمجهان ٿو تہ هن توکي ضرور
ڪي شاندار وارتائون ٻڌايون آهن، شايد تنهنجي ساراهہ پئي
ڪيائين، پر ڏسجان هن جي هڪ اکر تي بہ اعتبار نہ ڪجان.“

”يقينن هن منهنجي ساراهہ نہ پئي ڪئي، ۽ اهو ئي
سبب آهي جو مون هن جي هڪ اکر تي بہ اعتبار نہ ڪيو
آهي.“

”پنهنجي دل کان پڇي ڏس تہ تو منهنجي هر ڳالهہ
تي اعتبار ڪيو آهي.“ لارڊ هينري پنهنجين خماريل ڳرين
اکين سان ٻورين ڏانهن نهاريندي چيو. ”آءٌ بہ توسان گڏجي
ٿو ٻاهر هلان هتي واقعي ڏاڍي گرمي آهي، باسل ڪا ٿڌي
شئي پيار.“

”ضرور ضرور، آءٌ نوڪر کي چئي ٿو ڇڏيان، مون کي
البت هن تصوير ۾ رنگ ڀرڻا آهن سو آءٌ ٿوري دير کان

پوءِ اچي اوهان سان ملندس، ڏس ڊورين ڪـي گھڻو وقت پاڻ وٽ نه ترسائجان، اچ جيڪو مون کي خاڪو مليو آهي سو اڳ ڪڏهن نه مليو، هــيءَ تصوير به منهنجي فن جو هڪ وڏو شاهڪار بڻبي.“

لارڊ هينري ٻاهر باغ ۾ هليو آيو، ڊورين اڳ ئي اتي پهچي چڪو هو ۽ سوسن جـي گلن ۾ پنهنجو منهن اهڙي طرح هڻيو ويٺو هــو جيئن ڪو جوشيلو بدمست شــرابي ڪنهن پيالي مان شراب پيئندو هجي. هينري هن جي ويجهو اچي پنهنجو هٿ هــن جي ڪلهي تـي رکـي جهيڻي آواز ۾ چيو:

”بالڪل صحيح پيو ڪرين، روح جو علاج فقط نفس ئـي ڪري سگهي ٿـو بالڪل اهڙي طرح جيئن نفس جو علاج فقط روح سان ئي ٿي سگهي ٿو.“

ڊورين ڪنڌ مٿي کنيو ۽ پوئتي هٽيو، گلن جـي پنن هن جي ڏنگن ۽ گهنڊيدار سونهري وارن کي تيزي پڪيڙي ۽ منجهائي ڇڏيــو هو، سندس اکيون هراسيل هيون جيئن ننڊ مان اوچتو سجاڳ ڪيل ماڻهوءَ جون هونديون آهن، هن جون سهڻيون ڪڪوريل ناسون ٿڙڪڻ لڳيون ۽ ڪنهن اندروني اڌمي جي اثر ڪان هن جا چپ ڪنبڻ لڳا.

”هاــ“ هينري ڳالهه جاري رکي. ”اهو زندگيءَ جي وڏن رازن مـان هڪ وڏو راز آهيــــ يعني حـواسن ذريعي روح جو ۽ روح جي ذريعي حواسن جو علاجــــ تون هڪ عجيب هستي آهين، تون پاڻ کي جيترو گهٽ داناءُ سمجهين

ٿو اوترو ئي وڌيڪ داناءُ آهين بالڪل اهڙي طرح جيئن
تون جيترو ڪجھ ڄاڻڻ چاهين ٿو تنهن کان گهٽ ڄاڻين
ٿو.... تون خود پنهنجي اندازي کان گهٽو وڌيڪ ڄاڻو
آهين ۽ جيڪي ڪجھ نٿو ڄاڻين سو ئي ڪجھ ڄاڻڻ
چاهين ٿو.“

ڊورين منهن ۾ گهنڊ وجهي ڪنڌ ڪٽي ڦيرايو، هو پنهنجي
دل کي پنهنجي پير ۾ بيٺل انهي خوبصورت قدآور شخص-
هينري-کان بچائي نہ سگهيو، هينري جي سنجيده شخصيت
۽ وڻندڙ چهري هن جي دل ڇڪي ورتي، هن جي جهيڻي
۽ ڍلي آواز ۾ ڪا ڪشش ئي اهڙي هئي، هن جي ڳورن
۽ اجرن هٿن ۾ موه ئي ڪجھ اهڙو هو ۽ جو ڳالهائڻ وقت
هن پنهنجن هٿن کي ڏاڍي نزاڪت سان ٿي حرڪت ڏني
تہ راڳ جهڙو اثر ٿي پئدا ٿيو، ڄڻ انهن هٿن جي بہ ڪا
پنهنجي زبان هئي. تڏهن بہ ڊورين کي هن کان ڪجھ
خوف پئي محسوس ٿيو ۽ وري اهڙي طرح خوف کائڻ جي
احساس کان ڪجھ لڄي بہ ٿي رهيو هو — هي ڇا آهي
جو هڪ اوپرو شخص هن جي اندر کي هن جي ئي اڳو
ظاهر ڪري رهيو هو؟ باسل هالورڊ سان هن جي ڪيترن
مهينن کان شناسائي هئي پر اها دوستي هن ۾ ڪا تبديلي
تہ نہ پئدا ڪري سگهي هئي، هاڻي اوچتو هن جي زندگيءَ
۾ هڪ اهڙو شخص اچي داخل ٿيو هو جو هن کي زندگيءَ
جا ڀيد سمجهائڻ لڳو هو—! تڏهن بہ ڀلا خوف کائڻ جو
ڪهڙو سبب هو؟ هو ڪو اسڪولي ٻار يا ڪا ڇوڪري

ته نه هو، ته پوءِ خوف ڪائڻ ته اجائي ڳالهه ٿي-!

”هلو ته هلي هن چيري هيٺان ٿا ويهون-“ هينري چيو. ”پارڪر شربت ڪٺي آيو آهي، ۽ جي تون هتي اس ۾ ويٺو رهئين ته تنهنجي سونهن تي اثر پوندو، ڏاڍي اڻ سهائيندي ڳالهه ٿيندي جي تو پاڻ کي سج جي تپش کان نه بچايو-“

”ته ڇا ٿي پوندو-؟“ ڊورين گري کلندي پڇيو ۽ بينچ تي ويهي رهيو.

”تنهنجي لاءِ ته اها بيشڪ وڏي ڳالهه ٿي پوندي.“

”ڇو-؟“

”ڇاڪاڻ ته تون نهايت عجيب ۽ انوکي جوڀن جو مالڪ آهين، ۽ جوڀن ئي هڪ اهڙي شئي آهي جنهن کي وڏي نعمت چئي سگهجي ٿو-“

”آءٌ ته ائين نٿو محسوس ڪريان-“

”برابر، هن وقت ته توکي اهو احساس نه هوندو پر جڏهن تنهنجي عمر چڙهي ايندي تنهنجو بدن ڍلو ٿي ويندو ۽ صورت بگڙي ويندي، جڏهن فڪر تنهنجي پيشاني کي گهنجن سان ڳتي ڇڏيندو ۽ جذبات جي باهه تنهنجن چپن تي داغ وجهي ڇڏيندي — تڏهن توکي احساس — شدت سان احساس ٿيندو — اڄڪلهه ته تون جتي به وڃين ٿو ٻين کي موهي ڇڏين ٿو پر سوال آهي ته ڇا تو ۾ اها ڪشش هميشه قائم رهندي-؟ مسٽر گري، تون بي پناهه سهڻي صورت جو مالڪ آهين، منهنجي منهن ۾ ڇا ٿو ڏسين، تون واقعي

بيحد خوبصورت آهين ۽ حسن، ادراڪ جـي ڏي هڪڙي شڪل آهي بلڪ حسن جو معيار ادراڪ کان به مٿي آهي چاڪاڻ ته انهيءَ لاءِ بيان ۽ تشريح جي ضرورت نه هوندي آهي، حسن زندگي جي هڪ اهم حقيقت آهي. حسن سان ڪا حجت نٿي هلي سگهي، حسن کي خدا طرفان حڪمراني جو حق مليل آهي، حسن وارو حاڪم هوندو آهي— تون مرڪين پيو گري؟ ها، جـڏهن حسن توکان موڪلائي ويندو تڏهن تون هن ريت نه مرڪي سگهندين—!،

”ڪن ماڻهن جـو خيال آهـي ته حسن محض سطحي هوندو آهي، ٿي سگهي ٿو اڻين ڏي هجي پر حسن گهٽ ۾ گهٽ ايترو سطحي نه هوندو آهي جيترو خيال سطحي هوندو آهي، منهنجي خيال ۾ ته حسن معجزن جو به معجزو آهي، ها اهي ماڻهو ڏي سطحي هوندا آهن جيڪي حسن کي مشاهدي مان نه پرکي سگهندا آهن، ڪائنات جو سچو اسرار ڏي اهو آهي جنهنکي مشاهدي سان پرکي سگهجي نه اهوجو ڳجهو ۽ مبهم هجي، ها مسٽر گري، خـدا توتـي مهر ڪئي آهـي ۽ توکي حسن جـي دولت عطا ٿي آهي، پر خـدا جيڪي ڪجهه عطا ڪندو آهي سو ترت واپس به وٺندو آهي، تون باقي ڪي چند سال مڪمل ۽ ڀـرپور جيون گهاريندين ۽ پوءِ جڏهـن تنهنجو جوڀن موڪلائي ويندو تـڏهن تنهنجو حسن به توکي ڇڏي ويندو، تڏهن توتي اهو پيد ڪلندو ته تنهنجي لاءِ ڪابه ڪاميابي باقي نه رهي آهي تڏهن توکي انهن هلڪين رواجي ڪاميابين سـان پاڻ وندرائڻو پـوندو

جنکي تنهنجي ماضيءَ جي يـاد تنهنجين شڪستن کان به وڌيڪ بي مزي بنائي ڇڏيندي،

”تنهنجي حياتي جا ڏينهن گهٽبا ٿا وڃن ۽ تون هڪ پوائتي شئي جي ويجهو ٿيندو ٿو وڃين، وقت ڪـي توسان حسد ٿيڻ لڳو آهي ۽ تنهنجي چهري جي گلاب ۽ چينجي مکڙين— تنهنجي سونهن جي خلاف جنگ جوتي بيٺو آهي، ڪو وقت ايندو جـو تنهنجي رنگت ڦٽي وينـدي تنهنجن ڳلن ۾ کڏا پئجي ويندا، تڏهن تون سخت پريشان ٿيندين،

”هاءِ ڊورين!- هنوقت جڏهن تو وٽ حسن آهـي ته تون ان جـو قدر ڪر، زندگيءَ جـي دولت ڪـي اجايو نه وڃاءِ، دنيا وارن جي اجاين سڄاين بيزار ڪندڙ منطقن ڏانهن ڌيان نه ڏي ۽ نــه ٿي پنهنجي زندگي جاهل نيچ ۽ بيڪار ماڻهن جي هٿن ۾ وڃاءِ، اهي منطقون ۽ فلسفا اسان جي هن دور جا ڌڪار لائق مقصد ۽ ڪوڙا نظريا آهن، زنده رهه ۽ زندگي ماڻ جا تو ۾ موجود آهي، ڪنهنجي به نه پڌ ڪنهن جو به اثر نه وٺ هميشه ڪنهن نئين جـذبي ۽ جولان جي ڳولا ڪندو رهه ڪنهن کان به نه ڊڄ، ڏس، ”لذت پسندي“ جهڙو ڪو بيو ڳڻ ٿي نه آهي،* اهوئي هڪ نئون نظريو

* مصنف هتي Hedonism جو لفظ ڪتب آندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي لذتيت جـو نظريو. مصنف انهيءَ نظرئـي جو پرچارڪ مشهور آهـي ۽ هن ڪتاب ۾ هـن انهيءَ ئي نظرئي جي اپٽار ڪئي آهي. (مترجم)

آهي جنهنجي هن دور کي سخت ضرورت آهي ۽ ني سگهي
تو تہ تون ٿي انهيءَ نظرئي جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال
بڻجي وڃين، تون جو اهڙي اڻ رواجي شخصيت جو مالڪ
آهين تنهن لاءِ ڪابہ ڳالهہ اڻ ٿيڻي ناهي. تون گهڻ ۾ گهٽ
هڪڙي جڳ لاءِ تہ دنيا جو مالڪ آهين.

”مون پهريون پيرو توکي ڏسندي ئي سهي ڪري
ورتو هو تہ تون پنهنجي حقيقت ۽ اهميت کان بالڪل بي
خبر آهين، توکي اها ڄاڻ ناهي تہ تون ڇا آهين ۽ توکي
ڇا هئڻ گهرجي، تـو ۾ جا ڪشش آهي تنهن مون کي
مجبور ڪري ورتو تہ توکي تو بابت ڪجھہ ٻڌايان، سوچيم
تہ جي تون ضائع ٿي وئين تہ اها ڪيڏي نہ ڏکدائڪ ڳالهہ
ٿيندي ڇاڪاڻ تہ تنهنجي جوڀن جو سڄو تمام ٿورو آهي
تمام ٿورو. جبلن ۽ ٽڪرين تي جيڪي گل ٽڙندا ۽ وري
ڪومائجي ويندا آهن سي تہ وري بہ نئون رنگ وٺي ڇاپندا
آهن پر جواني اسان کي ڪڏهن بہ موٽي نہ ملندي آهي،
اسان جي من ۾ خوشيءَ جي جا امنگ جوانيءَ ۾ جاڳي ٿي سا
بعد ۾ ٿڌي ٿيو وڃي عضوا سست پئجيو وڃن ۽ اسان جا
احساس تباه ٿيو وڃن، تڏهن اسين ڇڻ ڪاٺ جا ماڻهو بڻجي
ويندا آهيون ۽ پوءِ اسان جــي ذهن ۾ انهن اڌمن جــي ياد
اچو واسو ڪري جـن کان اسين اڳي خوف کائيندا رهيا
آهيون ۽ پڻ انهن سڀاويڪ آرزوئن جي ياد اچي ستائيندي
آهي جن جي پوڙواري جي اسان اڳ ڪڏهن همت نہ ساري
آهي— جواني—! هاءِ جواني کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو آهيئي

چا ـ؟ ـ“

ٻورين گري حيرانيءَ مـان اڪيون هڪجاءِ ڪريـو هينريءَ جو اهي ڳالهيون ٻڌندو رهيو ـــ هن جي هٿ مان سوسن جي گل جي ٽاري ڇڏائي هيٺ فرش تي وڃي ڪري ۽ هڪ ٻچڻ واري ماڪيءَ جي مک ٿوري دير تائين انهيءَ جي چوڌير ڦيرا ڏيندي رهي ۽ تنهن بعد سوسن جي ننڍڙن گلن تي جهٽ وجهڻ لڳي، ٻورين اهو نظارو ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو ـــ جڏهين اسين ڪـا اهم ڳالهه ٻڌي خوف کائڻ لڳندا آهيون يا اسـان جي دل ۾ ڪو نرالو جذبو هلچل مچائي ڏيندو آهي جنهنجو اظهار اسان لاءِ ناممڪن ٿي پوي يا ڪو پوائنٽو خيال اچي اسان جي ذهن کي گهيرو ڪندو آهي تـڏهن اسين پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي ٻين کان لڪائڻ لاءِ اهڙن رواجي نظارن کي ٻـ ڏاڍي محويت سان ڏسڻ لڳندا آهيون ـ ـ ٿوري دير بعد ماڪيءَ جي مک اڏامي وئي ۽ گل ڏاڍي ناز سان هوا ۾ جهولڻ لڳا.

ايتري ۾ باسل اسٽوڊيو مان منهن ڪڍيو ۽ ٻنهي کي اشارن سـان سڏڻ لڳو، هينري ۽ ٻورين هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مرڪڻ لڳا. باسل رڙ ڪئي:

”آءٌ اوهان جو انتظار پيو ڪريان اندر اچو، ۽ پنهنجا گلاس بہ کنيو اچو ـــ“

هو ٻئي اتي اسٽوڊيو ڏانهن هلڻ لڳا، ٻہ رنگارنگي پوپٽ پک ڦڙڪائيندا هنن وٽان لنگهي ويا ۽ ان ئي وقت باغ جي ڪنڊ ۾ بيٺل ناسپاتي جي وڻ ۾ پينجهاري جي ڪوڪار

پڌرَ ۾ آئي.

لارڊ هينري ٻورين گري ڏانهن نظر ڪري هنڪان پڇيو:
”ڇا تون مون سان ملي خوش ٿيو آهين مسٽر گري_؟“

”ها، هاڻي آءٌ خوش آهيان، سوچيان ٿو الائي هميشه ئي خوش هوندس يا نه_!“

”هميشه_؟ اوه، اهو هڪ ڏاڍو ڀوائتو لفظ آهي جنهن تي پڌرَ سان مون کي ته ڏڪڻي وٺيو وڃي، عورتن کي البت اهو لفظ استعمال ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي جيڪي هرطرح جي لطف کي جٽادار بنائڻ جي ڪوشش ۾ هرلطف کي تباه ڪري ڇڏينديون آهن، اهو هڪ بي معنيٰ لفظ آهي، دائمي شوق ۽ سوداءِ ۾ فرق صرف اهو آهي جو سوداءِ گهڻو جٽاءُ ڪندو آهي ۽ دائمي شوق دائمي هوندي به گهڻو جٽاءِ نه ڪندو آهي-“

جڏهن هو اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيا ته ٻورين هينري جي ٻانهن کان جهليندي چيو- ”جي ائين آهي ته پوءِ پنهنجي دوستي هڪ سوداءُ ئي سهي_“

ائين چوندي هن جي منهن تي حيا جي لالاڻ پکڙجي وئي. تنهن بعد هو وري اچي ساڳي صندل تي بيٺو جنهن تي هن کي تصوير لاءِ بيهٺو هو.

هينري پاڻ کي هڪ وڏي آرام ڪرسيءَ تي ڪٽي اڇليو ۽ اکيون ٻورين جي چهري تي کپائي ڇڏيائين. ڪمري ۾ سانت هئي فقط رکي رکي ڪينوس تي برش جي گهڪي جو آواز ٿيو ٿي يا باسل تصوير جي جاچ لاءِ ٻه قدم پٺتي

تي هئيو ته خاموشي ڇانئجي وئي، لڙندڙ سج جي ڪرڻن ۾ مٽيءَ جي ذرن جي جهرمر لڳي وئي هئي جي ڪليل دروازي مان اندر لڙي آيا هئا، انهن پٺيان اگهو ڇڻ باغ مان ايندڙ خوشبو اسٽوڊيو جي هر شئي کي مست ڪري ڇڏيو آهي.
اٽڪل پندرهن منٽ گذريا ته باسل پنهنجو ڪم پورو ڪيو، پوءِ ڪجھ وقت تائين واري واري سان ڊورين گري ۽ تصوير کي پوري طرح جاچڻ بعد ــ ”هاڻي تصوير بالڪل مڪمل آهي ــ“ چوندي هن ڳاڙهي رنگ سان وڏن اکرن ۾ پنهنجو نالو تصوير جي کاٻي ڪنڊ تي لکي ڇڏيو.
لارڊ هينري ڪرسيءَ تان اٿي تصوير جي ويجهو اچي ان کي غور سان ڏسڻ لڳو ــ واقعي هيءَ تصوير چترڪاري جو هڪ شاهڪار هئي ۽ ان ۾ چترڪار باسل هالورڊ جي چاهه، اتساهه ۽ اڪنڊ جا سڀ رنگ موجود هئا ــ!
”پيارا دوست ــ! آءٌ پوري جذبي ۽ شوق سان توکي مبارڪ ٿو ڏيان.“ هينري چيو. ”نئين دور جي هيءَ هڪ بهترين تصوير آهي، مسٽر گري، اچ ۽ پاڻ ئي اچي تصوير ڏس ــ“
ڊورين ڄڻ ڪنهن سپني مان سجاڳ ٿيو ــ ”سچ پچ تصوير مڪمل ٿي وئي ــ!“
ڊورين پنهنجي تصوير وٽ اچي ان کي چتائي ڏسڻ لڳو ۽ جڏهن ان کي چڱي طرح ڏسي ورتائين ته خوشيءَ کان ڇرڪ نڪري ويس ۽ منهن تي لالاڻ پکڙجي ويس، اکين ۾ ڪجھ اهڙو جهلڪو اچي ويس جو ڄڻ زندگي ۾

ڀهريون پيرو پنهنجو پاڻ کي ڏنـو ۽ سجاڳو ٿيس، ڪيترو
وقت هو اکين ۾ اچرج ڀريو تصوير ڏانهن نهاريندو رهيو،
باسل هنکي ڪجهه ٻڌائڻ لڳو پر هن ڏانهس ڪو ڌيان نه
ڏنو، هن جي دل ۾ ته خود پنهنجي ئي حسن جو احساس
هڪ الهام وانگر ٻڙاڏو وجهي رهيو هو، هنکان اڳ هن کي
پنهنجي بي انـداز سونهن جو ڪڏهن احساس نـه ٿيو هو،
باسل سندس سونهن جي جا واکاڻ ڪندو هو تنهن کي هو
فقط دوستيءَ جي ناتي ڳالهايل ۽ وڌاء ڪيل اکر سمجهندو
هو ۽ انهن کي ڪل ۾ اڏائي وساري ڇڏيندو هو، باسل جي
اپٽارن هنجي سڀاءَ ۾ ڪو ڦيرو نه آندو هو، البت لارڊ هينري
جي ڳالهين کان— جن ۾ جوڀن ۽ سندرتا جي ناپائداري
جي گهٽي اپٽار هئي— هو ڀهريون پيرو متاثر ٿيو هـو ۽
هن وقت جڏهن هو پنهنجي سونهن ۽ ساڀيا جي هن تصوير
کي ڏسي رهيو هو تڏهن هنجي ساراه جـي سموري حقيقت
هنجي آڏو چٽي ٿي بيٺي هئي.

اتي هنجي دل ۾ انهيءَ ڀوائتي احساس ٻه اچـي جاءِ
ورتي ته هڪ ڏينهن نيٺ هن جي حسن هن جي جوڀن کي
زوال ايندو ڇهري ۾ اها شيلتا نه رهندي، اکين ۾ اها جوت
نه رهندي شخصيت ۾ اهو شان نه رهندو، ڇپن تي اها لعلاڻ
نه رهندي، وارن ۾ اها سونهري رنگت نه رهندي ۽ هو هڪ
بگڙيل ڦٽل ٽٽل بت بنجي ويندو—! انهيءَ ڀوائتي احساس
کان هن جو بت ڪنبڻ لڳو ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ تري
آيا، هنکي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن سندس دل تي برف جي سر

رکي ڇڏي آهي.

اهو ڏسي باسل جي دل ۾ سور جــي سٽ اڀري آئي، سمجهه ۾ نه پيو اچيس ته ڊورين کي ڇا ٿي ويو آهي-! نيٺ هن ڊورين کان سوال ڪيو:

”تصوير توکي پسند نه آئي ڇا-؟“

”تصوير هنکي بيشڪ ڏاڍي وڻي آهي-“ هينري وچ ۾ ڳالهايو- ”هھڙي اعليٰ شاهڪار کي ڀلا ڪير پسند نه ڪندو. هن تصوير لاءِ تون جيڪا قيمت گهرنديــن سا آءٌ توکي ڏيندس-“

”هيءَ تصوير منهنجي ملڪيت نه آهي هينري-“

”تڏهن ڪنهن جي ملڪيت آهي-؟“

”ڊورين جي-“ باسل جواب ڏنو.

”ڊورين ڏاڍو خوش نصيب ڇوڪرو-“

اتي ڊورين ساڳي طرح تصوير ۾ نهاريندي جهيڻي آواز ۾ چيو:

”ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي-! ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي جو آءٌ نيٺ به پيرو ۽ بدصورت ٿي ويندس پرهيءَ تصوير هميشه ٿي جوان رهندي- جون جي اڄوڪي ڏينهن وانگر جوان-! ڪاش ان جي ابتڙ ٿي سگهي، ڪاش ائين ٿي سگهي جو منهنجي بدران هيءَ تصوير جهوني ٿي وڃي ۽ هن جي بدران آءٌ پاڻ هن وانگر سدائين جوان ۽ خوبصورت رهان-! جي ائين ٿي سگهي ته آءٌ جيڪر پنهنجو روح ٿي ان جو عيوض ڪري ڏئي ڇڏيان، ڪاش-!“

هينري ٺهڪ ڏيندي باسل کي چيو:

”هائي چئو باسل، ڇا تون اهڙو انتظام ڪري سگهندين؟ تنهنجي لاءِ ته اها وڏي بدقسمتي ٿيندي جي تون پنهنجي فن لاءِ به انسان جهڙو مقدر- يعني زوال - قبول ڪندين!“

”بيشڪ مون کي انهيءَ تي سخت اعتراض ٿيندو ته منهنجي فن لاءِ به انسان جهڙو مقدر مقرر ٿئي يعني جيئن انسان کي زوال ٿئي ٿو تيئن منهنجي تصوير کي به....“

”برابر باسل-“ ڊورين تصوير تان نظر هٽائي باسل ڏانهن نهاريندي چيو- ”مون کي يقين آهي ته تو کي پنهنجو فن پنهنجن دوستن کان وڌيڪ عزيز آهي، تنهنجي نظر ۾ منهنجي حيثيت هڪ خوبصورت مورتيءَ کان وڌيڪ نه هوندي.“

باسل واٺڙو ٿي ڊورين ڏانهن نهارڻ لڳو، هن ڀيريون پيرو سائس اهڙي لهجي ۾ ڳالهايو هو. باسل ويچارو سمجهي ئي نه سگهيو هو ته آخر ڊورين ايترو جذباتي ڇو ٿي ويو، ڇو ايترو ڪاوڙيل آهي جو چهرو ئي سرخ ٿي ويو اٿس ۽ ڳل تپڻ لڳا اٿس-!

”ها باسل-!“ ڊورين ڳالهه جاري رکي- ”آءٌ تنهنجي نظر ۾ تنهنجن هنن عاج ۽ چانديءَ جي ٺهيل مورتين کان گهٽ حيثيت رکان ٿو، تون انهن شين کي هميشه چاهيندين پر مون کي-؟ مون کي تون فقط اوسيتائين چاهيندين جيستائين منهنجي منهن ۾ ٻڍاپي جو ڀريون گهنج نه پئجي وڃي، هائي مون سمجهو ته انسان وٽان جڏهن سونهن موڪلائي

تي وڃي ته ڇڻ هن جو سڀڪجهه ٿي ويندو رهي ٿـو، اها حقيقت مون کي تنهنجي هـن تصوير ٿي سمجهائي آهي، لارڊ هينري سچ ٿو چوي ته جوڀن جهڙي ڪا دولت ناهي ـ جڏهن آءٌ ڏسندس ته آءٌ ٻڍو ٿيڻ لڳو آهيان تڏهن آءٌ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندس ـ“

اهو ٻڌي باسل هالورڊ سڄو پيلو پئجي ويو، هو ڊورين جو هٿ جهلي هنکي ايلاز ڪرڻ لڳو:

”ڊورين ـ! ڊورين ـ! ائين نه چئو. تـو جهڙو محبوب دوست نه ڪو مليو نه ملندو، تون ته ظاهري شين سان ريس رکڻ وارو نه آهين، تون ـ تون جو پاڻ ظاهري ۽ مادي شين کان اتم آهين سو انهن سان ڪيئن ٿو حسد رکين؟“

”مون کي هر انهيءَ شئي سان حسد آهـي جنهن جو حسن پـائدار آهي، مون کي ته پنهنجي هن تصوير سان به حسد آهي جا تو مون لاءِ ناهي آهي، آخر ان ۾ اها خاصيت ڇو برقرار رهي جا مون ۾ نٿي رهي سگهي ـ! هر گهڙي جا گذرندي وڃي سا مون کان ڪجهه کسيندي تـي وڃي ۽ هن شبيهه کي ڪجهه ڏيندي ٿي وڃـي. ڪاش ـ! ائين ٿـي سگهي جو هن تصوير ۾ ڦيرو اچـي پر آءٌ هميشه اهڙو ئي رهان جهڙو هن وقت آهيان، آخر تو هيءَ تصوير ڇو ناهي؟ هڪ ڏينهن اهـا تصوير مون تان ٺٺول ڪندي، مون کي ويچارا ڏيندي، مون تان مذاقون ڪندي، هولناڪ مذاق !!“

ڊورين جون اکيون لڙڪن سان ٽمٽار ٿي ويون ۽ هن پنهنجو پاڻ کي ديوان تي ڪيرائيندي پنهنجو منهن ڪٺي

وهائي ۾ لڪايو ۽ روئڻ لڳو— جيئن ڪو وينتي ڪندو هجي—!

باسل جي دل ڏجهڻ لڳي، هن هينري کي چيئيو:

”هي سڀ تنهنجي ڪارڻ ٿيو آهي هينري—“

”اهو ڊورين گري جو اندر پيو ڳالهائي، اهو ڊورين گري جو اصل پيو ڳالهائي—!“

”ائين نه آهي—“

”ته پلا آءٌ ڇا ڪريان—؟“

”توکي انهيءَ ڏي وقت هتان هليو وڃڻ گهربو هو جڏهن مون توکي چيو هو—“

”وري به تنهنجي ڏي چوڻ تي ترسي پيو هوس—“

”هيري—! پڻ، آءٌ پنهنجن ٻن بهترين دوستن سان اتي جو اتي جهيڙو نٿو وجهي سگهان، اوهان مون کي پنهنجي بهترين شاهڪار کي ڏڪارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، آءٌ هن تصوير کي ناس ڪري ڇڏيندس، هن ۾ آهي ڏي ڇا—؟ رڳو رنگ ۽ ڪينوس، انهن شين کي آءٌ اها مهلت نه ڏيندس ته هو اسان ٽنهي جون زندگيون برباد ڪرڻ جو سبب ٿين—“

ڊورين گري منهن مٿي ڪري آلين اکين سان باسل ڏانهن نهارڻ لڳو جو پنهنجي وڏي پينٽنگ ٽيبل ڏانهن وڌي رهيو هو. جيئن ڏي باسل پنهنجي سامان مان هڪ وڏو چاقو ڪڍي تصوير کي اڏيڙڻ لاءِ ان ڏانهن وڌيو ڊورين هڪ گهٽيل، سڏڪو ڀري ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ڊوڙي وڃي باسل جي هٿ

مان چاقو ڦري پري اڇلائيندي هلڪي رڙ ڪيائين:
”نه باسل نه، اهو خون نه ڪر–!“
باسل ڪجهه دير حيراني سان هن کي ڏسندو رهيو ۽ نيٺ، هن جو ڪروڌ ٿڌو پئجي ويو:
”شڪر ٿيو–“ هن چيو، ”ڏاڍي خوشي جـي ڳالهه ٿي جو تو آخر منهنجي محنت جو قدر ڪيو، مون کي ته ڪڏهن خيال به نه هو–“
”قدر ڇا باسل–! مون کي ته هـن تصوير سان عشق آهي، اها تصوير منهنجو ئي ته هڪ حصو آهي، آءٌ ته ائين ئي محسوس ڪريان–“
”چڱو سائين، جيئن ئي اوهان جا رنگ خشڪ ٿي ويندا اوهـان کي ضروري وارنش لڳايو ويندو ۽ پوءِ اوهان کي فريم ۾ جڙي اوهان جي گهر پهچايو ويندو، پوءِ اوهان جي مرضي پاڻ سان جيڪو ورتاءُ وڻيوَ سو ڪجو،“ باسل ائين چئي چانهه گهرائڻ لاءِ گهنٽي وڄائي: ”ڊورين تون ته چانهه پيئندين ۽، تون هينري–؟ چانهه پيئندين يا اهڙي خسيس وندر کي تون ليکين ئي ڪونه–؟–“
”مون کي ته هونئن به سادي خوشيءَ سان عشق آهي.“ هينري چيو– ”هڪ پريشان منجهيل انسان لاءِ ساديون سلو ٿيون خوشيون ئي آخري پناه آهن پر مون کي ناٽڪ فقط استيج تي وڻندو آهي ڪنهن ٻئي هنڌ نه، اوهين ٻئي به ڪهڙا نه اجايا مـاڻهو آهيو، الائي اهو ڪير هـو جنهن ماڻهوءَ کي ”عقل وارو حيوان“ سڏيو، اها انسان بابت هڪ اڻ پختي

تشريح آهي، ماڻهوءَ وٽ سيکجهه آهي پر عقل ڪونهي ۽ اها منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي، مون کي اها ڳالهه نه وڻي جو اوهان هن تصوير تي ايڏو ڪٿي تڪرار مچايو، بهتر هو ته اها تصوير مون کي ئي ڏئي ڇڏيو ها، هن نادان ڇوڪري کي انهي ءَ جي ڪابه ضرورت ناهي جڏهن ته مون کي آهي-" اهو ٻڌي ڊورين شوخي سان چيو:

"ڏس باسل- جي اها تصوير تو مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏني ته آءٌ توکي ڪڏهن معاف نه ڪندس، ۽ مون کي اها ڳالهه نٿي وڻي ته ڪو مون کي نادان چوي-"

"توکي خبر آهي ته اها تصوير تنهنجي ملڪيت آهي، مون ته اها ان وقت ئي توکي پيش ڪري ڇڏي هئي جڏهن اها اڃا ٺهي به نه هئي-"

"۽ توکي اها به خبر هوندي ته تون ڪجهه نه ڪجهه نادان هئڻ جو ثبوت ڏئي چڪو آهين ۽ توکي اهو ياد ڏيارڻو وجي ته تون اڃا گهڻو ننڍو آهين ته توکي اعتراض نه ٿيندو-!" هينري چيو.

"مون کي توسان صبح ٻهرين گفتگو ۾ ئي تنهنجي اهڙي حجت تي اعتراض ڪرڻ کپندو هو-"

"ٻهرين گفتگو- هاءِ! اڄ اتان ئي تـه صحيح معنيٰ ۾ تنهنجي زندگي جي ابتدا ٿي آهي-!" هينري وراڻيو.

ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر چانهه کڻي اندر داخل ٿيو، هڪ ٻيو نوڪر چيني جا ٻه ڊاڪون کڻي آيو، ڊورين اٿي چانهه ٺاهڻ لڳو، چيني جا ڪوپ ۽ سامرون

ڪڙڪي لڳيون.

"منهنجو خيال آهي ڪو ٿيٽر هلي ڏسجي-" هينري رايو ڏنو. "ڪنهن نہ ڪنهن ٿيٽر ۾ ڪو سٺو پروگرام تہ هوندو ئي، جيتوڻيڪ هڪ جهوني دوست سان مانيءَ تي گڏجڻ جو وعدو ڪري آيو آهيان، پر هن کي آءٌ اهو نياپو ڪري ڇڏيندس آءٌ چاق ناهيان اهو ڏاڍو سٺو بهانو ٿيندو جو انهيءَ اوچتي اطلاع ۾ خلوص هوندو."

"اهي ايڪٽر جيڪي پوشاڪون پائين ٿا سي تہ ڏاڍيون اگريون ٿيون لڳن ۽ اهي پوشاڪون پائي اهي ويساڏاري بہ ڏاڍا پوائنتا ٿا نظر اچن." باسل چيو.

"ها يار-" هينري وراڻيو. "اڻويهين صديءَ جا لباس بيشڪ بي ڊولا ۽ بي زيبائتا آهن جن کي ڏسي بڇان ٿي اچي، هونئن بہ هن دور جو بهترين لباس تہ "گناه" آهي جنهن ۾ رنگ بہ آهن ٿوڙي اهو اجرو بہ آهي-"

"هينري-! سچ تہ ٿوکي ڊورين جي اڳيان تہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن-"

"ڪهڙي ڊورين جي اڳيان-؟ جيڪو پنهنجي لاءِ چانهہ پيو اوتي يا جيڪو تصوير ۾ آهي؟"

"ٻنهي جي اڳيان-" باسل چيو.

"آءٌ خوشيءَ سان ٿيٽر ڏسڻ هلندس هينري-" ڊورين چيو.

"نيڪ، تڏهن تہ باسل تون بہ هلندين، ڪيئن-؟" هينري پڇيو.

"آءٌ تہ نہ هلي سگهندس مون کي گهڻو ڪم ڪرڻو

پيو آهي_"
"ڇڱو تڏهن پاڻ ٻئي اڪيلا هلنداسين مسٽر گري."
"وڏي خوشيءَ سان." ڊورين چيو.
باسل چانهه جو ڪوپ کڻي تصوير ڏانهن وڌي ويو، دل کي جا چوٽ رسي هئس تنهن سبب چپ ڪري ڏندن ۾ جهليا هئائين،
"آءٌ اصلي ڊورين وٽ رهندس." باسل تصوير ڏانهن نهاريندي ڏک ڀريءَ آواز ۾ چيو.
"ڇا واقعي اصل ڊورين گري اهو ئي آهي_؟" ڊورين باسل وٽ اچي پڇيو. "ڇا واقعي آءٌ هوبهو انهيءَ تصوير واري ڊورين جهڙو آهيان_؟"
"ها، تون هوبهو اهڙوئي آهين جهڙي هيءَ تصوير آهي_"
"ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي_!"
"تون هن تصوير جهڙو ئي آهين پر جيڪي ڪجهه هن تصوير ۾ آهي سو تو ۾ ناهي، هيءَ تصوير هميشه وفا ڪندي پر تون نه ڪندين_" باسل ٿڌو ساهه کڻندي چيو.
"توبهه، توبهه، انهيءَ وفا تي به ماڻهو ڪيڏو نه ڪٺرا ڳٽا مچائين." هينري رڙ جي انـداز ۾ چيو. "محبت ۾ وفا جو معاملو هڪ غير روحاني طبعي معاملو آهـي، نوجوانن کي باوفا هئڻ جو شوق آهي پر ڪندا هميشه بيوفائي آهن ۽ پيدا مـاڻهو بي وفا رهڻ جو شوق هوندي به بيوفائي نٿا ڪري سگهن، معاملو بس ائين ئي آهي."
"ڊورين_" باسل التجا ڪندي چيو_ "اڄ رات تون

ٿيئٽر ڏسڻ نه وڃ، هتي ٿي ترسي پئو ۽ مـاني به هتي مون سان ٿي کائجان_“

”نه باسل، آءٌ نه ترسي سگهندس.“

”ڇو_؟“

”ڇاڪاڻ ته مون هينري سان گڏجي وڃڻ جو وعدو ڪيو آهي_“

”هينريءَ پاڻ هميشه وعدي خلافي ڪندو رهيو آهـي سو تنهنجي وعده وفـائي تي ڪهڙو خـوش ٿيندو، مهرباني ڪري ترسي پئه_“

ڊورين البيلائي سان ڪلندوانڪار ۾ڪنڌ ڌوڻڪندورهيو.

”ڏس ڊورين_! آءٌ منٿ ٿو ڪريان_!“

ڊورين ڪجهه منجهڻ لڳو ۽ پوءِ هينري ڏانهن نهارڻ لڳو جو ڏاڍي مزي سان پريان هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هنن کي ڏسندو ۽ مرڪندو ٿي ويو.

”مون کي هلڻ گهرجي باسل_!“ ڊورين چيو.

”چڱو_“، باسل خالي ڪوپ ٽري ۾رکندي چيو، چڱي دير ٿي وئي آهي ۽ اوهان کي ڪپڙا به بـدلائڻا آهن، هتي وقت نه وڃايو، چڱو ٻنهي کي خدا حافظ، ڊورين وري جلد ملڻ اچجان، سڀاڻي ٿي ڇونه اچين_؟“

”ضرور_“

”وسارجانءِ نه_!“

”بالڪل نه_“

”۽ تون — هينري_؟“

”جي-؟“
”اڄ صبح تـوکي جيڪي ڪجهه چيو هئم سـو نه وسارجان -“
”مون کي ته اها ڳالهه وسري به وئي-“
”مون کي وري به توتي ڀروسو آهي-“
”ڪاش مون کي به پنهنجو پاڻ تي ڀروسو هجي-“ هينري کلندي چيو- ”چڱو اڄ مسٽر گري، منهنجي بگي ٻاهر بيٺي آهي آءٌ توکي تنهنجي گهر وٽ لاهي ڇڏيندس، چڱو باسل خدا حافظ، اڄوڪي شام سٺي گذري-“

هينري ۽ ڊورين ٻاهر هليا ويا ته باسل پنهنجو پاڻ صوفي تي ڪٽي ڪيرايو، دل اندر جو سور هئس تنهن جا پاڇا سڄي منهن تي پکڙجي ويس-!

[٣]

ٻي ڏينهن ساڍي ٻارهين بجي ڌاري لارڊ هينري البساني ۾ پنهنجي چاچي لارڊ فرمر سـان ملڻ آيو. هي لارڊ فرمر صاحب هڪ عجيب غريب سياسي ۽ سماجي شخصيت هو، پنهنجن انهن دوستن کي خوب ڪارائيندو پياريندو هو جيڪي کيس خوش رکڻ جو گُر ڄاڻندا هئا ۽ جن وٽ اهو هنر نه هو سي هن مان ڪو لاڀ نه پرائي سگهندا هئا، ٻهرئين قسم جا دوست هن کي وڏو سخي سمجهندا هئا ته ٻي خاني وارا هن کي خود غرض چوندا هئا. اڪثر واندو ويٺو هوندو هو البت ٿورو گهڻو ڌيان پنهنجين ڪوئلي جي کاڻين جي بندوبست

تـي ضرور ڏيندو هو پنهنجن نـوڪرن تـي هميشه پنهنجي سورهياڻي جو رعب رکڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو ۽ هو وري ڪيس ڇيڙائيندا رهندا هئا، پنهنجن ماڻهن متن لاءِ وري پاڻ هڪ وڏي دهشت بڻيو رهندو هو ۽ هنن کي ڇيڙيندو ستائيندو رهندو هو، مڙئي ڪجهه پراڻن خيالن جو هو. هينري سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو ته ان وقت هو شڪاري لباس پايو وات ۾ چروٽ جهليو اخبار پـڙهي رهيو هـو، سو ٻه آواز سان.

”هان-! تون ايترو سويل ڪيئن اچي وئين هينري-؟“
هن هينري کي ڏسندي چيو- ”اوهين آلڪسي تحريلا ڇوڪرا ٻي بجي کان اڳ اٿو ڪونه ۽ پنجين بجي کان اڳ وري نظر ڪونه اچو-“

”اڄ آءٌ اوهان کان ڪجهه گهرڻ آيو آهيان چاچا-“
”پئسا گهرندين پيو چا-!“ لارڊ فرمر بوٽ ٿلهڙو ڪندي چيو- ”چڱو ويهه ۽ ڳالهه ڪر، اڄڪلهه جا جوان ته سمجهن ٿا ته پئسو ئي سڀڪجهه آهي-“

”ها چاچا، جوان پئسي کي اهميت ڏيندا آهن ۽ جڏهن پاڻ ٻڍا ٿـي ويندا آهن ته اها ساڳي ميار وري جوانن کي ڏيندا آهن، خير مون کي پئسا نه گهرجن، پئسن جي گهرج اهي رکندا آهن جيڪي پنهنجا بل پاڻ ڏيندا آهن ۽ آءٌ پنهنجا بل پاڻ ڪڏهن ڪونه ڏيان، شاهوڪار جو ٻار اوڌر تي ئي ڏاڍي مزي سان گذران ڪندو آهي، آءٌ ته اوهان کان ڪجهه معلومات وٺڻ آيو آهيان، اهڙي ڪا خاص ڳالهه به ڪانهي-“

”جيڪا معلومات مون کي پروي ڪائونسل جي ڪنهن ڪتاب مان ملي هوندي سا ته تو کي ضرور ڏئي سگهندس جيتوڻيڪ اڄڪلهه ته انهن رپورٽن ۾ به رکيي اجايون ڳالهيون هونديون آهن ڇاڪاڻ جو لکڻ وارا چڱي جاچ ڪري پوءِ لکندا آهن ۽ اها ٿي نسوري پوڪپاڻي آهي. منهنجي خيال ۾ جيڪو ماڻهو اشراف آهي اهو ٿي وڏو سياڻو آهي ۽ جيڪو اشراف ڪونهي سو ڪيڏو به سياڻو هجي اصل ڪنهن ڪم جو ناهي-“

ڊورين گري جون ڳالهيون پروي ڪائونسل جي رپورٽن ۾ نه هونديون آهن چاچا-“ هينري موٽائي سان چيو.

”ڊورين گري-؟ اهو ڪير آهي-؟“ لارڊ فرمر پنهنجا گهاٽا ڀرون پڪوڙيندي پڇيو.

”اهو ئي ته آءٌ اوهان کان معلوم ڪرڻ آيو آهيان، مونکي ايتري خبر آهي ته هو لارڊ ڪيلسو جو ڏوهٽو آهي ۽ سندس ماءُ جو نالو ليڊي مارگريٽ ڊيورڪس هو، اوهين اهو ٻڌايو ته هن جي ماءُ ڪهڙي هئي ۽ شادي ڪنهن سان ڪئي هئائين، اوهين پنهنجي دور جي هر ماڻهوءَ کي سڃاڻو ٿا، اڄڪلهه آءٌ ڊورين ۾ گهڻو چاهه وٺندڙ آهيان ۽ هن سان منهنجي هاڻ ئي ملاقات ٿي آهي-“

”لارڊ ڪيلسو جو ڏوهٽو.... ها، آءٌ سندس ماءُ کي چڱي طرح سڃاڻندو هوس هوءَ هڪ بي انتها خوبصورت ڇوڪري هئي، مارگريٽ ڊيورڪس، هوءَ پنهنجن ڪيترن ديوانن کي رڻ ۾ رولي هڪ غريب نوجوان سان ڀڄي وئي

هئي جو فوج ۾ ڪنهن رواجي نوڪريءَ ۾ هو باقي ٻي ڪا حيثيت نہ هئس، مون کي سڀ ڪجهہ ڪالهوڪي ڳالهہ وانگر ياد آهي، اهو نوجوان پوءِ ڪنهن جهڳڙي ۾ مارجي ويو. ماڻهو انهيءَ واقعي بابت ڏاڍيون اڻ وڻندڙ ڳالهيون ڪندا هئا. چون ٿا ڪيلسو غنڊي هٿان ان نوجوان جي بي عزتي ڪرائي هئي، ان جي مرڻ بعد ڪيلسو پنهنجي ڌيءَ کي پاڻ وٽ وٺي آيو پر هن سڄي عمر ساڻس نہ ڳالهايو، هڪ سال بعد هوءَ هڪ ٻار ڇڏي گذاري وئي، ڏاڍي ڏک جي ڳالهہ آهي، خير، اهو ڇوڪرو ڪهڙي قسم جو آهي سا نہ مون، کي خبر ناهي پر جي هو ماڻس تي ويو آهي تہ پوءِ ضرور بيحد خوبصورت هوندو.“

”هو واقعي بيحد خوبصورت آهي.“

”خدا ڪري هو ڪنهن غلط ماڻهوءَ جي ور نہ چڙهي وڃي. جي ڪيلسو هن سان انصاف ڪيو آهي تہ پوءِ هن کي پڪ سان دولت ورثي ۾ ملي هوندي، ماڻس وٽ بہ پئسو گهڻو هو.“

”بهرحال ٻوڙهن جي حالت هن وقت منهنجي خيال ۾ چڱي آهي، هن پاڻ ٻڌايو هو تہ وٽس چڱي ملڪيت آهي. هو اڃا ننڍو نينگر آهي، پلا مار گريٽ واقعي بيحد خوبصورت هئي چاچا...؟“

”هوءَ تہ لکن جو مٽ هئي، خبر ناهي اها ٻري حرڪت ڇو ڪيائين، هن سان تہ ڪيترائي ڪونڌر شادي ڪرڻ لاءِ آتا هئا، مثال طور لنڊن جو سڀ کان خوبصورت نوجوان

ڪارلنگٽن ٿي سندس ديوانو هو پر مارگريٽ هن جي شادي جي درخواست ڪل ۾ اڏائي ڇڏي جڏهين ته هو پاڻ ڪيترين ڇوڪرين جو محبوب هو—"

ان بعد هو ٻئي انگريز ۽ امريڪي ڇوڪرين جي خوبين ۽ خامين بابت بحث مباحثو ڪندا رهيا. آخر هينري اٿي موڪلايو ته لارڊ فرمر پڇيس:

"لنچ ڪٿي ڪائيندين—؟"

"چاچي اگاٿا وٽ، هن وٽ ٿي مون پنهنجي ۽ ڊورين گري جي لنچ جو بندوبست ڪيو آهي."

"ڇگو، پر اگاٿا کي چئي ڇڏجان ته هاڻي مون کي خيراتي ڪمن جي چندي لاءِ گهڻو تنگ نه ڪندي وڃي، خبر ناهي هوءَ نيڪ بخت ائين ڇو ٿي سمجهي ته مون کي بس سندس اجاين ڳالهين تي پئسو وڃائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ٿي ناهي—"

"ڇگو چاچا آءٌ چئي ڇڏيندوسانس پر انهيءَ مان ورندو ڪجهه به ڪونه، وطن دوست ماڻهن جي هڪ خاص خوبي هيءَ هوندي آهي جو هنن ۾ ماڻهپو نه رهندو آهي—"

هينري اتان اٿي برلنگٽن اسٽريٽ کان ٿيندو برڪلي اسڪوائر ۾ نڪري آيو— "تڏهن اهو آهي ڊورين گري جو خانداني شجرو—!" هن سوچيو. انهيءَ ڪهاڻي ۾ جو هڪ نرالو رومانس هو تنهن هن کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو، هڪ نهايت حسين عورت هڪ انڌي جذبي جو شڪار ٿي هر قسم جو جوکم کنيو—! ۽ خطرن ۾ سراپ سان پريل انهن

رستن ۾ هن خوشيءَ ۽ آسائش جا فقط چند هفتا گذاريا سي، پر اڻ سهائيندا_! ۽ تنهن بعد خاموشي، رنج ۽ پيڙا جا ڪيترا مهينا_! انهيءَ ئي پيڙا جي سفر ۾ هڪ ٻار ڄائو، موت ماءُ ۽ پٽ ۾ وڇوڙو وجهي ڇڏيو_! ۽ اهو ٻار هڪ ڪنوار انسان جي هٿن ۾ برباد ٿي ويو_!

اهو هڪ دلچسپ پس منظر هو جنهن سبب دوربين جي، تصوير وڏيڪ چٽي ٿي نظر آئي.... هر سهڻي شئي جي پنيان ڪو دکدائڪ امر ضرور هوندو آهي_!!.... ۽ دوربين، رات ڌنر ڪائڻ وقت جو هن جي سامهون ويٺو هو_ ته ڪيڏو نه پيارو ڪيڏو نه موهيندڙ ٿي ڏسڻ ۾ آيو___ اکين ۾ جا معصوميت ڀريل حيراني هئس_! چپ هميشه وانگر ٿورا کليل، خوشيءَ جي مستيءَ کان___! شمع جي جهڪي سهائي ته هن جي چهري جا عجيب اسرار چٽا ڪري پي، سمجهايا، هن سان ڪا ڳالهه ڇيڙڻ ائين هئو جيئن ڪنهن رباب جي تارن کي ڇيڙڻ، ۽ هن هر ڳالهه جو ڪهڙي پياري انداز ۾ جواب ٿي ڏنو جيئن گزيءَ جي گهڪي تي سرندو سر ڪيندو آهي_! هن هرڪنهن کي موهي ٿي ڇڏيو، هن وٽ ڪو جادو هو، ڪنهن تي اثر وجهڻ جي عمل ۽ ڪنهن کي موهي ڇڏڻ جي عمل ۾ ڪو عجيب لاڳاپو آهي_! ڪيئن نہ هڪڙو انسان ٻئي انسان تي جادوءَ جو اثر ٿو ڪري___ هن جي روح کي ڪا سهڻي شڪل ڏئي ٿوري ديرلاءِ انهيءَ ئي سهڻي روپ ۾ بيهاري ٿو ڇڏي، پنهنجي ادراڪ مان ڪي اهڙا اکر اهڙي خوبي سان ٿو ڳالهائي جو

انهن جو جواب ان کان بہ وڌيڪ مٺو ۽ سريلو ٻنجي ويندس ٿو پڇجي، اُهين پنهنجي سياءَ جو جوهر ٻئي جي سياءَ جي جوهر سان اُهين ئـو ملائي جيئن ڪا سوڪيم پاڻياٺ وچي ڪنهن پاڻياٺ سان ملي يا ڪا خوشبو وڃي ڪنهن خوشبوءِ سان ملي هڪ ٿي وڃي، اُهين ڪنهن تي اثر وجهڻ جو عمل بہ ڪيڏو نہ مزيدار عمل آهي—! شايد اسان جي هن بيهودي دور ۾ اهو ئي هڪ سياويڪ عمل رهجي ويو آهي جنهن مان سچي سرهائي ٿي ملي. هي سهڻو ڳڀرو ڇوڪر—! جنهن سان اڄ هن جي باسل جي اسٽوڊيو ۾ اتفاقي ملاقات ٿـي، سو بہ اهڙا جادو وجهڻ وارو هڪ شاندار شخصيت آهي—! يا هن کي هڪ شاندار هستي بنائي سگهي ٿو. هن ۾ جوڀن جي پاڪيزگي آهـي، سوڀيا آهي ۽ يوناني سنگتراشن جي محبوب سونهن آهي، هن کي تہ کهڙو بہ روپ ۽ کهڙي بہ حيثيت ڏئي سگهجي ٿي جنهن لاءِ هـن ۾ سڀ وصفون موجود آهن، ڪير چاهي تہ هن کي هڪ ديوتا بنائي ڪير چاهي تہ هن کي هڪ رانديڪو بنائي ڇڏي—! الا—! ڪيڏي نہ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي جو نيٺ بہ ڪومائجي وڃڻ هن گل جو مقدر آهـي—! ۽ باسل—؟ نفسياتي نقطہ نظر کان باسل ڪيڏو نہ دلچسپ انسان آهي—! هن کي فن ۾ هڪ نئون ڍنگ مليو آهي، زندگي کي ڏسڻ جو هڪ نئون زاويو مليو آهي، سو بہ هڪ اهڙي هستيءَ جي ظاهري وجود مان جنهن کي پاڻ پنهنجين انهن وصفن جي ڪا خبر ڪانهي—! جهڙي ڪر ڪا ديوي ڪنهن اونداهي جهنگ ۾ رهندي ۽ ڪلنيل

ميدانن ۾ خاموشي سان هلندي هجي ۽ ٻوءِ اوچتو ڪٿي پاڻ کي ظاهر ڪيو هجيس، جهڙي وڻن ۽ ٻيلن جي ديوي **د د**! جنهن کي فقط اهي هستيون تلاش ڪنديون آهن جن جي اندر ۾ مهان جذبا جاڳيل هوندا آهن، دنيا ۾ ڏسو ته ڪهڙيون ڪهڙيون عجيب شاندار هستيون پيدا ٿي ٿيون ٿيون جي جڏهن پڌائين پيون ته هو ڪنهن ٻي ڪامل هستيءَ جون ڇايائون آهن، ڪنهن سچي ۽ سچيت هستيءَ جون عيوضي بنجي آيون آهن! — اهي ئي اسرار ته اسان کي افلاطون به سمجهايا آهن جو ويچار ڪيتر جو مهان فنڪار هو،* ۽ اهو يوناروٽي هو جنهن مرمر جي پٿرن کي ڪڪوري غزلن ۽ قصيدن جو روپ ڏئي اهي پيڊ سمجهايا!

....ڊورين جيڪي ڪجهه باسل لاءِ آهي سوئي ڪجهه آءٌ خود ڊورين لاءِ ٿيندس، آءٌ ڊورين تي پنهنجو اثر ڇمائيندس جيئن هن باسل کي متاثر ڪيو آهي، انهيءَ عجيب هستيءَ کي آءٌ پنهنجو بنائيندس، عشق ۽ موت جي انهي فرزند — ڊورين گري — ۾ وڏو موه آهي، وڏي ڪشش آهي!

---

* افلاطون جي نظرين مان هڪ هي به آهي ته اسان جو علم اسان جي ڄاڻ محض اڳين آهي جيئن ڪا وسريل شئي ياد اچي، يعني هر شئي اسين اڳ ڄاڻندڙ هوندا آهيون علم اسان کي محض اها حقيقت ياد ٿو ڏياري. ليڪ جو مطلب هي آهي ته ڪا خوبصورت شئي جا نيٺ فنا ٿيڻي آهي سا جڏهن اهو ٿي پڌائي ته هو ڪنهن اتم خوبصورت هستيءَ جي تخليق آهي جنهن کي فنا نه آهي. (مترجم)

ائين هلندي هو اوچتو بيهي رهيو ۽ پنهنجو پاڻ تي
ڪلڻ لڳو جو هو پنهنجن پورن ۾ غلطان پنهنجي چاچيءَ
جي گهر ڪان گهڻو اڳتي نڪري ويو هو جتي هن کي ماني‌ءَ
تي پهچڻو هو، هو وري پوئتي موٽيو ۽ جڏهن چاچس جي
گهر پهتو ته نوڪر ٻڌايس ته ماني شروع ٿي چڪي آهي.
هو ڪاڌي جي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته چاچس رڙ ڪئي:
"هميشه وانگر اڄ به دير ڪري آيو آهين هينري."
هينري جلد ئي هڪ سٺو بهانو گهڙي پيش ڪيو ۽
هڪ خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ميز جي چيڙي وٽ
ويٺل ڊورين گري هن کي ڏسندي ئي هڪ شرميلي ادا سان
ڪنڌ نوڙائي هن کي سلام ڪيو، هن جي منهن جي لعلاڻ
ٻڌايو ٿي ته هينري کي ڏسي هن کي خوشي ٿي آهي.
سامهون واري ڪرسيءَ تي هارلي جي نواب بيگم ويٺي
هئي جا هوندي ته ڏاڍي سهڻي سڀاءَ جي هئي پر سندس بدن
جي بناوت ڪجهه اهڙي هئي جا جيڪڏهن نوابن جي زالن
۾ هوندي آهي ته ان کي حشمت چوندا آهن ۽ جي عام
عورتن ۾ هوندي آهي ته ان کي ٿولهه چوندا آهن. هن جي
ساڄي هٿ واري ڪرسيءَ تي سر ٿامس بردن ويٺل هو —
پارليامنٽ جو ترقي پسند ميمبر، جيڪو پنهنجي سياسي
زندگي ۾ پنهنجي اڳواڻ جي پيروي ڪندو هو ۽ پنهنجي
خانگي زندگي ۾ هوشيار بورچين جي، ٽوري پارٽي وارن
سان ويهي کائيندو پيئندو هو ۽ لبرل پارٽي وارن سان ويهي
سوچ ويچار ڪندو هو. بردن صاحب جي کابي هٿ تي

ٽريڊلي جو مسٽر ايرسڪائن وينل هو- پوڙهو مگر موچاري شڪل شبيهه جو ۽ سڊ ڙيل، هي صاحب خاموش رهڻ جي بري عادت ۾ مبتلا ٿي ويو هو جنهن لاءِ هڪ پيري هن هيءَ وضاحت پيش ڪئي هئي، ته هن کي جيڪي ڪجهه ڳالهائڻو هو سو هو ڏيهن ورهن جي عمر تائين ڳالهائي چڪو، هن جي پر ۾ مسز وينلڊيلر ويٺي هئي جا ملڪ جي مڃيل عورتن ۾ هڪ مڪمل ساڌو عورت هئي پر ايتري بي ڊولي جهڙو ٻچن جو ڪو ٺلهو ڪتاب، هجي جنهن تي اونڌو ابتو ٻچڙو جلد چڙهيل هجي. هينري جو ٻاڳ سئو هو جو هوءَ اڳ ٿي لارڊ فاڊل سان ڳالهين ۾ رڌل هئي جو سندس سامهون وينل هو ۽ ان ڪري اڳ ٿي هن جي ور چڙهي چڪو هو، لارڊ فاڊل ڪرڙوڊي اعتدال پسند ۽ نهايت سياڻو ماڻهو هو جنهن جي ڏوڙه جي لس ۽ پارليامينٽ ۾ ڪنهن وزير جي تقرير جي لس ۾ ڪو ٿورو ئي تفاوت هوندو آهي، مسز وينلڊيلر هن سان انهيءَ ٽڪي جوشيلي انداز ۾ ڳالهائي رهي هئي جيڪو هڪ سخت ۽ نه معاف ڪرڻ جهڙو غلط انداز آهي ۽ جنهن لاءِ خود لارڊ فاڊل ٿي هڪ پيڙي چيو هو ته هر اشراف، ماڻهو اها غلطي ضرور ڪندو آهي ۽ هر ماڻهو انهيءَ جو نشانو بڻبو آهي.

هينري جي ايندي ئي سڀ مهمان هتان جي ڳالهين ۾ ٽپي پيا خوب بحث مباحثو هليو، هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي سمجهه موجب پنهنجن دليلن تي پي زور ڏنو پر سيني ڪان وڌيڪ اثر ڪرڻ واريون ڳالهيون هينري جون هيون.

ڪنهن ڇوڪريءَ جي شاديءَ جي ڳالهه هلي ته ٿامس بردن چيو:

”مون کي بااختيار حلقن مان معلوم ٿيو آهي ته ڇوڪريءَ جي پيءُ جو هڪ آمريڪي خشڪ ميوي جو دڪان آهي....“

”اهو امريڪي خشڪ ميوو وري ڇا آهي؟“ هڪ نواب بيگم پڇيو:

”يعني امريڪي ناول پيو چلي“ هينري برجستو جواب ڏنو. نواب بيگم ککي وکي ٿي وئي.

”جڏهن امريڪا دريافت ٿي—“ ترقي پسند ممبر ڳالهه ڇوري ۽ امريڪا جي دريافت بابت مٿي ۾ سور وجهندڙ ڳالهيون بيان ڪرڻ لڳو. جيئن هر ماڻهو پنهنجي گفتگو جي موضوع کي نچوئي سچوئي ان مان ٿي حقيقتون بيان ڪندو آهي تيئن هي صاحب وري پنهنجن ٻڌندڙن کي نچوئڻ ۽ ٿڪائڻ جو هميشه هيراڪ هو. نواب بيگم هن جي ڳالهه ڪٽيندي انگلن سان چيو:

”امريڪا اصل نه ئي دريافت ٿئي ها ته سٺو هو، سچ پچ هاڻي اسان جي ملڪ جي ڇوڪرين لاءِ ته موقعا ئي نه رهيا آهن—“

”امريڪا دريافت ته ڪڏهن ٿي ئي ناهي، اها ته رکو پکڙجي پئي آهي.“ ايرسڪن چيو.

”سنا امريڪي ماڻهو مرندا آهن ته پيرس جو رخ ڪندا آهن—“

”۽ جي برا امريڪي مرندا آهن ته ڪيڏانهن رخ ڪندا آهن___؟“

”اهي وري امريڪا جو ئي رخ ڪندا آهن_“ هينري پڻ پڻ ڪئي.

هڪ ڳالهه جي جواب ۾ هن چيو:

”آءٌ ٻوڪنا ۽ پيڙا کان سواءِ ٻي هر شئي جو حمايتي ۽ تائيد ڪندڙ آهيان. آءٌ انهيءَ پيڙا سان اصل همنوائي نٿو ڪري سگهان اها هڪ بڇڙي ٻوائتي ۽ تباه ڪندڙ شئي آهي، اهڙي همنوائي ڪرڻ هڪ بيماري آهي، ماڻهوءَ کي فقط رنگن سان، سونهن سان ۽ زندگيءَ جي خوشين سان همنوائي ڪرڻ گهرجي، زندگي ۽ دردن بابت جيترو گهٽ ڳالهائجي اوترو ئي بهتر آهي_“

”تون انگلستان ۾ ڪهڙي تبديلي آڻڻ جو خواهان آهين ميان؟_“ ممبر صاحب پڇيو.

”انگلستان ۾ ته آءٌ فقط آب هوا کي تبديل ڪرڻ چاهيان ٿو_“ هينري ورائيو. ”هونئن ته آءٌ ملڪ جي فلسفي تي گهڻو مطمئن آهيان پر هن اوڻويهين صديءَ ۾ اسان ۾ جا هيڪاندي همدردي ۽ غمخواري جي سخا پيدا ٿي پئي آهي جنهن سبب هي دور ئي ڪٺل ڪاتي جو دور بڻجي ويو آهي تنهن لاءِ سائنس جي مدد وٺڻي پوندي ته اچي اسان کي سڌو ڪري. جذبات مان اسان کي اهو فائدو ٿو رسي جو اهي اسان کي گمراه ڪري ٿا ڇڏين ۽ سائنس جو فائدو هي آهي ته سائنس جذبات ۽ جوش کان خالي هوندي آهي_“

”پر اسان تي گهڻيون ئي ٻيون ذمه داريون به آهن.“

”هڪڙو ته ماڻهو ذمه دارين جو ڏاڍو فڪر ٿا رکن، ڏاڍي گهڻي اُتي ذمه دارين جي، اهو ذمه داري جو احساس ئي دنيا جو بنيادي گناهه آهي، جيڪڏهن غار وارو انسان ڪلهه خوش ٿيڻ جي ڍنگ کان واقف هجي ها ته اڄ تاريخ ئي مختلف هجي ها.“

”آءٌ ايسٽ اينڊ واري معاملي تي تنهنجي چاچيءَ اڳيان ڏاڍي شرمسار آهيان هينري.“ نواب بيگم چيو. ”آءٌ هن کي ڏسندي آهيان ته ڏاڍي لڄي ٿيندي آهيان.“

”لڄي ٿيڻ ۾ ته ڏاڍو حسن هوندو آهي نواب بيگم.“ هينري چيو.

”جوان هوندي شرمائڻ ۾ برابر حسن آهي، باقي اسان ڪراڙين جو شرمائڻ ته رڳو بروسوڻ بنجو وڃي، هينري.! ڪاش ڪو اهڙو گُر ٻڌائين جو آءٌ وري جوان ٿي وڃان.“

”ڪي اهڙيون خطائون ياد اٿئي جي جواني ۾ ڪيون هجنئي.؟“ هينري پڇيو.

”ها ڇو نه، جوانيءَ ۾ مون کان گهڻيون ئي خطائون ٿيون آهن.“

”ته بس، تون هر اها خطا وري ٻيهر ڪر جا تو جوانيءَ ۾ ڪئي آهي، ٻيهر جوان ٿيڻ لاءِ رڳو پنهنجين حماقتن ۽ خطائن کي ورجائڻ لازمي آهي.“

”واه جي تجويز آهي!.“

”نهايت خطرناڪ نظريو آهي.“

”آءُ سچ ٿو چوان.“ هيئري چيو. ”اهو زندگيءَ جو هڪ اهم راز آهي. گهڻا ماڻهو اڄڪلهه عقل فهم جي بيماري ڀالي مرڻ لڳندا آهن ۽ پوءِ ڏير سان محسوس ڪندا آهن ته پنهنجين خطائن تي ڪڏهن به نه پڇتائجي.“ سينٽي ڪلي ڏنو.

پنهنجن راين سان هن ڪينهوڙي وانگر ٿي ڪيڏيو ۽ پنهنجي ضد تان به ڪنهن صورت ۾ دستبردار نٿي ٿيو، پنهنجن راين کي هوا ۾ اڇل ڏئي انهن جي صورت به بدلائي ٿي ڇڏيائين، ڪنهن وقت پاڻ ئي انهن کي هٿئون وڃائي ورئي جهٽي ٿي ورتائين، جيئن ٻلي ڪينهوڙي سان ڪيڏندي آهي، ڪڏهن پنهنجن گفتن کي خيالن جا مختلف رنگ ڏيئي انهن کي ٻن معنائن جا به پر لڳائي ٿي ڇڏيائين، خطائن جي تشريح کي ته هن فلسفي جي شڪل ڏئي ڇڏي ۽ اهو فلسفو ڏاڍي سهاويڪ صورت وٺي نواب بيگم جي ذهن ۾ ويهي رهيو.

هن کي احساس هو ته ڊورين گري جون نگاهون سندس ئي چهري تي کتل آهن، ۽ ڊورين کي پنهنجي گفتگوءَ جي موه ۾ منجهي ڇڏڻ جي پنهنجي ارادي جو به احساس هوس جنهن سبب ئي سندس ظرافت ۽ حاضر جوابي ۾ گهڻو جوش ۽ تيزي پيدا ٿي هئي. هو تيز فهم، دلچسپ شخصيت جو مالڪ ۽ پڻ گهڻو بيباڪ هو، هن ٻڌندڙن تي پنهنجين ڳالهين جو جادو وجهي ڇڏيو هو ۽ هو سڀ هن سان ائين پئي ٻهمت ٿيا جيئن هو ڪو پائڊ پائپر هجي، ڊورين ته هن جي منهن تان نظرون هٽايون ئي نٿي جڻ ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو

هجيس، هينري جي ڪنهن ڳالهه تي مرڪيو ٿي ته ڪنهن ڳالهه تي حيران ٿي ٿيو — اصل ۾ هينري پنهنجي هوشياري سان سڄي ڪمري ۾ سڀني مهمانن اڳيان سراپن جي هڪ جنت ڪڙي ڪري ڇڏي هئي — نيٺ اهي سراپ ٽٽي پيا جڏهن ”حقيقت“ هڪ نوڪر جي روپ ۾ اندر داخل ٿي. انهيءَ نوڪر نواب بيگم کي اچي اطلاع ڪيو ته سندس ڳاڏي اچي وئي آهي. نواب بيگم پڻ پڻ ڪندي اٿي ۽ هينري کي داد ۽ ان سان گڏ ڊنر جي دعوت ڏيندي هلي وئي. ان بعد ايرسڪائن ڪرسي ڇڪي اچي هينري جي پر ۾ ويٺو:

”تون ته ڪتابن جا ڪتاب ٿو ڳالهائين هينري! ڇو نٿو ڪو ڪتاب لکي وٺين؟“

”آءٌ ته ڪتابن پڙهڻ جي ئي شوق ۾ ايترو غلطان آهيان جو لکڻ جو ڪڏهن خيال ئي نه آيم، خير هڪڙو ناول ضرور لکڻ چاهيندس جيڪو ڪنهن ايراني غاليچي جهڙو وڻندڙ به هجي ۽ غير حقيقي به. پر هتي انگلستان ۾ ادبي ذوق رکڻ وارا آهن ڪٿي؟ هتي ته رڳو اخبارون، پرائمر ۽ اينسائڪلوپيڊيائون پڙهڻ جا شوقين آهن. سڄي دنيا ۾ هڪ انگريز قوم ئي اهڙي آهي جنهن ۾ ادب جي حسن جو ذوق تمام گهٽو گهٽ آهي.“

”خير پيارا دوست — پڇي سگهان ٿو ته لنچ جي وقت تو جيڪي ڪجهه ڳالهايو سو سچ پچ سنجيدگي سان ئي ڳالهايو؟“

”مون کي ته سڀڪجهه وسري به ويو ته مون ڇا چيو!
ڪي اٺونئندڙ ڳالهيون به ڪيم ڇا؟“
”بالڪل بريون ۽ اڻ وڻندڙ، سچ پچ آءٌ توکي انتهائي خطرناڪ ماڻهو ٿو سمجهان، ۽ جي اسان جي نيڪ خصلت نواب بيگم سان ڪجهه ٿي پيو ته اسين سڀ توکي جوابدار ڪنداسين — خير ڪڏهن تون مون وٽ ٽريڊلي اسٽريٽ تي اچجان ۽ پنهنجي انهيءَ لذت پرستي جي فلسفي تي ڪجهه سمجهائيون ڏجان.“
هينري مسٽر ايرسڪائين کان موڪلائي ٻاهر پارڪ ڏانهن وڃڻ جي ارادي سان دروازي ڏانهن وڌيو ته — ڊورين وڌي اچي هن جي ٻانهن کي ڇهندي چيو:
”آءٌ به توسان ٿو هلان.“
”پر مون ته سمجهو هو ته تو باسل سان ملڻ جو وعدو ڪيو آهي.“
”آءٌ توسان گڏ هلندس، دل چوي ٿي آءٌ توسان ئي گڏ هجان، مهرباني ڪري مون کي پارڪ ۾ وٺي هل ۽ وعدو ڪر ته سڄو وقت مون سان ڳالهيون ڪندو رهندين. اهڙيون وڻندڙ ڳالهيون توکان سواءِ ٻيو ڪير به نٿو ڪري سگهي.“
”اج ته مون تمام گهڻو ڳالهايو آهي.“ هينري کلندي چيو. ”هاڻي ته پانيان ته ويهي ڪجهه جيون چرتر جو جائزو وٺجي. توکي به اهڙو شوق آهي ته اچ ته گڏجي جيون چرتر تي ڪجهه نظر وجهون.“

[۴]

هڪ مهنو گذرڻ بعد هڪ ٽپهريءَ جو ڊورين، ميفيئر ۾ لارڊ هينري جي گهر ننڍي ڪتب خاني ۾ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو، هي ڪمرو نهايت شاندار ۽ ڪشش وارو هو، خوبصورت تاريخي سامان، تصويرن ۽ ڪتابن سان سينگاريل هي ڪمرو هينري جي اعليٰ ذوق جو دليل هو.

هينري اڃا گهر نه پهتو هو. هن جو چوڻ هو ته وقت جي پابندي وقت جي چوري آهي، انهيءَ سبب هو وقت جي پابندي تي ڪڏهن عمل نه ڪندو هو، ڊورين بنهه بي خيالي ۽ بي دلي سان هڪڙي ناول جا ورق اٿلائي پٿلائي رهيو هو جنهن جي انداز مان صاف پتو پيو ٿي ته هينري جي دير سبب هو ڪاوڙيل به آهي ۽ بيقرار به، ڪمري ۾ لڳل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ به هن کي ڏکي پئي لڳي هڪ ٻه دفعا ته هن وڃڻ جو ارادو به ڪيو.

نيٺ ٻاهر ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٿي ۽ دروازو کليو. ڊورين بي اختيار ٿي اچڻ واري سان شڪوو ڪيو:

”ڪيتري نه دير ڪئي اٿئي هينري-“

”آءٌ هينري نه آهيان-“ تکي آواز ۾ جواب مليو. ڊورين ڇڻ ڇرڪ ڀري اچڻ واري ڏانهن نهاريو ۽ حيران ٿي اٿي بيٺو- ”معاف ڪجو، مون سمجهيو....“

”اوهان سمجهو ته هينري هوندو، مگر آءٌ سندس زال

آهيان، آءٌ اوهان سان پنهنجي واقفيت ڪرائڻ گهران ٿي، اوهان کي ته آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان، هينري وٽ اوهان جون سترهن تصويرون آهن۔“

”سترهن ته نه آهن مسز هينري۔“

”ڏهن ارڙهن هونديون، ۽ مون رات اوهان کي هينري سان گڏ سنگيت ناٽڪ ۾ ڏٺو هو۔“ ڳالهائڻ وقت هوءَ ڏاڍي بي حجابي سان کلندي ٿي وئي ۽ ٻورين کي ڪجهه اهڙين نظرن سان ٿي ڏنائين جڻ چوندي هجي، ”مون کي نه وسارجانءِ۔“

هينري جي زال بيحد حريص عورت هئي، جيڪو لباس پائيندي هئي تنهن مان سدائين اٿين ظاهر ٿيندو هو ته انهيءَ کي ناهڻ ۽ پهرڻ وقت ڪي وڏا طوفان ڪڙا ٿيا آهن، اڪثر ڪنهن نه ڪنهن سان محبت ۾ گرفتار هوندي هئي ۽ جيئن ته محبت جو جواب ڪڏهن به محبت سان نه مليس سدائين نامراد هوندي هئي تنهن ڪري شڪست ۽ ٿڪائي وندرائڻ خاطر پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن فريب ۾ ضرور مبتلا رکندي هئي، هميشه پاڻ کي خوبصورت بڻائي رکڻ جي پوري ڪوشش ڪندي هئي جنهن جي نتيجي ۾ سدائين بي سري بي ڍولي ۽ گدلي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، نالو وڪٽوريا هوس، ديول ۾ وڃڻ جو ته جنون هوندو هوس.

”پوءِ ته تون مون کي لوهنگرن ۾ ڏٺو آهي، مسز هينري۔؟“

”ها، مون اوهان کي اتي ئي ڏٺو آهي، مون ڪئي واگنر

جي موسيقي سڀ کان وڏيڪ وڻندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هل هنگامو گوڙ شور گهٽ هوندو آهي ۽ جيڪر ڪنهن سان سچو ٿي وقت وڃهي، ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻيون هجن جي پاڻ ۾ ته ٻيو ڪير به نه ٻڌي سگهي. ان گوڙ گمبوڙ جو فائدو وٺي ڪري سگهجن. تيون انهي ۽ موسيقي ۽ جو اهو ڏي وڏو فائدو آهي، تنهنجو ڇا خيال آهي مسٽر ڊورين گري؟“ هن جي چپن تي اها ٿي رازداري واري مرڪ پکڙيل هئي، هو ۽ هڪ ڇري ڪٽي آگرين سان ڦيرائڻ لڳي.

آءٌ ته گهٽ ۾ گهٽ سٺي موسيقي جي دوران ڳالهائيندو نه آهيان، مسز هينري.“ ڊورين ڪلندي ۽ ڪنڌ ڌوڻيندي جواب ڏنو.

”هاءِ! اهو به هينري جو نظريو آهي نه. آءٌ هينري جا نظريا هميشه سندس دوستن جي واتان ٻڌندي آهيان ۽ سندن خيالن کان واقف ٿي ويندي آهيان. سٺي راڳ جي ته آءٌ به پوڄا ڪندي آهيان پر ان کان مون کي ڊڄڻي ڪجهه ڊپ لڳندو آهي، ڇاڪاڻ ته سٺو راڳ مون کي رومانٽڪ بنائي ڇڏيندو آهي. هينري چوندو آهي ته ڪنهن وقت مون کي ٻن پيانو نواز استادن سان ڏاڍو عشق ٿي ويو. هوت هڪ ئي وقت ٻن ڄڻن سان!..... اڄهو هينري به اچي ويو. هينري آءٌ تو کي ڏسڻ آئي هيس، تو کان ڪا ڳالهه پڇڻي هئي جا هتي اچي وسري وئي، مون ۽ ڊورين موسيقي تي خوب مزيدار ڳالهيون ڪيون، اسان ٻنهي جا خيال هڪجهڙا آهن، پر نه، اسان جي خيالن ۾ گهڻو اختلاف آهي، آءٌ ته هن سان

ملي ڏاڍي خوش ٿـي آهيان ڏاڍيون مـزيدار ڳالهيون ٿـو ڪري...."

"آءٌ بـه ڏاڍو خوش بلڪ متاثر ٿيو آهيان پياري-"
هينري اچرج پري نگاه سان پنهي ڏانهن نهاريندي چيو-
"معاف ڪجان ٻورين آءٌ وارڊ اسٽريٽ ۾ ڪيمخواب جو هڪ ٽڪرو خريدڻ ويو هوس اتي دوڪاندار سان ريڙه پيڙه ۾ ايڏو وقت ضائع ٿيو، اڄڪلھ ماڻھو قيمت تـہ هر شئي جي ڄاڻن ٿا پر قدر ڪنهن بہ شئي جو ڪونہ ڄاڻن-"

مسز هينري پنهي ڪـان موڪلائي هڪ پکيءَ جـي ڦڙتي سـان ڪمري مان نڪري وئي تہ هينري زور سـان دروازو بند ڪري اچي صوفي تي ڪريو. سگريٽ دکائي هن چيو:

"هيڊن وارن واري عورت سان ڪڏهن بہ شـادي نہ ڪجان ٻورين -"

"ڇو هينري-؟"

"اهي تمام گهڻو جذباتي هونديون آهن-"

"مون کي تہ جذباتي ماڻهو وڻندا آهن-"

"اهڙي شادي ڪڏهن نہ ڪجان، مرد شادي ان ڪري ڪندا آهن جو هو ڪنهن بہ ڳالھ کان بيزار ٿيل هوندا آهن ۽ عورتون ان ڪري شادي ڪنديون آهن جو هنن کي شاديءَ جو شوق هوندو آهي، پر هوندا ٻئي وڏل ۾ آهن-"

"خير اڇا تہ منهنجي شاديءَ جو ڪو امڪان بہ ڪوني، آءٌ تہ هڪ هند چڱي طرح محبت جي دام ۾ ڦاسي پيو آهيان-"

هينري ڪنهن پل لاءِ ماٺ ٿي ويو، پوءِ پڇيائين:
”ڪنهن تي عاشق ٿيو آهين-؟“
”هڪ ايڪٽريس آهي-“ ڊورين ڪجهه شرمائيندي چيو.
”خير، ايڪٽريس ڪي پهريون دفعو ڏسڻ سان ته هونئن ئي عشق ٿي ويندو آهي.“
”تون هن کي ڏسندين ته ائين نه چوندين-“
”ڪهڙي ايڪٽريس آهي-؟“
”سبل وين نالو اٿس-“
”مون ته ڪڏهن اهو نالو نه ٻڌو آهي-“
”ڪنهن به نه ٻڌو آهي، پر هڪ ڏينهن نيٺ دنيا هن جي نالي کان واقف ٿي ويندي، هينري هوءَ اڻ رواجي ذهن جي مالڪ آهي-“
”ڊورين دوست-! ڪابه عورت اڻ رواجي ذهن جي مالڪ نه هوندي آهي، عورت محض هڪ نمائشي آرائشي جنس آهي، هن ۾ ڪنهن شئي بابت گفتگو ڪرڻ جي صلاحيت نه هوندي آهي پر تڏهن به هوءَ هر شئي بابت ڏاڍي خوبيءَ سان ڳالهائيندي ضرور آهي، عورت هميشه اهو پئي ظاهر ڪندي آهي ته مادو عقل تي غالب اچي ويو آهي بالڪل اهڙي طرح جيئن مرد هميشه اهو پيو ڏيکاريندو آهي ته عقل اخلاق تي غالب اچي ويو آهي-“
”اهو وري ڪيئن هينري-؟“
”ڊورين، پيارا، آءٌ بالڪل صحيح پيو چوان، مون عورت ذات جو جيڪو تجزيو ڪيو آهي تنهن موجب عورتون، عام طور تي ٻن قسمن جون هونديون آهن—

هڪڙيون ساديون ۽ ٻيون رنگين. ساديون عورتون نهايت ڪارائتيون هونديون آهن جي تون ڀائين ته تنهنجي معتبري ۽ مان مرتبي جو ناماچار ٿئي ته انهن سادين عورتن سان دعوتن جا اهتمام ڪر، تنهنجو مقصد پورو ٿي ويندو جتي ڪٿي تنهنجي ساک ۽ معتبري جو چوپول ٿي ويندو. ٻي قسم جون عورتون يعني رنگين — اهي رڳو دليون ڏتارڻ جو ڪم ڪنديون آهن هو پنهنجي پاڻ تي رنگ چاڙهينديون آهن ته جيئن جوان ڏسڻ ۾ اچن، اسان جون ڏاڏيون ۽ نانيون پاڻ تي انهيءَ ڪري رنگ ٿڦينديون هيون ته جيئن هو ڏاهيون ڏسڻ ۾ اچن، اڄڪلهه جي ڪا عورت جيسين پنهنجي ڌيءَ کان ٻه ڏه سال ننڍي نٿي بڻجي تيسين سک نٿو اچيس. خير، تون پنهنجي انهيءَ غيرمعمولي ذهين محبوب بابت ٻڌاءِ ته تون هن سان ڪڏهن ملئين—؟“

”پر هينري تنهنجين ڳالهين ته مون کي ڊيڄاري ڇڏيو آهي—“

”تون انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏي، ٻڌاءِ هن سان ڪڏهن واقفيت ٿي-؟“

”ٽي هفتا ٿيا آهن-“

”تون هن سان ڪٿي ملئين-“

”توکي ٻڌايان ٿو هينري، پر ڏس تون هن معاملي ۾ اهڙي ڪٺورتا به نه ڏيکارجان سچ ته آءٌ توسان ملڻ نه هجان ها ته هن سان به نه ملان ها، تو منهنجي دل ۾ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر شئي کي ڳولڻ ۽ پرکڻ جي هڪ

ديواني خواهش پيدا ڪري ڇڏي، تو سان ملڻ بعد مون کي ٿي سچ پچ مون کي پنهنجي خون جي گرمي محسوس ٿي ڪتي تفريح ڪندي يا پارڪ ۾ ليٽندي آءٌ پنهنجي پر مان لنگهندڙ هر شخص کي ديوانن وانگر ڇتائي ڏسندو هوس ۽ سوچڻ لڳندو هوس ته ڪير ڪهڙي قسم جي زندگي ٿو گذاري، ڪن ڏانهن منهنجي دل ڇڪجي ويندي هئي ۽ ڪن کان خوف کائڻ لڳندو هوس،

”هڪ ڏينهن شام جي مهل، جڏهن ته هوا ۾ وڻندڙ ۽ متو زهر پريل هو ۽ منهنجي جذبات ۾ مانداڻ متو پيو هو مون گهر کان ٻاهر نڪري ٻاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن حادثي جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، مون ڇاڻو ٿي ته هن هيڏي ساري شهر ۾ بيشمار ماڻهو رهن ٿا ۽ جتي تنهنجي چوڻ موجب ڪمينا گناهگار به آهن ته وڏا شاندار گناه به آهن، تڏهن مون لاءِ به ضرور ڪا شئي هوندي، هزارين شيون منهنجي ذهن تي تري آيون، انهيءَ تصوير منهنجي دل ۾ خوف به پيدا ڪيو ٿي ته ٿوري انهيءَ ٿي خوف مان هڪ اڻ ڇاتي لذت جو به احساس ٿيو ٿي، مون کي ياد آيو ته هڪ سندر شام ويلي تو مون کي چيو هو ته زندگيءَ جو اصل ڀيد، سونهن جي تلاش ۾ آهي،

”ٻاهر نڪرڻ وقت مون کي ڪهڙي حادثي جي اميد هئي سو ته ياد نه اٿم، خير آءٌ هتي هُتي گهمندو اچي هڪ اونداهي چونڪ ۾ نڪتس جيڪو چڻ هڪ اوڙاه هو، ان چونڪ جون گهٽيون ٿي ڏاڍيون ڀيانڪ هيون، ان وقت

سادا اڇ وڳا هئا، اتي هلندي مون هڪ ننڍو ۽ بي سرو
ٽيئٽر ڏٺو جنهن جي ٻاهران شمعدان ٻي ٻريا ۽ پٽين تي وڏا
ڀڀڪيدار اشتهار لڳا پيا هئا، دروازي وٽ هڪ پوڙهو جهڙو
يهودي بيٺو چروٽ ڇڪي رهيو هو، هن کي جو عجيب
قسم جو واسڪيٽ پهريل هو سو ئي مون زندگيءَ ۾ پهريون
دفعو ڏٺو هو، انهيءَ ڍول بڌاڙي دربان مون کي ڏسي سلام
ڪيو ۽ چاپلوسي واري هڪ عمدي انداز ۾ چيو- ”سائين-!
باڪس ۾ هلي ويهو-“ هن جي اها ڏند تيڙ مون تـي اثر
ڪري وئي ۽ آءٌ اندر وڃي هڪ ڳني ڏئي اچي باڪس ۾
ويٺس، سچ ته آءٌ اڄ تائين اهو نه سمجهي سگهيو آهيان ته
مون ائين ڇو ڪيو پر جي ائين نه ڪريان ها ته پنهنجي
زندگيءَ جي هڪ وڏي رومانس کان محروم رهجي وڃان
ها، تون مون تان کلين پيو هينري-؟ افسوس آهي-!“

”نه ڊورين آءٌ توتان نـه پيو کلان، البت توکي ائين
چوڻ نه جڳائي ته اهو تنهنجي زندگيءَ جو عظيم رومانس
هو، ها ائين ڪٺي چئو ته اهو تنهنجي زندگيءَ جو پهريون
رومانس هو پهرين محبت هئي، توسان هميشه ئـي محبت
ڪئي ويندي ۽ تـون هميشه ئـي محبت ڪندو رهندين،
اهڙن شاندار ۽ روماني جذبن جا مالڪ اهي ئي هوندا آهن
جن تي ڪا جوابداري نه هوندي آهي ڪنهن به ملڪ جي
واندن ماڻهن کي اهو ئي هڪ فائدو حاصل هوندو آهي جو
روماني سياءَ جا ٿي ويندا آهن، تون ته فڪر نه ڏار تنهنجي
مقدر ۾ ته گهڻيون ئي نعمتون ۽ انعام آهن، هـي ته اڃان

محض هڪ شروعات ٿي آهي_“

”تون مون کي ايتري قدر هلڪي طبيعت جو ۽ سطحي انسان ٿو سمجهين_؟“ ٻورين ڪاوڙ مان تکو ڳالهايو.

”نہ نہ_ آءٌ تہ توکي سنجيدو ۽ ڳوڙهي نظر رکڻ وارو ٿو سمجهان_“

”ڇا مطلب_؟“

”ڏس پيارا_ منهنجو مطلب هي آهي تہ هلڪي ۽ سطحي نظر وارا ماڻهو اهي هوندا آهن جي زندگي ۾ فقط هڪ پيرو محبت ڪندا آهن، جنهن شئي کي هو وفا ۽ خلوص سمجهي پاڻ کي با وفا ۽ مخلص پيا سمجهندا آهن تنهن شئي کي آءٌ محض هڪ سوڳي رسم ۽ سمجهہ جي گهٽتائي سمجهندو آهيان، وفا ڇا آهي_؟ محض ناڪامي ۽ لاچاري جو اعتراف. هڪ جذباتي ماڻهوءَ لاءِ وفا جي اهميت اوتري نٿي آهي جيتري هڪ سياڻي ماڻهوءَ جي نظر ۾ ميل ملاقات ۽ لڳ لاڳاپن جي. ڪنهن ڏينهن آءٌ وفا جي معاملي تي ويهي تجزيو ڪندس. منهنجي خيال ۾ وفا جي جذبي ۾ ملڪيت جي خواهش ضرور هوندي آهي،

”اسان وٽ ڪيتريون اهڙيون شيون هونديون آهن جيڪي اسين اڇلائي ڇڏڻ چاهيون ٿا. پر رکيو انهيءَ ڊپ کان نٿا اڇليون تہ متان ڪو اهي کڻي نہ وڃي، يعني، گهٽين شين سان اسان وفا رکيو ان ڪري ڪريون ٿا جو اهو خوف ٿا رکون تہ متان ڪو ٻيو انهن جو مالڪ نہ بنجي وڃي، اسين انهن جو مالڪ بنجي رهڻ جي خواهش جي سبب انهن

ڪي سانديي ٿا رکون، جيئن اسان کي اهو يقين ٿي وڃي ته ڪو ٻيو انهن جو مالڪ نہ ٿيندو تہ انهن شين سان اسان جي وفا ۽ دلچسپي جيڪر باقي نہ رهي. خير، تون پنهنجي ڪهاڻي جاري رک۔"

"سو آءٌ هڪڙي پوتخاني جهڙي باڪس ۾ وڃي ويٺس، سامهون هڪ ٻڇان جهڙو پردو مون ڏانهن گهوري رهيو هو، مون هال تي نظر ڪئي، هال ڇا هو رڳو اشتهارن جو گهر هو جتي ڪٿي رڳو ڪام ديوتا جون تصويرون هيون يا گلن ٻوٽن جي سنگهرن جون، هيئين هال تماشبينن سان ڇڱو ڀريل هو باقي مٿي تہ خير لڳو پيو هو، عورتون شربت جا گلاس ڪنيو پي ٽلڪيون ۽ اکروٽ تہ ماڻهن اٿين پي کاڌا جو مورڳو طبيعت تي خراب ٿي...."

"مطلب تہ صاف ظاهر هو تہ انگلستان ۾ ڊرامي جو فن اوج تي پهچي ويو آهي۔"

"ڪجهہ اهڙو ئي لقاء هو بلڪ اها حالت ڏسي ڏاڍو ارمان تي ٿيو، ۽ جڏهن ڊرامي جو اشتهار ڏيکاريائون تہ آءٌ منجهي پيس، خبر اٿئي ڪهڙو ڊرامو هو۔؟"

"ڊرامي جو نالو هوندو "بيوقوف نينگر۔" يا "معصوم گونگو۔"، اسانجن ابن ڏاڏن کي اهڙا نالا ڏاڍا وڻندا هئا، زندگيءَ جي رفتار سان گڏ منهنجو اهو احساس بہ وڌندو ٿو وڃي تہ جيڪي ڪجهہ اسانجن وڏن لاءِ ڇڱو هو سو اسان لاءِ ايترو ڇڱو ثابت نہ ٿيو آهي۔ نہ سياست ۾ نہ فن ۾۔"

"اهو ڊرامو روميو جوليٽ هو هينري، سچ ته مون کي

اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ته شيڪسپيئر جهڙي ليکڪ جو ڊرامو ههڙي ردي ٿيئٽر ۾ ڏيکاريو وڃي، خير مون سوچي ڇڏيو هو ته ڊرامي جو پهريون ڏيک ته ضرور ڏسندس، نيٺ پردو کنياڻون ۽ کيل شروع ٿيو ـــ روميو ته هڪ ڏٺو مٺو شخص هو، ڳهاٽا پروڻ ۽ آواز ڳرو به ۽ درديلو به، ڊيل ڊول ۾ هـو بالڪل هڪ پيپي جهڙو ٿـي لڳو، مرڪيوڊو جو ڪردار به هڪ اهڙي بي ڊولي شخص کي مليل هـو باقي جوليٽ ـ!... هينري، هڪ اهڙي ڇوڪري؟ جـو تصور ڪر جنهن جي عمر سترهن سال مس هجي ننڍو گل جهڙو منهن هجيس، ڳهاٽي گهنڊيدار وارن سـان ڪنيل مٿو ڄڻ ڪنهن يـوناني فنڪار ويهي ٺاهيو هجي، نيريون اکيون شوق ۽ جذبات جي چشمن جهڙيون، ڇپ ڄڻ ڪنهن گل جون پنڙيون ـــ زندگي ۾ اهڙي پياري ۽ من موهڻي صورت مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺي. تو هڪ پيري ڇيو هو هينري ته ڪاٻه دلپذير شئي ڪوبه دلپذير واقعو مون کي متاثر نٿو ڪري سگهي پر، هينري، جي تون هن کي ڏسين ها ته فقط هن جي ڇهري جي سونهن ڪان ئي ايترو متاثر ٿين ها جو تنهنجين اکين ۾ پاڻي تري اچي ها، سچ ٿو چوان هينري، هن کي ڏسي من اندر جي اڇل ڪان منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون، سندس آواز به اهڙو هو جو مون اڳ ڪڏهن نه ٻڌو هو جو پهرين جهڪو ۽ جهيڻو هو ته به رسيلو هو پر جڏهن وڌي تيز ٿيو ته به ائين لڳو ڄڻ ڪو پري ڪان ڪا بانسري يا ڪو چنگ وڄائي رهيو آهي، توکي ته ڄاڻ آهي

هينري تہ ڪنهن جو محض آواز بہ ڪنهن جي دل ۾ هلچل مچائي ڏيندو آهي، آءٌ تنهنجو ۽ سبل وين جو آواز تہ ڪڏهن نہ وساري سگهندس،

”جڏهن آءٌ ننهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيندو آهيان، تڏهن اوهان جا آواز ٻڌندو آهيان ۽ انهن مان هر آواز مون کي ڪانہ ڪا نرالي ڳالهہ ٻڌائي ويندو آهي ۽ پوءِ سمجهہ ۾ نہ ايندو اٿم تہ ڪهڙي ڳالهہ جي پيروي ڪريان،

”آءٌ هن سان ڇو نہ پيار ڪريان هينري-؟ مون کي هن سان محبت آهي، هوءَ مون لاءِ سڀڪجهہ آهي، آءٌ روز هن جو کيل ڏسڻ ويندو آهيان، مون هن کي پانت پانت جي ويس ۾ طرح طرح جا ڪردار ادا ڪندي ڏٺو آهي، هڪ عام عورت ڪنهن جي دل دماغ تي ايترو غلبو نہ ڪندي آهي، عام عورتن جو هڪڙو ئي هوندو آهي جو ڪنهن جادوءَ سان بہ بدلائي نہ سگهبو آهي هنن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اسرار يا راز نہ هوندو آهي مطلب تہ هنن جا سياهہ ۽ روپ بالڪل ظاهر هوندا آهن، هنن جي تہ ذهن جو حال هنن جي ٽوپيءَ مان ئي معلوم ٿيو وڃي مگر — هڪ ايڪٽريس -! ايڪٽريس ڪيڏي نہ مختلف ڪيڏي نہ نرالي هوندي آهي!؟ هينري، تو مون کي اڳ ڇو نہ ٻڌايو تہ فقط ايڪٽريس جي هستي ئي محبت ڪرڻ لائق هوندي آهي-؟“

”چاڪاڻ تہ مون ڪهڙين ئي ايڪٽريسن سان محبت ڪئي آهي—“

”ها، تو رنگ ڏنل وارن ۽ رنگ ٿتيل چهري وارين

ايڪٽريسن سان محبت ڪئي هوندي۔“

”اهڙي ناه ذوه ۾ ڪڏهن ڪڏهن اڻ ميو موه هوندو آهي ڊورين۔“

”ڪاش۔! آءٌ توکي سبل وين بابت ڪجهه به نه ٻڌايان ها۔!“

”تون ٻڌائڻ کان سواءِ رهي به نه سگهين ها، پنهنجي زندگي ۾ تون جيڪي ڪجهه به ڪندين سو مون کي اوس ٻڌائيندين۔“

”برابر هينري، آءٌ پاڻ اهو محسوس ڪريان ٿو، تو مون تي ڪجهه اهڙو اثر وجهي ڇڏيو آهي جو جيڪڏهن ڪو ڏوه به ڪري وڌم ته ان جو به تو وٽ اچي اقرار ڪرڻو پوندم۔“

”تو جهڙا ماڻهو — جن کي سج جا ضدي ڪرڻا چئجي— ڏوه نه ڪندا آهن، خير انهيءَ ساراه لاءِ ٿورائتو آهيان، هاڻي مون کي ٻڌاءِ — اهو ماچس ته ڪٽجان.... مهرباني، هاڻي ٻڌاءِ ته انهيءَ ڇوڪري سبل وين سان تنهنجا ڪهڙي نوع جا ناتا آهن۔؟“

ڊورين ٽپ ڏئي اٿي بيٺو، هن جي ڇهري تي حيا جي سرخي ڇانئجي وئي ۽ اکيون ڇڻ ٻرڻ لڳس....

”هينري۔! سبل بالڪل بي داغ آهي، پاڪ آهي۔“ هن چيو.

”بي داغ شيون ئي ڇهڻ لائق هونديون آهن ڊورين۔“ هينري ڪجهه عجيب دلسوزي سان چيو۔ ”خير تون غم ڇو ٿو ڪرين، منهنجي خيال ۾ هڪ ڏينهن هوءَ تنهنجي

ٿي ويندي، محبت ۾ گرفتار ٿيندڙ شخص محبت جي ابتدا پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيڻ سان ڪندو آهي ۽ جيڪو انهيءَ قصي کي ختم ڪرڻ چاهيندو آهي سو پنهنجي کي فريب ڏئي قصو ختم ڪري ڇڏيندو آهي، انهيءَ کي دنيا - رومانس- چوندي آهي. تو سڀني وين سان واقفيت ته ضرور پيدا ڪئي هوندي -؟“

”ها. پهريون کيل ختم ٿيڻ بعد اهو بي ڊولو يهودي مون وٽ آيو ۽ چيائين ته هلو توهان کي جوليٽ سان ملايان، آءٌ هن تي گرم ٿي ويس ۽ چيم جوليٽ کي گذرئي ته صديون لنگهي ويون آهن ۽ هوءَ ويرونا ۾ ڪنهن گنبذ ۾ دفن آهي، هن مون کان پڇيو ڇا آءٌ ڪنهن اخبار لاءِ لکندو آهيان-؟ مون چيو آءٌ ته اخبارون پڙهان ئي ڪونه، هو وائڙو ٿي مون ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ سمجهائين ته مون ڪجهه هيڪاندو شراب پيتو آهي....“

”خير مون کي تنهنجين اهڙين ڳالهين تي ڪا حيراني نه ٿي آهي-“

”پوءِ هو مون کي يقين ڏيارڻ لڳو ته اڄڪلهه ڊرامي جا سڀ نقاد سازش ڪري هن جي خلاف ٿي بيٺا آهن ۽ سڀئي هن کان آنڪي پيرائڻ لاءِ ڪوشش ۾ آهن....“

”خير اهي نقاد ڪو گهڻو ناڻو به ڪونه ٿا طلبين-“

”پر ڏينهن به اهو يهودي مون کي طرح طرح جون ٻناڪون ٻڌائڻ لڳو ڇي ڊرامون ”دي بارڊ“ پيش ڪيم ته پنج دفعا ڏيوالو ڪيڏو پيم، انهيءَ ڏيوالي واري ڳالهه

هن ڏاڍي فخر سان ٻڌائي ڇڻ ڪو پنهنجو ڪارنامو بيان ڪندو هجي.“

”اها واقعي فخر جي ڳالهه آهي ڊورين، وڏي عزت جي ڳالهه، گهڻا ماڻهو زندگي جي نثر ۽ نظم تي پئسا لٽائي ڏيوالو ڪڍي عزت پرائيندا آهن— خير تون سبل سان پهرين گفتگو جو حال ٻڌاءِ—“

”ٽئين ڏينهن به يهوديءَ منهنجي ٻچر نه ڇڏي، هن اصل مون کي سبل وٽ وٺي هلڻ جو ڪو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو.... هينري ڇا اهو منهنجي عجيب روش نه هئي جو مون سبل سان ملڻ نه پئي چاهيو؟؟“

”نه.“ ”ڇو؟“ ”ڪنهن ٻئي دفعي تو کي سمجهائيندس، تون ڳالهه ڪر.“

”مون سبل کي ڏٺو. هاءِ! ايڏي لچاري، ايڏي حليمت واري، ايڏي معصوم! بالڪل ٻارن جهڙي! مون هن کي هن جي اداڪاري تي داد ڏني ته هن جون خوبصورت اکيون حيرانيءَ کان کليون جون کليون رهجي ويون! هوءَ پنهنجي قوت ۽ اثر کان بالڪل بي خبر ۽ بي نياز آهي، آءٌ ڀانيان ٿو اسين ٻئي ڇڻ هوش ۾ نه رهيا هئاسين، اسان ٻئي هڪ ٻئي کي معصوم ٻارن وانگر ڏسندا رهياسين ۽ اهو يهودي دروازي وٽ بيٺو اسان ٻنهي کي خوب خوب ساراهڻ ۾ مشغول، مون کي نواب صاحب نواب صاحب چئي پيو مخاطب ڪري، مون سبل کي ٻڌايو ته آءٌ ڪو نواب ٻواب نه آهيان، هوءَ مٺڙي آواز ۾ چوڻ لڳي:

”مون کي ته تون هڪ شهزادو ٿو لڳين، آءٌ توکي جادوگر شهزادو سڏينديس—“

واه—!ڊورين. سبل کي ساراه ڪرڻ جو ته واه جو ڍنگ آهي-“

”تون هن کي نه پيو سمجهين هينري، هن مون کي فقط ناٽڪ جو هڪ ڪردار سمجهي ائين چيو هو. زندگيءَ جي ته هن کي ڪابه پروڙ ڪانهي، هوءَ پنهنجي ماءُ سان رهندي آهي جا هڪ جهور ٻڍي عورت آهي، ڏسجي ٿو ته هن ٻه ڪي سٺا ڏينهن ڏٺا آهن—“

”اهڙين شين کي ڏسي برابر ڏک ٿيندو آهي جي ڪمال کان زوال ڏانهن ايندڙ يون آهن—“

”پوڙهي يهوديءَ مون کي سبل جي حالات کان باخبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کيس جهلي ڇڏيو ته هن جي ماضي ۽ حال سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانهي-“

”تو نيڪ چيو، ڪن ماڻهن جي الميہ ۾ ڪا نيچپائي جي ڳالهه به هوندي آهي—“

”هن وقت سبل ئي هڪ اهڙي هستي آهي جنهن جو مون کي هر وقت خيال آهي، پرواه آهي، ياد آهي. منهنجو انهيءَ ۾ ڇا ته هوءَ ڪير آهي ۽ ڪٿان آئي آهي—؟ هوءَ ننهن کان چوٽيءَ تائين هڪ ديوي آهي، آءٌ هر رات هن کي ڏسڻ ويندو آهيان ۽ هر دفعي هوءَ مون کي اڳي کان وڌيڪ خوبصورت نظر ايندي آهي—“

”تڏهن ئي تون هاڻي مون سان رات جي مانيءَ ۾ شريڪ نه ٿيندو آهين—؟ مون ته اڳ ئي سمجهو ٿي ته تو کا

نرالي پريم ڪهاڻي شروع ڪئي آهي، سا ڪئي ٻه اٿئي، پر اها اهڙي ٻه نه آءِ جنهن جي مون کي اميد هئي-"

"پر يار پاڻ هر روز ته گڏجي ماني کائيندا آهيون ۽ ڪيترا پيرا گڏجي سنگيت ناٽڪ تي هليا آهيون-" ٻورين جون نيريون اکيون ٻارن واري حيراني سان ڏمتار تي ويون.

"هميشه دير ڪري جو ايندو آهين-"

"آءٌ سبل جو کيل ڏسڻ کان سواءِ ٻه نٿو رهي سگهان ڪٿي اهو هڪڙي ايڪٽ جو ئي ڇو نه هجي. آءٌ هن کي ڏسڻ لاءِ بيقرار هوندو آهيان ۽ جڏهن آءٌ سندس انهيءَ عاج جهڙي ۽ نازڪ بدن ۾ لڪل عجيب روح بابت سوچيندو آهيان ته مون تي رعب ڇانئجي ويندو آهي-"

"اڄ رات ته ماني مون سان ئي کائيندين نه-؟"

"اڄ رات ته هوءَ اموگين جو ڪردار ادا ڪندي ۽ سڀاڻي هوءَ جوليٽ بڻبي-"

"۽ سبل وين ڪڏهن بڻبي-؟"

"ڪڏهن ٻه نه-"

"تڏهن مبارڪون هجنئي-"

"ڪهڙو نه ظالم آهين هينري-! هن ۾ ته دنيا جون سڀ وڏيون هيروئنون پوشيده آهن، هوءَ هڪ فرد کان گهڻي وڏيڪ حيثيت رکي ٿي، تون کلين پيو-؟ پر آءٌ توکي ٻڌايان ٿو ته هوءَ مهان آهي، مون کي هن سان محبت آهي ۽ آءٌ ضرور هن جي دل ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪندس، تون ته زندگي جا سڀ اسرار ڄاڻين ٿو، ٻڌاءِ ته هن جي دل ڪيئن

جيتيان، آءٌ چاهيان ٿو تہ هوءَ مون کي ايترو چاهي جو روميو کي بہ مون سان حسد ٿئي پوي، آءٌ چاهيان ٿو تہ گڏري ويل سڀئي عاشق اسان جا ٽهڪ ٻڌن ۽ حسرت ڏارين، آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان ٻنهي جي جذبات جو طوفان انهن گڏري ويل عاشقن جي رڳ ۾ جان وجهي ڇڏي ۽ هنن جي رڳ بہ آهون ڪرڻ لڳي، يا خدا—! آءٌ هن کي ڪيئن نہ ٿو ٻڌايان، توکي ڪيئن سمجهايان هينري—!“ ڊورين ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻئيءَ تائين اچ وڃ ڪندي ڏاڍي جوش سان ڳالهائيندو رهيو، جذبات جي تپش سبب هن جا ڳل ڏي تپي ڳاڙها ٿي ويا هئا—!

لارڊ هينري هن کي ڏسندو مرڪندو رهيو، هن جي دل ۾ سرهائي جو هڪ عجيب احساس پيدا ٿي پيو هو، باسل هالورڊ جي اسٽوڊيو ۾ مليل هڪ شرميلو ۽ ڀولو نوجوان هن وقت ڪيترو نہ بدليل هو—! هن جو سياهہ اسريل ۽ ڦلاريل ٻوٽي وانگر جوش ۽ جذبات جو ٻور جهلي چڪو هو، هن جو روح ٻنهنجي ڳجهي ٿان تان چرڻ لڳو هو ۽ حسرتون ان سان ٽڪرجڻ لڳيون هيون—!

”هاڻي ٻلا تنهنجو ڇا ارادو آهي—؟“ هينري آخرڪار سوال ڪيو.

”آءٌ چاهيان ٿو تہ تون ۽ باسل ڪنهن رات هلي هن جو ڪو ڊرامو ڏسو، مون کي اهو فڪر تہ آهي ڪونہ تہ اوهان کي هن جو ڪم نہ وڻندو، اوهين يقيناً هن جي هنر

ڪــي پسند ڪندا. تنهن بعد اسان کي گهرجي تــہ انهيءَ يهوديءَ جي چنبي مان ڪيس آزاد ڪرايون، هوءَ اڳاگهٽ ۾ گهٽ ہہ سال اڻ مهنا هن سان بدل آهي، مون کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي هن کي آزاد ڪرائڻو پوندو، تنهن بعد آءٌ هڪ ويسٽ اينڊ ٿيئٽر قائم ڪندس ۽ هن کي اهو درجو ڏيندس جنهن جي هوءَ مستحق آهي پوءِ ڏسجو تہ دنيا هن لاءِ مون جيتري ئي ديواني ٿئي ٿي يا نہ_؟“

”خير دنيا ايتري ہہ ديواني نہ ٿيندي، پيارا_“

”هوءَ ضرور دنيا کي ديوانو بنائيندي، هوءَ فقط فن ۾ ئي ڪامل ناهي بلڪ هڪ لاجواب شخصيت جي مالڪ ہہ آهي، ۽ تون اڪثر چوندو آهين تہ دنيا اصولن کان نہ بلڪ شخصيتن کان متاثر ٿيندي آهي_“

”خير پلا ڪهڙي رات هلجي_؟“

”سڀاڻي هلنداسين جڏهن هوءَ جوليٽ جي روپ ۾ هوندي ــــ“

”چڱو، تہ سڀاڻي انين بجي پاڻ برسٽل وٽ ملنداسين_“

”انين بجي نہ هينري، پاڻ ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ئي هلنداسين تہ جيئن پردو کڄڻ کان اڳ اتي پهچي وڃون ۽ تون هن جو پهريون ايڪٽ ڏسي سگهين_“

”يار ڪهڙو اشراف ماڻهو ستين کان اڳ ماني کائي وٺندو هوندو، پلا باسل کي تون اطلاع ڪندين يا آءٌ نياپو ڪريانس_!“

”باسل_! پيارو دوست_! منهنجي ہہ تہ ارڏائي ڏس جو

هفتو گذري ويو آهي ۽ هن ڏانهن نظر نہ ڪئي اٿم.
هن ويچاري منهنجي تصوير هڪ شاندار فريم ۾ لڳائي مون
ڏانهن موڪلي آهي جو پڻ پاڻ ٺي ناهيو اٿس. جيتوڻيڪ
انهيءَ تصوير لاءِ منهنجي دل ۾ ڏاڍي ايرڪا آهي آءٌ عمر
۾ ان ڪان هڪ مهنو متي چڙهي آيو آهيان، خير ان ڪي
ڏسي مون کي خوشي بہ گهڻي ٿيندي آهي. هينري، باسل
کي تون ٺي اطلاع ڪرائي ڇڏ آءٌ هن سان اڪيلائي ۾
ملڻ کان هميشہ خوف کائيندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ اڪيلائي
۾ هو ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي جيڪي مون کي
ڏکيون لڳنديون آهن، وڏو سٺيون سٺيون نصيحتون ڪندو
آهي...."

"ماڻهو وڏي شوق سان پين کي اهو ڪجهہ ڏيندا
آهن جنهن جي خود کين ٺي گهڻي ضرورت هوندي آهي-"
هينري مرڪندي چيو- "آءٌ انهيءَ کي حد درجي جي دريا
دلي چوندس-"

"باسل آهي تہ هڪ بهترين دوست، پر خبر ناهي ڇو
مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ هن ۾ ڪابہ خوبي
ڪانهي، پر اهو احساس مون کي توسان ملڻ کان پوءِ ٿيو
آهي-"

"باسل ۾ جيڪي وصفون آهن تن کي تہ هو پنهنجي
فن ۾ کپايو ڇڏي باقي خود پنهنجي لاءِ هن وٽ ڇا ٿو
بچي؟— پاڻ بابت بدگماني، عام اصول ۽ عام سمجهہ-!
۽ بس. سٺو فنڪار اهو آهي جنهن جون مڙئي خوبيون هن

جي فن ۾ هجن ۽ نه هنجي ذات ۾، ۽ برو فنڪار اهو آهي جنهنجون خوبيون سندس ذات ۾ رهجي وڃن ۽ نه سندس فن ۾ـ مطلب ته سٺا فنڪار پنهنجي تخليق ۾ موجود هوندا آهن ۽ برا فنڪار پنهنجي ذات ۾، هڪ سٺي ۽ وڏي شاعر جي شخصيت انتهائي غير شاعرائي هوندي آهي جڏهين ته هڪ معمولي درجي جو شاعر ڏاڍي سهڻي شاعرائي شخصيت جو مالڪ هوندو آهي، جيترو بي‌سرو انهن شاعرن جو ڪلام هوندو آهي اوترائي سر ۾ هو پاڻ هوندا آهن.“

”اها عجيب ڳالهه آهي هينري، ڇا واقعي ايئن ٿيندو آهي-؟“ ڊورين ميز تان عطر جي شيشي کڻي ڪجهه پنهنجي رومال تي هٽندي چيو- ”پر جي تون ٿو چوين ته پوءِ ايئن ئي هوندو، چڱو هاڻي آءٌ هلان ٿو سبل اموگين جي روپ ۾ منهنجو انتظار ڪندي هوندي، سڀاڻي جو پروگرام ياد رکجان، چڱو خدا حافظ..“

ڊورين جي وڃڻ بعد هينري جي اکين جا ڳراڳرا پنبڻ ڍرڪي پيا ۽ هو ويچار ۾ پئجي ويو. هنجي زندگي ۾ ڊورين جهڙا ڪي چند ماڻهو ئي داخل ٿيل هئا جنڪان هو ايترو متاثر ٿيو هو، تڏهين به ڊورين کي ڪنهن ٻئي جو ديوانو ٿيندو ڏسي هنکي ڪو دک يا حسد نه پئي ٿيو بلڪه ڪجهه خوشي ٿي ٿي محسوس ٿي ۽ هو ڏاڍي دلچسپي سان انهيءَ افساني تي ويچارڻ لڳو هو. علم طبعي (نيچرل سائنس) جي اصولن جو هو ديوانو هو پر جانورن جي وڍ ٽڪ کان نفرت ڪندو هو، هن خود پنهنجو پاڻ کي تجربي جي شئي بنائي

ڇڏيو هو، هو خود انساني زندگي کي ڏي پرکڻ ۽ پروڙڻ
لائق سمجهندو هو، انساني زندگي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به
شئي کي قدر لائق نه سمجهندو هو، چوندو هو ته دک ۽
سک جي احساس جي ذريعن سان زندگي جي تحقيق ۽ پروڙ
ڪرڻ ۾ نڪو اکين جي بچاءَ لاءِ وڏي عينڪ پائڻي ٿي
پوي، نه دماغ کي بچائڻ لاءِ گندرف جو واس ڪرڻو ٿو
پوي نه ڏي دماغ کي پيهڻ ۽ مڪروه خيالن سان ٽڪرو ٿو
پوي جيئن علم طبعي جا محقق ڪندا آهن، انساني زندگي
۾ ڪي اهڙا تيز زهر به هوندا آهن جنجي خاصيت چاڻڻ لاءِ
موت جو جوکم کڻي اهي زهر پيئڻا به پون ٿا، ڪي اهڙا
مرض به آهن جن جي فطرت سڃاڻڻ لاءِ انهن مرضن ۾ مبتلا به
ٿيڻو پوي ٿو- ۽ پوءِ به ڏسو ته اهڙي محقق کي ڪيڏو نه
وڏو انعام ٿو ملي-! سڄي سرشتي هنجي اکيان ڪهڙي نه
عجيب صورت ۾ اڇيو ٿي بيهي، شوق، جذبا، عقل، هوش-
انهن سڀني رنگن ۾ رتيل زندگيءَ جي مشڪل منطق کي
ذهن ۾ ساري اهو جاچڻ ته انهن جو سنجوڳ ڪٿي ٿيو ۽
ونجوڳ ڪٿي ٿيو، ڪهڙي مرڪز تي مليا ڪهڙي نڪتي ته
ٽٽا، اهو سڀ ڪجهه جاچڻ ۾ ڪيڏو نه لطف آهي! ڪهڙو
فڪر ته انلاءِ ڪيڏي وڏي قيمت ڏيڻي پوي، اهڙي
ڪوجنا واري لاءِ ته اهو فخرڻي ڪافي ٿو ٿئي ته ڪو بيو
انهيءَ شوق لاءِ ايڏي قيمت نه ڏئي سگهيو-!

هينري پوري طرح سڄيت ٿي ڊورين بابت سوچي رهيو
هو، اهوئي سوچي هنجي عقيقي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ

اچي وڃي ھئي ته اھو سنڌس ڏي ڪن موسيقي ھاڻ منن لفظن جو اثر آهي جو ڊورين جو روح حسن ڏانھن ڇڪجي انجي پوڄا ڪرڻ لڳو آهي- گھڻي جد نائين ته ڊورين خود هينري جي تخليق هو- هينريءَ هنڪي وقت کان اڳي بالغ بنائي ڇڏيو هو جو پڻ سنڌس ئي ڪمال هو. عام ماڻھو زندگي جي رازن رمزن کان فقط تڏھين واقف ٿيندا آھن جڏھين زندگي خود پنهنجا ڀيد هن جي اڳيان ظاهر ڪرڻ لڳندي آهي پر ڪي چوند ماڻھو اھڙا هوندا آهن جن جي اڳيان اهي ڀيد پردي کڄڻ کان به اڳ کلي پوندا آهن، اڪثر اهو ڪم فن - ۽ خاص ڪري ادب جي فن - جي وسيلي ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته ادب جو وھنوار انسان جي ادراڪ ۽ جذبات سان هوندو آهي پر، ڪڏھين ڪڏھين ڪا پيچيدي شخصيت ئي فن جي جاءِ وٺي اهو ڪم ڪندي آهي، اھا شخصيت- جا خود پنهنجي جاءِ تي فن جو ئي هڪ نمونو هوندي آهي. هن معاملي ۾ هڪ اهڙي شخصيت زندگي جا اهي ڪمالات ظاهر ڪرڻ لڳي هئي جا خود شاعري، چترڪاري ۽ نقاشي وانگر گوناگون جوهرن جي مالڪ هئي.

هاڻ ڊورين وقت کان اڳي بالغ ٿي ويو هو، فصل پچڻ جي مند ۾ هو فصل ميڙي رهيو هو، هن ۾ اهڃان پاراڻا جذبا ۽ سڌون هيون پر تڏهن به هو خود شناس ٿيندو ٿي ويو، هنڪي انهيءَ صورت ۾ ڏسي خوشي ٿي ٿي، هنجي خوبصورت روح ۽ خوبصورت جسم هنڪي هڪ لاجواب شخصيت بنائي ڇڏيو هو- انهيءَ ڳالھ جو ڪھڙو فڪر

تہ اهي خوبصورتيون ڪيئن تيون فنا ٿين ۽ ٿيٺيونٿي آهن،
هو ڪنهن ناٽڪ جو هڪ اهڙو ڪردار هو جنهن جون
خوشيون تہ پاڻ ڪان پري ٿيون محسوس ڪجن پر هن جا
درد اسانجي اندر ۾ موجود لطيف حسن کي جاڳائي ٿا ڇڏين
۽ جنهن جا زخم بہ ڳاڙهن گلن جيان ڏسڻ ۾ ايندا آهن-! جسم ۽
روح-! روح ۽ جسم- ڪهڙيون نہ عجيب شيون آهن-! روح
۾ حيواني سرشٽ آهي تہ جسم ۾ ڪي روحاني خصلتون
آهن، شعور بلند ٿي سگهي ٿو ۽ عقل پست ٿي سگهي ٿو،
ڪير ٿو چئي سگهي تہ حيواني من اڇل ڪٿي پوري ٿي
۽ طبعي من اڇل ڪٿان شروع ٿي-؟ نفسيات جي عام رواجي
ماهرن جون زوريءَ مڙهيل منپسند تشريحون ڪيتري قدر
نہ سطحي ۽ بي وزن هونديون آهن، پر تڏهين بہ جدا جدا
۽ پانت پانت جا مت ۽ اصول موجود آهنتنتي ڪير ويهي
فيصلو ڪري تہ ڪهڙو مت صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط-!
ڇا روح گناه جي چوديواري ۾ رهندڙ ڪا ڇاپا آهي-؟ يا
جيئن گيور دانو برونو چوي ٿو تہ جسم بہ روح ۾ ئي

* گيوردانوبرونو اٽلي جو باشندو سورهين صدي عيسوي
جو هڪ فيلسوف هو، هو ارسطو جي فلسفي جي سخت
مخالفت ڪندڙ هو، هنجي فلسفي جا خاص اصول هي هئا:
(١) روح يا آتما (Matter) ۾ ئي ٿي سگهي ٿي انکان جدا
نہ، (٢) هي سڀ زنده شيون هڪ واحد زنده وجود جونئي
لاڳاپيل شاخون آهن ۽ انهيءَ واحد زنده وجود وانگر ئي
فناکان آجيون آهن ۽ (٣) خدا انهيءَ ئي واحد زنده مرڪزي

آهي، سو متو صحيح آهي-؟ مادي جو روح کان جدا هئڻ
۽ هڪ اسرار آهي تہ روح جو مادي سان ڳانڍاپو هڪ اسرار
آهي. ڇا نفسيات کي هڪ ڪامل سائنسي علم بنائي سگهجي
ٿو جنهن ذريعي زندگيءَ جا سڀ ڀيد اسانجي اڳيان ظاهر
ٿي پون-؟ هنوقت تہ اسانجي هيءَ حالت آهي جو اسين
پنهنجي پاڻکي هميشہ ئي غلط سمجهندا آهيون ۽ ٻين کي ۽
ڪو ورلي ئي سمجهندا آهيون، تجربي جو تہ ڪو اخلاقي
قدر آهي ئي ڪونہ، ماڻهو پنهنجي غلطيءَ کي تجربو سڏيندا
آهن، اخلاقيات جي ماهرن تجربي کي تنبيهہ جي هڪ صورت
سمجهيو آهي، هو دعويٰ ٿا ڪن تہ تجربو انساني ڪردار
جي اڏاوت ۾ هڪ قوت جي حيثيت رکي ٿو ۽ جو اسانکي
سيکاري ٿو تہ ڪهڙي ڳالهہ جي پيروي ڪجي ۽ ڪهڙيءَ
کان پاسو ڪجي، پر تجربي ۾ ڪا متحرڪاتي شڪتي آهي
ئي ڪانہ بلڪ تجربو عملي سبب جو هڪ معمولي حصو
آهي بالڪل ايئن جيئن خود ضميرعمل جو هڪ سبب آهي.
تجربي مان تہ اسانکي فقط ايهو ٿو معلوم ٿئي تہ اسانجو
مستقبل بہ اهڙو ئي ٿيندو جهڙو اسانجو ماضي هو ۽ پوءِ هي
تہ جيڪو گناه اسان هڪ ڀيرو بيدلي ۽ ڪراهت ڏاري

لافاني وجود جونالو آهي. (يعني وحد مان ڪثرت، ڪثرت
وحدت ڪل-؟) ١٩٥٢ع ۾ هن کي بدعتي هئڻ جي فتويٰ
ڏئي روم ۾ زنده جلايو ويو- ١٨٨٩ع ۾ ساڳي هنڌ هنجي
ياد ۾ سندس هڪ مورتي ٺاهي کڙي ڪئي وئي جا اڃا
موجود آهي. (مترجم)

ڪيو آهي سو وري وري ڪنداسين ۽ڏاڍي خوشي ۽ دلجاء سان ڪنداسين.

هينري تي هاڻي اهو واضح ٿي ويو هو ته انساني جذبات جي صحيح سائنسي تجزيي لاء تجرباتي واٽ وٺڻ ئي مناسب رستو آهي ۽ اهو مقصد ڊورين گري مان ئي پورو ٿي سگهي ٿو جنهنڪي مقدر سندس حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ جنهن مان سٺا نتيجا نڪرڻ جا پورا امڪان موجود آهن. ڊورين جو اوچتو سبل وين جي عشق ۾ گرفتار ٿي پوڻ ڪو گهٽ اهميت جو نفسياتي معاملو نه هو، بيشڪ انهيء ۾ حرص جو به عمل دخل هو- نون نون تجربن جو حرص- پر انهيء ۾ جذبات جو هڪ منجهيل مانداڻ به هو، البت ان ۾ جوانيء جي جوش ۾ جولان جو جيڪو عنصر آهي تنهنڪي تصورات جي عمل هوندڙئي اهڙي صورت ڏئي ڇڏي آهي جو خود ڊورين ئي انکي سمجهه کان پري سمجهي انکسان خوف پيو کائي.

اهي انساني جذبات ئي ته آهن جن جي اصليت بابت اسين پاڻ کي سخت فريب ۾ رکندا آهيون ۽ انهيء فريب جو هميشه بري طرح شڪار رهيا آهيون، اسين گهڻو وڌيڪ خبردار ٿي انهن محرڪات کان هوندا آهيون جن جي اسان جي سياء ۾ ڪمزور کان ڪمزور حيثيت آهي. اڪثر ائين ٿيندو آهي جو اسين سمجهندا آهيون ته اسين ٻين تي تجربا ڪري رهيا آهيون پر ٿڌهين حقيقت ۾ اسين پنهنجو پاڻ تي ئي تجربا ڪندڙ هوندا آهيون ....

لارڊ هينري انهن ئي خوابن ۽ خيالن ۾ غلطان هو جو دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر اچي ٻڌايو ته ماني تيار آهي. هينري هڪدم اٿي دريءَ وٽ اچي ٻاهر نظر ڪئي. اڱڻ ندر سج جي ڪرڻن سبب سامهون واري جاءِ جون مٿيون دريون سرخ ۽ سونهري رنگ ۾ غرق ٿيون پيون هيون ۽ انهن جا شيشا ڏاتوءَ وانگر ڳاڙها ٿيا پيا هئا. آڪاش هڪ ڪوماڻل گل جهڙو پيو ڏسڄ ۾ آيو. هينري کي ڊورين جو خيال آيو— ڊورين-! جوانيءَ جي باه ۾ ٻڏي پيو آهي-! خبر ناهي هنجو انجام ڪيئن ٿيندو-!

رات جو هو سادي ٻارهين ڌاري گهر پهتو ته هنکي ڊورين جي موڪليل هڪ تار ملي جنهن ۾ ڊورين گري ۽ سبل جي مڱڻي جو اطلاع هو-

[٥]

سبل وين پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ ضعيف امڙ جي هنج ۾ مٿو لڪايو ڏاڍي جذباتي مگر جهيڻي آواز ۾ پئي چوي: ”امان-! اڄ آءٌ ڪيڏي نه خوش آهيان، ڪيڏي نه خوش-! توکي به خوش ٿيڻ گهرجي امان، منهنجي خوشيءَ جي ته ڪا حد ئي ڪانهي امان-!“

پوڙهي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺي هئي جنهن جي ٻانهن ئي هڪڙي هئي، ۽ انهيءَ ڪمري ۾ انهيءَ هڪ ٻانهن واري ڪرسيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪابه ڪرسي نه هئي، ڪمرو به بچان جهڙو هو جنهن کي ڊرائنگ روم ٿي سڏياڏون.

پوڙهيءَ چرڪ ڀري ڏيءَ ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجا نبل ڳورا هٿ هنجي مٿي تي رکي جهٽڪڻ لڳي- ”ڇاتي خوش ٿيڻ گهرجي؟ آهٽ تہ فقط انوقت خوش ٿيندي آهيان جنهن وقت تون پنهنجو پارٽ ڪندڙ هوندي آهين ۽ توکي بہ پنهنجي انهيءَ ڪم ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي، مسٽر اسحاق اسانتي ڏاڍو مهربان آهي ۽ پاڻ هنجا قرضي بہ تہ آهيون-“

سبل رسڻ لڳي، ڇپ قلهڙا ڪندي دڙڻ لڳي:

”پئسو آخر ڇا آهي امان! محبت پئسي کان گهٽي ملهائتي آهي-“

”اسحاق اسانکي پنجاه پائونڊ اڳواٽ ڏنا آهن تہ جيمس لاءِ مسافريءَ جو وکر وٺون توکي اها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي پنجاه پائونڊ ڪا ٿوري رقم ڪانهي، اسحاق هميشہ پاڻ سان خيرخواهي ڪئي آهي-“ .

”اسحاق چڱو ماڻهو ڪونهي امان! ۽ هنجو ڳالهائڻ جو ڍنگ تہ مونکي اصل ڪونہ وڻي-“ سبل ماڻس وٽان اٿي دروازي ڏانهن وڌي.

”پنهنجي هن ڪانسواءِ سرندي بہ ڪانہ!“ پوڙهيءَ جي لهجي ۾ ميار بہ هئي ۽ ڪاوڙ بہ.

”هاڻي اسانکي اسحاق صاحب جي ڪاڻڻ نہ ڪيڏي پوندي-“ سبل ڪنڌ لوڏيندي هلڪو ٽهڪ ڏنو- ”هاڻي تہ اسانتي جادوگر شهزادي جو راڄ آهي-“ هوءَ چپ ٿي وئي، ڳلن تي گلابي رنگ وري آيس، دل جي دڙڪڻ ۽

تکا تکا ساهہ کٽڻ سبب گلاب جي پنکڙين جهڙا چپ بہ ڦڙڪڻ لڳس، جوش ۽ جذبات جي ابهرڻ ۾ ٻڏندي ٻڏندي هن ڌيمي آواز ۾ فقط ايترو چيو۔ ”مون کي هن سان محبت آهي!“

”نادان ڇوڪري!“ پوڙهيءَ شوڪارو ڀريو۔ ”بنهہ نادان آهين،“ پوڙهيءَ اهي اکر تہ چئي طوطي وانگر ازبر ياد ڪري ڇڏيا هئا ۽ ايئن چوندي جو هن پنهنجين ڪوڙين منڊين کي پنهنجين ڦڏين سڏين آڱرين ۾ ٿي ورايو سرايو تہ اهي اکر بہ وري سري ٿي وياہ سبل وري بہ ٺهڪڙو ڏنو جيئن ڪو پڇري ۾ بند پيل پکي ڪنهن اوچتي ادمي کان خوشيءَ جي ڪوڪ ڪندو آهي، سرير ۾ مٺن سرن جا الاپ ٿي اٿيس، اکيون پيار جي جادوءَ کان خماريون پيون هئس، سرور جي لذت کان هڪ نہ ٻہ جهڙي ”هاءِ“ ڪري هن ٿوري دير لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيون ڇڻ انهن جو راز لڪائڻ ٿي گهري ۽ جڏهين اکيون وري کوليائين تہ انهن ۾ ڪنهن سهائي سپني جون ڇايائون پي ٻوڙيون۔

ڪرسيءَ تي ويٺل سنهڙن بيجان واري ”سياٿپ۔“ ڇوڪريءَ تي نصيحتن جي وسڪار لائي ڏني، ڏاهپ جا ڏس ۽ ڪانٽرتا سيکاريندڙ انهن ڪتابن جا حوالا جن جا ليکڪ سمجهہ ۽ سياٿپ تان سدائين ڇترون ڪندا آهن، ويچارا ڪندا آهن، سبل تي وس لڳاہ پر انهن وسڪارن تي ڌيان ڪٿي ٿي ڏنو، پنهنجي شوق ۽ جذبات جي قيدخاني ۾ هوءَ آزاد هئي، هنجو شهزادو — جادوگر شهزادو هنجو

شريڪ هو، هن پنهنجو روح انهيءَ شهزادي جي کولا ۾ روانو ڪري ڇڏيو هو ۽ جو هنکي واپس وٺي آيو هو، جادوگر شهزادي جي چپن هن جا چپ جلائي ڇڏيا هئا ۽ هن جي ساهه جي گرميءَ سندس اکين جي پنبڻين کي تپائي ڇڏيو هو.

هاڻي "سياڻپ" پنهنجو رنگ بدلايو ۽ جاسوسي انداز اختيار ڪيو - "تون سگهي ٿو اهو نوجوان مايا وارو هجي - جي ايئن آهي ته پوءِ ڪٿي شاديءَ بابت ويچار ڪجي." دلبي ۽ حرفت جا اهي اکر سبل جي ڪنن سان ٽڪريا ۽ اٽڪل ۽ رمز جا تير هن تي اثر ڪرڻ لڳا، هوءَ سنهڙن سياڻن چپن کي چرپر ڪندو ڏسي مرڪڻ لڳي، پوڙهيءَ جي لفظن جي اجائي ديڳهه ۾ به مان جهڙي تڪليف محسوس ڪندي هن پاڻ ڳالهائڻ ضروري سمجهيو:

"امان-!" هنجي هڪ مٺڙي دانهن پوڙهيءَ کي ماٺ ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. "امان! پهلا هو مون کي ايترو پيار ڇو ٿو ڪري." اهو ته سمجهان ٿي ته آءٌ هنکي ايترو ڇو ٿي گهران - انڪري جو هو آهي ئي اهڙو، اهڙو ئي، جهڙي محبت پاڻ هوندي آهي، پر مون ۾ هن کي ڇا نظر آيو آهي-؟ آءٌ ته هن جي لائق به نه آهيان، پر - هنکي پاڻ کان گهڻو مٿي سمجهندي به پاڻ کي ايترو گهٽ نٿي سمجهان، الائي ڇو، مون کي ته پاڻ فخر ٿو ٿئي. امان تون به باباکي ايترو چاهيندي هئين جيترو آءٌ جادوگر شهزادي کي ٿي چاهيان-؟"

پوڙهيءَ جا ٿلهي پاڇوڙر سان ٿڦيل ڳل پيلا پئجي ويا ۽ سور جي سٽ کان هنجا سڪل چپ ڦڪوڙجي ويا. سبل تيزي سان اچي هنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي هن کي چمي ڏني. ”معاف ڪجان امڙ، مونکي خبر آهي ته بابا جي باري ۾ ڪا ڳالهه ڪرڻ سان توکي دک ٿو ٿئي شايد ان ڪري جو توکي هن سان تمام گهڻي محبت هوندي، تون دکي نه ٿي امان. آءٌ اڄ ايتري خوش آهيان جيتري تون اڄ کان ويهه سال اڳ هئينءَ، هاءِ امان! مونکي هميشه لاءِ خوش رهڻ ڏي.“

”منهنجي ٻچڙي، تون اڃا ايڏي نه ٿي آهين جو پيار محبت بابت سوچي به سگهين، توکي ته ان نوجوان جي حال حقيقت جي ڏي خبر ڪانهي، تون ته هنجو نالو به ڪانه ڄاڻين، سچو معاملوئي بگڙيو پيو آهي جيمس آسٽريليا وڃڻ وارو آهي ۽ مونکي اڃي ڳڻتين ورايو آهي، توکي به ڪجهه فڪر ڌارڻ کپي، خير مون ڇيو ماڻهءُ نه ته جي اهو نوجوان پئسي وارو ....“

”الا! امان! مونکي خوشيون ماڻڻ ڏي!“

پوڙهيءَ هن ڏانهن نهاريو ۽ هڪ ناٽڪي انداز سان هنکي پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٺي ورتائين.

ايتري ۾ دروازو کليو ۽ ڪهرن بادامي رنگ وارن وارو هڪ جوان اندر داخل ٿيو. هي هڪ ٿلهو ٺيرو جوان هو، هن جا هٿ ڏوڙي پير نهايت بيڊولا هئا ۽ انهن جي چرپر انهن کان به وڌيڪ بيڊنگي هئي، صاف ظاهر هو ته سندس پالنا تي ايڏي محنت نه ڪئي وئي آهي جيڏي سندس ڀيڻ

جي پالنا تي ٿي آهي، ڏسڻ واري لاءِ ته اهو يقين ڪرڻ مشڪل هو ته هو سبل جو پاءُ ٿي آهي. ماءُ ۽ ڌيءَ هڪ ٻي کي پيار ڏيڻ وٺڻ ۾ رڌل هيون. جو ان کي ڏسي پوڙهيءَ هن ڏانهن داد ڏيندڙ نظرن سان نهاريو ڇڻ ڪو وڏو دلچسپ ڪردار ادا ڪندي هجي ۽ اهو جوان ڪو وڏو قدر شناس تماشبين هجي.

”هڪ ٻه ڇمي ته مون لاءِ به رک سبل.“ نوجوان ڏاڍي شائستگي سان جهڻ جهڻ ڪئي.

”نو لاءِ! تون ڇا چائين ڇميءَ مان.“ سبل انگل ڪيو. ”رڃ ڪنهن جاءِ جو.“

ايئن چئي هيڃ مان وڌي هن پاءُ کي اچي پاڪر پاتو ۽ هو ڇڻ تازو توانو ٿي ويو.

”آءٌ چاهيان ٿو ته، تون مونسان گڏجي گهمڻ هلين سبل.“ نوجوان هنجي منهن ۾ نهاريندي چيو. ”آءٌ هن نياڳي لنڊن کي شايد وري ڪڏهين نه ڏسي سگهندس، اهڙي خواهش ٿي ته ائم—“

”اهڙيون اگريون ڳالهيون نه ڪر پٽ.“ پوڙهيءَ ٿڌو ساهه کڻندي چيو. ۽ ٻوءِ ڪي ائڪٽرن جا ڪپڙا ڪڍي انهن کي ڇنڊيون هڻڻ ويهي رهي.

”ڇو نه ڪريان اهڙيون ڳالهيون—؟“

”مونکي نشيون وٺن اهي ڳالهيون، مونکي يقين آهي ته تون آسٽريلياڪان هڪ شان مان وارو ماڻهو ٿي موٽندين، اتي توکي اهڙي سوسائٽي نه ملندي جهڙي هتي آهي، چار

پئسا جڙندي تہ هڪدم موٽي اچجان۔“

”سوسائٽي-! انهيءَ بابت تہ آءٌ سوچڻ بہ اجايو ٿو سمجهان، مون تہ پاڻ تي اهو لازم ڪيو آهي تہ پئسا ميڙي اوهانکي هن ناٽڪ جي زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريان، هن ڪم کان مونکي سخت نفرت آهي.“

”اها تہ تنهنجي ڪئورپائي آهي جم۔“ سبل کلندي چيو. ”خير تنهنجي اها ڳالهہ وٺي جو مونکي سير تي وٺي ٿو هلين، مون تہ سمجهيو تون پنهنجي هيءَ آخري ڏيهاڙي پنهنجن دوستن کان، موڪلائڻ ۾ وڃائيندين، مثال طور هاربي سان جنهن توکي اهو جنبولو پائپ پيئڻ لاءِ ڏنو يا لينگٽن سان جيڪو توکي اهو پائپ ڇڪيندو ڏسي کلندو آهي، ڀلا ڪيڏانهن هلون؟ منهنجي خيال ۾ پارڪ ۾ هلجي۔“

”اون هون، منهنجا ڪپڙا ڏي اوٽ پٽانگ ٿيا پيا آهن. پارڪ ۾ تہ ٽيپ ٽاپ وارا ماڻهو ويندا آهن۔“ پائس چيو.

”پوڪ کنهن جاءِ جا۔!“ سبل منهن ۾ گهنڊ وجهي هن جي ڪوٽ جي پانهن تان مٽي ڇنڊيندي چيو.

”چڱو ڀلا، پر ڏس تيار ٿيڻ ۾ دير نہ ڪجان۔“

سبل ٽپندي ڪڏندي ڪمري مان نڪري وئي، مٽي ڏاڪڻ تي چڙهندي هوءَ جهونگارڻ لڳي، هن جو مٺو آواز هن جي نازڪ پيرن جي چاپ سان ملندو هڪ ٿي ٿي ويو.

جيمس ڪمري ۾ هڪ ٻہ ڦيرو ڪيو ۽ پوءِ پوڙهيءَ کان، جا ڪرسيءَ تي بالڪل سڪ ٿيو ويٺي هئي پڇڻ لڳو.

”منهنجو سامان تيار آهي امان۔؟“

”بالڪل تيار آهي پٽ.“ پوڙهيءَ ٻنان ڪندي ورائڻ جي جواب ڏنو. ڪن مهمن ڪان هن جي ڪيفيت اهڙي هئي جو هوءَ پنهنجي هن ڪهڙي طبيعت واري پٽ سان اڪيلائي ۾ ملندي ڪجهه خوف محسوس ڪندي هئي، هن جي پنهن جي ڳجهي ۽ رکي سياءِ ڪسي انوقت چوٽ رسندي هئي جنهن وقت جيمس سندس اکين ۾ نهاريندو هو، حيران پئي ٿيندي هئي ته متان هنکي ڪو شڪ جاڳيو آهي ۽ جو هو ڪجهه ڪڇندو رچندو به نه هو ته هن کان ويتر سهسايو نه ٿي ٿيو، هاڻي هوءَ ڪرڪڻ ۽ ٻڌڪڻ لڳي — عورتون اهڙيون هلائون ڪري به پنهنجو بچاءُ ڪنديون آهن، خاص ڪري جڏهين هو آڻ مڃڻ جو عجيب انداز اختيار ڪري اوچتو حملو ڪن. ”مون کي اميد آهي ته تون سمنڊ جو سفر دلجاءِ سان ڪندين جو تو خلاصي ٿيڻ پنهنجي مرضي سان پسند ڪيو ۽ قبوليو آهي، مون ته توکي گهٽو ڏي سمجهايو ته هتي ڪا نوڪري ڪر....“

”آفيسن ۽ ڪلارڪن سان مونکي نفرت آهي، نيڪ آهي مون پاڻ جهاز جو خلاصي ٿيڻ قبوليو آهي، بس تون رڳو سبل تي نظر رکجان متان هن کي ڪو نقصان رسي متان هن کي ڪا تڪليف رسي توکي سخت نظر داري ڪرڻي پوندي.“

”عجيب ڳالهيون ٿو ڪرين جيمس، سبل تي هونئن ڏي منهنجي نظرداري آهي.“

”مون ٻڌو آهي ته ڪو پيلو مانس روز ٿيئٽر ڏسڻ ايندو

آهي ۽ پوءِ هتي اچي سبل سان ڳالهيون ٻوليون ڪندو آهي، ڇا اهو سچ آهي، ڇا ٿي چوين؟“

”جن ڳالهين کي سمجهين نٿو تن جي ويچار ڇو ٿو ڪرين؟ پنهنجو ڏندو ئي اهڙو آهي جو جيڪو اسان ڏانهن مهر جي نظر ڪندو، تنهن جي آجيان ڪرڻي ٿي پوندي، آءٌ پاڻ ڪڏهن هڪ ٻي وقت ۾ الائي ڪيترا گلدستا قبول ڪندي هيس، سبل سان انهيءَ نوجوان جي ڏيٺ ويٺ ڪو سنجيده رخ اختيار ڪيو آهي يا نه سا ته خبر نه اٿم پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهو نوجوان هڪ نهايت شريف انسان آهي، مون سان ته هو سدائين ڏاڍي شائستگي سان مليو آهي، تنهن کان سواءِ هن جي رک رکاءَ مان پتو پوي ٿو ته ڪو امير ماڻهو آهي.“

”۽ تو کي هن جي نالي جي به خبر ڪانهي.“ جيمس ڪهرائي سان چيو.

”نه.“ پوڙهيءَ ڏاڍي نماڻائي سان چيو. ”هن پنهنجو اصل نالو اسان کي اڃا نه ٻڌايو آهي. اهو به هن جو ڪو شان آهي. ٻڪ سان هو ملڪ جي اشراف اميرن مان آهي.“

”آءٌ چوان ٿو امان سبل تي نظر رک!“ نوجوان پنهنجا چپ ڏندن ۾ پيڪوڙيندي چيو.

”پٽ ٽون مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ڏين، سبل هميشه ٿي منهنجي خاص نظر هيٺ آهي. پلا جي هو سچ پچ ڪو ڏنوان آهي ته پوءِ.... سبل ڇو نه هن سان سڄي عمر جو عهد ڪري؟ آءٌ ته سمجهان ٿي سبل جي اها شادي نهايت

ڪامياب ٿيندي، هنن جي جوڙي به ڏاڍي شاندار ٿيندي، ڇوڪرو به ڏاڍو خوبصورت آهي هرڪو هن ڪان متاثر ٿيو وڃي-"

جيمس پنهنجي منهن پڻ پڻ ڪرڻ لڳو ۽ گڏوگڏ دريءَ جي شيشي ڪي پنهنجين ڪرڏ آڱرين سان دڙ دڙ ڪندو وڃائيندو رهيو. ٿوري دير بعد هو ماڻس ڪي ڪجهه چوڻ لاءِ هن ڏانهن مڙيو ته ايتري ۾ در کليو ۽ سبل ڊوڙندي اندر آئي.

"هئي ماءُ پٽ ڏاڍا گنڀير ٿيا ويٺا آهيو-" هن چيو- "ڇا ڳالهه آهي-؟"

"ڪجهه ڪونهي-" ياڻس جواب ڏنو- "منهنجي خيال ۾ ڪنهن وقت گنڀير هئڻ به ضروري آهي- ڇڱو امان، آءٌ پنجين بجي ڏاري اچي ماني کائيندس-"

"خدا حافظ پٽ-" پوڙهيءَ پنهنجي دلگيريءَ کي لڪائڻ لاءِ ظاهر ۾ شاهاڻو انداز اختيار ڪندي هنن کي رخصت ڪيو. جيمس جنهن ڍنگ سان ماڻس ڳالهايو هو تنهن ڪيس ڏاڍو رنجايو هو ۽ هن جي اکين ۾ ڪجهه ڏسي هوءَ خوف کائڻ لڳي هئي.

ٻئي ڀاءُ ڀيڻ ٻاهر سج جي جرڪندڙ ڪرڻن ۾ نڪري آيا ۽ پنهنجي گهٽيءَ مان ڦيرو کائي يوسٽن روڊ تي پهچي ويا جتي گڙدي نالي ماتر هئي. ماڻهن جو هڪ ٻوٽ سوٽل ۽ گدلا بي ڍنگا ڪپڙا پاتل ٿلهي ٿنڀري جوان سان هڪ پدمڻي نازنين کي ڏٺو ته اچنبي ۾ اکيون ڦاڙي تني هنن

ڏانهن نهارياڻون، جهڙو ڪر ڪنهن رواجي باغائي جي هٿ ۾ گلاب جو گل هجي...! جيمس اهي نوسيندڙ نظرون ڏسندو رکي رکي تي منهن ۾ گهنڊ وڌو، اعليٰ ادراڪ رکڻ وارن ماڻهن ۾ اهڙي ناگواري جي عادت آخري عمر ۾ پيدا ٿيندي آهي باقي رواجي ماڻهوءَ کي ته شروع کان ئي اها ڳالهه ڏکي لڳندي آهي ته ڪو ڪين گهوري ڏسي. البت سيل، پنهنجي انهيءَ جادوءَ کان بہ بي نياز هئي جو هو ماڻهن تي وجهندي ٿي وئي، هن جي اندر جو عشق هن جي چپن تي مرڪ بنجي پئي ٽڙڪيو. جادوگر شهزادي جو تصور هن جي ذهن ۾ خوشبوءِ وانگر واسيو پيو هو ۽ هوءَ پاڻئي ته اها سرهاڻ اچا ڪي وڏيڪ ٿئي ته هن سبب هن بابت ڳالهايائين بہ ٿئي، البت معصوم ٻار وانگر جيمس سان خود سندس آئيندي بابت ڇڻ بڻ ڪندي پئي وئي.... ڪيئن هو جهاز هلائيندو، ڪيتري مايا ميڙيندو، ڌاڙيلن جي قبضي مان ڪنهن نازنين کي ڇڏائي ايندو، نيٺ هن سان شادي ڪندو ۽ لنڊن ۾ هڪ عاليشان مڪان ۾ اچي رهندو، پلا ڪو سدائين جهاز جو خلاصي ٿي رهندو ڇا...؟ هوءَ پاءَ لاءِ دعائون پنندي رهندي، اهي دعائون نيٺ قبول ٿينديون ۽ هو هڪ وڏو ماڻهو بنجي موٽي ايندو، تنهن وچ ۾ هر مشڪل کي مڙس ٿي منهن ڏيندو، کيس پوري پابندي سان خط لکندو رهندو.... بس اهي ٻاراڻا ٻول، معصوماڻيون وارتائون، پڌائيندي، هن سان گڏ هلندي رهي، آس پاس جي هر اثر کان بي خبر، بي نياز...!

جيمس موڳو مرگهٽ ٻڌو هن جون اهي پارائيون ٻوليون ٻڌندو هليو، ڪو سوال جواب نٿي ڪيائين، وطن ڇڏڻ جي خيال کان دلگير هو— مگر هن جي وياڪلتا جو رڳو ئي اهو سبب نه هو، ناتجربيڪار هوندي به هن کي اهو احساس هو ته هنن حالتن ۾ سبل کي خطرو آهي، هن سوچيو پئي ته اهو اڙٻنگ ڇوڪرو جيڪو سبل سان محبت جو ناٽڪ رچايو ويٺو آهي تنهن مان ٿي سگهي ٿو ته سبل کي ڪا چڱائي نه رسي، هو جو هڪ عزت دار ۽ امير هو ته جيمس لاءِ اها ئي حقيقت نه سهڻ جهڙي هئي ڇاڪاڻ ته اهڙي حيثيت وارن لاءِ هن جي دل ۾ طبقاتي تعصب اڳ ئي گهر ڪيل هو ۽ اهڙي نفرت رکڻ تي هو هوئن ئي مجبور هو جنهن نفرت جو سبب خود ڪيس ئي اڃا سمجهه ۾ نه آيو هو، هو پنهنجي ماءُ جي هلڪي طبيعت ۽ سگهٽي هٿ کان به چڱيءَ طرح واقف هو ۽ اتان ئي هن کي سبل ۽ هن جي آبرو کي خطرو ٿي ڏسڻ ۾ آيو. اولاد کي ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ سان ڏاڍو پيار هوندو آهي، جيئن هو عمر ۾ وڌندا ويندا آهن تيئن هو ماءُ پيءُ کي پرکيندا ويندا آهن ۽، پوءِ ڪن معاملن ۾ مائٽن کي معاف به ڪري ڇڏيندا آهن.

جيمس جي من ۾ سچ ته مانڌاڻ متو پيو هو، هڪ ڀيري هن پنهنجي ڀيڻ بابت ٿيئٽر ۾ ڪي اهڙا گفتا ٻڌا هئا جي هن کي ڇهبڪن وانگر اچي منهن ۾ لڳا هئا، عرصي کان هو پنهنجي ماءُ کان ڪي سوال پڇڻ لاءِ پئي سنڀريو پر ڪجهه سوچي پاڻ تي ضبط ڪندو ٿي رهيو، هن وقت به

اتهن ڏي ڳالهين هن کي بي قابو پئي ڪيو.

”تون ته منهنجون ڳالهيون اصل نه پيو ٻڌين جم-“ سبل رڙ ڪئي- ”ڏس ته آءٌ تنهنجي لاءِ کهڙيون سئائون پئي سٽيان، ڪجهه ڳالهاءِ ته سهي-“

”ڇا ڳالهايان-؟“

”اهوئي ته تون ڏاهو نينگر ٿيندين، ۽ اسان کي وساري نه ويهندين -!“ سبل ڪلندي چيو.

”آءٌ نه ڪونه وساريندس، پر تون شايد وساري ڇڏيندين ۽-“

”ڇا مطلب آهي تنهنجو-؟“ هو ۽ ڪاوڙجي پئي.

”مون ٻڌو آهي ته توکي هڪ نئون دوست مليو ويو آهي. مون کي ٻڌاءِ ته اهو ڪير آهي، تو هيستائين مون کي هن بابت ڇو نه ٻڌايو-؟ هن مان توکي ڪا چڱائي نه نه رسندي -“

”ائين نه چئو جم، هن لاءِ توکي اهڙا اکر نه چوڻ گهرجن، مون کي هن سان محبت آهي-“

”چو- توکي ته هن جو نالو به ڪونه اچي. ٻڌاءِ هو ڪير آهي، مون کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي-“

”هن کي جادوگر شهزادو سڏيندا آهن، توکي اهو نالو نئو وڻي-؟ مورک-! اهو نالو ته ڪڏهن وسارڻ جهڙو ڏي ناهي، جي تونَ هن کي ڏسين ها ته سمجهين ها ته دنيا ۾ هن جهڙو ڪو پيو خوبصورت انسان آهي ئي ڪونه. آسٽريليا کان موٽي اچڻ بعد هڪ ڏينهن تنهنجي هن سان ضرور ملاقات ٿيندي ۽ تون به هن کي بيحد پسند ڪندين، هو

هر ڪنهن کي ٿي ڏاڍو وڻي ٿو ۽ مون کي.... مون کي ته هن سان عشق آهي، دل چوي ٿي ته تون اڄ رات ٿيئٽر تي هلي هن سان ملي سگهين، هو ايندو ۽ آءٌ جو ليٽ جو ڪردار ڪنديس، الا! اهو ڪردار مون کان ڪيئن ٿيندو! جيم تون سوچ ته سهي، محبت ۾ گرفتار هجڻ ۽ وري جوليٽ جو ڪردار ڪرڻ! محبت ۾ گرفتار ٿيڻ ته ٿيو پنهنجو پاڻ کان ٿي سرس ٿيڻ! ويچارو اسحاق مون کي طرح طرح جا لقب ڏيندو آهي، منهنجي نالي جو اعلان ڪندي هو ڪڏهن مون کي روح عصر سڏي، ڪڏهن ڊرم جو انگ چوي ۽ ڪڏهن الاهي الهام سڏي، خير آءٌ جيڪي ڪجهه به آهيان پنهنجي انهيءَ جادوگر شهزادي جي صدقي ٿي آهيان. مگر جم، هن جي مقابلي ۾ آءٌ غريب آهيان، خير غريبيءَ جي آخر ڇا اهميت آهي، غربت رڙهندي رڙهندي دروازي تائين مس ايندي آهي ته محبت پر ڪري اڏامي دريءَ مان اندر هلي ايندي آهي، پلا سواري ۾ ناهيل پهاڪن جو آرهڙ ۾ ڪهڙو ڪم؟ ۽ منهنجي لاءِ ته هن وقت بهار جي مند آهي؛ فضائن ۾ گلن جي رقص جي مند!"

"تڏهن هو هڪ چڱو ماڻهو آهي" جيمس موڪائي سان چيو.

"هو هڪ شهزادو آهي" سبل تکي سريلي آواز ۾ چيو "بس وڌيڪ توکي ڇا ٻڌايان!"

"شهزادو توکي پنهنجي پانهي بنائڻ ٿو گهري"

"آزاد رهڻ جي ته خيال کان به مون کي ڏکڻي ونيو

وچي—"

"آءٌ چاهيان ٿو تون هن کان خبردار رهين–"

"هن کي ڏسڻ ئي هن جي پوڄا آهي ۽ هن کي سڄاڻڻ هن تي ايمان آڻڻ برابر...."

"سنبل–! تون ته هن جي محبت ۾ ديواني ٿي پئي آهين–"

سنبل کلڻ لڳي، جيمس جي ٻانهن جهلي چوڻ لڳي:

"پيارا پناهه، تون ته سؤ ورهن جي بزرگ وانگر پيو ڳالهائين، ڪنهن ڏينهن تون خود ڪنهن جي محبت ۾ گرفتار ٿيندين تڏهن سمجهندين ته محبت ڇا آهي، ملول ڇو ٿو ٿين، جيستوڻيڪ تون هتان وڃي رهيو آهين پر تو کي داجاه، هٿ گهرجي ته تون مون کي خوشين ۾ ڇڏي پيو وڃين جي مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺيون، اسان سدائين ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا آهن پر هاڻي انهن جو رنگ بدلجي ويندو، تون هڪ نئين دنيا ڏانهن روانو ٿي رهيو آهين ۽ مون کي هڪ نئين دنيا ملي وئي آهي، اجهو، هتي ٻه ڪرسيون پيون آهن اچ ته هتي ويهي والٽهڙن جو ديدار ڪريون ڏس ڪهڙا ڪهڙا ناهوڪا ماڻهو پيا سير پسار ڪن–"

هو ڪرسين تي ويهي رهيا، اتي گڙدي گهٽي هئي، ٻنهي طرف لالاڻ گلن جون ٻاريون هيون، جن مان گلن جا ڄڻ شعلا پئي نڪتا، اچي ٻتيءَ جو هڪ ڪڪر وڏا وڏا ساهه کڻندو هوا ۾ لٽڪي رهيو هو ڄڻ سوسن جي گلن جو ڪو ڍير هجي، ڪن ماڻهن وٽ گهاٽن رنگن جون ننڍيون ننڍيون ٽوپ ڇٽيون به هيون جن کي پري کان ڏٺي هتي

پڪڙيل ڏسي انهن تي لڳو ڄڻ ڪي ديون جيڏا پوپٽ ٽپندا
ڪڏندا هجن.

هُئي ياءِ پيش لفظن جي ڏي وٺ انهن پيا ڪن جيئن
جواري هڪ ٻئي ۾ نوٽ ۽ سڪا ڏيندا وٺندا آهن، سبل
کي ڏک هو ان ڳالهه جو ته ياءِ کي پنهنجي خوشي جي
جذبات ۾ شريڪ نه ٿي ڪري سگهي، پنهنجي هر ڳالهه
جي جواب ۾ هن کي فقط جيمس جي ڦوڪيل منهن تي هڪ
ڦڪي مرڪ تي ملي...

اوچتو هن کي سونهري وارن ۽ مرڪندڙ چپن جو
جهلڪو نظر آيو....ٻورين، ٻن عورتن سان گڏ هڪ وڪٽوريا
۾ ويٺو نظر آيو—! سبل ٽپ ڏئي اٿي بيٺي— ”هو پيو
وڃي—!“ هن رڙ ڪئي. ”ڪير—؟“ جيمس پڇيو.

”جادوگر شهزادو—“ سبل وڪٽوريا ڏانهن نهاريندي
چيو. جيمس به ٽپ ڏئي اٿيو ۽ کهري آواز ۾ چيائين:
”مون کي ڏيکار ته سهي—!“

پر انهيءَ وقت ڪنهن لارڊ جي چئن گهوڙن واري
گاڏي آڏو اچي وئي ۽ جيستائين اها اڳتي نڪتي تيستائين ٻورين
واري وڪٽوريا پارڪ جي حدن کان ٻاهر نڪري وئي.

”هو ته ويو هليو—“ سبل افسوس ڪندي چيو— ”ڪاش
تون هن کي ڏسي سگهين ها—“

”ڪاش آءٌ هن کي ڏسي وٺان ها. ان ڪري ته جي
هن توکي ڪو نقصان رسايو ته آءٌ خدا جو قسم هن کي
قتل ڪري ڇڏيندس—“

سبل شوخيءَ سان منهن ۾ ورو جهي هن ڏانهن نهاريو. جيمس پنهنجا اکر ٻيهر ورجايا جي چڱ فضا کي چيريندا ٿي ويا، ماڻهو وائڙا ٿي هنن ڏانهن نهارڻ لڳا ۽ پر ۾ ويٺل هڪ عورت کان ته گهٽيل ٽهڪ به نڪري ويو.

"هائي هلو جيمس-" سبل چيو ۽ اڳتي وڌڻ لڳي، جيمس ڏاڍي آڪڙ سان ماڻهن جي وچان هن جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو، هن کي پنهنجين چيل ڳالهين تي ڏاڍو فخر پي محسوس ٿيو.

هو اڇلاس جي مورتي وٽ پهتا ته سبل ارمان ڀري مرڪ سان جيمس ڏانهن نهاريو:

"تون ته ٻوڪ آهين جم، بالڪل ٻوڪ ۽ مٺي ڦريل، اهڙيون ڊپ جهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿو ڪرين-؟ سمجهين به ٿو ته ڪنهن جي باري ۾ ڀو ڳالهائين-؟ بس تو کي حسد ٿي پيو آهي، ضد ٿي پئي آهي، ڪاش تون به ڪنهن جي محبت ۾ گرفتار هجين، محبت انسان کي سلڇڻو بنائي ڇڏيندي آهي ۽ تو جا ڳالهه ڪئي آهي سا بنهه بڇڙي ڳالهه ڪئي آهي-"

"منهنجي عمر به سورهن سال آهي آءٌ سوچي سمجهي ڳالهائي رهيو آهيان، امان ته تنهنجو سهارو نٿي ٿي سگهي هن کي اها ئي سمجهه ڪانهي ته تنهنجي نظرداري ڪيئن ڪرڻي آهي، مون کي هائي احساس ٿيو آهي ته مون کي آسٽريليا نه وڃڻ گهرجي، جي منهنجا سڀ ڪاغذ صحي نه ٿي، وڃن ها ته آءٌ سڀ خيال ڦٽا ڪري ترسي پوان ها-"

”تون به جيمس ايڏو گنيير به نه ٿي. تون ته اهڙن ردي ناٽڪن جي مسخرن وانگر پيو ڳالهائين. جن ۾ امان کي ڪم ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي، ۽ تون سان تڪرار نٿي ڪريان پر چاڪريان جو مون جادوگر شهزادي کي ڏنو آهي، خير مون کي اميد آهي ته تون منهنجي محبوب کي ڪو نقصان نه پهچائيندين، ها نه؟“

”جيستائين تون هن کي چاهيندين ۽ جيستائين تون آءٌ هن کي ڪجهه نه ڪندس.“

”الا! آءٌ هميشه ٿي هن کي چاهيندس!“

”ڇو ـ؟“

”هو به هميشه ٿي مون کي چاهيندو.“

”اهو ٿي بهتر آهي.“

”سبل هنڪان ٿورو پري هٽي بيٺي ۽ پوءِ ڪلي ڏنائين. جيمس سبل جي اکيان ان وقت بالڪل هڪ ٻار جيان ٿي لڳو.“

تنهن بعد هو بس ۾ ويهي پنهنجي انهي ۽ گدلي جاءِ تي موٽي آيا، وقت ساڍن پنجن ڪان مٿي ٿي چڪو هو ۽ سبل کي ناٽڪ ۾ وڃڻ کان اڳ ڪجهه آرام ڪرڻو هو. جيمس سبل کان موڪلائڻ لڳو ـــ هن جي دل ۾ ساڙ ۽ اڻ ڏٺل دورين گري لاءِ ڪار جي باه پئي ڪندڙ هٺي مگر جڏهن سبل ڏاڍي نازسان سندس ڳچي ۾ ٻانهون وجهي پنهنجون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي ته هو ٿڌو ٿي ويو، تڏهن هن صاف دل سان سبل کي پيار ڪيو ۽

جڏهن ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو ته هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا. ماڻس سندس انتظار ۾ هئي ۽ هن کي ڏسي پٽ پٽ ڪرڻ لڳي، هن کو جواب نه ڏنو ۽ ماني کائڻ ويهي رهيو، ميز جي چوڌير مکين ٻي وراڪا وڌا ۽ ڪي وري ميز پوش تي ٻي ٿلڪيون، ٻاهر رستن تي لارين جو گوڙ ڪو ۽ گهوڙي گاڏين جي ٽپ ٽپ جا گاڏڙ ساڏڙ آواز هئا ۽ جيمس کي ته وقت جي رفتار جو ئي آواز صاف ٻي ٻڌڻ ۾ آيو جنهن کيس ٻڌايو پئي ته لنڊن ۾ هن جي موجودگي جو عرصو جيئن پوء تيئن ختم ٿيندو پيو وڃي.

ٿوري ماني کائڻ بعد هن پليٽ پري اڇلائي پنهنجو مٿو ڪٽي هٿن ۾ جهليو، هن کي انهيءَ احساس جي شدت ستائڻ لڳي ته جن ڳالهين کي چاڻ هن جو حق هو سي هن کان لڪايون ڇو ويون آهن! ماڻس خوف کان واڙي ٿي هن کي ڏسڻ لڳي، هن جي وات مان ڪي اکر پاڻهي ئي پاڻهي چڻ ٿمڻ لڳا، رڌي زريءَ جو هڪ قاتل چنل رومال هن جي آڱرين ۾ وڃڻ سنجڻ لڳو، جيمس هن جي اکين ۾ نهاريو جن ۾ نيزاري هئي، رحم جي طلب هئي. اهو ڏسي جيمس جو حوصلو اچا وڌيو:

”مون کي تو کان ڪجهه پڇڻو آهي امان.“ هو اکين ۾ شڪ ڀري ڪمري ۾ چوڌير نهارڻ لڳو. ”مون کي سچ سچ ٻڌاءِ، مون کي اهو چاڻ جو حق آهي، ٻڌاءِ ته ڇا بابا سان تون واقعي پرنيل هئينءَ؟“

پوڙهيءَ هڪ ڏکهو ساهه کنيو. اهو اطمينان جو ساهه هو.

اها گهڙي جنهن جو خوف هن کي هئتن بلڪ مهنن کان ستائي رهيو هو سا نيٺ اچي پهتي هئي، تہ بہ هن وقت هن جو خوف ايترو نہ هو جيترو انهيءَ گهڙيءَ جي انتظار ۾ هو، البت دل ۾ دک هئس، هڪ بيهودي سڌي سوال هن کان هڪ سنئون سڌو جواب پئي طلبيو، جيتوڻيڪ اهڙي سوال لاءِ هوءَ اڳيا تيار نہ هئي نہ ان جي جواب لاءِ ڪا مشق ڪيل هئس.

"نہ — !—" اهو جواب ڏيندي هن کي دل ۾ هڪ سٽ جاڳي — زندگي جي ڪوملتا ۾ ڪيڏي نہ ڪٺورتا آهي —!

"تڏهن چئبو تہ بابو ڪو ڪمينو انسان هو —" جيئس پنهنجيون مٺيون ڀيڙيندي چيو.

"هو اهڙو ڇڙواڳ بہ نہ هو —" پوڙهيءَ مٿو ڌوڻيندي چيو — "اسان کي هڪ ٻئي سان گهڻي محبت هئي، جي هو جيئرو هجي ها تہ اسان جي پوري نگهداشت ڪري ها، هن جي خلاف ڪجهہ نہ ڳالهاءِ پٽ، هو تنهنجو پيءُ هو، اشراف ماڻهو هو، ليڪ لاڳاپن وارو هو.... خير آءٌ پنهنجي نيڪ چلنيءَ ساک پٽ بابت ايتري فڪرمند نہ آهيان پر خدا ڪندو تہ سبل کي آءٌ ذرو بہ داغ لڳڻ نہ ڏينديس. منهنجو خيال آهي تہ اهو نوجوان پڪ سان هڪ شريف انسان آهي جيڪو سبل سان محبت رکي ٿو يا اهڙي دعوي ڪري ٿو، هو راهي رسائي وارو ماڻهو آهي، نہ —؟" —

هڪ پل لاءِ هن کي ڪجهہ پنهنجي گهٽتائيءَ بيعزتي جو احساس وڪوڙي ويو ڪنڌ جهڪي پيس، پنهنجن گهنج

ڀريل هئڻ سان اکيون اگهندي هن چيو:

”آءٌ ته ماءُ کان محروم رهيس، پر سمل جي ماءُ سلامت آهي—“

جيمس جي دل ڀڄي پئي. هن اٿي ماءُ کي پيار ڪيو:

”بابا جي باري ۾ سوال ڪرڻ سان توکي ڏک پهتو آهي ته مون کي معاف ڪر امڙ، پر مون کان رهيو به نه پئي ٿيو، خير، هاڻي مون کي هلڻ گهرجي، چڱو خدا حافظ، پر اهو نه وسارجان توکي، هاڻي فقط هڪڙي فرد جي پرگهور لهڻي آهي ۽ يقين رک ته جي انهيءَ نوجوان منهنجي پيءُ کي ذرو به ڇيهو رسايو ته آءٌ هن کي ڪتي جو موت ماريندس، اهو منهنجو پڪو پرڻ آهي....“

انهيءَ دڙڪي ۾ جو احمقاڻو وڏاءُ هو، توڙي ان جي سنجيدي اشاري ۾ ڪنهن مذاقي ناٽڪ واري جي چرٻاٽپ هئي تنهن ۾ پوڙهي زندگي جو چٽو عڪس پئي ڏنو—! هوءَ انهن ڳالهين جي هيراڪ هئي، هن پاڻ وڏيڪ دلجاءِ سان ڏگهو ساهه کنيو، پاڻيائين ته اهو ناٽڪ جذباتي انداز ۾ اچا هلي. پٽ جي اداڪاري کي هن ڀهريون ڀيرو سراهيو، پر هن ته اهو ناٽڪ جلد ختم ڪري ڇڏيو، سامان گاڏيءَ تي چاڙهيو هو رکيو گاڏيءَ واري سان ٻاڙو ٻولڻ ۾ ڏي وقت لڳي ويو ۽ پوڙهيءَ ڇڻ ڪي قيمتي ڊراماڻي گهڙيون وڃائي ڇڏيون، ۽ جڏهن جيمس گاڏيءَ ۾ سوار ٿي روانو ٿيو ته هن ڏاڍي دلگيريءَ سان، اهو زردي زريءَ وارو ڇـل رومال لوڏي هن کي الوداع ڪيو.

ٻوڙهيءَ کي ٻکو احساس ٿي ويو هو ته ڪو وقت ايندو جو جيمس جي انهيءَ دڙڪي جو ذڪر ٻڌي ماڻهن کي کِل اچي ويندي.

[٦]

شام جي وقت برسٽل جي هڪ پرائيويٽ ڪمري ۾ هينري ڊنر تي باسل جو انتظار ڪري رهيو هو. باسل جي ايندي ئي هينري ڪانئس پڇيو:

"تو ته اها خبر ٻڌي هوندي باسل_؟"

"نه_ ڪهڙي خبر آهي_؟ پر ڏس سياست جي ڳالهه اصل نه ڪجان مون کي سياست سان اصل نفرت آهي. هائوس آف ڪامنس ۾ ڪو هڪڙو به ميمبر اهڙو ناهي جنهن جي تصوير ناهي سگهجي. ها هڪڙو ٻه ته اهڙو ضرور آهي جنهن تي ڪجهه مڙئي ٻوچي ٻوچي ڪري سگهجي ٿي____"

"ڊورين گري جو مڱڻو ٿي ويو آهي_" هينري باسل جي منهن ۾ نهاريندي چيو. باسل ٻهرين چرڪ ڀريو ۽ ٻوءِ منهن ۾ گهنڊ وجهي چوڻ لڳو:

"ڊورين شادي ٿو ڪري_؟ ناممڪن_!"

"آءٌ بالڪل سچ پيو چوان_"

"ڪنهن سان شادي رٿي اٿس_؟"

"ڪا رواجي ايڪٽريس آهي، يا ڪا ٻي ڇوڪري هوندي_"

”مون کي ته اعتبار نٿو اچي، ڊورين چڱو سياڻو ڇوڪرو آهي.“

”ڊورين تمام سياڻو ڇوڪرو آهي تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن حماقت ته ڪندو ئي.“

”پر شادي ته هڪ دفعو ڪبي آهي، ڪڏهن ڪڏهن جي ڪهڙي ڳالهه.“

”آءٌ ڪڏهن ٿو چوان ته هن شادي ڪري ورتي آهي، هن شاديءَ جو عهد ڪيو آهي مڱڻو ڪيو آهي، شادي ۽ مڱڻي ۾ وڏو فرق آهي.“

”پر ڊورين جو بڻ بنياد، حيثيت ۽ دولت ته ڏس، پاڻ کان گهٽ درجي واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ هن لاءِ گهٽتائي جي ڳالهه نه ٿيندي ڇا؟“

”نيڪ خصلت ماڻهو ئي ته بنهه جڏا ڪم ڪندا آهن.“

”مون کي اميد آهي ته اها ڇوڪري نيڪ ۽ سلڇڻي هوندي، يار آءٌ نٿو چاهيان ته ڊورين ڪنهن خسيس مخلوق سان وڃي ناتو جوڙي جا سندس سڀاءَ کي نيچ ڪري ڇڏي ۽ سندس اعليٰ ذهن کي بگاڙي ڇڏي.“

”هوءَ تمام سلڇڻي آهي ۽ بيحد خوبصورت آهي.“ هينري شربت جا ڍڪ ڀريندي چيو. ”ڊورين چوي ٿو ته هوءَ خوبصورت آهي ۽ اهڙين شين بابت هن جي راءِ غلط نه هوندي آهي، تو واري ناهيل تصوير هن ۾ ٻين ماڻهن جي ظاهري صورت کي پرکڻ جي صلاحيت وڌائي ڇڏي آهي، خير جي ڊورين پنهنجي وعدي تي قائم رهيو ته اڄ

پاڻ انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڏسي سگهنداسين.“

”تون سچ پچ چرچا نه پيو ڪرين هينئر؟“

”بالڪل! اهڙو سنجيدو آءٌ اڳ ڪڏهن نه ٿيس.“

”پر ڇا تون ڊورين جي فيصلي جي تائيد ٿو ڪرين؟“ باسل ڪمري ۾ بيقراري سان پسار ڪندي چيو. ”آءٌ ته سمجهان ٿو ڊورين ڪو ناداني جو ڪم ڪري رهيو آهي.“

”آءٌ ته هاڻي نه ڪنهن ڳالهه جي تائيد ڪندو آهيان نه مخالفت. زندگي سان اهڙو ورتاءُ رکڻ مناسب ٿي ڪونهي، اسين دنيا ۾ ان لاءِ نه موڪليا ويا آهيون ته پنهنجين اخلاقي نادانين کي ويتر هوا ڏيون. آءٌ ته نڪو معمولي ماڻهن جي ڳالهين تي ڌيان ڏيان نڪو غير معمولي ماڻهن جي ڪمن ۾ ڪو دخل ڏيان. منهنجي لاءِ ته بس اها شخصيت سهائيندي آهي جا مون کي متاثر ڪري، پوءِ پنهنجي ڪهڙي خوبيءَ سان به متاثر ڪندي هجي.

”ڊورين گري هڪ ايڪٽريس کي جوليٽ جي ڪردار ۾ پسند ڪيو آهي ۽ هن سان شادي ڪرڻ لاءِ هن سان مڱڻو ڪيو اٿس، ڇو نه ڪري؟ هو ڪنهن به ڇوڪريءَ سان وڃي نائو جوڙي ها ته به هو اسان لاءِ ساڳي چاهه جي شئي ٿي رهي ها. تو کي ته خبر آهي باسل، شادي جي معاملي ۾ آءٌ پاڻ ڪو سورهيه ثابت نه ٿيو آهيان. شاديءَ جو وڏو عيب اهو آهي جو اها انسان کي خود غرض نٿي رهڻ ڏي ۽ جيڪي ماڻهو خود غرض نه هوندا آهن سي هميشه بي رنگ هوندا آهن. هنن ۾ انفراديت نه هوندي آهي. ڪن جو وري

سُڃاڻ اهڙو هوندو آهي جو شاديءَ کان پوءِ وڌيڪ پيچيده ٿي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي خودي تي پاڻ وٽ رکندا آهن پر ان ۾ پڻ پنهنجي خودي جو اضافو ڪندا رهندا آهن. هو ويچارا هڪ کان وڌيڪ حياتيون گهارڻ تي مجبور هوندا آهن ۽ تمام گهڻي قدر منظم هوندا آهن — ۽ تمام گهڻو منظم هئڻ ته زندگيءَ جو مقصد آهي.

”تنهن کان سواءِ هر تجربي جي ڪا اهميت آهي. شاديءَ جي ڪير ڪيترو به خلاف ڳالهائي، اهو بهرحال هڪ تجربو آهي. مون کي اميد آهي ته ٻورين ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان انهيءَ ايڪٽريس سان شادي ڪندو. ڇهن مهنن تائين هن جي پوڄا ڪندو ۽ پوءِ اوچتو ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ تي موهجي ويندو. هاڻي ٻڌاءِ، انهيءَ تجربي جي دوران هو هڪ بهترين اڀياس لائق شئي هوندو يا نه؟“

”تو جيڪي ڪجهه به ڳالهايو آهي سو دل ۽ ارادي سان نه ڳالهايو آهي. جيڪي ٻورين جي زندگي برباد ٿي ته جيترو ڏک تو کي ٿيندو اوترو ٻيا ڪنهن کي ٿيندو. تون جيترو بهتر هئڻ جو ڏيکاءُ ڪرائيندو آهين ان کان وڌيڪ بهتر آهين.“

”اسين جو پاڻ پڻ بابت ايتري سٺي سوچ رکڻ جا ڏاڍا شوقين هوندا آهيون سو ان ڪري جو اسان کي خود پاڻ بابت خوف ۽ انديشا هوندا آهن. خوف ۽ هول جي بنياد تي ڪي ماڻهو اهو اصول ٺاهيندا آهن ته — هر ڳالهه ۾ چڱائي آهي. اسين جي پنهنجن پاڙيسرين سان ڏاڍي درياءَ

دلي جو ورتاءُ ڪندا آهيون ته اهو ان ڪري جو اسان کي اهو ويسهه هوندو آهي ته هنن ۾ ڪي اهڙا گڻ آهن جي اسان لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا، اسين ڏاڙيلن ۽ رهزنن جي به محض هنن جي شرڪان محفوظ رهڻ لاءِ ساراه ڪندا آهيون، اسين پنهنجن ڏراوتين جي به ان ڪري ساراه ڪندا آهيون ته من هو اسان کي بهتر منافعو ڏين، سو باسل دوست، مون جيڪي ڪجهه به چيو سو ارادي سان چيو، مون کي انهيءَ هر ڳالهه ۾ چڱائي واري اصول سان نفرت آهي،

”رهيو ڪنهن جي زندگيءَ جو برباد ٿيڻ، سو زندگي فقط اها برباد ٿيندي آهي جنهن جي واڌ ويجهه سڌاري واڌاري جي عمل ۾ رڪاوٽ پئجي ويندي آهي، ائين به ٿيندو آهي جو ڪنهن کي تباه ڪرڻ لاءِ هن کي فقط سڌارڻ ڪافي هوندو آهي، رهيو شاديءَ جو سوال، سو شادي واقعي وڏي بيوقوفائي آهي، عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڪي بيا ۽ ٻڻ وڌيڪ دلچسپ ناتا به ٿي سگهن ٿا جن جي آءٌ يقينا تائيد ڪندس پر.... اجهو ڊورين به اچي ٻيو، هاڻي هو تو کي مون کان به ڪجهه وڌيڪ سمجهائي ڏئي سگهندو.“

”پيارا دوست هينري، پيارا دوست باسل، مون کي مبارڪون ڏيو.“ ڊورين پنهنجي اطلس جي پرن واري ٽوپي هٿ پاسي اڇلائيندي پنهي دوستن سان واري واري سان هٿ ملائيندي چيو. ”آءٌ ايترو خوش ڪڏهن به نه ٿيس، ۽ هي سڀڪجهه به واقعي اوچتو ئي ٿي ويو، مون کي

۽ ان چاتيون خوشيون پيون ملن، اوچتيون ۽ ان چاتيون ۾ ٽڏهن ٻه جهڙوڪر آءٌ هميشه ئي انهن لاءِ سڪندو رهيو آهيان.“ سرهائي ۽ جذبات جي تپش کان هن جو منهن سچو ڳاڙهو ٿيو پيو هو ۽ اڄ ته هو بيحد خوبصورت پئي ڏسڻ ۾ آيو.

”خدا ڪندو تون هميشه ئي ايترو خوش رهندين ڊورين!“ باسل چيو. ”پر آءٌ توکي معاف نه ڪندس تو پنهنجي شادي جي خبر هينري کي ڪئي ۽ مون کي ڪجهه نه ٻڌايو.“

”۽ آءٌ توکي معاف نه ڪندس جو تو ڊنر تي اچڻ ۾ دير ڪري ڇڏي.“ هينري ڊورين جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو. ”چڱو ويهه، ۽ اسان کي ٻڌاءِ ته ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو.“

”ڪا وڏي ڪهاڻي ته نه آهي.“ ڊورين تيز آواز ۾ چيو. هو هڪ ننڍي ٽيبل جي چوڌير ويهي رهيا. ”ٿيو هيئن جو ڪلهه آءٌ هينري وٽان موڪلائي ڪپڙا بدلائي ڊنر ڪائي ٿيئٽر پهتس، سبل روزالنڊ جو ڪردار ڪري رهي هئي، اهو منظر ته بالڪل ئي بيجڙو هو ۽ اورلينڊو ته بنهه ڪنهن نه ڪم جو هو پر سبل! ڪاش تون هن کي ان وقت ڏسين ها جنهن وقت هوءَ ڇوڪرائي لباس ۾ اسٽيج تي آئي، باسل، هن ۾ اها ئي سونهن اها ئي سوڀيا هئي جا تنهنجي اسٽوڊيو ۾ رکيل وڏن چترڪارن جي ڏاهيل تصويرن ۾ آهي، وارن جي ڇڳن ۾ وڪوڙيل هن جو منهن ائين پئي لڳو جيئن ڪو پيلو گلاب مشڪي پنن جي مچي ۾ بيٺل

هوندو آهي، ۽ جيتري قدر هن جي ايڪٽنگ جو سوال آهي سا نه اج رات اوهين پاڻ ڏسي وٺندا، بس هوءَ هڪ پيدائشي ڪلاڪار آهي، ٿيئٽر جـي گدلي باڪس ۾ ويٺي به مون کي ائين پئي لڳو ڄڻ آءٌ لنڊن ۾ نه بلڪ پنهنجي محبوب سان گڏ هڪ اهڙي وڻڪار ۾ پيو هلان جا اج تائين ڪنهن انسان نه ڏٺي آهي،

”ٿيئٽر ختم ٿيو ته آءٌ سبل سان وڃي مليس، ڳالهيون ڪندي اماڪ هن جي اکين ۾ هڪ اهڙي جوت جلي پئي جا مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي، مـون پنهنجا چپ هن ڏانهن وڌايا ۽ اسان هڪ ٻي کي پيار ڪيو، ان وقت مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي سڄي زندگي ميڙجي سيڙجي انهيءَ هڪ گلابي نقطي تي اچي بيٺي آهي جو منهنجين خوشين جو مرڪز آهي، ان وقت سبل جو سڄو بت ٿڙڪڻ لڳو ۽ هوءَ نرگس جي گل وانگر جهولڻ لڳي. پوءِ هوءَ منهنجي آڏو گوڏن ڀر ويهي رهي ۽ منهنجا هٿ وٺي چمڻ لڳي،— مون کـي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ کپن، پر آءٌ رهـي نه سگهيس، خير، اسان پاڻ ۾ شاديءَ جـو جيڪو ٻول وچن ڪيو آهي سو اڃا راز ۾ آهي، هن پنهنجي ماءُ کان به اها ڳالهه لڪائي آهي، خبر ناهي منهنجا سرپرست مون بابت ڪهڙو ورتاءُ رکندا پر مون کي هنن جي پرواه ناهي، هڪ سال اندر آءٌ قانوني طور وات وڪيل ٿي ويندس پوءِ جيئن چـاهيندس تيئن ڪندس ، آءٌ جيڪي ڪجهه ڪريان پيو نيڪ پيو ڪريان، ڪيئن باسل-؟ مون شاعريءَ کان پنهنجو

محبوب ورتو آهي، شيڪسپيئر جي رچنائن مان پنهنجي رفيق ڳولي هٿ ڪئي اٿم، انهن ڇپن مون کي پنهنجو راز ڏنو آهي جن کي شيڪسپيئر ڳالهائڻ سيکاريو، روزالنڊ جي ٻانهن مون کي ڀاڪر وڌو آهي، جوليٽ منهنجي چپن تي پنهنجا چپ رکيا آهن۔“

”ها ڊورين، منهنجي خيال ۾ تون سڀ ٺيڪ ڪري رهيو آهين۔“ باسل نرمائي سان چيو.

”تو ڪهڙي نڪتي تي اچي هن سان شاديءَ جي ڳالهه ڇيڙي ۽ هن ڇا چيو۔؟“ هينري پڇيو.

”مون ڪاروباري ڏيتي ليتي سمجهي شادي جي ڳالهه نه ڪئي پيارا دوست، نه ئي مون ڪو رسمي انداز اختيار ڪيو، مون هن کي چيو۔ ’مون کي توسان محبت آهي۔‘ هن چيو۔ ’آءٌ تنهنجي لائق نه آهيان.‘ ڀلا هوءَ ايئن چوڻي چوي؟ منهنجي اڳيان ته هن جي ڀيٽ ۾ سڄو سنسار ڏيڍ تڇ آهي۔!“

”عورتون عجيب طرح سان عملي هونديون آهن۔“ هينري چيو۔ ”اسان مردن کان ٻه وڌيڪ عملي، محبت جو اظهار ڪندي اسان کي اڪثر شادي بابت ڪو خيال به نه هوندو آهي پر هو انهيءَ ڏي وقت اسان کي شاديءَ جو احساس ڏياري ڇڏينديون آهن۔“

”ائين نه چئو هينري۔“ باسل هينري جي ٻانهن جهليندي چيو۔ ”تون ڊورين کي ڏکوئڻ واريون ڳالهيون پيو ڪرين، هي نه اهڙي سهڻي سڀاءَ جو آهي جو ڪنهن لاءِ به برو نه

ٿئبو—"

"دورين منهنجين ڳالهين تـي ڪڏهن به رنج نه ٿيو آهي ۽ جيڪو سوال تجسس جي نتيجي ۾ ڪيو آهي سو معاف ڪرڻ جوڳو هوندو آهي. منهنجو شادي بابت هڪ نظريو آهي. اهو هي ته شاديءَ جـو ارادو خود عورت ئي ظاهر ڪندي آهي نه ڪي مرد، وچولي طبقي ۾ جيڪڏهن ائين نٿو ٿئي ته ان جو سبب هي آهي جو اهو طبقو جدت کان بري هوندو آهي—"

"تون ته صفا ڪو وڃل آهين—" دورين ٿهڪ ڏئي ڪنڌ ڌوڻ ڪئي. "پر خير آءٌ دل ۾ نٿو ڪريان، توسان ڪاوڙجڻ ممڪن ئي ڪونهي، جڏهن تون سڀل کي ڏسندين تڏهن خود محسوس ڪندين ته ڪو حيوان ئي هوندو جو هن کي ڪو ڇيهو رسائڻ جي ڳالهه به سوچيندو. آءٌ ته اهو سوچي به نٿو سگهان ته جنهن سان محبت هجي تنهن کي بدنام ڪرڻ جو ارادو به ڪري سگهجي ٿو. مون کي سيل سان محبت آهي ۽ آءٌ هن کي هڪ سوني پاڙي تي بيهاري دنيا کي هن جي پوڄا ڪندو ڏسڻ گهران ٿو، اهڙي شخصيت جي پوڄا، جنهن جو آءٌ مالڪ آهيان — باقي شادي ته هڪ اهڙو بندڻ آهي جنهن سان ڪنڌ بچائي نٿو سگهجي، ۽ خدارا تـون انهيءَ تان چٽر نه ڪر، اهو هڪ اهڙو بندڻ آهي جنهن ۾ آءٌ پاڻ کي ٻڌڻ ٿو چاهيان. هن جي اعتماد مون ۾ وفا جو جوهر پيدا ڪري ڇڏيو آهي، هن جي ويساه مون ۾ نيڪي جـي وصف پيدا ڪري ڇڏي آهي. سچ ته

جڏهن آءٌ سڀ سان ملندو آهيان تڏهن تو وٽان سکيل اصولن تي مورکو ارمان ٿيندو اٿم، تڏهن آءٌ اهو ڀورين ڏي ڏ رهندو آهيان جهڙو اوهان اڳيان هوندو آهيان، هن کي فقط ڇهڻ سان ڏي منهنجي ذهن تان تنهنجي ۽ تنهنجي زهر ڀريل من موهيندڙ نظرين جا نقش ميسارجو وڃن-"

"منهنجا ڪهڙا نظريا آهن ڀلا-؟" هينري سلاد جي پليٽ کڻندي چيو.

"اهي تنهنجا زندگي، محبت ۽ لذت پرستي وارا ۽ ٻيا سڀ نظريا-"

"لذت، خوشي، سرهائي — اها ئي هڪ اهڙي شئي آهي جنهن بابت ڪنهن وٽ ڪو نظريو هئڻ ضروري آهي-" هينري پنهنجي آواز ۾ سُر ۽ ڏيرج پيدا ڪندي چيو. منهنجي اها دعوي نه آهي ته آءٌ ئي انهي ۽ نظرئي جو خالق آهيان، انهي ۽ نظرئي جي خالق ته خود **فطرت** آهي. اها شئي ته فطرت جي آزمائش آهي ۽ فطرت جي خوشنودي جو ذريعو به. جڏهن اسين خوش آهيون تڏهن هميشه نيڪ آهيون پر جڏهن اسين نيڪ آهيون تڏهن ڪو هميشه ئي خوش نه هوندا آهيون-"

"پر انهي ۽ نيڪ هئڻ سان تنهنجو آخر مطلب ڇا آهي هينري-!" باسل ڇڻ رڙ ڪئي.

"ها ڀلا-" ڀورين باسل جي آواز جو ئي پڙاڏو پيدا ڪيو.

"نيڪ هئڻ جي معنيٰ آهي پنهنجو پاڻ سان ميل سلوڪ ۾ هئڻ — پنهنجو پاڻ سان ناهه، پنهنجي پاڻ سان وفا، محبت

۽ مطابقت ـ“ هينري پنهنجين خوبصورت آڱرين سان هڪڙي مڱ جي ڏانڊي جهليندي چيو. ”۽ پنهنجي پاڻ سان ناموافقت آهي ٻين سان ميل سلوڪ ۾ رهڻ تي مجبور ٿيڻ. ماڻهوءَ لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهم شئي خود هن جي پنهنجي زندگي آهي. جي ڪنهن کي ترڙو ٿي ٿيڻ جي سڌ آهي ته پلي پيو پنهنجن پاڙيسرين بابت پنهنجي نيڪ اخلاقي جي لحاظ هٽي پر حقيقت ۾ ٻين بابت فڪر رکڻ ڪنهن جو به ذمو ڪونهي، جڏهن ته انفراديت جو هڪ اتم مقصد آهي. جديد اخلاقيات پنهنجي فطرت ۾، فرد جي پيڙهيءَ جي معيار کي تسليم ڪرڻ جو اصول رکي ٿي جڏهن ته منهنجي خيال ۾ ڪنهن به سڌريل ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي پيڙهيءَ جو معيار قبول ڪرڻ وڏي ۾ اخلاقي جي ڳالهه ٿيندي.“

”پر اها ڳالهه به يقيني آهي هينري ته جيڪو ماڻهو فقط پنهنجي لاءِ ٿي جيئي ٿو سو ان لاءِ وڏي ڳري قيمت ادا ڪري ٿو.“ باسل خيال ظاهر ڪيو.

”برابر، اڄڪلهه اسان کان هر شئي جي قيمت ڪجهه وڌائي وصول ڪئي وڃي ٿي. منهنجي خيال ۾ غريب طبقي سان سڀ کان وڏو ظلم هي آهي جو هنن ۾ خريد جي قوت نه آهي ۽ پنهنجو روح پلڻ جي قوت اوس آهي، خوبصورت شين وانگر خوبصورت گناهن جو حق ۽ فائدو به فقط اميرن کي حاصل آهي.“

”ماڻهوءَ کي پئسي کان سواءِ ڪنهن ٻي طرح سان به قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي.“

”مثال طور ڪهڙي شئي جي شڪل ۾ تي قيمت پرٺي پوي ـــ؟“

”مثال طور ـ منهنجي خيال ۾ ـ ڪنهن ماڻهوءَ کي پڇتاءَ جو احساس ٿو ستائي، ڪو درد ٿو برداشت ڪري، ڪو ڪنهن قسم جي ذلت جو شڪار ٿو ٿئي...“

”منهنجا دوست ـ“ هينري ڪلهن کي جنبش ڏيندي چيو ـ ”وچين صديءَ وارو فن برابر ڏاڍو دل آويز آهي پر يار انهيءَ دور جا جذبات هاڻي حد کان خارج ٿي ويا آهن. ڪٿي انهن کي افسانوي ادب ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو پر پوءِ افسانوي ادب ۾ ته اهي ڏي وڙ ڪتب آڻي سگهبا جيڪي حقيقي ادب ۾ نه اچي سگهيا آهن. يقين رک ڪو به سڌريل ماڻهو خوشي ۽ لذت جي نندا نٿو ڪري سگهي ۽ ڪو به اڻ سڌريل ماڻهو اهو چاهيندو ئي نه آهي ته خوشي ڇا آهي ـ“

”پر آءٌ چاهان ٿو ته خوشي ڇا ۾ آهي ـ“ ڊورين چيو.

”خوشي ۽ لذت آهي ڪنهن جي پوڄا ڪرڻ ۾ ـ“

”برابر ـ پوڄا لائق هئڻ کان پوڄاري ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي ـ“ هينري ميوات سان ڇيڙڇاڙ ڪندي چيو ـ ”پوڄڻ ته هڪ وڏو آزار آهي، عورتون اسان کي ديوتا ڪري پوڄينديون آهن ۽ ان ڪري ئي اسان سان گهٽيون اميدون آسرا ٻڌي اسان کي پنهنجون فرمائشون پوريون ڪرڻ تي مجبور ڪنديون آهن ـ“

”آءٌ ته ائين چوندس ته هو اسان کان اهو ئي ڪجهه

گهرنديون آهن جو ڪجهه هو اسان کي اڳ ڏٺي چڪيون هونديون آهن، هو اسان ۾ محبت پيدا ڪن ٿيون ۽ اسان کان محبت واپس گهرڻ هنن جو حق آهي-“ ڊورين سنجيدگي سان چيو.

”تو بالڪل صحيح چيو ڊورين-“ باسل رڙ ڪئي.

”ڪابه ڳالهه ڪڏهن به بالڪل سچ نه هوندي آهي-“ هينري چيو.

”مگر هيءَ ڳالهه بالڪل سچ آهي هينري-“ ڊورين چيو- ”تو کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته عورت مرد کي پنهنجي زندگي جي اصل دولت پيش ڪري ڇڏيندي آهي-“

”ممڪن آهي-“ هينري وڏو ساه کڻندي چيو- ”پر هو اهو ئي ڪجهه ساڳيو جو ساڳيو فقط ٿوري تبديليءَ سان واپس ٿيون گهرن ۽ اها ئي ڪٺنيءَ جي ڳالهه آهي. جيئن ڪنهن سياڻي فرانسي اشراف چيو آهي ته عورتون اسان ۾ ڪو نه ڪو ڪارنامو ڪرڻ جو زبردست شوق پيدا ڪنديون آهن ۽ هميشه اسان جي انهيءَ ئي ڪم ۾ رنڊڪ بڻيو بيٺيون هونديون آهن.“

”هينري تون ته نهايت خطرناڪ ماڻهو آهين، آءٌ الائي تو کي ايترو چو ٿو گهران-!“

”تون مون کي هميشه گهرندين، ڊورين-“ هينري چيو- ”چڱو دوستو! اوهان ڪافي پيئندؤ نه؟ بيرا! ڪافي ۽ عمدو شيمپين کڻي اچ، پر باسل، آءٌ تو کي سگار پيئڻ نه ڏيندس، تو کي سگريٽ ڇڪڻ کپي، مڪمل لطف لاءِ

سگريٽ هڪ مڪمل شئي آهي، سگريٽ ڏاڍي پياري شئي آهي جو ان مان ڏيو ڪڏهن نه ٿيندو آهي، بس پيو ڪنهن کي گهرجي به ڇا؟ ها، ڊورين، تون هميشه منهنجو شيدائي رهندين، مون توکي اهڙن اهڙن گناهن کان واقف ڪري ڇڏيو آهي جي تون ڪڏهن به نه ڪري سگهيو آهين.“

”کهڙيون بيوقوفي جون ڳالهيون ٿو ڪرين هينري.“ ڊورين چيو. ”هــائي هلو ته ٿيئٽر تي هلون. جڏهن سبل اسٽيج تي ايندي تڏهن توکي زندگي جو هڪ نئون آدرش ملي ويندو. هوءَ اوهان جي اکيان اهو ڪجهه ظاهر ڪندي جو ڪجهه اوهان اڳ ڪڏهن نه ڏٺو آهي.“

”آءٌ هر شئي کان واقف آهيان.“ هينري جي اکين ۾ ٿڪاوٽ هئي. ”پر آءٌ هر نئين جذبي لاءِ هميشه تيار آهيان ۽ مون کي ته خدشو آهي ته، ٿيئٽر ۾ منهنجي لاءِ ڪا نئين شئي ڪانه هوندي. خير تي سگهي ٿو تنهنجي اها عجيب غريب محبوبه منهنجي دل دماغ ۾ به هلچل مچائي ڇڏي، اداڪاري سان ته مون کي عشق آهي حقيقت هيءَ آهي ته زندگي ۾ اداڪاري ئي هڪ وڏيڪ حقيقي شئي آهي. ڊورين تون مون سان گڏجي هل، باسل معاف ڪجانءِ، منهنجي گاڏيءَ ۾ فقط ٻن ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ آهي، تون ڪنهن ٻي گاڏيءَ ۾ اسان جي پويان اچ ضرور.“

هو ٽئي اٿي ڪپڙا ٽيا ۽ ڪوٽ وغيره پائي ٻيئي ٻيئي ڪافي به پي ورتائون. باسل خاموش. ۽ ڊورين سان گڏجي هلڻ لاءِ لاچار، ڇاڪاڻ ته گاڏيءَ ۾ فقط ٻن ڄڻن جي جاءِ

هئي-! هن جي چهري تي اداسي هئي، ٻورين جي شادي هو سهسائي نٿي سگهيو پر وري به ان معاملي کي هن آئندي جي انهن حادثن کان بهتر ٿي سمجهيو جن جو امڪان هو. هو ٻاهر نڪتا، فيصلي موجب هو هن ٻنهي کان جدا ٿي هڪ ٻي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو ۽ اها هينري جي گاڏي جي پٺيان ٿي ٻيئي. اڳيان ٻيئل انهيءَ گاڏيءَ، جنهن ۾ ٻورين هينري سان گڏ ويٺو هو، جي ٻنهين تي اڪيون کپائي هو چپ چاپ ويٺو رهيو. اهڙي ريت ٿيئٽر ڏانهن هلندي هن جي ذهن ۾ ڀهريون ڀيرو هڪ نئون خيال آيو-! هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ڪانئس ڪجهه وڃائجي ويو آهي، هن محسوس ڪيو ته ٻورين هن سان هاڻي ڪڏهن به اڳي جهڙو نه رهندو. زندگي هنن ٻنهي جي وچ ۾ ڏيي پئي هئي.... هن جي اکين اڳيان اونده اچي وئي، گوڙ شور سان ڀريل جرڪندڙ گهٽيون هن کي جهڪيون ڏيکائي ڏيڻ لڳيون— ۽ جڏهن گاڏيون ٿيئٽروٽ اچي بيٺيون، تڏهن هن کي محسوس ٿيو ڄڻ هو زندگي جا ڪيترا سال اورانگهي ٻڍاپي جي در تي اچي رسيو آهي—!

[٧]

ڪنهن سبب ڪان اڄ ٿيئٽر ۾ گهڻي رش هئي، ٿلهي يهودي مئنيجر هنن ٽنهي کي ڏسي وڏي اچي سندن آجيان ڪئي هو پنهنجي اها سٽيي توڙي ضعيف مرڪ ڪنيو ڪڏهن هڪ جي اڳيان بيو جهڪي ته ڪڏهن ٻي سان بيو ڪا

سرہر ڪري، ڇهري تي تماشي نمرتا پيدا ڪندي، منڊين سان گڏيل پنهنجن ٿلهن هٿن کي هيڏانهن هوڏانهن اڇلائيندي پنهنجي قوت جي پوري حد ڏانهن ڳالهائيندي هو هينري، باسل ۽ ڊورين کي سنڌن باڪس ڏانهن وٺي آيو. ڊورين کي هن کان اڄ ڪجهه وڌيڪ ئي بيزاري ٿي ٿي پر هينري ڏاڍي گرمجوشي سان هن سان هٿ ملائيندي هن جي ساراه ڪئي ڇو ته هن ماڻهن سان، جيڪي ادراڪ جي پروڙ رکن ٿا، ملي ڪيس هوندن ته ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. پيلا ڀهرو فن شناس ماڻهو ڪو ٿيو ٿيندو جنهن محض هڪ شاعر خاطر پنهنجو ڏيوالو ڪڍيو.

باسل هالورڊ حال ۾ موجود صورتن کي ڏسي پئي دل وندرائي، اڄ گرمي به هيڪاندي هئي. ماڻهن پنهنجا ڪوٽ لاهي ڪٽي ڪلهن تي رکيا هئا ۽ هڪ ٻئي سان طرح طرح جون ڇهلون ڪرڻ ۾ مشغول هئا، ڪي عورتن سان پٽ ٺٽ هئڻ ۽ نارنگيون کائڻ ۾ رڌل ته ڪي هڪ ڇيڙي کان ٻي ڇيڙي ڏانهن پنهنجي ڳالهه پهچائڻ ۾. ڪي عورتون وري وڏا ٺڪا خوفنائتا ۽ بي سرا ٺهڪ ڏيڻ ۾ ورتيون پيون هيون. بار ۾ ته ڇڻ ڪڪڙن جي بانگون ڏنيون. هينري چيو:

”واه! ڪنهن جي خدائي ڏسڻ لاءِ هن کان بهترين جاءِ ٻي ڪهڙي هوندي.“

”بيشڪ.“ ڊورين چيو، ”سبل مون کي هتي ئي ملي هئي، جڏهن تون هن جي اداڪاري ڏسندين تڏهن تو کي سڀ ڪجهه وسري ويندو، هوءَ اتم آهي، جڏهن اسٽيج تي

ايندي آهي تڏهن هي سڀ بچڙا بـي ڊولا تماشبين بالڪل بدلجي ويندا آهن ۽ چپ چاپ ويٺا فقط سبل کي تڪيندا رهندا آهـن ۽ سبل جيئن چاهيندي آهـي تيئن هنن کـي کلائيندي ۽ روئاڙيندي رهندي آهي- هوءَ ماڻهن ۾ ايتري رومانيت ڦوڪي ڇڏيندي آهي جو هو سهي ڪرڻ لڳندا آهن ته سڀ انسان هڪڙو ئي هڏ ۽ ماس رکندڙ هڪ ئيُ وجود آهن-"

"اهڙي به ڪاڻ هوندي-" هينري دوربين سان هال ۾ داخل ٿيندڙ ماڻهن ڏانهن نهاريو.

"تون هينري جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏي ڊورين-" باسـل چيو- "آءٌ تنهنجي ڳالهه سمجهان پيو ۽ مون کي پڪ آهي ته سبل اهڙي ئي هوندي جهڙي تون ٻڌائين ٿو، جنهن هستيءَ سان تون محبت ڪرين ٿو سا يقينا اهڙي ئي بـي نظير هستي هوندي، جـي واقعي هوءَ مـاڻهن ۾ روح ڦوڪي سگهي ٿي ته اها ڪا جهڙي تهڙي ڳالهه ڪانهي، جي هوءَ گند پريل ذهن ۾ سونهن ۽ شيلتا جو شعور پيدا ڪري سگهي ٿي، جي هو خود غرض ماڻهن کي پشيمانيءَ جا لڙڪ اڏارا ڏئي سگهي ٿي ته بيشڪ هوءَ تنهنجي محبت جي لائق آهي بلڪ سڄي سنسار جي محبت جي لائق آهي، ديوتائن سبل کي تو لاءِ ناهيو آهـي، تنهنجي زندگي هـن سان ئي مڪمل ٿيندي، هاڻي آءٌ اهو به تسليم ڪريان ٿو ته اوهان جي شادي واقعي مناسب ٿيندي-"

"مهرباني باسل دوست، مهرباني-" ڊورين باسل جي

هٿ کي زور ڏيندي چيو- ”مون کي اميد هئي ته تون ئي مون کي سمجهندين، هينري ته بيحد رکو ماڻهو آهي جو مون کي رڳو ڏپ ڏيندو رهندو آهي،— اڃا، ساز شروع ٿي ويا آهن، آهن ته ڏاڍا بي سرا ۽ ڀوائتا، پر اڃا فقط پنج منٽ وڃندا ۽ پوءِ پردو کڄندو ۽ پوءِ....ڏسجان-“

پندرهن منٽ گذريا ته پردو کنيو ويو ۽ تاڙين ۽ واه واه جي شور ۾ سبل وين اسٽيج تي قدم رکيا— هينري هن کي چڱي طرح ڄاڻي ڏٺو ۽ هن کي تسليم ڪرڻو پيو ته برابر ههڙي پياري من موهيندڙ هستي هن اڳ ڪڏهن نه ڏٺي-! هن جي چهري تي جو حياءُ هو، اکين ۾ جا معصوميت هئي ۽ حيراني هئي، هن جي شخصيت ۾ جو شان هو- ڇڻ ڪو هرڻ جو ٻچو اڇي اسٽيج تي بيٺو هجي — تنهن هينري کي اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، هال ۾ ماڻهن جو انبوهه ۽ سندن جوش ڏسي هوءَ حياڪان ڳاڙهي ٿي وئي ڄڻ چانديءَ جي آرسيءَ تي گلاب جي گل جو پاڇو پئجي ويو هجي.

سبل ٻه ٽي قدم پوئتي هٽي، هن جا چپ ڪنبڻ لڳا- باسل ته اٿي کڙو ٿي بيٺو ۽ واهه واهه ڪرڻ لڳو ۽ ٻورين، مات ٿيو پنڌ پهڻ ٻنيو سبل ڏانهن تڪيندو رهيو ڄڻ ڪو سهڻو سپنو ڏسندو هجي ۽ هينري، دوربين سان سبل کي ڏسندو ”واه، بيحد خوبصورت، بيحد وڻندڙ-“ چوندو رهيو.

روميو جوليٽ جي هن ناٽڪ ۾ ڪاپوليٽ جي گهر جو وڏو ڪمرو ڏيکاريو ويو هو جنهن ۾ روميو ڪفني

پاڻي ھرڪيوشو ۽ ٻين دوستن سان گڏ داخل ٿي ٿو، ٻئنڊ، جھڙي ٻه ھئي، ٻه ٽي ٽڪاءِ ھڻيا ۽ رقص شروع ٿي ويو. جھڙا ھئا انگڪٽر ٻي سرا تھڙا ھئا سندن لباس – انھن اٿوٽندڙ ويسا ڏارين جي ٽولي ۾ سبل انئين پي ڏسڻ ۾ آئي چڻ ڪنھن ٻي خوبصورت سنسار کان آئي ھجي، ھن جو بدن ائين پي چريو پرڻو جيئن پاڻيءَ ۾ ڪو ٻوٽو لڏندو لمندو ۽ ٿڙڪندو آ-ي. ھن جي بدن جا ور سفيد سوسن جي ورن جھڙا پي ڏسڻ ۾ آيا ۽ سندس ھٿ ته ائين پي لڳا چڻ ٽڏي عاج مان ٺھيل ھجن.

پر— انھيءَ ھوندي ٻه اڄ ھوءَ گھڻي ٻي خيالي پي ڏسڻ ۾ آئي — تعجب جي حد ٿائين -! ھن جون نگاھون روميو سان ٽي ٽڪريون ته ٻه ھن جي منھن تي سرھائي جي ڪا لھرنتي پئدا ٿي، گيت جون جيڪي مصرعون ھن چيون سي سڀ رڪي انداز ۾ چيون، آواز بيحد سريلو ھئس ته ٻه ان جي لھجي ۾ ڪا جان نه ھئي جنھن سبب شعرن جو چڻ خون ٿي ٿيو،—! سبل کي اڄ ڇا ٿي ويو آھي-؟ ٻورين سبل جي اھا حالت ڏسي سڄو پيلو پئجي ويو-! مونجھ، ۽ پريشانيءَ ھن کي بي سرت ڪري ڇڏيو، ھينري ۽ باسل کي پڻ مات وٺي وئي-! سبل جي اداڪاري کان ھو مايوس ٿي پيا— ۽ جڏھن ٻيو انڪٽ شروع ٿيو ۽ ھنن اميد ساري اسٽيج ڏانھن نھاريو ته شايد سبل پاڻ سنڀالي چڪي ھجي ته ٻه ستت ئي ھنن جا منھن لھي ويا. سبل مصنوعي چنڊ جي سھائيءَ ۾ ظاھر ٿي ۽ برابر ھن جي سونھن اڳي

ڪان ٻه اڳري هئي پر هن جي اداڪاري برداشت ڪان ٻاهر هئي ۽ جيئن پوءِ تيئن وئي ٿي بگڙندي ۽ بدتر ٿيندي-! نه اداڪاريءَ ۾ ڪا حقيقت جي ڇايا نه گفتن ۾ ڪو اصليت جو لاڳاپو-! نهايت عمدا شعر هن ائين پئي پڙهيا جيئن ڪنهن اسڪولي ڇوڪريءَ کي ڪنهن رواجي استاد طوطي وانگر پڙهائي آڻي اتي بيهاريو هجي. جن کي هوءَ پاڻ ئي نه پئي سمجهي سگهي-!

تان جو حال ۾ ويٺل عام ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو به اڇي بيزار ٿيا ۽ بي آرام ٿي زور زور سان سيٽيون وڄائڻ لڳا، ڏيهي جي پنيان ويٺل يهودي ڪاوڙ ۾ دڙها هڻڻ شروع ڪيا، هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پريشان ٿي پيو— مگر سبل-! انهن مڙني ڳالهين کان بي نياز ۽ بي خبر ڏاڍي اطمينان سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي.

جڏهن پهريون منظر به ختم ٿيو تڏهن شوڪارن ۽ ٺوڪڻ جو هڪ طوفان کڙو ٿي ويو. هينري پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي کڙو ٿيو:

”سبل نهايت خوبصورت ڇوڪري آهي ڊورين-“ هن چيو- ”پر اداڪاري هن جي وس کان ٻاهر آهي، هلو ته هلون-“

”آءٌ ته پورو ڊرامو ڏسي پوءِ اٿندس-“ ڊورين ڪڙا ڏيک ڪرائيندي چيو- ”مون کي افسوس آهي جو مون اوهان ٻنهي جي شام اجائي وڃائي، انهيءَ لاءِ آءٌ معافي ٿو وٺان-“

”پيارا ڊورين، آءٌ ته سمجهندس ته سبل جي طبيعت ٺيڪ نه هئي-“ باسل چيو- ”پاڻ وري ڪنهن ٻئي ڀيري اچي کيل ڏسنداسين-“

”ڪاش هوءِ بيمار ٿي هجي-“ ڊورين چيو- ”مگر اڄ مون کي هوءِ هڪ ٺڪو ٻٺر ٻئي ڏسڻ ۾ اچي، هوءِ بدلجي وئي آهي، ڪلهه رات هوءِ هڪ مهان ڪلاڪار هئي ۽ اڄ هوءِ هڪ رواجي ايڪٽريس آهي-“

”ڊورين-“ باسل وري چيو- ”تون جنهن سان محبت ٿو ڪرين تنهن بابت اهڙي ڳالهه نه ڪر، محبت فن کان وڌيڪ اتم ۽ سچاويڪ شئي آهي-“

”محبت ۽ فن ٻئي محض نقل جا ٿي انداز آهن-“ هينري راءِ پيش ڪئي- ”مگر پاڻ کي هتان هلڻ گهرجي ڊورين تنهنجو هتي ويهڻ مناسب نه ٿيندو، بچڙي اداڪاري اخلاق کي نقصان رسائيندي آهي پيو ته آءٌ نٿو ڀانيان ته تو جهڙو ماڻهو پنهنجي زال کي اداڪاري ڪندو ڏسڻ پسند ڪندو سو ڇا ٿيو جي سبل ڪاٺ جي ڳڏي جهڙي اداڪاري ڪئي، هوءِ بهرحال ڏاڍي پياري ۽ وڻندڙ آهي ۽ جي هوءِ زندگيءَ جو به ايترو فهم رکي ٿي جيترو اداڪاري جو اٿس ته پوءِ هوءِ هڪ نهايت دلچسپ تجربو ثابت ٿي سگهي ٿي، دنيا ۾ فقط ٻن قسمن جا ماڻهو ڏاڍا دلچسپ هوندا آهن هڪڙا اهي جي سڀڪجهه ڄاڻن ٿا ۽ ٻيا اهي جي ڪجهه به ڪونه ڄاڻن، اهو، ڊورين ايترو دکي نه ٿيءُ هميشه جوان رهڻ جو راز انهيءَ ۾ آهي ته ڪو اٿوٽندڙ

جذبو پنهنجي ويجهو به اچڻ نه ڏجي، هلو ته ڪلب ۾ هلي سگريٽون ڦوڪيون ۽ سبل جي نالي تي شراب پيئون، هوءَ بيحد خوبصورت آهي بس پيو توکي ڇا گهرجي-؟"

"آءٌ چوان ٿو هليو وڃ هينري-!" ڊورين رڙ ڪئي- مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو، بـاسل، تون به هليو وڃ، ڏسو نٿا ته منهنجي دل ٽڪر ٽڪر ٿي رهي آهي-؟"

ڪوسا ڪوسا لڙڪ ڊورين جي ڳلن تــي لڙي آيا ۽ چپ، ٿڙڪڻ لڳا، هو باڪس جي پوئين پت وٽ وڃي منهن هٿن ۾ جهلي ويهي رهيو.

"هلو ته هلون باسل-" هينري چيو- "هـن جي آواز ۾ عجيب قسم جي سرهائي هئي. باسل ۽ هينري ٻئي اتان هليا ويا.

اسٽيج جون بتيون ٻريون ۽ ٽئين ڏيک لاءِ پردو کنيو ويو. ڊورين وري اچي پنهنجي نشست تــي ويٺو، هن جي منهن جو رنگ ڪي پيلو پئجي ويو هو. خاموشي ۽ سنجيدگي سان باقي رهيل ناٽڪ ڏسندو رهيو، ناٽڪ به ڇڱي اينگهه، ڪئي ڇڻ پورو ئي نه ٿيندو، اڌو اڌ تماشائين ته بوٽ سٽيندا ٺهڪ ڏيندا اٿي هليا ويا، سڄو وايو منڊل گوڙ گمبوڙ سان ڀرجي ويو هـو ۽ ڊرامي جـو آخري منظر ته رکو خالي ڪرسين ڏٺو، نيٺ پردو به ڇڻ ڪرڪندي ڪنجهندي ڪريو.

ڊرامو ختم ٿيندي ئي ڊورين تڪائي سان اٿي پردي جي پٺيان واري ڪمري ۾ داخل ٿــي ويـو جتي سبل فخر ۽ فتحمندي جون ڪيفيتون منهن تي سجايو بيٺي هئي، سندس

اکين ۾ تکي چمڪ هئي ۽ سندس اڏ کليل چپ پنهنجي ئي ڪنهن ”راز“ تي مرڪي رهيا هئا. ٻورين کي ڏسي هوءَ خوشيءَ کان بي اختيار ٿي وئي:

”ڏٺئي ٻورين! اج مون ڪهڙي نه بچڙي اداڪاري ڪئي—؟“ هن رڙ جي نوع ۾ چيو.

”بالڪل ردي، بيڪار—“ ٻورين سبل کي خوشيءَ مان ڪلندو ڏسي هن کي اچرج سان پيي ڏنو— ”بالڪل پوائنٽي اداڪاري، ڇا تنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي—؟ تو کي تہ اهو احساس بہ نہ هوندو تہ تو ڇا ڪيو ۽ مون کي ڪيڏو صدمو پهتو آهي—!“

”ٻورين—!“ سبل هن جو نالو جهلي جهلي ڪجهہ اهڙي انداز سان ورتو جڻ پنهنجن سنهڙن ڳاڙهن چپن تان ڪي ماکيءَ جا ڦڙا چٽيندي هجي، اينرو ئي مٺو سُر هن جي آواز ۾ بہ هو— ”تڏهن تو سهي ڪري ورتو— هان؟“

”ڇا سهي ڪيو اٿم—؟“ ٻورين ڪروڌ ۾ ايندي چيو.

”اهو ئي تہ اج مون اهڙي ردي اداڪاري ڇو نہ ڪئي ۽ هميشہ ئي اهڙي ردي اداڪاري ڪنديس ۽ وري ڪڏهن بہ بهتر اداڪاري نہ ڪري سگهنديس—!“

”آءٌ پـانيان ٿو تون ڇماق نہ آهين—“ ٻورين ڪلهآ ڏوڏيندي چيو. ”جڏهن ٺيڪ نہ هجين تہ ڪم نہ ڪندي ڪر، تون پاڻ کي کلڻ هاب ڪيو ۽ مون کي ۽ منهنجن دوستن کي بہ ٻور ڪيو.“

پر سبل تہ جڻ ٻورين جي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي

نه هئي، خوشيءَ جو اهڙو نشو چڙهيل هئس جو حالت ئي اور ٿي پئي هئس.

”ڊورين! ڊورين!“ سبل تکي آواز ۾ چيو. ”تو سان ملاقات ٿيڻ کان اڳ فقط اداڪاري ئي منهنجي زندگيءَ جي حقيقت هئي، فقط ٿيئٽر جي اندر زنده هوندي هيس ۽ سمجهيم ته اها ئي هڪ حقيقي دنيا آهي، هڪ رات روزالنڊ هوندي هيس ته ٻي رات پورشيا. بيٽريس جي خوشي منهنجي خوشي هوندي هئي ۽ ڪارڊيليا جا سور منهنجا سور هوندا هئا، مون کي هتي جي هر شيءِ تي ايمان هو ۽ جيڪي ماڻهو هتي مون سان ڪم ڪندا هئا تن کي آءٌ ديوتا سمجهندي هيس، ناٽڪ جا مصنوعي ڏيک منهنجي سچي دنيا هوندا هئا، منهنجو واسطو پاڇن سان هو ۽ آءٌ انهن کي ئي حقيقي سمجهندي هيس.

”پوءِ آخر تون ملي وئين — منهنجا محبوب! ۽ تو منهنجي روح کي قيد مان آزادي ڏياري، تو مون کي سيکاريو ته حقيقت ۾ حقيقت ڇا آهي، اڄ رات، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون پولار مان هن ڪوڙي تماشگاه جو نينتال ۽ مڪر ڏٺو جنهن ۾ آءٌ هميشه کيل کيڏيندي رهي آهيان، اڄ رات مون کي محسوس ٿيو ته روميو فقط هڪ پهروپي ٻي ڊولو پيڙو آهي. اسٽيج جي باغ واري چانڊوڪي جڙتو آهي، سڀ ڏيک بي حقيقت آهن ۽ مون کي جيڪي گفتا ڳالهائڻا پوندا هئا تن جو هڪ اکر ڪوڙ ئي ڪوڙ آهي، ۽ اهي اکر منهنجا پنهنجا نه هئا وڌيڪ منهنجي مرضيءَ جي

برخلاف هئا،

”تو مون کي هڪ بي بها وستو آڻي ڏني، اها شئي جو هي سچو ئي فن محض ان جو اولڙو آهي، تو مون کي اهو ادراڪ بخشيو ته عشق حقيقت ۾ ڇا آهي، منهنجا مٺا، منهنجا سائين، منهنجا پيار، منهنجا جادوگر شهزادا—! هئن پاچن کان آءٌ بيزار ٿي پئي آهيان، تون مون لاءِ ڪامل فن کان به وڌيڪ آهين، هڪ ناٽڪ جي پوپريءَ سان پلا منهنجو ڪهڙو ناتو، اج رات آءٌ اسٽيج تي آئيس ته برابر پهرين اهو نه سمجهي سگهيس ته اداڪاري جون وصفون مون مان ڇو موڪلائي ويون آهن، مون ڏٺو ته اج مون کان اها اداڪاري اهو مڪر نه پيو ٿئي — نيٺ حقيقت منهنجي اکيان ظاهر ٿي ۽ سمجهي ويس ته اهو ڦيرو مون ۾ ڇو آهي ۽ ڇا جو آهي، حقيقت جو ان طرح ظاهر ٿيڻ مون لاءِ ڏاڍي مزي جي ڳالهه ٿي، مون ماڻهن کي ڦوڪارا ۽ شوڪارا ڪريندي ڏٺو پر آءٌ دل ئي دل ۾ ته مرڪي رهي هيس، پلا انهن تماشبينن کي انسان جي محبت جي ڪهڙي خبر—؟

”بورين—! مون کي ڪيڏانهن وٺي هل، جتي رڳو پاڻ هجون پيو ڪير نه هجي، مون کي اداڪاريءَ کان نفرت آهي، آءٌ انهيءَ جذبي جو نقل ته ڪري سگهان ٿي جنهن کان آءٌ واقف آهيان پر انهيءَ جذبي جو ”نقل“ ڪيئن ڪريان جو مون کي باه پٺجي جلائيندو آهي—! تون سمجهي ويو هوندين ته اهڙي مهان جذبي جو نقل

اتارڻ جي صلاحيت جو ڇا مطلب هوندو ۽ جي آءٌ ائين ڪري به سگهان ته به حيف آهي مون تي جو محبت جي جذبي سان سرشار هجان ۽ وري اهڙا ويسا ڌاري عمل به ڪري سگهان! ڊورين! هاءِ ڊورين! تو ته مون کي محبت اڪئين ڏيکاري آهي!"

ڊورين صوفي تي ڀڃي رهيو ۽ پنهنجو منهن ڪٽي ٻي پاسي ڦيرايو:

"تو ته منهنجي محبت جو خون ڪري ڇڏيو!" هن گهٽيل گلي سان چيو.

سبل حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو ۽ کلي ڏنو. هوءَ سندس پير ۾ ويهي پنهنجيون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي ۽ پوءِ گوڏن پر ويهي هن جا هٿ وٺي چمڻ لڳي مگر ڊورين پنهنجا هٿ ڇڪي ورتا، سبل جي سرير ۾ ڏڪڻي ڀڄي وئي! ڊورين ٽپ ڏئي اٿيو ۽ دروازي ڏانهن وڌندي رڙ ڪري چوڻ لڳو:

"ها. تو منهنجي محبت جو خون ڪيو آهي! اڳي محض منهنجي تصور ۾ به. تنهنجي هلچل هئي پر هاڻي منهنجين خواهشن تي به تنهنجو ڪو اثر نه رهيو آهي، هاڻي تو ۾ ڪو اثر ئي نه رهيو آهي سون توسان محبت ڪئي چاڪاڻ جو تون هڪ شانائتي ۽ اتم شخصيت هئين، چاڪاڻ جو تو مهان شاعرن جي خوابن کي حقيقت جي روپ ۾ ٿي پيش ڪيو، تو زماني جي ڇاياڻن کي شڪليون ۽ صورتون ٿي عطا ڪيون مگر اهي سڀ خوبيون تو ڀاڻ

ٿي پاڻ‌کان ڌار ڪري ڇڏيون آهن ۽ بالڪل هڪ سطحي ۽ احمق هستي بڻجي وڃي آهين- اف خدا-! تنهنجي محبت ۾ آءٌ ڪيترو نه ديوانو ٿي ويو هوس-! ڪيڏو نه بيوقوف هوس، مگر هاڻي منهنجين نظرن ۾ تنهنجي ڪابه وقعت نه رهي آهي هاڻي آءٌ توسان ڪڏهن به نه ملندس، نه تنهنجي باري ۾ ڪڏهن سوچيندس نه ڪڏهن تنهنجو نالو وٺندس،

”مون ۾ ته هاڻي اهو سوچڻ جي به قوت نه رهي آهي ته اڳ تون مون لاءِ ڇا هئينءَ. ڪاش آءٌ توکي ڪڏهن به نه ڏسان ها، توکي ڀلا محبت جي ڪهڙي ڄاڻ-؟ تون جا ثابت ڪرين ٿي ته محبت فن کي تباه ڪندڙ آهي! جڏهن ته پنهنجي فن کان اڳ تنهنجي ڪا حيثيت ڪانهي، مون تنهنجي لاءِ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون رٿائون رٿيون هيون— پر اڄ تون منهنجي لاءِ هڪ سهڻي منهن مهانڊي واري خسيس ايڪٽريس کان وڌيڪ ڪا حيثيت نٿي رکين-“

سبل جي جسم مان ته رت ست ئي موڪلائي ويو، هوءَ ٿڙڪڻ لڳي، پنهنجا ٻئي هٿ ملائيندي هن جهيڻي ڪمزور آواز ۾ چيو:

”تون سنجيده ته نه آهين نه ڊورين-؟ تون شايد اداڪاري ٿو ڪرين-!“

”اداڪاري-؟ اداڪاري جو ذمو ته تو کنيو آهي ۽ تون ان کي ڏاڍي خوبيءَ سان نباهي به رهي آهين-“ ڊورين وڌيڪ تکو ٿي ويو.

گوڏن ڀر ويٺل سبل وين هاڻي اٿي کڙي ٿي، ڇهري ٿي جا پيڙا جي ڪيفيت هئس اکين ۾ جا ويچارگي هئس تنهنجي نه ڪا حد هئي نه حساب، ٻورين جي اڳيا ويجهو اچي هن پنهنجو هٿ سندس ٻانهن تي رکيو ۽ هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳي -! ٻورين پنهنجو هٿ ڇڏائي ڇڙٻ ڏني-
"مون کي هٿ نه لاءِ -!"

سبل سور جي سٽن کان ماندي ٿي وئي، هڪ لاتاڙيل ڳال وانگر هوءِ ٻورين جي قدمن ۾ ڪري پئي.

"ٻورين -! مون کي ڇڏي نه وڃجان، مون کي افسوس آهي جو مون عمدي اداڪاري نه ڪئي، اهو سچو وقت آءٌ تو بابت سوچيندي رهيس تنهن سبب پنهنجي ڪم کان غافل ٿي ويس، پر هاڻي آءٌ ڪوشش ڪنديس، سچ ٻورين، هاڻي آءٌ پوري ڪوشش ڪنديس ته مون کان ڪا ڪوتاهي نه ٿئي ـــ اصل ۾ مون کي اتي ئي پنهنجي محبت جو اوچتو احساس ٿيو ۽ منهنجي خيال ۾، جي تون مون سان محبت نه ڪرين ها ته آءٌ محبت کان ڪڏهن به واقف نه ٿيان ها ـــ منهنجا محبوب -! مون کي هڪ دفعو وري پيار ڪر ۽ مون کان جدا نه ٿي، تنهنجي جدائي مون کان سٺي نه ٿيندي، هاءِ ٻورين -! مون کان جدا نه ٿيءُ -! ڇا تون منهنجي اچوڪي غلطي معاف نٿو ڪرين.؟ آءٌ سخت محنت ڪري پنهنجو ڪم سڌاريندس، مون سان ظلم نه ڪر آءٌ توسان دنيا جي هر شئي کان وڌيڪ محبت ڪندڙ آهيان آخر اڄ پهريون دفعو ته آهي جو آءٌ توکي خوش نه ڪري

سگهي آهيان پر تون به سچ ٿو چوين، ڊورين مون کي هڪ فنڪار کان به ڪجهه وڌيڪ بنجي ظاهر ٿيڻ کپندو هو اها منهنجي مورکپائي هئي پر آءٌ به بيوس ٿي وئي هيس، ڊورين-! مون کي ڇڏي نه وڃ، مون کان پري نه ٿي-!!-"

بيزا جي گوڙهن ۽ سڏڪن هن جو آواز روڪي ڇڏيو، هڪ سخت چوٽ رسيل جيو' وانگر هوء گوڏا ڪوڙي آزيون نيازيون ڪندي رهي ۽ ڊورين ڪنڌ جهڪائي پنهنجين خوبصورت اکين ۾ حقارت ڀري هن ڏانهن نهاريندو رهيو، نفرت سبب سندس ڪڪوريل چپن ۾ ور پئجي ويا هئا- جنهن شخصيت سان پيار نه رهندو آهي تنهن جي اندر جا ادما جذبا ۽ امنگون به خسيس ۽ کلڻ جهڙيون پيون لڳنديون آهن --- سبل جون آزيون نيزاريون به هن وقت ڊورين کي هڪ اجايو ڪلائيمڪڙ ناٽڪ پي لڳيون ۽ هن جا لڙڪ به هن کي ڏکيا پي لڳا.

"آءٌ وڃان ٿو-" ڊورين نيٺ پنهنجي صاف ۽ گنڀير آواز ۾ چيو- "آءٌ بي مروت ٿيڻ بنجڻ چاهيان پر تڏهن به آءٌ توسان وري نه ملندس، تو مون کي مايوس ڪري ڇڏيو آهي---"

سبل ڪجهه نه چيو، مان ڪيو بيٺي گوڙها ڳاڙيندي رهي، هن پنهنجا نازڪ هٿ وڌائي وري ڊورين کي روڪڻ جي ڪئي جيئن ڪو اونده ۾ هٿ هڻندو آهي پر هو پٺ ورائي ڪمري مان نڪري ويو. چند منٽن ۾ هو ٿيئٽر کان ٻاهر نڪري ويو.

ٿيئٽر مان نڪري هو بيءَ خيالو بي ارادي ۽ بي خبر
مختلف گهٽين ۾ رلندو وتيو. جهڪي سهائي ۾ ٽيبل گهٽين،
سنهڙن پيچدار رستن ۽ بدصورت مڪانن جي وچان هو
ڪيترو وقت ائين بي ارادي ڀٽڪندو رهيو، ڪن واهيات
عورتن هن کي ڏسي فقري بازي ڪئي ۽ هن کي سڏ ڪيا،
ڪي شرابي هئا جي ٿڙندا ٿاٻڙندا هڪ ٻئي کي گار گند ڪندا
پاڻ ۾ چهلون ڪندا پئي ڀٽڪيا، پره ڦٽڻ واري هئي جو
هو ڪوينٽ باغ وٽ اچي رسيو، اونده جا پردا ڪڇندا ٿي
ويا سج جي جهڪن ڪرڻن ۾ آسمان هڪ ڳاڙهي هيري
جي صورت وٺندو ٿي ويو، وڏيون وڏيون گهوڙي گاڏيون
جي لڏندڙ لمندڙ گلن سان سٿيل هيون صاف خالي گهٽين
۾ گهلجڻ لڳيون هيون، هوا به گلن جي خوشبوءِ سان
واسجي وئي هئي— گلن جي سونهن، ٻورين جي دل جي
ڦٽن تي چڻ لوڻ ٿي ٻرڪيو، اتان چڪر هڻندو هو مارڪيٽ
۾ اچي بيٺو ۽ اتي ڪمين ڪاسبين کي ڊوڙ ڊڪ ڪندو
ڏسڻ لڳو، هڪ گاڏير هن کي ڏسي ڪجهه شاهه دانا هن کي
کائڻ لاءِ پيش ڪيا، هن ٿورائتو ٿيندي اهي دانا وٺي بي
نيازي سان کائڻ شروع ڪيا، اهي شاهه دانا شايد آڌيءَ رات
جو پٽيا ويا هئا جو انهن ۾ چنڊ جي ٿڌاڻ به شامل ٿي وئي
هئي، ڪي ڇوڪرا لالان جا گل کنيو پئي ويا ته ڪي
ڇوڪريون — ميريون ۽ مٽن اگهاڙيون — نيلام ختم ٿيڻ
جي اوسيئڙي ۾ اجائي اچ وڃ ڪري رهيون هيون ته ڪي
ڇونڪ واري ڪافي هائوس وٽ بيٺيون ڏسڻ ۾ آيون،

ڳرين ڳرين ڳاڙهين ڪي ڇڪيندڙ گهوڙا پٿر جي فرش تي ٺرڪندا ٽاپڙجندا ٿي ويا، ڪي ڪوچوان ڪوٺين جي ڏيڍيءَ تي بي خبر ستا پيا هئا، نيرين ڳچين ۽ ڳاڙهن پيرن وارن ڪبوترن ٻچ ۽ داڻا چونڊيندي عجيب ڇهڇٽو مچائي ڇڏيو هو.

ٿوري دير اتي ترسي هو گاڏي ڪري گهر هليو آيو. آسمان هاڻي پٿر ٽڪ وانگر صاف هو ۽ جاين جون ڇتيون ان جي هيٺان چانديءَ وانگر چمڪي رهيون هيون. گهر ۾ داخل ٿي هن پنهنجو اوور ڪوٽ ۽ ٽوپلو هڪ طرف اڇليو ۽ لائبرري، وٽان لنگهندو پنهنجي انهيءَ اڻ ڪنڊي بيڊ روم جي دروازي ڏانهن وڌيو جو هن پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل نون جذبن ۽ عياشي جي احساس تحت پنهنجي لاءِ سينگاري سجائي ڇڏيو، جيئن هن انهيءَ ڪمري جي دروازي جو هٿيو ڦيرايو هن جي نگاهه لائبرري ۾ رکيل پنهنجي انهيءَ تصوير تي وڃي ڪٽي جا باسل هن لاءِ ٺاهي هئي،— هو اچرج کائي پوئتي هٽيو— ۽ پوءِ واپس پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيو. مونجهه ۽ پريشاني هن کي وڪوڙي وئي هئي، ڪوٽ جا بيڙا کوليندي هن هٿ روڪيو ۽ وري واپس ڪتب خاني ۾ اچي هو پنهنجي تصوير جي سامهون بيهي رهيو ۽ ان کي چتائي ڏسڻ لڳو. سج جي سهائي ميٺوڙي رنگ جي ريشمي پردن مان ڇڻ ڏاڍا وس ڪري پي اندر داخل ٿي، انهيءَ جهڪي سهائيءَ ۾— هن کي پنهنجي اها تصوير ڪجهه بدليل نظر آئي—! تصوير ۾ هن جو چهرو بدليل هو—! چهري تي ڪيئيتون مختلف هيون

۽ چپن تي ڪنور پاڻي جو نشان بہ ڏسڻ ۾ آيو ـــ اهـا ڳالهہ هن کي سچ پچ ڏاڍي عجيب لڳي ـ!

بس، وراڻي هو دريءَ وٽ آيو ۽ ان جا پردا هٽائي ڇڏيائين، صبح جي اجري سهائي سان سڄو ڪمرو ٽمڪي ويو ۽ پاڇا ميڙجي سيڙجي ڪنڊن پاسن ۾ وڃي گڏ ٿيا مگر ـــ تصوير جيءَ چهري تيءَ هن جا عجيب ڪيفيت ڏٺي هئي اها ساڳيءَ طرح موجود هئي بلڪ اڃا وڌيڪ چٽي ٿي بيٺي هئي ـ! سچ جي ٽڙڪندڙ گرم ۽ جوش ڀريل ڪرڻن تصوير ۾ هن جي چپن جي چوڦير پيدا ڪنورتا جي ليڪن کي وڌيڪ چٽو ڪري پي ڏيکاريو جڻ هو ڪو خطرناڪ عمل ڪري هاڻيءَ ڪنهن آرسيءَ آڏو اچي بيٺو آهي ـــ!

هن کي بدن ۾ سياٽو وڃي ويو ـ! هن هڪدم پنهنجو آئينو، جنهنجو فريم عاج مان ٺهيل عام ديوتائن جي مورتين سان جڙيل هو ۽ لارڊ هينري جي ڏنل سوکڙين مان هڪ هو، هٿ ۾ کڻي ورتو ۽ ان جي گهري لساڻ ۾ پنهنجو چهرو ڏسڻ لڳو پر پنهنجن ڳاڙهن چپن تي هن کي اهڙي ڪابہ ليڪ ڪوبہ داغ يا ڪا بہ ڪيفيت نظر نہ آئي. آخر ڪهڙي ماجرا آهي ـ؟!

هو اکيون مهٽي ويجهو ٿي پنهنجي تصوير کي ٻيهر جاچڻ لڳو، تصوير کي تبديل ڪرڻ جو ڪو بہ ثبوت ڪوبہ نشان موجود نہ هو، پر تصوير جي صورت بالڪل بدليل هئي ـ! اهو هن جو محض وهم يا انومان نہ هو سچ پچ هڪ عجيب خوفناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي هئي، تصوير

جو چھرو بدليل ھو۔

پاڻ کي ھڪ ڪرسيءَ تي ڦٽو ڪري ھو سوچ ۾ غرق ٿي ويو ھا۔ اماڪ ھن کي ياد آيو ـــ ”جنھن وقت باسل تصوير پيو ٺاھي مون ھڪ ديواني خواھش جو اظھار ڪيو ھو تہ ڪاش ھيئن ٿي سگھي جو آءٌ پاڻ ھميشہ جوان رھان ۽ عمر جي قدرتي تبديلي ھن تصوير ۾ اچي، منھنجي پنھنجي سونھن تي ڪو داغ نہ لڳي ۽ منھنجي جذبن ۽ خطائن جو نتيجو جي ظاھر ٿئي تہ ھن تصوير ۾ ٿئي، فڪر ۽ رنج جا جي گھج پون تہ ھن تصوير تي پون ۽ منھنجي ڇوڪر پڻي واري سايا ۽ سونھن مون وٽ برقرار رھي ـ سو ڇا منھنجي آرزو پوري تہ نہ پئي ٿئي ـ؟ جيتوڻيڪ ائين ممڪن ٿي نہ آھي بلڪ اھڙي ڳالھہ سوچڻ بہ پيو جي ڳالھہ آھي مگر ـــ تصوير منھنجي آڏو آھي ۽ جنھن ۾ منھنجن چپن تي ڪنور پائي جا نقش چٽا بيٺا آھن ـ ! ڪنورتا ـ؟ ڇا مون ڪنھن سان ظلم ڪيو آھي ـ؟ مگر ڏوھہ تہ سبل جو ھو منھنجو نہ ھو، مون خوابن ۾ ھن کي ھڪ مھان ڪلاڪار لڌو ھو، ھن کي پنھنجو پيار ڏنو ھو، ھن کي ھڪ غير رواجي ھستي سمجھيو ھو ۽ ھاڻي ھن مون کي مايوس ڪري وڌو آھي، ھن پاڻ کي اٿوٽندڙ ۽ نااھل ثابت ڪيو آھي ـ“ مگر ـــ اھو سوچيندي بہ ھن کي ھڪ احساس ستائڻ لڳو، جڏھين ھن کي اِھو ياد آيو تہ ڪيئن ھوءَ معصوم پار وانگر سندس قدمن ۾ ڪري ايلاز ڪري روئڻ لڳي ھئي، ڪيئن ھن کي انھيءَ ويچارگيءَ

جي حالت ۾ ڏسي به هن ڏانهن ڏاڍي سنگدلي سان نهاريو هئائين-! هن کي افسوس ٿيڻ لڳو— ”آخر مون کي اهڙو ڇو بنايو ويو آهي-؟ مون کي اهڙي دل ڇو ڏني وئي آهي-؟ مگر مون دک به ته سٺو آهي، ناٽڪ جا سچا سارا ٿي ڪلاڪ منهنجي لاءِ دک ۽ پيڙا جون صديون بڻجي ويا هئا، منهنجي زندگي به ته سندس زندگي جيتري ئي قيمتي آهي، آءٌ هن کي هڪ عرصي تائين زخم رسائيندو رهيو آهيان ته هن جو مون کي هڪ گهڙيءَ ۾ تباهه ڪري ڇڏيو-! عورتون مردن جي مقابلي ۾ وڌيڪ دک سهڻ جي لائق بڻايون ويون آهن، ۽ هو پنهنجن جذبات جي آڌار زنده رهن ٿيون ۽ پنهنجن ئي جذبات جو خيال رکن ٿيون، ۽ جي هو پنهنجو ڪو چاهيندڙ پيدا ڪن ٿيون ته اهو به ان ڪري ته ڪو اهڙو ساٿي سائن هجي جنهن سان گڏجي ڪي تماشا بڻائي سگهن، ها، هينريءَ مون کي اهوئي سمجهايو آهي ۽ هينري عورتن جو گهڻو تجربو رکي ٿو، آءٌ سبل جي خاطر ڇو ويهي سور پرايان ۽ ڳڻتيون ڏاريان-؟ هوءَ مون لاءِ هاڻي ڪا اهميت نٿي رکي-“

— مگر هيءَ تصوير-؟ انهيءَ لاءِ ڇا چئجي-؟ ان ۾ ٻورين جي جيون جو ڀيد لڪل آهي ۽ جا سندس ڪهاڻي پئي بيان ڪري، هن تصوير ئي کيس پنهنجي ساپيا سان محبت ڪرڻ سيکاري ته ڇا هوءَ کيس پنهنجي آتما سان نفرت ڪرڻ به سيکاريندي-؟ ڇا هو وري ڪڏهن انهيءَ ڏانهن نهاري به سگهندو-؟

—"نه نه" هن سوچيو- "اهو محض منهنجو وسوسو آهي جو منهنجن دکندڙ حواسن تي حاوي ٿي ويو آهي، گذريل پوائتي رات پنهنجي پٺيان پوت ڇڏي وئي آهي، منهنجي ذهن تي ڪي اهڙا داغ پئجي ويا آهن جن مون کي ديوانو ڪري ڇڏيو آهي، تصوير ۾ ڪا به تبديلي ڪانه ٿي آهي اهڙي ڳالهه سوچڻ به مورکپائي آهي-"

مگر تصوير ته ساڳي طرح ڪيس گهوري رهي هئي ۽ ان جو خوبصورت چهرو واقعي بگڙيل هو - ! ان تي ڪنور پٽي جي مرڪ ڪيڏي رهي هئي، ان جا چلڪندڙ وار سج جي ڪرڻن ۾ جهلڪا ڏيئي رهيا هئا، ان جون نيريون اکيون سندس اکين سان اٽڪيل هيون. — هن جي دل ۾ ڪهل پئدا ٿي، پنهنجو پاڻ لاءِ نه — ان تصوير لاءِ دل ۾ شديد رحم جو احساس جاڳيو- "تصوير بدلجي چڪي آهي-" هن سوچيو- "۽ اڃا وڌيڪ بدلبي. آءٌ جيڪو به گناه ڪندس تنهن جو هڪ داغ ان تي اڪري ايندو ۽ ان جي سونهن تباه ڪندو ويندو- پر آءٌ ڪو گناه نه ڪندس، هيءَ تصوير، چاهي بدلجي نه بدلجي، هميشه منهنجي ضمير جي ڪلي علامت هوندي، آءٌ پنهنجي طمع تي ضابطو ڪندس، آءٌ هينري سان به هاڻي ڪڏهن به ۽ ڪنهن به قيمت تي نه ملندس ۽ ڪڏهن به هن جي انهن حرفتي زهر ڀرين نظرين تي ڌيان نه ڏيندس جن منهنجي اندر ۾ اڻ تيٺون ڳالهين لاءِ اتساه پئدا ڪيو هو، آءٌ وري سبل ڏانهن ويندس، پنهنجي ورتاءَ جي تلافي ڪندس هن سان شادي ڪندس- ها، اهو

سون تي واجب آهي، هن سون کان بہ وڌيڪ دک ستو هوندو، هن جو جادو وري پنهنجو اثر ڏيکاريندو اسين وري گڏجي خوش گذاريندا سين ۽ منهنجي زندگي بيحد خوبصورت ۽ بي داغ بنجي ويندي-"

هو ڪرسيءَ تان اٿي کڙو ٿيو ۽ هڪ ڏکهي پرديسان تصوير کي ڍڪي ڇڏيائين— اف-ا ڪيڏي نہ ڀوائتي بنجي وئي آهي-! هن آخري ڀيرو تصوير تـي نظر ڪئي ۽ هن جي بت کي سيائتو وٺي ويو. تنهن بعد هن دري کولي ڇڏي.

ٿوري دير بعد هو ٻاهر لان ۾ اچي چهر تي پسار ڪرڻ لڳو، هڪ ڏکهو ساه ڪڍي هن ڇـڻ اندر جـو غبار ڪڍي ڇڏيو، صبح جي تازي هير هن جي دل مان مڙيئي اداسيون ڌوئي ڇڏيون. هن وقت — سندس خيالن ۾ فقط سبل جو واسو هو، هن کي پنهنجي پيار جو جهڪو پڙاڏو وري ٻڌڻ ۾ آيو، هو رکي رکي سبل جو نالو ورجائڻ لڳو، ماڪ ۾ پنل باغيچي اندر لاٽيون لوندڙ پکين کي ڏسي هن کي ائين لڳو ڄڻ هو گلن ٻوٽن کي سبل جا افسانا ٻڌائي رهيا آهن.

[٨]

ٻنپهريءَ کي گذرئي بہ ڪجھ وقت ٿي ويو جو هو ننڊ مان سجاڳ ٿيو. هن جو نوڪر وڪٽر ڪئين ڀيرا ٻهن پر هلي اچي هن کي ڏسي ويو هـو ۽ حيران پئي ٿيو تہ اڄ سندس صاحب ايتري دير تائين ستو رهيو آهي. ٻورين گهنٽي وڄائي تہ هو رچانه ۽ هڪ خوبصورت تشت ۾ خطن جو

ٿهو رکي ڪمري ۾ ڪٺي آيو. اهي شيون ميز تي رکي هن ٿنهي درين تي لٽڪيل زيتوني ساٽن جا پردا هٽائي ڇڏيا.

”اڄ سائين جـن ڇـگي ننڊ ڪئي آهـي ـ“ وڪٽر مرڪندي چيو.

”گهڻا وڳا هوندا وڪٽر ـ؟“ ٻوريـن ننڊاکري آواز ۾ پڇيو.

”پوڻا ٻه ٿي ويا آهن سائين ـ“

”ڇگي دير ٿي وئي آهي ـ!“ هو اٿي ويٺو ۽ چانهه جا ڍڪ پي هن خطن کي اٿلايو پٿلايو، انهن مان هڪڙو خط هينري جو هو جو هن هٿو هٿ موڪليو هو، انهيءَ خط تي هو ٿورو ههڪيو ۽ باقي خطن کي بي نيازي سان اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو ـ ڪي ڪارڊ هئا ڪي ڊنر جون دعوتون ڪي ٽڪيٽون ۽ ڪي خيراتي تقريبن جي پروگرامن جا اطلاع ۽ هڪ چانديءَ جي ٽائلٽ سيٽ جو ڳرو بل، جنهن لاءِ پنهنجن سرپرستن سان ڳالهائڻ جي هن کي اڃا همت نـه ٿي هئي ڇاڪاڻ ته هو پراڻن خيالن جا هئا ۽ اهو احساس نه هئن ته اسين هڪ اهڙي دور ۾ رهون ٿـا جنهن ۾ غير ضرروري شيون ئي اسان جون ضرورتون آهن.

اٽڪل ڏهن منٽن بعد هو اٿيو ۽ پنهنجو ريشمي پرت پريل ڪشميري ان وارو گائون لاهي ڦٽو ڪري غسل خاني ۾ گهڙي ويو. جڄهي ننڊ کان پوءِ ٿڌي پاڻيءَ مان هـن کي گهڻي فرحت پـيَ ملي، هن جو ذهن ٻه ڏوپڻ لـڳو، البت هلڪو احساس ـ ـ ته ڪنهن دکدائڪ عمل ۾ شريڪ

رهي آيو آهي— هن کي هڪ ڪوڙي خواب وانگر ڪن ٻل لاءِ ڏيکائي ڏيندو رهيو— ڪپڙا بدلائي هو ڪتب خاني ۾ آيو جتي هلڪو فرانسي ناشتو هن لاءِ تيار رکيو هو، ڪاڏي جي ميز دريءَ وٽ ٺهي رکيل هئي، ڏاڍو سهائيندو ڏينهن هو، هلڪي گرم هوا بہ فرحت پي ڏني، هڪ ماکيءَ جي مک دريءَ مان ٽپي اندر لنگهي آئي ۽ ڊورين جي سامهون رکيل گلدستي جي چوڦير ڦيريون پائڻ لڳي— ڊورين جي دل خوشيءَ سان ٽمٽار ٿي وئي.

اوچتو هن جي نظر وڃي انهيءَ پردي تي پئي جو هن تصوير جي آڏو ڏئي ڇڏيو هو، هو ائين ڪڙو ٿيو. "اوهان کي متان ٿڌ ته محسوس ٿئي سائين—؟" نوڪر ٽيبل تي آمليٽ رکندي چيو. "نہ— اهڙي ڳالھہ ناهي—" ڊورين ڌيمي آواز ۾ جواب ڏنو—

ڇا هن جو ذهن ٺي وسوسن يا اندر جي داڻلن سبب ايترو بدليو آهي جو هن کي هر انهيءَ هنڌ ڪا مڪروہ صورت ٿي نظر اچي جتي ڪا سرهائيءَ جي صورت ٿي بڻجي—؟ هيءَ تہ باسل کي ٻڌائڻ لاءِ هڪ ڪهاڻي بڻجي پئي جنهن کي ٻڌي هو کلڻ کان سواءِ نہ رهي سگهندو.

هڪ ڳالھہ صاف هئي تہ ڊورين کي هاڻي تصوير کان ڀئو ٿيڻ لڳو هو، ايتري قدر جو هن کي ڪمري ۾ اڪيلو رهڻ کان بہ خوف ٿيڻ لڳو ۽ ان ڪري ئي هن ٻاهر ويندڙ پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪري روڪي ڇڏيو— مگر ڪيستائين- آخر هن نوڪر کي بہ روانو ڪري ڇڏيو ۽ چٽي ڇڏيو تہ

هو ڪنهن سان به نه ملندو ۽ پوءِ سگريٽ دکائي تصوير جي عين سامهون رکيل ڪوچ تي ليٽي پيو. تصوير تي لٽڪايل پردو اندلسي ڇيٽ جو هڪ جهونو پوش هو جنهن تي قديم طرز جا مگر نهايت عمدا نقش ٺهيل هئا. ٻورين ڏاڍي ڏيان ۽ پڻ ڏاڍي چاهه سان پردي کي گهوريندي عجب ڪائڻ لڳو — انهيءَ پردي اڳيان ڪڏهن ڪنهن جي زندگيءَ جو راز ائين لڪايو آهي-؟ اڳي به ڪڏهن ڪنهن جي ڏک ڏکي آهي-؟ هڪوار وري پردو هٽائي ڏسجي-! ڏسان، پر آخر ڇو، ڪهڙو فائدو-؟ پر پلا جي ڪنهن ٻي ماڻهوءَ هيءَ تصوير ڏسي ورتي ته-؟ ۽ جي خود باسل اچي تصوير ڏسڻ جي خواهش ڪئي ته هن کي ڪهڙو جواب ڏئي سگهندو-؟ هو ته ايندي ئي ضرور تصوير ڏسڻ چاهيندو، هيءَ شڪ جي ڪيفيت به ته هر صورت ۾ مصيبت آهي، تنهن هڪ دفعو وري جاچ ڪرڻ ۽ پنهنجي تسلي ڪرڻ ضروري آهي.

هو اٿيو ۽ ٻئي دروازا بند ڪري ڇڏيائين، آخر پنهنجي اوگهڙ ته اڪيلائيءَ ۾ ئي ڏسبي- پوءِ هن پردو هٽائي غور سان تصوير ڪي ڏٺو — واقعي، تصوير بدلجي چڪي هئي-! هن کي ياد آيو ته هن ڪان اڳ هن تصوير کي هميشه هڪ شائق يا نقاد يا پارکوءَ جي اک سان ڏٺو هو ۽ ڪڏهن اهو گمان به نه ڪيو هو ته ان ۾ ڪو ڦيرو به اچي سگهيو ٿي، مگر- هن وقت اهو ڦيرو هڪ حقيقت جي شڪل ۾ هن جي سامهون هو — ڇا تصوير ۾ رنگن

۽ شڪلين جي صورت وٺندڙ ڪيميائي مسالي ۽ سندس روح جي درميان، ڏاڍي چترائي ۽ هنر سان، ڪو گهرو لاڳاپو رکيو ويو آهي-؟ ڇا اهي رنگ ۽ صورتون به اهوئي ڪجھ، محسوس ڪري سگهن ٿيون جيڪي ڪجھ، هو پاڻ ٿو محسوس ڪري-؟ ڇا سندس خواب پڻ رنگن ۽ صورتن ۾ حقيقت بڻجي ظاهر ٿي سگهن ٿا-؟ يا هن سڄي مونجهاري جو ڪو ٻيو سبب آهي، نهايت ڀيانڪ-؟ هو خوف کان ڏڪڻ لڳو ۽ وري صوفي تي ويهي تصوير کي گهورڻ لڳو- انهيءَ خوف هن کي سخت اذيت ٿي پهچائي.

تبديليءَ جي انهيءَ هولناڪ صورت هن جي اندر ۾ پڇتاءَ جو احساس به ضرور جاڳايو، سبل سان ظلم جو احساس-! پر ان جي تلافيءَ جو اڃا وقت آهي — "آءٌ هاڻي به هن کي پنهنجي رفيق بڻائي سگهان ٿو-" هن سوچيو- "منهنجي مصنوعي ۽ خود غرض محبت ڪنهن اتم اثر کان هارڪائي هڪ اڻ رواجي جذبي ۾ تبديل ٿي ويندي، باسل جي چٽيل هيءَ تصوير سڄي عمر منهنجي رهنمائي ڪندي، منهنجي لاءِ هيءَ تصوير هڪ اهڙي شئي بڻجي ويندي جنهن کي ڪي ماڻهو پاڪائي چون ٿا، ڪي ضمير چون ٿا— ۽ سڀ انسان ان کي خدا جو خوف چون ٿا. دنيا ۾ ڪي اهڙيون نشيدار شيون به آهن جيڪي پشيماني جي احساس کي اگهور ننڊ سمهاري سگهن ٿيون، ڪي اهڙيون دوائون به آهن جيڪي اخلاقي شعور کي ننڊ ڏئي سمهاري سگهن ٿيون- پر هيءَ تصوير-! گناهه جي احساس جي ڏني وائني

صورت بڻي بيٺي آهي، انهيءَ تباهيءَ جي صورت جا انسان پنهنجي روح تي نازل ڪندو آهي_!

ٽي وڳا، ٻوءِ چار ۽ پوءِ ڇهہ —— مگر ڊورين پنهنجي جاءِ تان نہ چُريو. هو جيون جي رتول ڌاڳن جي تاڃي پيٽي کي سُهيڙي هڪ آدرش ڳاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جذبات جي انهيءَ آڙاه مان ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڳولي رهيو هو جنهن ۾ هو ڦٽڪي رهيو هو ٻر هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڇا سوچجي ۽ ڇا ڪجي. آخر هن ڪوچ تان اٿي ميز تي اچي سبل ڏانهن هڪ جذباتي خط لکيو جنهن ۾ معافي جي درخواست هئي ۽ ڏوهن جي مڃتا هئي، پنهنجي چريڻ جو اعتراف هو، دکن دردن جي ڳالهين ۽ جذباتي لفظن سان هو پنن مٿان پنا لکندو ويو —— پنهنجي پاڻ کي ملامت ڪرڻ ۾ هوندي بہ ڏاڍو لطف آهي، اسين پنهنجي پاڻ کي ڏوهاري ڪندا آهيون تہ اها دلجاءِ ملندي اٿئون تہ ڪنهن بہ ٻئي کي اهو حق نہ آهي تہ اسان کي ملامت ڪري، اسان کي پنهنجن گناهن جي معافي مرشد جي وسيلي نہ پر گناهن جي اعتراف جي وسيلي ٿي ملي.

ڊورين خط لکي پورو ڪيو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ گناهن جي معافي ملي چڪي آهي. ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ ٻاهر لارڊ هينري جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

”پيارا دوست، آءٌ توسان اڄ ضرور ملندس، مون کي اندر اچڻ ڏي، آءٌ توکي ائين در بند ڪري ويهڻ نہ ڏيندس.“

ڊورين کو جواب ڏيڻ ٻدران ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿيندي رهي ٻهرين هوريان ۽ پوءِ تيز- "ٻلي هينري اندر اچي-" هن سوچيو- "اچي ته صاف اکرن ۾ کيس کولي ٻڌايان ته ڪهڙي نوع جي نئين زندگي شروع ڪرڻ وارو آهيان، ضروري ٿيو ته هن سان تڪرار ٻه ڪندس ۽ جي ضروري ٿيو ته هن سان تعلق ٽوڙي به ڇڏيندس -" هو اٿيو، ڦڙتائي سان تصوير جي اڳيان پردو ڏئي هن دروازو کولي ڇڏيو.

"مون کي ڏاڍو افسوس آهي ڊورين-" هينري اندر ايندي چيو- "پر جيڪي ڪجهه ٿيو تنهن بابت تو کي ايترو گهڻو به نه سوچڻ گهرجي-"

"سبل وين بابت؟-" ڊورين پڇيو.

"ها بالڪل-" هينري هڪ ڪرسيءَ تي ويهندي پنهنجا دستانا لاهڻ لڳو- "هڪ لحاظ کان ته اها هڪ نهايت دهشتناڪ ڳالهه آهي پر ان ۾ تنهنجو ڪو ڏوهه به نه هيو. هاڻي مون کي ٻڌاءِ ته ڇا ناٽڪ ختم ٿيڻ بعد تون سبل سان مليو هئين -؟"

"ها-"

"اها مون کي به پڪ هئي ته تون هن سان مليو آهين، ڇا هن سان ڪو جهيڙو تڪرار ٿيو-؟"

"اها منهنجي ڪمزوري هئي هينري، مون حد کان وڌيڪ شيطاني ڪئي، پر خير هاڻي سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويو آهي، مون کي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ نه رهيو آهي، انهيءَ

واقعي مان تہ مون کي پنھنجو پاڻ کي چڱي طرح سڃاڻڻ جو سبق مليو آھي۔“

”شاباس ڊورين، تنھنجي سوچ ۽ عمل جي انھيءَ انداز تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آھي، مون کي تہ ڊپ ھو تہ تون پڇتاءَ جي آڙاھ ۾ تپي ٻوندين ۽ پنھنجا خوبصورت گھنڊيدار وار کوھي ڇڏيندين۔“

”آءٌ انھيءَ آڙاھ مان گذري ويو آھيان۔“ ڊورين مٿو ڌوڻي مرڪندي چيو. ”ھاڻي آءٌ بالڪل خوش آھيان. ھاڻي مون کي پروڙ پئجي وئي آھي تہ ضمير ڇا آھي— اتان ٿي مون کي ابتدا ڪرڻي آھي، تو مون کي ضمير جي جا حقيقت ٻڌائي سا بالڪل غلط ٻڌائي. ضمير تہ اسان جي اندر ۾ ھڪ مقدس ترين شئي آھي. ھينري ھاڻي اڳتي ضمير کي— گھٽ ۾ گھٽ منھنجي اڳيان— ڪڏھن بہ برو نہ چئجان، آءٌ نيڪ ٿي رھڻ گھران ٿو آءٌ اھو سوچڻ بہ نٿو سھسائي سگھان تہ منھنجو روح گندو آھي۔“

”واہ واہ، ڏاڍو سٺو، اخلاقيات لاءِ اھو واہ جو فنڪاراڻو ۽ من موھيندڙ بنياد ٻڌايو اٿئي آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان، پلا ھاڻي ٻڌاءِ تہ شروعات ڪيئن ٿو ڪرين۔؟“

”سبل وين سان شادي ڪرڻ سان۔“

”ڇا۔؟“ لارڊ ھينري رڙ ڪندي اٿي ڪرڻو ٿيو ۽ وائڙو ٿي اکيون ڦاڙي ڊورين کي ڏسڻ لڳو۔ ”پر يار....“

”ھا ھينري۔! سمجھان ٿو تہ تون ڇا ٿو چوڻ چاھين، ھاڻي تون شاديءَ بابت ڪو ڌيڄاريندڙ نظريو ٻڌائيندين

پر هـاڻي اڳتي مون سان اهڙي قسم جي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪجاِن، ڇو تہ ڏينهن اڳ مون سبل کي شاديءَ لاءِ چيو هو ۽ هاڻي پنهنجو وعدو پاڙڻ ٿو گهران، هوءَ منهنجي رفيق بنجڻ واري آهي-“

”تنهنجي رفيق -؟ ڊورين ڇا توکي منهنجو خط نہ مليو آهي- مون هٿو هٿ موڪليو هو-“

”تنهنجو خط -؟ ها، ياد آيو، پر مون اهو کوليو ئي ناهي مون کي انديشو هو تہ تـو ان ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ لکي هوندي جا مون کي نہ وڻندي، يار تون پنهنجن نڪتن ۽ لوڏڪن سان زنـدگيءَ کـي ڪڇي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو ڇڏين-“

”تڏهن توکي ڪا خبر ڪانهي -؟“

”تون آخر ڇا ٿو ٻڌائڻ چاهين -؟“

هينري اٿي اچي ڊورين جي پر ۾ ويٺو ۽ هن جا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي انهن تي زور وجهندي چوڻ لڳو:

”ڊورين -! منهنجي خط ۾.... منهنجو خط... دل جهلي ٻڌ.... منهنجو خط توکي هي پيغام ڏيڻ آيـو هـو تہ سبل، فوت ٿي چڪي آهي -!“

ڊورين کـان دانهن نڪري وئـي، هينري کان پنهنجا هٿ ڇڏائي هن جي پيرن وٽ ويهي رهيو-”سبل، سبل فوت ٿي وئي، نہ هينري نہ، اهو ڪوڙ آهي، نهايت ڀيانڪ ڪوڙ، توکي اهين چوڻ جي همت ڪيئن ٿي -؟“

”اهو سچ آهي ڊورين-“ هينري دک مان چيو-”صبح

جي سيني اخبارن ۾ به اهڙا خبر ڇپي آهي، مون پنهنجي خط ۾ لکيو هو ته منهنجي اچڻ تائين ڪنهن سان نه ملجان ڇو ته منهنجو خيال هو ته ضرور جاچ جوچ ٿيندي ۽ مٿان تون به ان ۾ اڙجي وڃين، پيرس ۾ ماڻهو قانوني پڇا ڳاڇا ۾ ڦاسڻ فيشن سمجهن پر هتي لنڊن ۾ ماڻهو ڏاڍا تعصبي ثابت ٿيندا آهن، راڄ ۾ ڀرين واقفيت ڏي ڪنهن بدنامي جي معاملي سان ٿيڻ چڱي ڳالهه ڪانهي اهڙا ڪم ٻڍاپي لاءِ رکي ڇڏڻ گهرجن، ٻانيان تو ٿيئٽر وارن کي تنهنجي نالي جي خبر ڪانهي، خير اهو به سٺو ٿيو پر سوال آهي ته ڪنهن تو کي سبل جي ڪمري ۾ ويندو ته نه ڏٺو ـ؟“

ڪيترو وقت ته ڊورين کو جواب ڏيڻ جي بدران وسمي ۾ ٻيٺو رهيو، دهشت هن کي بدحواس ڪري ڇڏيو هو، نيٺ هن ٻاڻ سنڀاليو ۽ ڳري آواز ۾، هٻڪندي هٻڪندي ڳالهائڻ لڳو:

”هينري ـ تو ڇا ٻي ڇيو، ٻڇا ڳاڇا ـ؟ مون تنهنجي ڳالهه نـه سمجهي، تڏهن ڇا سبل....؟ هينري مـون کان برداشت نـه پيو ٿئي، جلدي ڪر مون کـي سڀ حقيقت ٻڌاءِ ـــ“

”سبل جو موت محض ڪو اتفاقي موت نه آهي تنهن ۾ ته مونکي ڪو شڪ ڪونهي، ڪٽي ماڻهن کي ائين ئي ٻڌايو ويو آهي، ڇيو ويو آهي ته اٽڪل ساڍي ٻارهين بجي هوءَ پنهنجي ماءُ ۽ ڪن ٻين سان گڏ ٿيئٽر مان ٻاهر نڪتي ۽ پوءِ رستي ۾ هنن کي اهو ڇئي گهر موٽي آئي تـه ڪا وساريل شئي

ڪٿي ڌ۔ي اچي، هو سندس انتظار ۾ ويهي رهيا ۽ جڏهن ڪجھ دير تائين به هوءَ موٽي نه آئي ته هو به واپس گهر هليا آيا ۽ هن ڪي سندس ڊريسنگ روم ۾ مئل حالت ۾ ڏٺائون. هن، شايد غلطي ڪان، ڪا اهڙي شئي ڳڙڪائي ڇڏي هئي جا سندس سخت موت جو سبب ٿي۔“

”هينري۔! هينري۔!“ ڊورين رڙ ڪئي۔ ”ڪيڏي نه دل ڏاريندڙ وارتا آهي۔!“

”برابر ڏاڍي دکدائڪ ڳالھ آهي، پر ڏس تون انهن معاملن ۾ پاڻ نه اڙائجان ۽ نه ئي انهيءَ واقعي کي پنهنجن اعصاب تي سوار ٿيڻ ڏجان، اج تـون مون وٽ هلي ماني کائجان پوءِ گڏجي ڪو سنگيت ناٽڪ ڏسڻ هلنداسين۔“

”تڏهن، هينري، سبل جو قاتل آءٌ آهيان! سبل جـو خون مون ڪيو آهي!۔“ ڊورين چڻ پنهنجي منهن پڙڪڻ لڳو۔ ”چڻ مون ئي هن جو نازڪ گلو ڪپ سان ڪٽي ڇڏيو.... خير ـ گلن جي ساڀيا ۾ وري به ڪو فرق نه آيو آهي، پکي پکيرو به خوشيءَ ۾ ساڳيون لاتيون پيا لنون ـــ اج رات آءٌ توسان گڏجي کائيندس پيئندس ۽ سنگيت ناٽڪ تي هلندس ـــ هينري، يـار۔! زندگي ڏس ته ڪيتري قدر نه ڊرامائي آهي۔! نهايت غير معمولي طور تـي ڊرامائي۔! هي جيڪي ڪجھ ٿيو آهي سـو جـي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهان ها ته ان تي روئڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ ويهي رهان ها پر هاڻي جڏهن ته اهـو سڀڪجھ خود مون سان ئي ٿيو آهي تڏهن انهيءَ تي هنجون هارڻ ۾ مون کي عار پيو محسوس

ٿئي-! هي ڏس، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون ههڙو جذباتي خط لکيو آهي، ڪيڏي نه عجيب ڳالهه ٿئي ها جي هي خط هڪ سرده ڇوڪريءَ ڏانهن موڪليو وڃي ها، ڀلا فوت ٿي ويل ماڻهو به ڪجهه محسوس ڪري سگهندا آهن-؟ سبل - ڇا اڃا به ڪجهه محسوس ڪندي هوندي، سمجهندي هوندي -؟

”الا-! هينري، ڪڏهن مون کي هن سان ڪيڏو نه بي انت عشق هو ۽ هاڻي، ۽ هن وقت، مون کي اهو سڀڪجهه ڪن سالن جي ڪا پراڻي ڳالهه پئي محسوس ٿئي-! ڪڏهن هوءَ ٿي مون لاءِ سڀڪجهه هئي ۽ پوءِ اها رات آئي- واقعي اها هن جي آخري رات هئي -! آءٌ هن کان هن جي آزين نيزارين جي باوجود به ڪاوڙجي آيس— پوءِ اوچتو هتي ڪا ڳالهه ٿي، آءٌ توکي ٻڌائي نه سگهندس، جنهن مون کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو— جيڪي ڪجهه ٿيو سوڏاڍو ڀيانڪ هو— ۽ هاڻي ته هوءَ زنده ئي نه رهي آهي....هينري توکي ڪهڙي خبر ته هن وقت آءٌ ڪهڙي خطري ۾ آهيان-! سبل، خودڪشي ڪري مون کي انهيءَ خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، هن کي انهيءَ جو ڪو حق نه هو، اها هن جي خود غرضي آهي -!“ ڊورين ڇا جو ڇا چوندو رهيو.

هينري سگريٽ ڪيس مان سگريٽ ڪڍي دکائي:

”ڏس ڊورين، عورت مرد کي هڪ ئي خاص طريقي سان رام ڪندي آهي، اهو هيئن، جو هوءَ هن کي اينرو

بيزار ڪندي آهي جو هو زندگيءَ جون سڀ دلچسپيون ڇڏي ويهي. جي تون سبل سان شادي ڪرين ها ته برباد ٿي وڃين ها ڇو ته تون هن تي مهربان رهين ها جيئن هر ماڻهو گهڻو ڪري انهن شخصيتن تي گهڻو مهربان ٿيندا آهن جن کي ڪير پڇندو به نه آهي، پوءِ هن کي جلد ئي تنهنجي بدلجي وڃڻ جو ڀهانو ملي وڃي ها جنهن جي نتيجي ۾ يا ته هوءَ بالڪل چيڙاڪ ٿي وڃي ها يا وري انهن عورتن جهڙي روش اختيار ڪري ها جي ٻين زالن جي مڙسن جي خرچ تي عيش ڪنديون آهن. تنهنجي سبل سان شادي هڪ سماجي غلطي ٿئي ها جنهن ۾ بدنامي ٿيندي آهي-"

"آءٌ به هاڻي اهو ئي محسوس ڪرڻ لڳو آهيان-" ڊورين ڪمري ۾ چڪر هڻندي چيو. هن جي منهن تي اڃا به گهري پيلاڻ ڇانيل هئي- "مون هن سان شادي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو هو ۽ هاڻي جي انهيءَ افسوسناڪ حادثي مون کي صحيح فيصلو ڪرڻ کان روڪي ورتو آهي ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه، مون کي تنهنجو اهو فقرو چڱي طرح ياد آهي ته چڱا فيصلا هميشه دير ۾ ۽ بي وقت ڪيا ويندا آهن تنهن سبب انهن جو فوت ٿيڻ مقدر آهي، مون به هميشه ئي ائين ڪيو آهي-"

"چڱا فيصلا ۽ چڱا ارادا جديد اصولن ۾ وڪوڙ وجهڻ جون ناڪام ڪوششون آهن ۽ جن جي حقيقت سڪتي هوڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي، اهڙا ارادا اسان کي فقط ڪڏهن ڪڏهن اهي عيشي ۽ سچيا جذبات عطا ڪن ٿا جن

۾ فقط هيٺن لاءِ ڪشش هوندي آهي، اهي نيڪ ارادا اهي
چيڪ آهن جي ماڻهو انهيءَ بئنڪ تي ڪيندا آهن جن ۾
سندن ڪو حساب هوندو ئي ناهي.“
”هينري -!“ ڊورين هن جي پرسان ويهندي چيو-
”آخر هن حادثي جو مون ڪي ايترو گهڻو احساس ڇو نه
پيو ٿئي جيترو ڪي آءٌ چاهيان ٿو-؟ آءٌ ايترو ڪٺور ته نه
آهيان، ڇا منهنجي سيني ۾ ڪا دل ئي نه آهي-؟“
”گذريل پندرهن ڏينهن ۾ تو گهڻائي اهڙا ڪڏا ڪم
ڪيا آهن جو توکي سنگدل ته نٿو چئي سگهجي-“ هينري
پنهنجي رواجي سريلي آواز ۾ چيو.
”مون کي اهڙو دليل اصل ڪونه وڻي يار-“ ڊورين
منهن ۾ گهنڊ وجهندي چيو. ”خير مون کي خوشي ٿي جو
تون مونکي سنگدل نٿو سمجهين، بهرحال ايترو ضرور چوندس
ته هن حادثي جو مون تي ايترو اثر نه ٿيو آهي جيترو ٿيڻ
گهرجي، مون کي فقط ايترو احساس ٿيو آهي ته ڪنهن
عمدي ناٽڪ جي عمدي پڇاڙي ٿي آهي جنهن ۾ مون پاڻ
به بنان ڪو چيهو پراڻ جي هڪ ڪردار ادا ڪيو آهي-“
”سوال ته ڏاڍو ئي دلچسپ آهي-“ هينري چيو.
ڊورين جي ناداني ۽ هٺ سان ڪيڏيندي هن کي ڏاڍو لطف
پي آيو- ”نهايت دلچسپ سوال آهي، منهنجي خيال ۾ ان
جي صحيح سمجهاڻي هيءَ آهي ته:- ٿيندو هيئن آهي جو
زندگي ۾ ڪي واقعا ڪجهه اهڙي غير فنڪاراڻي انداز ۾
پيش ايندا آهن جو انهن جو سڪتو زور، انهن جي ڪامل

نـاموافقت، انهن جـو اجايو اهميت گهرڻ ۽ انهن جـي ناموزونيت اسان کي ڏاڍو ڏک رسائيندي آهـي، انهن مان اسان کي ايترو ئي ڇيهو رسندو آهي جيترو جيڪرڪنهن جي ڪمينپائي مان رسي، تنهن جي نتيجي ۾ اسان جي اندر ۾ هڪ نسوري حيواني شڪتي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ اسين انهيءَ شڪتيءَ کان باغي ٿي پوندا آهيون،

”البت ڪنهن وقت اسـان جي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو دکدائڪ واقعو به ٿيندو آهي جنهن ۾ فنڪاراڻي حسن جا سڀ جوهر موجود هوندا آهن، جي اهي عنصر حقيقي هوندا آهن ته پوءِ اهو فقط اسان جي ڊرامائي حس کي متاثرڪندو آهي، پوءِ اوچتو اسان کي اهو احساس ٿيندو آهي ته اسين انهيءَ ناٽڪ جا ڪردار نه پر فقط تماشبين آهيون ياڪردار به آهيون ۽ تماشبين بـه، تڏهن اسين پنهنجي پاڻ تي نظر ڪندا آهيون ته فقط تماشي جو ڪمال اسان جي دل موهي وٺندو آهي،

”سبل جي آتم هتيا جو معاملو دراصل هـي آهي جو تنهنجي محبت خـاطر هن جو موت ٿيو آهـي، ڪاش—! منهنجي جيون ۾ به ڪا اهڙي واردات ٿي هجي ها ته هوند مون کي پنهنجي باقي حياتي جي محبت سان محبت رکڻ جو سبق ڏئي وڃي ها. جن ماڻهن ڪڏهن مون سان محبت ڪئي آهي— ۽ تمام ٿورن مـاڻهن ئي مون سان محبت ڪئي آهي— تن کان جي آءٌ بيزار ٿيو آهيان تڏهن به ۽ جي هو مون کان بيزار ٿيا آهـن تڏهن به، ٻنهي صورتن ۾

هنن هميشه تڏهن کان ئي صحيح معنائن ۾ زنده رهڻ جي خواهش ڏاري آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي ۽ هاڻي اڄ‌ڏهن به هنن سان ملندو آهيان هو رڳو ماضيءَ جون ڳالهيون ۽ يادون ورجائي ورجائي مون کي ڪڪ ڪري ڇڏيندا آهن،

”سبل جي بيزار ڪندڙ ياد به ڪيڏي نه پوائنٽي آهي ۽ ڪيڏي نه سخت ذهني مانار ٿي پيدا ڪري-! انسان کي ڪپي ته زندگي جو جوهر پاڻ ۾ جذب ڪري مگر ان جي تفصيل ۽ گهرائي ۾ ڪڏهن به نه وڃي، اهڙا تفصيل هميشه فضول هوندا آهن. جي ڪنهن جي محبوبه پنهنجي محبوب لاءِ سچي دنيا صدقي ڪرڻ لاءِ تيار هجي ته سمجهه ته معاملو گنڀير آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ صورت ۾ انسان سدائين پنهنجي ازلي هئڻ جي خوف ۾ مبتلا ٿو رهي.... ماضيءَ جي هڪڙي خوبي اها آهي جو اها ماضي آهي مگر عورتن جي هميشه اها خواهش هوندي آهي ته ماضيءَ کي وري وري ورجايو وڃي، جيئي سڀ ڪجهه سندن مرضيءَ تي ڪيو وڃي ته جيڪر هر ٽريجڊي وڃي ڪاميڊيءَ تي پڄاڻي ڪري ۽ هر ڪاميڊيءَ جو انجام ٽريجڊي ٿئي....عورتن ۾جيتوڻيڪ ڏاڍي من موهيندڙ مصنوعيت هوندي آهي پر هو فن جي شعور کان خالي هونديون آهن... تون ته مون کان وڌيڪ خوش نصيب نڪتين منهنجي زندگي ۾ جيڪي به عورتون آيون تن مان ڪنهن هڪ به مون لاءِ ايترو ڪجهه نه ڪيو جيترو ڪجهه سبل تولاءِ ڪيو.... جن عورتن کي گهٽي ٽيپ ٽاپ ۾ ڏسين تن تي ڪڏهن به ڀروسو نه ڪجان اهڙين

عورتن سان ڪانءِ ڪا ڪهاڻي ضرور لاڳاپيل هوندي آهي.
ڪي عورتون وري اوچتو پنهنجن مڙسن ۾ ڪن خوبين جي
هئڻ کان بـا خبر ٿي پونديون آهن ۽ شاديءَ تـي پڇاڙڻ
لڳنديون آهن ڇڻ شادي ڪو ڏاڍو سهڻو گناه آهي. ڪن
عورتن کي مذهب مان دلاسو ملندو آهي، هڪ عورت هڪ
پيري مُون کي ٻڌائڻ لڳي ته مذهب جي اسرارن ۾ نازنخري
۽ نٽ کٽ جو به سمورو ٿي موه موجود آهي.... ٻي ڳالهه
هيءَ ته گناه جو احساس انسان کي مور ڳو هئيلو بنايو ڇڏي،
اهو ضمير ٿي آهي جيڪو اسان سيني کي خوددار ٿو بنائي،
”پر ڏس ڊورين، سڀ انهن مڙنئي عورتن کان ڪيڏي
نه مختلف ثابت ٿي! هن جي موت هن جـي هڪ نهايت
لاجواب خوبيءَ جو ثبوت ڏئي ڇڏيو آهي، ڏس، هن پنهنجو
انت آڻي اسان تي اها حقيقت واضح ڪري ڇڏي ته محبت،
جذبات ۽ رومانس جهڙيون شيون سچ پچ حقيقي آهن جڏهن
ته اسين انهن کي راند جون شيون سمجهي انهن سان ڪيڏيندا
رهون ٿا! مون کي ڏاڍي خوشي پئي محسوس ٿئي ته اسين
هڪ اهـڙي دور ۾ رهون ٿا جنهن ۾ اهـڙا ڪمال ظاهر
ٿين ٿا.“
”تو شايد اهو وساري ڇڏيو ته مون هن سان ڪيڏا
ويل وهايا.“
”ڳئنيءَ جي ڳالهه اها ٻي آهي ته عورتون سنئين سڌي
ڪلي ڪلائي ظلم جو ٻـي هر شيءِ کان وڌيڪ قدر ڪندڙ
آهن، هنن ۾ اڃا به اها عجيب غريب قديم اندروني سوجهي

موجود آهي – يعني ظلم سهڻ جي فطرت – اسان هنن کي هيتري آزادي ڏئي ڇڏي آهي ته به هنن ۾ غلام بنجي رهڻ ۽ پنهنجن مالڪن جي ڏاڍ سهسائڻ جي سياويڪ پڌي موجود آهي، هو محبت به ان ڪري ڪنديون آهن جو مرد ڪان مغلوب ٿـي ويندڊيون آهن، ۽ تو تـ. سبل کي يقينا ڏاڍي سهٽائي سان مغلوب ڪيو هوندو سخت ڪاوڙ جي حالت ۾ تون ڏاڍو سهٽو لڳو هوندين، تو مون کي اڳ به پڌايو هو ته ناٽڪ ۾ هو مختلف روپ وٺي ايندي آهي، جي هوءَ جوليٽ جـي روپ ۾ مري ٿي وڃي تـه وري اموگين جي روپ ۾ زنده ٿي ٿي آئي-“

”مگر هاڻي ته هوءَ وري ڪڏهن به زنده نه ٿيندي-“ ڊورين جهيڻي آواز ۾ چيو-

”برابر، هوءَ پنهنجو آخري ڪردار ادا ڪري چڪي، پر تون ڪٿي ائين سمجهه، ته اهو موت به ڪنهن وڏي ناٽڪ جو هڪ ڊرامائي ڪردار هو، سمجهه، ته هن جي زندگي به هڪ ويساڏاري ناٽڪ هو ۽ هن جو موت به هڪ غيرحقيقي ۽ ڪوڙو ڊرامائي واقعو هـو، تنهنجي لاءِ هـوءَ هوئڻ به هڪ خواب هئي، ڪا آتما هئي جا شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ داخل ٿي انهن کي هميشه لاءِ ساڀيا بخشي گذري وئي، هن حقيقي زندگيءَ کي ڇهي وڌو ۽ ان کي داغدارڪري ڇڏيائين جنهن سبب زندگيءَ خود هن کي داغدار ڪيو ۽ هوءَ ختم ٿي وئي. هاڻي جي تو کي سڌو ٿو لڳي ته پلي ويهي ڊرامن جي ڪردار جي موت تي ماتم ڪر، پر سبل وين

لاءِ پنهنجا لڙڪ اجايا نه وڃاءِ، هوءَ ته ايتري به حقيقي نه هئي جيترا حقيقي انهن ڊرامن جا ڪردار هئا۔"

هينري ڳالهه ختم ڪئي ۽ ماٺ ٿي ويو، سج الهڻ لڳو ۽ ڪمري ۾ اونده اچڻ واسو ڪرڻ لڳي، باغ مان وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن جا پاڇا ڏاڍي سانت سان ڌيرج سان ۽ چانديءَ جي پازيب جهڙي ڇڻڪي سان سُرندا اندر اچڻ لڳا، ڪمري ۾ موجود هر شئي جهڪي ٿيڻ لڳي.

ٿوري دير بعد ڊورين اکيون کڻي هينري ڏانهن نهاريو:

"تو منهنجي ذات جي خوب تشريح ڪئي هينري۔"

هن جي لهجي ۾ دلجاءِ هئي، اطمينان هو۔ "آءٌ اهي ڳالهيون اڳ به محسوس ته ڪندو هوس پر انهن کان خوف به کائيندو هوس ان ڪري پنهنجي پاڻ سان انهن جو اظهار ڪڏهن به نه ڪري سگهيس، تو مون کي کهڙو نه سهي سڄاتو آهي۔! خير منهنجي ذات منهنجي شخصيت منهنجي زندگي بابت گهڻيون ئي ڳالهيون ٿيون پر جيڪو حادثو ٿي گذريو آهي تنهن بابت هاڻي وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائبو، اهو مون لاءِ هڪ شاندار تجربو هو ۽ بس. خبر ناهي زندگي مون لاءِ اڃا ڇا ڇا رکيو ويٺي آهي۔!"

"زندگيءَ وٽ تو لاءِ سڀڪجهه موجود آهي سهڻا، تو جهڙو خوبصورت انسان سڀڪجهه ڪري سگهي ٿو۔"

"پر، هينري۔! جي منهنجي اها سونهن موڪلائي وڃي—— ته پوءِ۔؟"

"پوءِ۔" هينري اٿندي چيو۔ "پوءِ ته توکي پنهنجين

ڪاميابين لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي، هنوقت نہ هر ڪاميابي تو وٽ آڻي تي حاضر ڪئي وڃي— پر نہ، تنهنجو حسن برقرار رهڻ کپي. هي دور گهڻو پڙهڻ ۽ گهڻو سوچڻ جو دور آهي جنهن جي نتيجي ۾ سونهن ۽ سياڻپ برقرار نٿيون رهن پر توکي اسين اهو روڳ نہ لڳڻ ڏينداسين، هاڻي اٿي ڪپڙا بدلاءِ تہ ڪلب هلون، گهڻي دير ٿي وئي آهي—“

”منهنجو خيال آهي تون ماني ڪائي سنگيت ناٽڪ تي هل، آءٌ اتي ئي توسان اچي ملندس آءٌ گهڻو ٿڪل آهيان تنهن ڪري ماني نہ کائي سگهندس. ها تو ڇيو هو تہ سنگيت ناٽڪ ۾ تنهنجي همشيره جي باڪس ۾ ويهڻو آهي، ان جو نمبر ٻڌائي ڇڏ—“

”نمبر ٢٧ آهي، پر افسوس ٿيو جو تون ماني ۾ تي نہ اچي سگهندين—“

”بس طبيعت اجازت نٿي ڏي—“ ٻورين بي نيازي سان چيو— ”خير تو اڄ مون کي جيڪي ڪجهہ بہ سمجهايو تنهن لاءِ آءٌ بيحد ٿورائتو آهيان تون سچ پچ منهنجو بهترين دوست آهين، مون کي اڄ تائين ڪنهن بہ ايترو نہ سمجهيو جيترو تو سمجهيو آهي—“

”اڇا تہ پنهنجي دوستي جي شروعات آهي ٻورين—“ هينري هن سان هٿ ملائيندي چيو— ”چڱو، اميد تہ تون سادي نوين ڪان اڳ سنگيت ناٽڪ تي پهچي ويندين—“

هينري ٻاهر نڪري ويو تہ ٻورين گهنٽي وڄائي ۽ نوڪر هڪدم ٻنهي ڪٽي اندر آيو ۽ پردا ڇڪي ڇڏيائين،

ٻورين بي صبري سان هن جي ٻاهر نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ
لڳو ۽ هو هر ڪم ۾ اينگهه ڪري رهيو هو. جيئن ئي
وڪٽر ڪمري مان نڪتو ٻورين تيزي سان اٿي تصوير
تي پيل پردو هٽائي ڇڏيو— ”نه—! تصوير ۾ وڏيڪ
ڪابه تبديلي نه ٿي هئي، سبل وين جي موت جي خبر مون
کان اڳ تصوير تائين پهتي هئي، زندگي جي هر واقعي
جو ان کي پتو پئجي ٿو وڃي، ان جي چپن تي ڪئورتا
جا جيڪي نقش اڀري انهن کي بگاڙي بيٺا هئا سي يقينا
ان وقت اڀريا هئا جنهن وقت سبل زهر— يا ڪا ٻي شئي—
کاڌي هئي— پر ڇا اٿين ٿي سگهي ٿو—؟ ڇا پيش ايندڙ
واقعات جو اثر ٿي وڃي يا روح اندر پيدا ٿيندڙ ڪيفيتن
جو—؟“ ٻورين اچرج مان اهي ڳالهيون سوچيندو رهيو،
هن جي دل ۾ هڪ اميد پيدا ٿي— ”ڪنهن ڏينهن شايد
آءٌ پاڻ پنهنجين اکين سان اهو ڏسي سگهندس ته تصوير ۾
ڦيرو ڪيئن ۽ ڪهڙي سبب ٿو اچي—! ويچاري سبل—!
ڪهڙي نه عجيب ۽ مزيدار ڪهاڻي ٿي وئي، هوءَ اسٽيج
تي اڪثر موت جو سوانگ ڪندي هئي، تان جو موت
پاڻ اچي هن کي پاڻ سان ڪٺي ويو—! زندگيءَ جو اهو آخري
ڪردار هن الائي ڪيئن ادا ڪيو، متان مرندي مهل مون
تي ڦٽڪارون وسايون هونديون—؟ نه، هوءَ ته منهنجي محبت
۾ فنا ٿي، محبت—! محبت هاڻي منهنجو ايمان آهي ڌرم
آهي، سبل جان جي قرباني ڏئي سڀ ڪفارا ادا ڪري
ڇڏيا، هوءَ دنيا جي اسٽيج جو هڪ مهان ۽ دکي ڪردار

هئي ۽ عشق جي اتم سچائي جو مظاهرو ڏيکاري هلي وئي،-" ٻورين سبل جون پياريون پياريون ڳالهيون، هن جا انداز، هن جون معصومائيون ادائون ياد ڪري روئڻ لڳو.... پر جلد ئي لڙڪ اگهي هن هڪوار وري تصوير ڏانهن نهاريو— "هيءَ تصوير منهنجي هر گناه جو بوجو پنهنجي سر تي کڻندي ۽ آءٌ دائمي خوشبون، لذتون، چڙواڳي ۽ آسائشون ماڻيندس- ظاهري توڙي باطني-! منهنجي انهيءَ خواهش جي پورائي ٿيندي-! ويچاري تصوير، ڪيڏي نه رحم لائق آهي-!

"ها، ٿي سگهي ٿو- جيڪڏهن فڪر هڪ زنده هستيءَ تي اثر ڪري سگهي ٿو ته ڪنهن بي جان شئي تي به اثر انداز ٿي سگهندو هوندو-؟ ٿي سگهي ٿو، اسان جي خيال ۽ ارادي کان سواءِ به ڪي ظاهري يا خارجي شيون وچي اسان جي طبع يا جذبي يا احساس سان ڪو سنجوڳ ڪو ميلاپ ڪنديون هجن-! ڪاڳجهي محبت جزي ڪي جزي سان ملائيندي هجي-! تصوير منهنجي سواءِ ٿي پئي اثر ڪري يا منهنجا احساسات تصوير تي پيا اثرانداز ٿين-؟ ڪو فني يا ٽڪنيڪي سبب آهي ضرور- پر خير- سبب ڪهڙو به هجي، آءٌ ڇو ويهي ايتري ڳڻتي ڏاريان، تصوير بدلجي ٿي ته بدلجي- آءٌ ڇو ويهي ان تي کهل ڪريان ۽ ان جي نجات لاءِ دعائون گهري ڪنهن سنجيده قوت کي جوش ۾ آڻيان-؟

"۽ وري هن جو مشاهدو ڪرڻ به ڏادي مزي جي

ڳالهہ ٿيندي ـ! واه ـ! هيءَ مون لاءِ هڪ جادوءَ جي آرسي جو ڪم ڏيندي، آءٌ هن ڪي اک ۾ رکي پنهنجي روح جي مخفي رستن تي هن سان گڏجي هلندس، منهنجي اندرجون تبديليون هن ۾ ظاهر ٿينديون ۽ آءٌ انهن ڦيرن جو مشاهدو ڪري سگهندس ـ! جيئن هـوءَ منهنجي ظاهري شخصيت جي تصوير آهي تيئن منهنجي روح جو بہ عڪس بڻبي، ۽ تڏهن بہ هوءَ بدلجندي رهندي ۽ آءٌ نـہ بدلبس، پنهنجيون تبديليون آءٌ هن ۾ ڏسندس ـــ اهو ڳالهہ تہ اها آهي نہ ـ! هن تصوير تي وقت جا ڦيرا ايندا ۽ آءٌ انهن کان محفوظ رهندس، سدائين خوبصورت، سدائين جوان، سدائين صحتمند ـ! تصوير جهور ٿي وڃي تہ ڇا، ٻڍي ۽ ٻسي ٿي وڃي تہ ڇا، بي رنگ ۽ بي زيب ٿي وڃي تہ ڇا."

هن وري ساڳي طرح پردو تصوير تي وجهي ڇڏيو ۽ـ ائين ڪندي هـن مرڪي ڏنو۔ هڪ ڪلاڪ بعد هو تيار ٿي سنگيت ناٽڪ تي پهچي چڪو هو۔

[٩]

ٻي ڏينهن صبح جـو ڊورين پنهنجي ڪمري ۾ نيرن ڪائي رهيو هو تہ باسل اتي پهچي ويو۔

"چڱو جو ملي وئين ڊورين ـ" بـاسل جو آواز ڳرو هو۔ "رات اچي تنهنجي پڇا ڪيم تہ تون سنگيت ناٽڪ تي ويل هئين جيتوڻيڪ مون کي پڪ هئي تہ ائين نہ هوندو، خير تون، ڪنهن طرف ويل ضرور هئين پر ڀڌائي تہ وڃين

ها، رات مون آنڌ مانڊ ۾ گذاري، ڊپ هئم ته متان هڪڙي ڏکدائڪ واقعي پٺيان ڪو بيو حادثو نه ٿي پوي، تون مون کي تار ته ڪري ڇڏين ها مون ته اها خبر ڏي گلوب ۾ پڙهي، سمجهان ٿو توکي ڏاڍو ڏک ٿيو هوندو، منهنجي دل ٿي ٿڪر ٽڪر ٿي پئي، پر تون هئين ڪٿي-؟"

"پيارا دوست، آءٌ ته سنگيت ناٽڪ تي هوس-" ڊورين باسل جي ڳالهين کان بور ٿيندي چيو- "تون به اتي اچين ها، اتي آءٌ پهريون دفعو هينري جي همشيره ليڊي ويندبولين سان مليس، ڏاڍي خوبصورت آهي، هن کي ڏسي سنگيت ناٽڪ جا سيئي گيت مون کي الوهيت جاگيت ٿي محسوس ٿيا — تون انهيءَ اڻ سهائيندي ڳالهه جي پچار نه ڪر، جنهن واقعي بابت ڳالهائبو ئي ڪونه سو سمجهه ته ٿيو ئي ڪونه، اهو هينري جو ئي چوڻ آهي ته اظهار ئي شئي کي حقيقت بخشيندو آهي، خير تون اڄ ڪلهه ڪهڙي تصوير پيو ناهين-؟"

"تون سنگيت ناٽڪ ويو هئين-؟" باسل جو آواز ڏک جي چيڀٽ کان گهٽجي ويو هو- "تون سنگيت ناٽڪ تي ويو هئين جڏهن ته تنهنجي محبوب جو لاش هڪ رواجي جاءِ ۾ پيو هو-؟ ۽ تون ڪنهن جي حسن ۽ گيتن کي الوهيت جي راڳ سان ڀيٽي سگهين ٿو جڏهن ته تنهنجي محبوب کي اڃا قبر جي خاموشي به نصيب نه ٿي هئي-؟"

"بس ڪر باسل-! آءٌ اهڙيون ڳالهيون نه ٻڌندس-" ڊورين ڪرسي تان اٿندي تکو ٿي چيو- "توکي اهڙيون

ڳالهيون نه ڪرڻ کپن بس جيڪي ٿيو سو ٿيو۔“

”ڪالهوڪي ڳالهه کي ٽون ماضي ٿو چوين۔؟“

”وقت جي رفتار ۽ مدي جو ڪنهن به واقعي ۽ ان جي نوعيت سان ڪهڙو واسطو۔؟ اهي سطحي ماڻهوهوندا آهن جن کي ڪنهن جذبي مان جند ڇڏائڻ لاءِ سالن جا سال درڪار هوندا آهن، جيڪو ماڻهو پاڻ پنهنجو مالڪ آهي سو اوتري ئي آسانيءَ سان پنهنجا درد ڀلائي سگهي ٿو جيتري آساني سان پنهنجيون خوشيون آئي سگهي ٿو، ۽ پنهنجو پاڻ کي پنهنجن جذبات جي رحم ڪرم تي نٿو ڇڏڻ گهران بلڪ انهن کي استعمال ڪرڻ ۽ انهن مان ئي لطف وٺڻ ٿو چاهيان، انهن کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ ٿو چاهيان۔“

”ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي ڊورين، ڪنهن ڳالهه سبب ٽون ايترو بدلجي ويو آهين، ٽوکي ڇا ٿي ويو آهي ٽون ته ڏاڍو سادو سلوڻو هئين، رحمدل هئين بالڪل فطري هلت هئي تنهنجي۔ ٽون بي داغ هئين، پر هاڻي۔! ڇڻ تنهنجي سيني ۾ دل ناهي، درد ناهي، آءٌ سمجهان ٿو اهو سڀڪجهه هينري جي صحبت جو اثر آهي۔“

ڊورين جوش مان اٿي کڙو ٿيو ۽ ڪجهه دير تائين دريءَ وٽ بيٺو باغ جي ساوڪ کي ڏسندو رهيو جا آس ۾ ڦهي پئي هئي، پوءِ باسل ڏانهن منهن ڪرڻ کان سواءِ ئي رڪائي سان چوڻ لڳو:

”باسل۔! هينري جا مون تي وڏا احسان آهن، ٽوکان

به وڌيڪ، تو ته مون کي رڳو ڏرڙو ۽ خسيس ٿيڻ سيکاريو
هيو ڇا_"

"خير_ جي ائين آهي ته ان جي مون کي گهڻي سزا
ملي چڪي آهي يا ڪنهن ڏينهن اوس ڏي ملندي_"

"باسل آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي_؟" ڊورين باسل
ڏانهن نهاريو.

"مون کي اهو ڊورين گهرجي جنهن جي مون تصوير
ناهي_؟ باسل دک ڀرئي لهجي ۾ چيو.

"تون گهڻي دير ڪري آئين باسل_" ڊورين هن جي
ويجهو اچي پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي تي رکندي چيو.

"ڪلهه جڏهن مون سبل جي خود ڪشي جي خبر پڙهي
تڏهن...."

"خود ڪشي_؟ اف خدا_! ته ڇا هن خود ڪشي
ڪئي هئي_؟" باسل ڇرڪ وسمي ۾ پڇي ويو.

"پيارا دوست_! تو هن حادثي کي رواجي موت سمجهيو
آهي، هن واقعي خودڪشي ڪئي آهي_"

ڪراڙي چترڪار پنهنجو منهن ڪٽي هٿن ۾ ڪيو_

"اف_! ڪيڏي نه هولناڪ ڳالهه ٿي_" هن جو بت
ڏڙڪڻ لڳو.

"نه باسل نه، ڀلا خوف کائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي،
اهو ته زندگي جو هڪ مزي جهڙو دکدائڪ حادثو آهي
قدرتي طور تي ائين ٿيندو آهي جنو جيڪي ماڻهو فنڪار
هوندا آهن سي رواجي قسم جي زندگي گهاريندا آهن، اهڙا

فنڪار مرد سڀ مڙس ثابت ٿيندا آهن ۽ فنڪار عورتون وفادار زالون ثابت ٿينديون آهن مطلب ته هو اهڙائي ڪي بيزار ڪندڙ انسان ثابت ٿيندا آهن — مگر سبل، سبل ته گهڻي قدر مختلف ثابت ٿـي، زندگي ۾ هـن ٽريجڊي جو بهترين ڪردار ادا ڪيو، ڪلهه رات هـن بالڪل خراب اداڪاري ڪئي ڇاڪاڻ جو هوءَ محبت کي حقيقي سمجهڻ لڳي هئي ۽ پوءِ، جڏهن هن کي احساس ٿيو ته محبت هڪ غير حقيقي شئي آهي تڏهن هن وري سڀڪي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ سچ پچ مري ڏيکاريو، جيئن ڪڏهن جواڪيٽ فوت ٿي هوندي، هن جو موت هڪ شهادت آهي پر اجائي شهادت جنهن ۾ ڪو حسن ته رهيو ناهي، ۽ تون سمجهين ٿو مون کو دکـ نه سٺو آهي، تون ڪلهه هتي اچين ها ته مون کي گوڙها ڳاڙيندو ڏسين ها، مون کي سخت صدمو رسيو هو پر پوءِ اهو جلد ئي گذري ويو. توکي به شاباس هجي باسل، تون مون کي دلداري ڏيڻ اچين ٿو ۽ جڏهن ڏسين ٿو ته آءٌ پنهنجو غم وساري چڪو آهيان ته ڪاوڙجين ٿو!

باسل آءٌ ڪنهن به جذباتي واقعي کي ورجائي نٿو سگهان اهي جذباتي ماڻهن جا ڪم آهن، تون چاهين ٿو ته آءٌ به انهيءَ ماڻهوءَ جهڙو ٿيان جيڪو پنهنجو ڪو غـم غلط ڪرڻ لاءِ يا هڪ ظالماڻي رواج جي خاتمي لاءِ لاڳيتا ويهه سال جاکوڙون ڪندو ڪشالا ڪڍندو رهيو پـر جڏهن آخرڪار پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿـي ويـو ته مايوسي، واندڪائي، گهر هـن کي چريو ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته

هاڻي هن جي ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ئي نه رهيو هو تان جو هو سورڳو انسان ذات کان ئي بيزار ٿي پيو-!

”باسل يار، جي تون سون کي آئت ڏيڻ آيو آهين ته پوءِ مون کي سيڪجهه وساري ڇڏڻ جو سبق ڏي، پر آءٌ انهيءَ نوجوان وانگر به نه ٿيندس جيڪو چوندو هو ته گيڙو رنگ جي ڪفني پائي ماڻهو پنهنجا گهڻا غم وساري آئت پرائي سگهي ٿو، ها مون کي اها صلاح ڏي ته آءٌ انهي واقعي کي مناسب فنڪارائي نظر سان ڏسان، هينري جو چوڻ آهي ته پنهنجي زندگيءَ کي جي هڪ تماشبين جي نظر سان ڏسجي ته جيڪر گهڻن دکن کان بچي رهجي. منهنجي هن قسم جي گفتگو تي حيران نه ٿي آءٌ پنهنجي پاڻ کي گهڻو سڌاري ويو آهيان، جڏهن توسان شناسائي ٿي هئي تڏهن آءٌ هڪ اسڪولي ڇوڪرو هوس هاڻي هڪ سکر ماڻهو آهيان نوان خيال نوان جذبا ۽ نوان فڪر رکندڙ عاقل بالغ نوجوان، تنهن ڪري سون کي گهٽ پاڻڻ جي بدران منهنجو خيرخواه ٿي ره. برابر آءٌ هينري کي گهڻو پسند ڪريان ٿو پر ايترو به ڄاڻان ٿو ته تون هن کان وڌيڪ چڱو انسان آهين ڪٿي ايترو برباد نه آهن زندگي کان خوف کائيندڙ آهين پر ته به چڱو انسان آهين، باسل-! نه مون سان جدائي ڪر نه سون سان ڪو تڪرار ڪر، بس آءٌ جيڪي آهيان سو آهيان-؟“

باسل جو من پرجي آيو دورين سان هن کي هيڪاندي محبت هئي، سندس فن ڊي دورين جي شخصيت جي قبضي

پر هو، هاڻي ٻورين سان شڪوو شڪايت بحث تڪرار ڪري ته ڪيئن ڪري، سوچيائين ته هن جي اها الغرضائي به هن جو هڪ موڊ آهي جو اڄ آهي ته سڀان نه هوندو، هن ۾ گڻ به ته الاهي آهن—!

”چڱو ٻورين—!—“ باسل نيٺ، ڳالهايو، هن جي منهن تي دک ڀري مرڪ هئي— ”وري هن حادثي بابت توسان اگر به نه ڪچندس، مون کي اميد آهي ته هن معاملي ۾ تنهنجو نالو نه ورتو ويندو، اڄ شام کان پڇا ڳاڇا ٿيندي، توکي سڏايو ته نه اٿن—؟“

پڇا ڳاڇا جي اکر ٿان به ٻورين کي ڏکي لڳي، هن ڪنڌ ڌوڻي نه ڪئي:

”هنن کي منهنجي نالي جي ڪا خبر ڪانهي—“

”سبل ته تنهنجو نالو ڄاڻندي هوندي—“

”فقط نالو ۽ نه سرنامو، پر هن به ڪنهن کي منهنجو نالو نه ٻڌايو هوندو، هوءَ سڀني کي منهنجو نالو جادوگر شهزادو ٻڌائيندي هئي، ڏسين ٿو باسل—! ڪيڏو نه پيارو انداز هو هن جو—! باسل مون کي سبل جي هڪ تصوير ته ڏاهي ڏي، آءُ پاڻيان مون وٽ هن جي ڪا اهڙي نشاني هجي جا هن جي چمين يا چند من موهيندڙ اکرن جي ياد کان وڌيڪ ستيل ۽ سياويڪ هجي—“

”ڪوشش ڪندس ته تنهنجي خوشيءَ لاءِ ڪجهه ڪري سگهان پر توکي به مون وٽ ڳاهي بگاهي اچڻو پوندو، توکان سواءِ مون کي به ته آرام نٿو اچي—“

”آءٌ تو وٽ هاڻي تصوير ڇڪائڻ لاءِ نہ اچي ويهندس۔“ ٻورين تکو ٿيندي چيو.

”کهڙيون ناداني جون ڳالهيون ٿو ڪرين پيارا۔! توکي تصوير لاءِ ويهڻو نہ پوي ٿو پر ڇا مون تنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي سوتوکي نہ وڻيو۔؟ تصوير ڪٿي آهي، هي ڇو ان کي ڍڪي ڇڏيو اٿئي۔؟ مون کي ڏسڻ تہ ڏي، اها ئي هڪ بهترين شئي مون ناهي آهي۔“

”تصوير کي مون ڍڪي ڇڏيو آهي، ان کي تکي روشنيءَ کان بچائڻ لاءِ۔“

”تيز روشنيءَ جو ڪهڙو سوال، تو رکي ئي مناسب هنڌ تي آهي، ڏسان تہ سهي۔“ باسل اٿين چوندو اٿيو ۽ ڪمري جي انهيءَ ڪنڊ ڏانهن وڌيو جتي تصوير رکيل هئي، اهو ڏسي ٻورين خوف کان رڙ ڪري باسل ۽ تصوير جي وچ ۾ تي بيٺو، هن جو منهن ئي پيلو پئجي ويو:

”باسل۔! توکي تصوير نہ ڏسڻ گهرجي، آءٌ نٿو چاهيان تون ان کي ڏسين۔“

”ڇا۔؟ پنهنجي ئي ناهيل تصوير نہ ڏسڻ گهرجي۔؟ مثان تون چرچو پيو ڪرين، آخر ڇو نہ ڏسان۔؟“ باسل ٿهڪ ڏنو.

”جي تو ان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ، آءٌ قسم ٿو کڻان تہ وري تا عمر توسان نہ ملندس نہ ڳالهائيندس، چرچو ڪونهي، بس آءٌ وڌيڪ ڪا وضاحت نہ ڪندس نہ

تون مون کان ڪا وضاحت طلب ڪر، باقي اهو ياد رک ته جي تو هن پردي کي هٿ به لاتو ته پوءِ پنهنجا ناتا ختم سمجهه-“

باسل تي چڻ وڄ ڪري پئي، هو دورين کي وڏي اچرج مان بيٺو تڪيندو رهيو، هن کان اڳ هن دورين کي ڪڏهن ڪاوڙ کان ايترو تپندو ۽ ڳاڙهو ٿيندو نه ڏٺو هو، سچ پچ دورين مٿيون پيڙدو اکين مان باهه اوڳاڇي رهيو هو ۽ سڄو بت ڪنبڻ لڳو هوس.

”دورين....!“

”بس وڌيڪ ڪجهه نه چئه باسل-!“

”پر آخر ڳالهه ڇا آهي-؟ ڀلو ڀلا جي تنهنجي اهاڏي مرضي آهي ته آءٌ نٿو ڏسان تصوير کي-“ باسل گهٽي ڏيرج سان چيو ۽ پوءِ ان پير ڪري دريءَ ڏانهن وڌڻ لڳو- ”جيئنو ٺيڪ اها ڳالهه ٺهي ته نٿي ته آءٌ پاڻ پنهنجي ڏي شاهڪار کي نٿو ڏسي سگهان، هيڏانهن آءٌ پيو سوچيان ته آڪٽوبر ڌاري ان جي پيرس ۾ نمائش ڪريان سو ان کي وارنش جو هٿ هڻڻ لاءِ نيٺ به ته ان کي ڏسندس تـه سهي، سو جي اڄ ڏي ڪٿي ڏٺم ته ڇا ٿيو-!“

”نمائش-؟“ دورين ڏانهن ڪئي، هڪ نئون خوف هن کي وڪوڙي ويو- ”ڇا تون ان کي نمائش لاءِ رکندين-؟“ عجيب پوائنٽا خيال هن جي ذهن ۾ واسو ڪرڻ لڳا- ته ڇا منهنجي اندر جو پيد دنيا وارن جي اڳيان کولي ظاهر ڪيو ويندو-؟ ماڻهو وات پٽي اکيون ڦاڙي منهنجي اندر ۾

نهاريندا ـ؟ نه ـ اٿين نه ٿيندو ـ!

”ها ٻورين ـ! تصوير ڪي نمائش ۾ رکڻ جو ارادو اٿم ۽ توکي اعتراض نـه هئڻ گهرجي، توکي فقط هڪ مهني لاءِ ڏيڻي پوندي وڌيڪ نه ـ“

ٻورين پنهنجي پيشاني تي هٿ ڦيرائڻ لڳو جنهن تي پگهر جا ڦڙا وچڙڻ لڳا هئا. هن جي حالت اهڙي هئي جيئن ڪو ماڻهو سخت خطري کي اکين آڏو ڏسندو آهي ۽ ساه سڪي ويندو اٿس. هن وري رڙ ڪئي:

”هڪ مهنو اڳـ تو نه چيو هو ته هـن تصوير جي نمائش نه ڪبي ـــ؟ هاڻي وري ڦري ڇو ڪاڏي اٿئي ـ؟ اوهين مـاڻهو ڏاڍا مستقل مزاج هئڻ جـا خواهان هوندا آهيو ۽ وري اوتريون ئي طبيعتون ڦاريندا آهيو، توکي پنهنجا اهي اکر وسري ويا ته دنيا جي ڪابه طاقت توکي هـن تصوير جي نمائش لاءِ قائل نٿي ڪري سگهي ـ؟ـ“ ٻورين چپ ٿي ويو، هن کي اما‌ڪ ياد آيو ته هڪ ڀيري هيئري ڪجهه چرچي ۽ ڪجهه سنجيدگي سان هن کي چيو هـو ته جي ياڻئين ته ڪجهه وقت اوهان پنهي ۾ اڻ بڻت رهي ته باسل کان پڇجانءِ ته هو تصوير جي نمائش کان ڇو ٿو نٽائي ـــ تڏهن، هن تصوير ۾ رکو منهنجو ئي نه پر باسل جو به ڪو راز لڪل آهي ـ؟ هن سوچيو ـ هاڻي اهو ته معلوم ڪجي ـ!....

”باسل ـ ! ـ“ ٻورين باسل جي ويجهو اچي هن سان اکيون اٽڪائيندي چوڻ لڳو. ”ڏس دوست ـ! هن تصوير سان اسان ٻنهي جو ڪونه ڪو راز لاڳاپيل ضرور آهـي،

هاڻي هيئن ڪر جو تون مون کي پنهنجو انت پيد ٻڌاءِ ۽ آءٌ توکي پنهنجو راز ٻڌايان، هاڻي ٻـڌاءِ ته اڳي تو هن تصوير جي نمائش کان ڇو انڪاري هئين-؟-"

باسل اهڙي ڳالهه ٻڌي جو پنهنجي پاڻ کان ڏي پيو ڌڪار محسوس ڪري، ٻـت ڪنبڻ لـڳس ڄـڻ ڪنهن ڪوڙڪي ۾ اچي اٽڪيو آهي-!

"دورين، جي مون توکي اهو پيد ٻڌايو ته پوءِ تنهنجي مهر ۽ محبت کان محروم ٿي ويندس، ويتر تون مون تان ٺٺوليون ڪندين کلندين، مون پنهي ڳالهين تان هٿ کنيو، نه تون پنهنجو انت ظاهر ڪر نه آءٌ تـو ٻڌايان، ٺهيو آءٌ تصوير ڏانهن نهارڻ کان ڏـي دستبردار ٿيس، ڏسڻ لاءِ تـه تون ئي هميشه منهنجين اکين ۾ ويٺو آهين، جي تنهنجي اها اڇا آهي ته منهنجو شاهڪار ماڻهن جي اکين کان لڪو رهـي ته ائين ئي سهي، تنهنجي دوستي مـون کي پنهنجي ناماچار کان وڌيڪ پياري آهي-"

"نه باسل-" دورين زور پيرڻ لڳو- "توکي ٻڌائڻو ئي پوندو، مون کي اهو راز ڄـاڻڻ جـو حق ته آهي-" دورين جي چهري تان خوف ۽ دهشت جون ڪيفيتون هاڻي غائب ٿي چڪيون هيون ۽ انهن جي بدران شوق ۽ تجسس جو دئـو پوڻ لڳو هـو، هو اها معلومات وٺڻ جـو پڪو پهه ڪيو ويٺو هو.

"اچ ته ويهي ڳالهايون-" باسل ڏاڍي دکي لهجي ۾ چيو- "هاڻي تون مون کي هڪڙي سوال جو جواب ڏي-

ڇا توکي هن تصوير ۾ ڪا اجنبي جهڙي ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي آهي-؟ ڪو اهڙو اهڃاڻ، جنهن تي هن ڪان اڳ تنهنجي نظر نه ڪئي ۽ هاڻي اوچتي ظاهر ٿي آهي-؟"

"آه-! باسل-!-" ڊورين رڙ ڪئي، هن جا ڏڪندڙ هٿ ڪرسيءَ جي ٻانهن کي ڇهڻ ۽ چنبڙڻ لڳا—

"هون" باسل چيو- "هاڻي سمجهيم ته ضرور ڪا اهڙي ڳالهه آهي، چڱو هاڻي ٻڌ ڊورين- مون توکي ڏٺو ۽ ٻهرين نظر ۾ ئي تون منهنجي دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪري وئين، منهنجو روح، منهنجو شعور ۽ منهنجون سڀ قوتون تو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتيون، تون مون لاءِ انهيءَ اڻ ڏٺي آدرش جي صورت ٻنجي وئين جنهن جو تصور اسان فنڪارن جي دل دماغ تي هميشه هڪ سندر سپني وانگر ڇانيل هوندو آهي، مون تنهنجي پوڄا ڪئي ۽ هر انهيءَ ماڻهوءَ سان حسد ڪيم جنهن سان تون فقط ٻه اکر ڳالهائيندو هئين، ڀانيم ته تون رڳو منهنجو هجين، آءٌ فقط اهو وقت خوش هوندو هوس جو وقت تون مون سان گڏ هوندو هئين ۽ جڏهن مون ڪان پري هوندو هئين تڏهن ٻه منهنجي فن ۾ موجود هوندو هئين، اهڙيون ڳالهيون مون توسان اڳ ڪڏهن نه ڪيون، اهڙو حوصلو ئي نه هئم ۽ نه ئي تون ڪجهه سمجهڻ جي ڪرين ها، اهي اندر جا ڀيد آءٌ پاڻ ئي نه پيو سمجهندو هوس، مون رڳو ايترو سمجهيو ته آءٌ ڪماليت کي پنهنجي اکين آڏو ڏسڻ لڳو آهيان ۽ دنيا منهنجي آڏو هڪ عجيب شڪل ۾ اچي بيٺي آهي، شايد

اهو حوصلو ان ڪري نہ ٿيم جو اهڙي انڌي پوڄا ۾ اهڙي ديوانگي ڪي هٿان وڃائڻ جو جوکم هوندو آهي جو ان جي حاصلات جي جوکم ڪان ذرو بہ گهٽ نہ هوندو آهي،

”هفتن جا هفتا گذري ويا ۽ تون جيئن پوءِ ٿيئن منهنجي نس نس ۾ غلبو ڪندو وئين. پوءِ هڪ نئين ڳالهہ تي، منهنجي تصوير ۾ هڪ وڏو ڦيرو اچي ويو، منهنجي هٿان ڪينوس تي تنهنجون ذي شان تصويرون نهڻ لڳيون، ڪنهن تصوير ۾ توکي ڪو شهزادو ناهيم، ڪنهن ۾ ڪو ڪونڌر ڪنهن ۾ ڪو سورمو–! ڪنهن ۾ زره پاتل ڪنهن ۾ گلن جو چٽ پهريل، ڪنهن ۾ نيل نديءَ جي ميرانجهڙي پاڻيءَ ۾ جهاتي پائيندڙ ڪنهن ۾ يونان جي ڪنهن وڏڪار ۾ تہ ڪنهن ۾ ڪنهن تلاءَ تي جهڪيل، مون تنهنجا ڪيترا روپ سوچيا ۽ ڪينوس تي چٽيا — اهو سڀڪجهہ ناهيم جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ فن چئجي، آدرشي، اتم، مهان ۽ پڻ اچوتو–!

”– ۽ هڪ ڏينهن — ۽ ڪڏهن سوچيان ٿو تہ اهو ڏينهن منهنجي مقدر جو هڪ اڻ ٽر ڏينهن هو — جو مون تنهنجي اصل تصوير ناهڻ جو پڪو ارادو ڪيو بالڪل اهڙي تصوير جهڙو تون پاڻ آهين جنهن ۾ تون پنهنجي اصل چمار پنهنجي ئي جوبن ۽ پنهنجي ئي لباس ۾ هجين، پوءِ نہ ڄاڻان اها فن جي سچائي ۽ ڪماليت هئي يا تنهنجي شخصيت جو حسن هو جنهن منهنجي تصوير ۾ سڌيءَ طرح تنهنجي اها سچي تصوير چٽي ڇڏي – بالڪل صاف ۽ چٽي،

”بيان ڪرڻ ته منهنجي وس کان ٻاهر آهي پر ايترو سمجهان ٿو ته جيئن جيئن آءٌ تنهنجي اهـا تصوير ناهيندو ٿي ويس تيئن تيئن مون کي احساس ٿيندو ويو ته رنگن جي هر هر تهه ۾ هر هر پرت ۽ پردي ۾ منهنجي روح جو راز ظاهر ٿيندو پيو وڃي، تڏهن منهنجي دل ۾ اچي اهو خوف ويٺو ته جيڪو به هي تصوير ڏسندو سو منهنجي بت‌پرستيءَ جي ڀيد کان واقف ٿي ويندو ـ! بس، منهنجي دل دماغ ۾ اها ڳالهه گهر ڪري وئي ته هـن تصوير ۾ مون پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو عيان ڪيو آهي، هن تصوير کي مون پنهنجي زبان ڏئي ڇڏي آهي ۽ ان کـي پنهنجا سڀ ڀيد ٻڌائي ڇڏيا اٿم، اها تصوير منهنجو ڀيد آهي ـ! بس ـ اهوئي سبب هـو جو مـون ان جي نمائش نه ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو، منهنجي انهيءَ فيصلي تـي پهرين ته تـون به ڪاوڙيو هئين پـر تڏهن توکي ان جـو سبب معلوم نه هو، هينري سان ڳالهه ڪيم ته هو مون تـي کلڻ لڳو پر مون کي انهيءَ تان به ڏکي نه لڳي، پوءِ مون تصوير توڏانهن ڏياري موڪلي ۽، پوءِ جو مون کي انهيءَ اڻ سهسندي موه کان ڇوٽڪارو مليو جو ان جي موجودگي سبب منهنجي دل کي ڏتاريندو هو، تڏهن وري اهو سوچڻ ويهي رهيس ته هيءَ ڪهڙي احمقائي سوچ ڏاري هئم جـو ان ۾ تنهنجي سونهن ۽ پنهنجي فن جي بهترين ڪاريگري کان سواءِ ڪا ٻي ڳالهه به سمجهيم ـ! آءٌ ته اڄ بـه سمجهان ٿـو ته اهـو سمجهڻ غلطي آهـي ته جنهن جذبي جي آثار ڪو نپارو

تخليق ڪجي ٿو سو جذبو ڪو انهيءَ تخليق ۾ به ظاهر ٿي بيهي ٿو. فن انهيءَ ڪان هميشه وڌيڪ باريڪ ۽ مجرد آهي جيترو اسين سمجهون ٿا. صورت ۽ رنگ اسان جي اڳ فقط صورت ۽ رنگ جي معنيٰ مطلب ظاهر ڪن ٿا ۽ بس.

”ڪڏهن سوچيندو آهيان ته، فن، فنڪار کي ظاهر ڪرڻ کان گهڻو وڌيڪ ته هن کي لڪائي ڇڏيندو آهي. بلڪ پوريءَ طرح لڪائي ڇڏيندو آهي. سو جڏهن منهنجو اهو وسوسو دور ٿيو، سوچ بدلي ۽ پوءِ جو پڙس مان اڄ مليم ته ارادو ڪيم ته انهيءَ نمائش ۾ تو واري تصوير سڀني کان وڌيڪ نمايان ڪري رکندس، مون کي ته وهم گمان به نه هو. ته تون هيئن جواب ڏئي ڇڏيندين ـــ پر خيرهائي آءٌ مڃان ٿو ته تون به صحيح ٿو چوين ته هن جي نمائش ڪرڻ مناسب نه ٿيندو، بس تـون ڪاوڙ ڇـڏ، ڏس مون جيڪي ڪجهه چيو تنهن تي ڪروڌ نه ڪجان، مـون ته هينري کي هڪ دفعي چيو هو ته ٻورين ان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ته هن جي پوڄا ڪجي ـ“

ٻورين ڏڪهو ساه کنيو، منهن جو رنگ موٽي آيس ۽ چپ مرڪڻ لڳس، دلجاءِ ٿيس ته خطرو ٽري ويو آهي ۽ پاڻ محفوظ آهي. تنهن سان گڏ باسل لاءِ دل ۾ درد محسوس ڪيائين جنهن سندس اڳ اهڙي عجيب انداز سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو هو، عجب ڪانڊ لڳو ته ڇا ڪڏهن پاڻ به ڪنهن دوست کان ايڏو متاثر ۽ مغلوب ٿي سگهي ٿو؟ ڪنهن ماڻهوءَ ۾ واقعي اهڙي ڪشش هوندي آهي

جا ڪنهن ٻي کي ائين موهت ڪري ڇڏي.؟ هينري ۾ برابر اهڙو موه آهي پر هو وري ايترو چالاڪ حرفتي ۽ ترش رو هو جو هن کي ايترو ته چاهي نٿو سگهي، ڇا آءٌ به ڪنهن جي محبت ۾ بت پرستي جي حد تائين وڃي سگهندس.؟

”اها ته مون لاءِ وڏي ڳالهه ٿيندي ڊورين، جو توکي تصوير ۾ ڪجهه نظر آيو آهي، سچ پچ ان ۾ ڪجهه ڏٺو اٿئي ـــ؟“

”ها ـ مون کي ان ۾ ڪجهه حيرت جهڙي انوکي ڳالهه نظر آئي.“

”چڱو ڀلا هاڻي ته ناراض نه ٿيندين جي آءٌ تصوير کي ڏسي وٺان.؟“

”اها ڳالهه نه ڪر باسل.“ ڊورين ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ڪئي. ”آءٌ توکي تصوير جي اڳيان بيهڻ جي اجازت نٿو ڏئي سگهان.“

”چڱو ڀلا ـ ڪنهن ٻي پيري ته ضرور ڏسڻ ڏيندين نه.؟“

”ڪڏهن به نه.“

”چڱو خير، تون شايد صحيح چوندو هجين، چڱو ڀلا هاڻي خدا حافظ. منهنجي زندگي ۾ تون ئي هڪ اهڙو شخص آهين جنهن منهنجي فن کي متاثر ڪيو ۽ مون جيڪو به شاهڪار ٺاهيو تنهن لاءِ تون ئي جس کٽين، الا! توکي ڪهڙي خبر ته مون توکي جيڪي ڪجهه ٻڌايو آهي تنهن لاءِ ڪيتري قيمت به ڏيڻي پئي اٿم.!“

”تو مون کي ٻڌايو ئي ڇا آهي دوست—! بس اهو ئي نه، ته تون محسوس ٿو ڪرين ته تون مون کي تمام گهڻو ٿو چاهين—؟ اها ته منهنجي ڪا ساراهه به نه ٿي—“

”مون توکي ساراهڻ لاءِ ته اهو سڀڪجهه نه چيو، اهو محبت جو اعتراف هو، ۽ هاڻي جو اهو سڀڪجهه چئي ويٺو آهيان تــه لڳيم ٿو ڪجهه هٿان وڃائــي ويٺو آهيان، شايد انسان کي پنهنجي عبادت کي ڪڏهن به لفظن جو ويس نه پارائڻ گهرجي—“

”تو وارو اظهار ته بنهه مايوسيءَ وارو اظهار هو—“

”ڇو ڀلا—؟ تڏهن توکي ڪهڙي وارتا جي توقع هئي—؟ ڊورين، تصوير ۾ ڇا ڏٺو اٿئي—؟ ڪا نرالي ڳالهه—؟— آخر ڇا ٿيو آهي تصوير کي—؟“

”تون اهي سوال ڇو ٿو ڪرين—؟ بــاسل، تون اهي پوڇا ٻوڇا واريون ڳالهيون نه ڪر اهي سڀ ناداني جون ڳالهيون آهــن، پــاڻ ٻئي دوست آهيون ۽ هميشه دوست ٿــي رهڻ کپيسون—“

”دوستي لاءِ ته تو هينري کي چونڊي ڪنيو آهي—“ باسل دک مان چيو.

”او، هينري—؟“ ڊورين ٽهڪ ڏنو— ”هينري جــو ته هي حال آهي جو ڏينهن نه وسهڻ جهڙيون ڳالهيون ڪندي ۽ رات اڻ ٿيا ڪم ڪندي گذاريو ڇڏي، مون کي ته سڌ ٿيندي آهي ته جيڪر آءٌ به زندگي هن وانگر ئي گذاريان. خير بــاسل مون کي ڪا پريشاني ٿــي تــه تــو وٽ ايندس

هينري وٽ نہ ويندس_“
”تڏهن تون تصوير ڇڪائڻ لاءِ مون وٽ ايندين نہ_؟“
”اهو تہ ناممڪن آهي_“
”دلبر، اهڙو انڪار ڪري تـون منهنجي اندر جي فنڪار کي تباهه ڪريو ٿـو ڇڏين، هڪ ڀيري وقت بہ اهم فيصلا پلا ڪيئن ٿو ڪرين_؟“
”بس آءٌ توکي سمجهائي نٿو سگهان، آءٌ تو وٽ ايندس، جانهن تي روح رهاڻ ڪبي باقي تصوير لاءِ ويهڻ مون کان نہ ٿيندو، هن تصوير ڏي ڇگي ڪدورت پيدا ڪئي آهي، بس جانهن تي ڪچهري ڪري مون کي خوشي ٿيندي_“
”توکي خوشي ٿيندي ان جي بہ مونکي تہ پڪ ڪانهي_“ باسل جو جهيڻو آواز اچا بہ هن جي دک جي شاهدي ڏئي رهيو هو_ ”چڱو خـدا حافظ، افسوس جو تون تصوير نہ ڏسڻ ڏيندين پر ڇا ڪجي مجبوري آهـي، سمجهان ٿو تہ تون ڇا محسوس ڪندو هوندين_“
باسل هليو ويو تہ ڊورين پنهنجي منهن مرڪي ڏنو_
”ويچارو_! اصل معاملي جي پوري معلومات ڏـي نہ وٺي سگهيو، مزي جي ڳالهہ تي جو هن جي ضد هئي تہ آءٌ پنهنجو انت ڏيان تنهن جي بدران آءٌ هن جو ڏي انت لهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس_!“
باسل جا هن جي اکيان ويهي پنهنجي عشق جي اپٽار ڪئي هئي سي نقطا بہ هاڻي هن جي سمجهہ ۾ اچڻ لڳا___ باسل جي اير ڪا ۾ ريس، هن جي ديوانگي، اجائي عقيدت

۽ ساراهه هن جو صبر ۽ سهپ،— اهو سڀڪجهه هاڻ هن
کي سمجهه ۾ آيو، اهي اجايا اذما، اها اجائي مستي اها
اجائي واڪاڻ—! ڪيڏي نه ارمان جي ڳالهه آهي—! دوستيءَ
۾ به رومانس جي ويس ۾ ڪا دڪدائڪ منورتي هوندي آهي—!
ڀورين هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ نوڪر کي سڏڻ لاءِ
گهنٽي وڄائي.— ”هن تصوير کي هر صورت ۾ لڪائي
رکڻو پوندو، آءٌ وري پنهنجي اندر کي پڌرو ڪرڻ جو
جوکو نه کڻندس، چريائي ڪيم جو هيءَ شئي هن ڪمري
۾ رکيم جي دوستن يارن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو رهي ٿو—.“

[۱۰]

نوڪر اندر داخل ٿيو ته ڀورين هن جي منهن ۾ چتائي
ڏسڻ لڳو— ”متان هن ٻاهر بيٺي اسان جون ڳالهيون ته
نه ٻڌيون—؟“— مگر نوڪر جي منهن تي اهڙو ڪو
اولڙو ڪونه هو، ڀورين وري آرسيءَ وٽ وڃي پنهنجو
عڪس ڏٺو اتان هن کي نوڪر جو چهرو صاف پئي ڏسڻ
۾ آيو جنهن تي اهو ئي تابعداري ۽ نيازمند نوڪر واري
نمرتا جو ٿڌو نقاب هو ٻيو ڪجهه نه هو. برابر— پر تڏهن
به ڪجهه هوشياري ڪرڻي پوندي—! اهو سوچي هن نوڪر
کي حڪم ڏنو ته سندس مئنيجر مسز ليف کي وٽس موڪلي
۽ پوءِ فريم ساز کي وڃي چوي ته هو پنهنجا ٻه ماڻهو
هڪدم موڪلي ڏي. نوڪر حڪم ٻڌي هليو ويو ته هن
جي دل ۾ وري هڪ نئون دليل جاڳيو— ”وڪٽر ٻاهر

ويندي مهل تصوير جي پردي تي نظر ڊوڙائي-؟ يا مٿان اهو به منهنجو وهم آهي-؟-"

ڪي منٽ گذريا-ته سنڌس مئنيجر مسز ليف ڪمري ۾ ڊوڪي آئي. ڊورين هن ڪان انهيءَ پراڻي ڪمري جي چابي گهري جو ڪنهن وقت ايباس جو ڪمرو هو.

"اسٽڊي جي چابي مسٽر ڊورين -؟" پوڙهيءَ حيرت مان پڇيو، "پر اهو ڪمرو ته ڌوڙ سان ستيو پيو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ڪونهي جو اوهين ان ۾ داخل ٿي سگهو، خير تنهن ڪان اڳ آءٌ وڃي ٿي ان کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري اچان ---"

"انهيءَ کي ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ جي ضرورت ناهي ليف، مون کي فقط ان جي ڪنجي کپي-"

"پـر سائين ان ۾ ته ڄارو ٿي ايترو آهي جو اوهين وڪوڙجي ويندا -!-"

"مون کي فقط ڪمري کي هڪ نظر ڏسڻو آهي، ڪنجي مون کي ڏئي ڇڏ -"

"اڇها هيءَ چابي آءٌ اوهان کي ڪيڏي ٿي ڏيان -" پوڙهيءَ چابيءَ جي ڇڳي کي اٿل پٿل ڪندي چيو- "پر ان ڪمري ۾ رهڻ جو خيال نه ڪجو، اوهان جي آرام جو ته هتي ئي پورو بندوبست آهي-" چابي ڏئي پوڙهي ڪو وقت وري به جهول پنجي وئي ۽ گهر داري جا اڪيچار معاملا ڪٿي ويهي رهي ۽ ڊورين ويٺو شوڪارا ڀريندو وت ست ڪاٺيندو رهيو--- نيٺ پوڙهيءَ کي سڀ معاملا پاڻ

نيرڻ جو اختيار مليو تڏهن جند چڏيائين ۽ مسڪراهٽ ۾ ويڙهجي سيڙهجي هلي ويئي.

دروازو بند ٿيندي ئي ڊورين ڪنجي کيسي ۾ هٿيڪي ڪري ڪمري ۾ چوطرف نظر ڦيرائي ٿان جون هن جون نظرون ساٽن جي هڪ وڏي اوڇڻ تي وڃي کتيون جنهن تي سونهري ليس جو ڳوڙهو پرت پريل هو، اهو اوڇڻ هن جي ڏاڏي کي بولوگان جي هڪ مڙهيءَ مان هٿ آيو هو ۽ سترهين صديءَ جي آخر جي هنر جو هڪ عاليشان نمونو هو— ”ٺيڪ آهي—“ ڊورين پنهنجو پاڻ کي چيو— ”هن پردي کان هن خوفناڪ تصوير کي ويڙهڻ جو ڪم وٺبو، شايد هي اڳي به مڙدن کي ڍڪڻ جـو ڪم ڏيندو رهيو آهي ۽ هاڻي اهو هڪ اهڙي شئي کي ڍڪائبو جا ڪنهن مردي کان به وڌيڪ بڇان جهڙي آهي— هڪ اهڙي شئي جا خوف ۽ دهشت کي جنم ڏيندي رهندي پر پاڻ ڪڏهن نه مرندي، ۽ منهنجا گناه هـن کي ائين ڪائي ناس ڪندا رهندا جيئن ڪـو جيت فصلن کـي ڪائي نـاس ڪندو آهي. جنهن سبب هن جي سونهن تباه ٿي ويندي هيءَ اپوتر ۽ ڪلڻ هاب ٿي بوندي پر انهيءَ جي باوجود هيءَ چٽر هميشه موجود رهندو— باسل—! چو نه هن کي هن ڪم ۾— يعني تصوير کي لڪائي ڇڏڻ جـي ڪم ۾— ڪٺي شـامل راءِ ڪجي هـا—! هو ته شايد منهنجي ايتري حد تائين سهائتا ڪري ها جو آءٌ هينري جي اثر ۽ خود پنهنجي سياءَ جي هاجيڪار اثرن کان آجو ٿي سگهان ها—!“ باسل جي دل ۾ ڊورين لاءِ جيڪي ڪجهه آهي سو سچ پچ عشق ئي آهي

۽ انهيءَ عشق جي هرهڪ جزي ۾ ادراڪ به آهي ۽ شان به باسل جي اها محبت محض اها "پسند" ڪانهي جا سونهن جي اثر ڪان پيدا ٿيندي آهي ۽ سونهن جي زوال سان گڏ پڻ به نابود ٿي ويندي آهي، بلڪ اها سچ پچ محبت ٿي آهي جا ڪنهن شاعر، اديب، فنڪار يا مصور جي دل ۾ اچي گهر ڪندي آهي — پر خير هاڻي وقت نڪري چڪو هو، باسل خبر ناهي ڪٿان جو ڪٿ وڃي نڪتو هوندو گهر ٿي ڪي ته پنن پاڻي سگهجي تو يعني پشيماني، وبسر ۽ نمي ڪان ڪم وٺي ماضيءَ ڪي ته ميٽي سگهجي ٿو پر مستقبل ته اڻ ٽر آهي. ڊورين جي اندر ۾ جي پيڙائون آهن سي آخر پنهنجي نيڪال جو رستو ڳولهينديون، هن جي خوابن خيالن جون نفساني ڇايائون نيٺ حقيقت جو روپ ڌارينديون.

هن ڪوچ تان اهو اوچتو ڪٿي ورتو ۽ هڪوار وري پردو هٽائي تصوير کي ڏسڻ لڳو — تصوير جيئن جا تيئن هئي، سونهري وار، نيريون اکيون، گلاب جي پنڙين جهڙا چپ، سڀڪجهه اهوئي هو جو باسل ناهيو هو، پر اهو ڦيرو جنهن ڊورين کي ههڙي سوداءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو سو به اتي ٿي هو. يعني ان جي اظهار ۾، اسلوب ۾، صورت ۾، ان جي خاموش گفتگو ۾ — اهوئي ڦيرو موجود هو جيڪو ڊورين کي سبل وٽان ڪاوڙجي اچڻ بعد ڏسڻ ۾ آيو هو ۽ جنهن سبب هو ذري گهٽ ديوانو ٿي رهيو هو — تصوير جو اهو هٺ ڏسي ڊورين جو ڪروڌ ۽ نفرت هيڪاري

وڌي وئي، — هن اهو سونهري ڪفن، اهو اوچتو تصوير تي وجهي ڇڏيو. ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي، وڪٽر فريم ساز جي ماڻهن کي وٺي آيو هو. ڊورين هاڻي وڪٽر مان ڏي بدگمان ٿي رهيو هو، هن غريب جي اکين ۾ ڪيس عياري، چالاڪي ۽ سچيتپائي نظر اچڻ لڳي هئي، پاڻئي ته هن مان ڪنهن بهاني سان جند ڇڏائي ته جيئن هنکي خبر ئي نه پوي ته تصوير کي ڪيڏانهن نيو پيو وڃي. هن لکڻ جي ميز تي ويهي هيٺري ڊانهن هڪ چٺي لکي ته ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ موڪلي ۽ ياد رکي ته رات، جو ملڻو آهي.

”هي چٺي ڏئي جواب وٺي اچ، ۽ فريم ساز جي ماڻهن کي اندر موڪلي ڏي.“ هن وڪٽر کي حڪم ڏنو. وڪٽر ٻاهر نڪتو ۽ اتي ئي مشهور فريم ساز مسٽر هيرڊ پاڻ پنهنجي هڪ نائب سميت اندر گهڙي آيو. مسٽر هيرڊ جي شهر جي چترڪارن سان گهٽي ڏيٺ ويٺ هئي البت هنن جي دائمي اڻ هوند ۽ ڪنگاليڻو ڏسي هن جي قدر داني جي جذبي تان هٿ کڻي چڪو هو، گهڻو اڪيلائي پسند ۽ رکو مشهور هو پر ڊورين جي حڪم جي تعميل لاءِ پاڻ اچي حاضر ٿيو هو. ڊورين کي جو هڪ پيرو ڏسي سو هوئئن ئي وري وري ڏسڻ جي سڌ ساري سو هي صاحب اهڙو وجهه ڪئي ڇو هٿان وڃائي! ڊورين کي رڳو هڪ نظر ڏسڻ ئي من سرهو ٿيڻ جي ڳالهه هئي.

— ٿوري ئي دير ۾ اها پربت جيڏي ڳري تصوير فريم سازن جي مدد سان ڇت تي ٺهيل انهيءَ ڪمري ۾

پهچي وئي جنهن جي چابي ڊورين پنهنجي مئنيجر مسز ليف ڪان ٿوروئي اڳ ورتي هئي. ڊورين ڪن سالن بعد اهو ڪمرو وري ڏٺو هو، بلڪ تڏهين ڪان هو وري ڪمري ۾ نه آيو هو جڏهن هو اجا ٻار هو ۽ هن ڪمري کي راند لاءِ ڪتب آڻيندو هو. ڪمري کي ڏسي ننڍپڻ جون ڪي يادون هن جي ذهن تي تري آيون، جڏهين هن ان جي چوڦير نظر ڊوڙئي ته ننڍپڻ جي هر گهڙي هر پل هن وٽ ڇڻ موٽي آيو، ۽ اهي ورق ورائيندي هو ڏاڍي حسرت سان ويچارڻ لڳو. ”تڏهين ڪا هن حالات جي خبر هئم ته هڪ ڏينهن هيئن اچي هتي پاڻ لڪائيندس،؟ پنهنجي اندر آتماکي اچي هتي ٿمي ڇڏيندس !؟“ پر انهيءَ ڪمري کانسواءِ گهر ۾ ٻيو اهڙو ڪو نڪاڻو نه هو جو نوسيندڙ اکين کان محفوظ هجي. ”هيءَ ڪينوس تي چٽيل شبيهه، پلي هن ڳاڙهي پال جي هيٺان پئي پئي ڌڙ جي ٻچان جهڙي پوت بنجي وڃي، آءُ پاڻ به انکي ماڻي نه ڏسندس، ڇو ڏسان.؟ ڇو ڏسان پنهنجي روح جي غلاظت کي، موذوت منهنجو جوڀن قائم آهي بس اهوئي گهڻو آهي. ۽ نيث به ته، منهنجو سياهُ بداچي رذيڪ سهڻو ننڍو تي سگهي ٿي چا.؟ ضروري آهي ڇا ته منهنجو آئندو اهڙي خواريءَ جهڙو ٿئي ! وري ڪنهن ٻي هستي جو پيار منهنجي سرشت کي سايا بخشي ڍال بنجي مونکي بدڪاري کان بچاءُ ڏئي سگهي ٿو جا منهنجي ظاهر توڙي باطن ۾ ڪر ڪٽي ڪٽي تي هلچل مچائي.! اهي ڪراهتون، ڪدورتون ۽ لغزشون جيتريون پراسرار اوتريون دلڪش ۽ دلپذير.! پنهنجي پراسراريت

سبب-! ... ٿي سگهي ٿو تصوير انهن ڦيرن کان ڪڏهين محفوظ ٿي وڃي ۽ پوءِ باسل هالورڊ جي هڪ شاهڪار جي صورت ۾ نمائش لاءِ پيش ٿي سگهي-! مگر نه— اهڙو ڪو امڪان ڪونهي-! هن‌جي سڄي سونهن، صحت ۽ سوڪيمتا جو نيٺ فنا ٿيڻ مقدر آهي، هنکي لڪائي رکڻ ئي بهتر آهي-"

تصوير رکندي وقت فريم ساز ان کي هڪوار ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري ته ڊورين هنکي جهلي ڇڏيو، ڪجهه اهڙي طرح، جو جي هو وڌيڪ ضد ڪري ها ته ڊورين جي هٿان چڱو ذليل ٿي نڪري ها. ۽ هن کي روانو ڪري ڪمري جي در تي قفل چاڙهي هو جڏهين هيٺ لٿو ته گهڙي ڏالچاءِ هيس: "هاڻي مون کان سواءِ ٻيو ڪير به منهنجي اوگهڙ نه ڏسي سگهندو...!"

هو لائبرري ۾ موٽي آيو ته پنج‌وڳي‌چڪا هئا ۽ وڪٽر چانهه رکي ويو هو، تنهن سان گڏ هينري جو موڪليل هڪ ڪتاب هڪ رقعي سان گڏ رکيو هو. ظاهر هو ته وڪٽر جلدئي واپس اچي چڪو هو— "متان هن فريم سازن کان ڪجهه پڇيو هجي—! تصوير کي هٿان غائب ڏسي الائي ڪهڙو شڪ ڪيو هجيس-!" چانهه ڪوپ ۾ اوتيندي هن جي نظر اخبار "دي گزيٽ" تي پئي‌جاپڻ خوسڇي ۾ هينري جي موڪليل رقعي سان گڏئي رکي هئي، اخبار به هينري ئي هن ڏانهن موڪلي هئي جنهن ۾ سبل جي موت بابت پوليس جي پڇاڳاڇا جو احوال هو ۽ جنهن تي هينري ڳاڙهي پينسل سان نشان هڻي موڪليو هو. ڊورين اهو نشان لڳل

ٽڪرو پڙهيو جنهن ۾ ٻڌايل هو ته تحقيقات ڪندڙ عملدارن ڊڪراءِ تي فيصلو ڏنو آهي ته سبل ولن جي موت اوچتو ۽ قدرتي ٿيو آهي ۽ خون يا آپگهات جو واقعو نه آهي. ٻوربين منهن ۾ گهنڊ وجهي اخبار کي ٻه ٽڪر ڪري دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو، هيستائين جي انهيءَ عمل ۾ هن جي ذهن تان وڌيڪ بابت وسوسا ۽ وهم اڳ ئي ختم ٿي چڪا هئا— ”ڪيڏي نه بيوقوفيءَ جو ڪم ڪيو آهي هنيريءَ، ڀلا انهيءَ بيان تي نشان هڻي موڪلڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ منهنجو ڪو نوڪر چاڪر پڙهي وٺي ته خبر ناهي ڪهڙو شڪ ڪري، ۽ ڀلا سبل جي موت ۾ منهنجو ڇا—؟ مون هن کي خون ته نه ڪيو آهي جو ڪو خوف ڏاريان—!

پوءِ هو هينري جو موڪليل ڪتاب کڻي ان جا ورق اٿلائڻ لڳو ۽، ٿوري ئي دير ۾ انهيءَ ڪتاب هن کي ڇڻ پنهنجي منڊ ۾ منڊي ڇڏيو—! هو ڪتاب جي وارداتن ۾ اهڙو غرق ٿيو جو پنهنجي ئي ڪا خبر نه رهيس.... ڏسي پيو ته سنسار جا سڀ ئي پاپ ڀيڪيدار ويس ڪيو بانسري جي مڌر مڌر لئه سان سنگت ۾ ڏاڍي ...ان ۽ سانت سان سندس اڳو ڪاليڊ اسڪوپ جي شڪلين وانگر گذرندا پيا وڃن—! اهي اهي شڪليون جن جو سندس ويچار ڪيتر ۾ ڪڏهن ڪو پاڇو به مس پيو هو سي اڄ پيون پاڻ پسائين جو پاڻيءَ پيو ته حقيقتون ته هي آهن هيستائين جو ڏنو هئائين سو سڀ خواب هو—! هي هڪ نوجوان جو نفسياتي اڀياس هو جيڪو اڻويهين صديءَ جي دور جو هو پر انهيءَ

ٿي دور سان ناتا ٽوڙي ٻي هر صدي ۽ ٻي هر دور سان واسطو رکندڙ فکر ۽ احساس جا انداز ۽ جذبا ڪٿي پنهنجي روح ۾ جذب ڪرڻ لڳو هو ۽ انهيءَ ئي هلت سان جيون گذاري ڇڏيو هئائين جنهن مان زماني جي روح جو گذر ٿي چڪو هو، ۽ جنهن هلت جي نتيجي ۾ انهن صدين جا ماڻهو نفس ڪشي جي ظاهري حسن سان محبت رکيءَ ان کي نمڪي جو نالو ڏيئي ويٺا هئا ۽ ان جي خلاف بغاوت جي پاونا کي بدي سڏيندا هئا! فرانسي ليکڪ وري اسلوب ئي اهڙو اختيار ڪيو هو جو پڙهڻ وارو اصل نه پروڙي سگهي ته وچين صديءَ جي ڪنهن اوتار جي روحاني وجدان جو اپياس پيو ڪري يا ڪنهن گناهگار جا ڪي ضعيف اعتراف پيو پڙهي! ڊورين انهيءَ جادو ڏي ڪتاب ۾ اهڙو گم هو جو سج جي الهڻ جي ئي ڪا سڌ بڌ نه رهيس ٽان جو ڪمري ۾ اونده جون ڇاپائون گهڙي آيون ۽ نوڪر اچي ور ور ڏٺي اهو اطلاع ڏنو تڏهن هو اٿيو ۽ ڪتاب پلنگ جي سيراندي واري ميز تي رکي رات جي مانيءَ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو.

هو ڪلب ۾ پهتو ته هينري اڪيلو هن جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو ۽ بوريت هن جي چهري تي ظاهر هئي، وقت نون ڪان به مٿي ٿي ويو هو.

”معاف ڪجان هينري دير ٿي وئي، پر ڏوه منهنجو به نه هو، تو ڪتاب ئي اهڙو موڪليو هو جنهن کي پڙهندي وقت جو خيال ئي نه رهيو.“

”منهنجو بہ اهو خيال هو تہ، ڪتاب توکي ضرور وٺندو.“ هينري ڪرسي تان اٿيو.

”مون ائين تہ نہ چيو تہ ڪتاب مون کي وڻيو آهي، پسند ڪرڻ ۽ محو ٿيڻ ۾ وڏو فرق آهي.“

”هان - تہ تون اها رمز بہ ڄاڻي وئين -!-“

۽ هو ٻئي ڪاڏي جي ڪمري ۾ داخل ٿي ويا.

[11]

ڪي سال گذري ويا— مگر ڊورين پاڻ کي انهيءَ ڪتاب جي اثرڪان آجو نہ ڪري سگهيو، بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ هن اهڙي ڪوشش ئي نہ ڪئي. هن پيرس مان انهيءَ ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جا نَوَ ڪاپيون گهرائي هرهڪ تي جدا رنگ جو جلد ٻڌائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيون — هڪڙو ئي ڪتاب، هڪڙي ئي ڪهاڻي نون مختلف رنگن جي جلدن ۾، هر رنگ هن جي بدلجندڙ ذهني ڪيفيتن سان ميل کائيندڙ، جي ڪڏهن ڪڏهن ڪيس وس کان ٻاهر ڪري ڇڏيندڙ هيون. ڪتاب جي سموري ئي ڪهاڻي هن کي پنهنجي ئي زندگي جي ڪهاڻي پئي لڳي جا ڄڻ سندس وجود ۾ اچڻ کان اڳ لکي وئي هئي، ڀانئي پيو تہ ڪتاب جو سورمو— پيرس جو اهو عجيب نوجوان جيڪو افسانوي توڙي حقيقي ٻئي گڏيل سڏيل سپاهي رڪندڙ هڪ ئي هستي هو— سو ڪو سندس ئي وجود جو هڪ حصو هو جو ڪانئس اڳ گذري چڪو هو. ۽ ڪتاب جو

آخري باب ته هو ذاتي خوشي ۽ مزي سان وراڻي وراڻي پڙهندو هو جو ان ۾ ان نوجوان جي ”سونهن جي موڪلائي“ جي المناڪ وارتا لکيل هئي— ڊورين پنهنجي سونهن کي جو لافاني سمجهڻ لڳو هو—! تنهن سبب اهو باب بار بار پڙهي هڪ عجيب طرح جي بي رحمي ڀري خوشي محسوس ڪندو هو— جيئن لذت جي حصول ۾ به ڪو ظلم ۽ بي رحمي وارو پهلو اوس هوندو آهي تيئن خوشين ۾ به شايد ڪو اهڙو بي رحمي جو عنصر هوندو آهي. هن کي اها خاطري هئي ته سندس اها سونهن اهو جوڀن جنهن باسل هالورڊ ۽ ٻئي ٻين گهڻن کي ايترو موهي ڇڏيو آهي سو ڪانئس ڪڏهن موڪلائيندو ڪونه ۽ انهيءَ معاملي ۾ هو ڪتاب واري نوجوان کان وڌيڪ خوش نصيب آهي.

برابر سندس حسن جي هاڻي جت ڪٿ هاڪ هئي، ڪي ماڻهو جي هن جي ڪا برائي ٻڌي سندس ننڊا ڪندا هئا سي به جي هڪ نظر هن کي ڏسي وٺندا هئا ته انهن ڳالهين کي ڪوڙا بهتان چئي رد ڪري ڇڏيندا هئا ته ههڙو سهڻو ماڻهو اهڙو داغدار ڪيئن ٿو ٿي سگهي— ها، هن جي هلت ۽ ڪردار بابت لنڊن جي ڪلبن ۽ ڪچهرين ۾ چڱو چوپول هلندو هو پر هن جي چهري تي ڪنهن کي ڪڏهن اهڙو داغ نظر نه آيو، ٻڌل سڻل ڳالهيون ڪيس ڏسندي ئي ڪوڙيون ٿي وينديون هيون، ٻلي ڪنهن هنڌ هن جي لاءِ کهڙي به چرپر هلندي هجي هي پاڻ وچي موجود ٿيندو هو ته سڀ ماٺ ٿي ويندا هئا، سندس منهن جي مرڪ ۽ چهرو ڏسي کي

ڇڻيءَ ڇڏيندي هئي، هن جي رڳو موجودگي ئي هن جي جهڙي ٿيندڙ ناماچار ۽ ساک کي وري وڌائي ويتر اڳي کان اڳرو ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي، ماڻهو حيران ٿيندا هئا ته هن پنهنجي جواني کي ڪيئن داغدار ٿيڻ کان بچائي رکيو آهي— جواني، جنهن ۾ شهوت به هوندي آهي، ديوانگي به هوندي آهي، نيچ ڀاونائون به هونديون آهن!

اڪثر هو پراسرار طور تي ڏينهن جا ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو ته سندس دوست، يا اهي جيڪي پاڻ کي هن جو دوست سمجهندا هئا طرح طرح جا اندازا ڪندا ۽ ڳالهيون ٺاهيندا هئا. ڪڏهن ان ريت غائب رهڻ کان پوءِ جڏهن گهر واپس ايندو هو ته ماڙيءَ واري ڪمري ۾ وڃي هڪ هٿ ۾ آرسي جهلي تصوير جي سامهون بيهي رهندو هو، پوءِ ڏري آرسيءَ ۾ پنهنجي خوبصورت ۽ جوان مرڪندڙ چهري کي ۽ ڏري انهيءَ تصوير جي بگڙيل چهري کي ڏسندو، ٻنهي صورتن ۾ صاف ۽ چٽي تفاوت کي محسوس ڪندو خوشيءَ کان مست ٿي ويندو هو. هو جيئن پوءِ تيئن پاڻ پنهنجي سونهن تي موهت ٿيندو ويو— پاڻ پنهنجي روح جي بگاڙي ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ چاهه وٺڻ لڳو— ڪڏهن ڏسو ته منهن بگاڙي تصوير واري ڊورين کي پيو ويچارا ڏي ته ڪڏهن پنهنجا ڊولائتا هٿ تصوير وارن ڪهرن هٿن سان ڀيٽي ڏسيو پيو سرهو ٿئي،

ڪڏهن ڪڏهن رات جو، پنهنجي سگند سان واسيل ڪمري ۾ ليٽيو پنهنجي روح تي نازل ٿيل انهيءَ مهماتي

پيو ويچاري جا پاڻ پنهنجن هٿن سان آندي هئي ۽ وري پاڻ ئي پاڻ تي رحم پيو کائي- گهڻو ڪري اهڙي سوچ هن کي انهيءَ خسيس ننڍي ڪمري ۾ اچي گهيرندي هئي جو ٻاڪ جي پرسان هڪ شراب خاني ۾ هو جتي هو عام جام ويندو هو، پنهنجي روح جي بگاڙ تي هن کي جا ڪهل ٿي آئي سا ڪڏهن ڪجهه هيڪاندي هوندي هئي چاڪاڻ تہ ان ۾ بہ خود مطلبي جو عنصر گهڻو هو، پر اهڙيون گهڙيون ڪي ورلي ايندڙيون هيون، تنهن جي بدران هن جو زندگي جي اسرارن لاءِ اهو تجسس، اها هورا کورا، جا هيئريءَ هن جي دل ۾ ڀهرين ملاقات ۾ ئي ڪاميابي سان پيدا ڪري ڇڏي هئي سا ڪامل حد تائين وڌي وئي هئي— زندگي جا راز ۽ رمزون— جيئن جيئن پيا هن کي سمجهہ ۾ اچن تيئن تيئن پئي اها خواهش بہ وڌي تہ اڃا بہ ڪي ڄاڻڻ گهرجي-! جيئن وڌيڪ پيو سمجهي تيئن وڌيڪ پيو ڄاڻڻ جي خواهش ڪري، ڄڻ ڪا ڇتي بک هجي جا جيترو پيو کائجي اوتري پئي وڌي-!

تنهن هوندي بہ هو پنهنجن سماجي رشتن ناتن کان بي پرواه نہ هو، مهني ۾ هڪ ٻہ ڀيرا پنهنجي خوبصورت مڪان تي دوستن جون محفلون ڪندو هو، راڳ رنگ جا اهتمام ڪندو هو، سندس دوستن ۾ گهڻا نوجوان اهڙا هئا جن کي منجهس دنيا جي بيحد مهذب شهري هئڻ جون خوبيون نظر اينديون هيون، هو کين انهيءَ قبيلي جو فرد ٿي ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ٻانڪي جي چوڻ موجب ”سونهن

جي پوڇا جي وسيلي ڪماليت پرائڻ-“ جي متي تي عمل ڪندڙ هو، سندن خيال ۾ ٻورين اها هستي هئي جنهن جي صدقي هيءَ ڏسڻي وائسڻي دنيا قائم هئي.

۽ خود ٻورين جي نظر ۾ زندگي سڀ کان اوائلي ۽ سڀ کان مهان فن هئي ۽ ٻيا مڙئي فن ان جا فقط ساز ۽ سامان هئا. فيشن، جنهن جي وسيلي هڪ غير حقيقي ۽ خيالي شئي ٿوري دير لاءِ هندين ماڳين عام ٿيو وڃي ۽ ظاهري ناه نوه جنهن ذريعي سونهن جي نکار ۽ جدت جي دعوي ڪرڻ جي ڪوشش آسان بنجو وڃي، انهن ٻنهي شين سان هن جو چاه وڌي ويو، تنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو نوجوان هن جي لباس ۽ رنگ ڍنگ جي تلقيد ڪرڻ لڳا. هن جي ظاهري ٽيپ ٽاپ ناز انداز ۽ انگل آري ۾ جو وقت سر شان مان پيدا ٿي ويو هو سو ٻين نوجوانن لاءِ تقليد جي علامت بنجي ويو، ڪٿي هو پاڻ انهيءَ لاءِ ايترو سنجيدو نه هوندو هو.

هن جو ذهن نوان فڪر، نوان لاڙا، نيون حڪمتون ۽ نئين سوچ ڏارڻ لڳو، ڇو نئي ته زندگي جو ڪو اهڙو نئون آدرش گهڙي ناهي پيش ڪري جنهنجي اصولن ۾ ڪا ترتيب هجي، حسن هجي، جنهن جي فلسفي ۾ شعور ۽ ادراڪ هجي ۽ جنهن تي ڪجهه اهڙي ريت عمل ٿئي جو انسان جي مڙئي حواس تي روحانيت جو رنگ رچي وڃي، هن جو سڄو ئي نفس روحاني بنجي وڃي.

نفس جي پوڇا کي عام طور تي، ۽ ڏاڍي انصاف سان

گهڻو بدنام ڪيو ويو آهي، ان ڪري جو انسان فطري طور تي پنهنجي اندر جي اڌمن، جوش، جذبات ۽ جولان کي پاڻ کان ٻه وڌيڪ طاقتور ڀانئي انهن کان هميشه خوف کائيندو رهيو آهي ۽ تنهن سبب انهن کان گهٽ درجي جي شين سان پائيواري نباهڻ جو فڪر ڪندو رهيو آهي. مگر، ٻورين جو خيال هو ته نفس جي اصل فطرت کي ڪڏهن سمجهيو ئي نه ويو آهي ۽ اهو نفس جو اسان کي حيوان ۽ وحشي ٿو ڀاسي سو ان ڪري جو اسان ان کي هميشه بکون ڏيڻ، مارڻ ۽ سور ڏئي چيپاڻڻ ۽ نيچ نوائڻ جا جتن ڪيا آهن بجاءِ ان جي جو ان (نفس) کي هڪ نئين روحانيت جو اهو عنصر ٻنائڻ جي سعي ڪجي ها جنهن جي غالب خاصيت هجي ها حسن جو عمدو شعور ۽ حسن سان محبت. انسان جي تاريخ تي غور ويچار ڪري هو انهيءَ فيصلي تي پهتو ته انسان هميشه گهاٽي ۾ رهيو آهي، هميشه پنهنجو نقصان ڪيو اٿس- انسان سدائين ڪيترو نه پيش پيو آهي-! ڪيترو نه پنهنجو پاڻ کي قربان ڪيو اٿس -! ۽ سو به هڪ خسيس مقصد لاءِ -! انسان هميشه نعمتن کي پي ٺڏيو آهي، پنهنجي پاڻ کي عذاب پي ڏنا آهن، پنهنجي نفس کي خون پي ڪيو اٿس — ۽ هن جي انهيءَ هلت جو ڪارڻ آهي خوف ۽، نتيجو آهي ذلت -! ذلت، جيڪا وڌيڪ حقيقي ۽ هيبتناڪ آهي انهن غيرحقيقي ۽ فرضي ذلتن کان جن کان هو پنهنجي ناداني سبب هميشه پنهنجو پاند بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي-! ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ فطرت،

پنهنجي خاص رمز سان، هن سان التوئي ورتاءُ پڻ ڪيو آهي، جڻ هن سان نئولي ٻي ڪئي آهي. فطرت، جو ڪين ۽ ويراڳ ونندڙ سنياسن کي جهنگلي جانور موجود ڪريو ٿي ڏي جيڪي سندن سنگي ساٿي بڻجو ٿا وڃن ۽ جن سان گڏ هو ڪاٿين پين ٿا. اهو ٿو ملي نفس ڪشيءَ جو انعام!

ها ـ لارڊ هينريءَ جي پيشنگوئي موجب، دنيا ۾ لذت پرستي جو هڪ نئون نظريو غالب ايندو جيڪو زندگيءَ جي نئين سر تخليق ڪندو ۽ ان کي هن سخت ۽ اڻ سهائيندي ڌرمي ۽ اخلاقي ڪٽرپڻي کان آزاد ڪندو. دانائي جو وهنوار ٿيندو ۽ تڏهن به ڪنهن جذبي ۽ ان جي عمل کي قربان نہ ڪرڻو پوندو. ان جي نظر خود تجربي تي هوندي ۽ نہ ان جي ـــ عمدي يا اگري ـــ نتيجي تي. ويراڳ ـ جيڪو نفس کي قتل ڪريو ڇڏي جيئن عياشي ۽ بدڪاري ان کي ڪجسو ڪريو ڇڏي، تنهن جي هن نظرئي ۾ ڪاگنجائش نہ هوندي، بلڪ هي نظريو انسانن کي زندگيءَ جي هڪ هڪ گهڙيءَ جو قدر ڪرڻ سيکاريندو جا خود هڪ گهڙيءَ جي آهي.

اسان ۾ اهڙا ڪي ٿورا هوندا جيڪي اهڙيون اڻ سُتل راتيون جاڳي پره ڦٽيءَ کان اڳ اٿي ويٺا هوندا جن راتين هنن ۾، موت تي فدا ٿيڻ جي اڪير پيدا ڪئي هوندي يا جن راتين ۾ هنن کي زندگي جي صورت بي حد پيانڪ ۽ بگڙيل ڏسڻ ۾ آئي هوندي، خوشيءَ جو مهاندو بڇان جهڙو نظر آيو هوندو، جن راتين ۾ ذهن جي طبقن ۾ ڀوت حقيقت

ڪان وڌيڪ چٽا هيبتناڪ ڏسڻ ۾ آيا هوندا جن ۾ اهي جوهر اوس هوندا آهن جيڪي يهودي گاٿڪ فن جا لکل جزا بڻجي ويندا آهن اهو ئي بيهودو گاٿڪ فن انهن ماڻهن جي تخليق آهي جيڪي هميشه خوف جي مرض ۾ مبتلا رهيا، اهڙي اڻ سڌل ننڊ ۾ اهڙي ڀيانڪ رات ڪان پوءِ ڇا ٿيندو آهي—؟ ٻاهر وڻـن جي پنن ۾ پکين جـي چرپر ۽ ڇهڇٽو هوندو آهي، ڪمڪار تي ويندڙ ڪمن ڪاسبين جي ڇهرٻهر هوندي آهي، جبلن تـان تري ايندڙ هـوائن جا سڏڪا ۽ ساه هوندا آهن جا مڪانن جي ٻاهران پٽي ڦيريون پائيندي ۽ هٻڪندي آهي ته سٿلن کي جاڳائجي يا نـ—؟ ۽ ٻي طرف ڪمري جـي انـدر ڪي ڇايائون ڀيڪيدار وٺي ڀهريـو ڪنبنديون ٻير ٻير ۾ پـائيديون لنگهي ايندي ون آهـن ۽ ڪنڊن پاسن ۾ لکي چنب هڻي ويهي رهنديون آهن. پوءِ شمين تان سنها باريڪ پردا تهه در تهه لهندا ۽ ڪڇندا ويندا آهن، هر شئي جو رنگ ۽ روپ ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ اسين چوندا آهيون ته صبح ٿي ويو آهي ۽ ڪائنات جي هرشئي اها ئي آهي جا ڪلهه رات ڏٺين هئي—! نقل اتارڻ ۽ اهل ڪرڻ جي شوقين آرسين ۾ وريو ساه پٽجو وڃي، اجهاميل مشعلون، اڌ پڙهيل ڪتاب، اڻ پڙهيل خط، ڪوٽ ۾لڳل گل —— سڀ شيون اهڙيون جـو اهڙيون موجود هونديون آهن. رات جي غيرحقيقي ڇايائن مان زندگي جون حقيقي ڇاڻل سڃاڻل شڪليون نڪري ايندون آهن، ۽ اسين وري روز مـره جـي —— ٿڪائيندڙ، بيزار ڪندڙ ۽ يڪسانيت

هڪسرائي جي پيٽ تي ڪمن ڪارين ۽ شغلن ۾ لڳي وڃڻ تي پاڻ کي لاچار ڏسندا آهيون جن جي عادت ناهي ڇڪا هوندا آهيون — سمجهندا آهيون ته اها بزگيري، اها چاڪري اهـا هڻ هٿان نه ڪنداسين ته زندگيءَ جو عمل روڪجي ويندو. اهو انديشو اها ذمه داري پوءِ اسان کي ڳاهيندي وتندي آهي ۽ پنهنجو ملتوي ڪيل سفر وري شروع ٿي ويندو آهي — پر تڏهن اها ڇتي اڪنڊ اڪير ۽ آرزو به هوندي اٿئون ته منَ ڪڏهن اٿين ٿئي جو صبح جو اٿون ته سڄي سرشتي ٿي بدليل هجي، ان جي هر شئي کي نئون نرالو سهاويڪ روپ مليل هجي، نوان رنگ ڍنگ هجن، ڪي نوان اسرار ملن، اها ڪا اهڙي دنيا هجي جنهن ۾ ماضيءَ جو ڪو عمل دخل نه هجي يا تمام ٿورو هجي، ماضيءَ جون اهي يادون اهي احساس نه رهي سگهن جن سان ڪا جوابداري يا ڪو پڇتاءُ لاڳاپيل هجي، اهي مٺيون يادون به نه هجن جن ۾ ذري به ڪڙاڻ هجي، اهي سکن جون يادون به نه هجن جن ۾ ڪا سور جي ڳالهه هجي —!

ڊورين جي ذهن ۾ بس اهڙيون دنيائون آباد ٿيڻ لڳيون ۽ سندس خيال ۾ اهي ئي جيون جا اصل آدرش هئا، هو پاڻ کي انهن ئي آدرشن جي سپرد ڪندو پئي ويو - رومانيت جون نيارپون، نيون لذتون نيون فرحتون نيون جولانيون جن مان وري فهم ۽ ادراڪ کي به پئي خاطر خواه تحريڪ ۽ تسڪين ملي -!

انهن ڏينهن ۾ اهو به افوا اٿيو ته هو رومن ڪيٿولڪ

فرقي ۾ شامل ٿيڻ وارو آهي. ٻـر اهو سڪٿو افواه هو. هن پنهنجي ادراڪ کي ڪڏهين به ڪنهن هتي يا عقيدي جي رواجي قبوليت جو شڪار ٿيڻ نه ڏنو. زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪوبه اصول هنڪي خود زندگيءَ کان وڌيڪ اهم نٿي ڏسڻ ۾ آيو.

تصوف ـ جيڪو پنهنجي حيرت انگيز قوت سان عام رواجي شين کي نرالپون ۽ عجيب ڪري ڏيکاريندو آهي ۽ جيڪو هميشه قلندر مرد پيدا ڪندو آهي، تنهن جي موه ۾ هوڪي ڏينهن برابر گرفتار رهيو هو، پر انهيءَ ماندڀاڻ مان هن جلد ئي جند آزاد ڪرائي ورتـي هئي. هـن کي انهيءَ ڳالهه جو گهڻو احساس هو ته جـي عقلي ويچار ڪيتر مان عمل ۽ تجربي کي ڪڍي ٿو ڇڏجي ته پـوءِ انهيءَ ويچار ڪيتر ۾ هيڪانـدي رڃ ۽ سـڃ رهجو ٿي وڃـي. هن ڇاڻي ورتو هو ته روح وانگر نفس جا به ڪي روحاني اسرار آهن جنڪي هو القاء ڪري ٿو.

ڪن ڏينهن ته هو وچي خوشبوئن جي انساني نفسيات ۽ سڀاءَ تي اثـر بابت پٽ ڪـوه ڪرڻ لـڳو ته آخـر انهن خوشبـوئن ۾ ڇا آهـي جو انساني حـواسن تي ايـڏو اثر ٿي ڪري ـ؟ هن کي معلوم ٿيو ته ذهن جي ڪابه ڪيفيت اهڙي ناهي جنهن جو جوڙ انسان جي نفساني هلت سان نه هجي. ۽ وري وچي موسيقيءَ جا راز ۽ رمزون پروڙڻ جي متاڪٽ ۾ پيو. جيئن خوشبوئن جا انداز ۽ اثر ڏسڻ لاءِ سڄي مشرق جون خوشبويات ڪٺي ڪنيون ڪيون هئائين تيئن هن معاملي

۾ ورتي هر ملڪ مان هر نوع جو ساز ۽ موسيقي جوسامان گهرائي ڪٺي ڏيکاريائين. تنهن بعد اچي مورتين ۽ مٽين جي معلومات جي پويان پيو- ڪهڙي دور ۾، ڪهڙاماڻهو ڪهڙن مٽين ۽ مورتين کي ڪيئن واپرائيندا هئا ۽ انهيءَ روش جو روح سان ڪهڙو لاڳاپو ۽ نفس سان ڪيترو سنبند هو؟ ۽ پوءِ پرت ۽ اُنت جي اپياس ۽ کوجنا ۾ مشغول ٿي ويو ۽ پوءِ تاريخي پوشاڪن جي ڦلهور سلهوڙ ۾ پاڻ کي غلطان ڪري ڇڏيائين.

اهي سڀ رنديا هن ڇا جي ڪاڻ پئي روڙهيا-؟ محض انهيءَ "خوف" کان لنوائڻ لاءِ، انهيءَ ڇپيائيندڙ هول ۽ هيبت کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ جو هن جي سهپ کان ٻاهر ٿي رهيو هو-؟ هن پنهنجي اها پوائنسي تصوير انهيءَ سڄڻي ڪمري ۾ رکي ڇڏي هئي جيڪو بند پيو هو، جنهن شبيهه جي بدلجندڙ ڪيفيتن هنکي هن جي ذلت ۽ گهٽتائي جو احساس ٿي ڏياريو. ڪڏهين ته هفتن جا هفتا هو انهيءَ ڪمري ۾ نه ويندو هو ۽ رڳو پنهنجي وجود پنهنجي نفس ۽ پهنجين سرهائين ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ جا وس ڪندو رهندو هو ۽ ڪڏهن هو اوچتو رات جي وقت اٿي گهر مان نڪري ويندو هو ۽ بلو گيٽ فيلڊس وارين ويران پڙپانگ ۽ خوفائتين جاين ۾ وڃي ويهي رهندو هو ۽ تيستائين اتان نه نڪرندو هو جيستائين اتان زوريءَ نه اٿاريو ويندو هو اتان موٽي اچڻ بعد، اچي انهيءَ تصويرجي اڏو ويندو هو. تصوير کي ڏسندي ڪڏهين هنکي تصوير

کان ٿوري پنهنجي پاڻ کان بچاءُ ۾ئي ايندي هئي، ۽ ڪڏهن انا ۽ انفراديت وارو اهو هٺ ٻيو محسوس ڪندو هو جنهن ۾ اڏولاڏ ته پاپ جو موھ هوندو آهي. ۽ دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ ۽ مرڪڻ لڳندو هو ته سندس جوڀن جي زوال جو بوجهه انهيءَ ئي بگڙيل صورت کي ڪٿو آهي نه ڪي خود کيس ڪٿو آهي.

تصوير سان لاڳاپيل هن جي انهيءَ نفسياتي روڳ جي نتيجي ۾ هن جي دل ۽ دماغ جي نيٺ اهڙا حالت ٿي جو هن شهر کان ٻاهر وڃڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي هو تصوير کان پري رهڻ جي خيال کان به خوف کائڻ لڳو جا هنجي زندگيءَ جو حصو هئي. اهم حصو. هو خوف کائڻ لڳو ته متان سندس غير حاضري ۾ ڪو به ماڻهو سندس انهيءَ اندر جي ڀيد کي ڏسي نه وٺي! جيتوڻيڪ هو پاڻ کي طرح طرح جا دليل ڏيئي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. مگر خوف هنجو پيڇو نه ڇڏيو! ايتري قدر جو ڪڏهين هو پنهنجي نوتنگهم شاعر واري بنگلي ۾ يارن دوستن سان محفل مچايو ويٺو هوندو هو، ته اوچتو ئي پنهنجن مهمانن کي اتي ڇڏي واپس پنهنجي جاءِ تي اچي انهيءَ ڪمري کي ڏسڻ خاطري ڪندو هو ته متان ڪنهن انجو دروازو ته نه کولي وڌو آهي.؟ متان ڪو شخص تصوير چورائي ته نه ويو آهي.؟ اهڙي قسم جو محض خيال به هنکي ڏڪائي ڇڏيندو هو.

”جي ماڻهو منهنجي اندر جي ڀيد کان واقف ٿي ويا ته پوءِ منهنجي هر دلعزيزي، منهنجي پوڄا جو ڇا ٿيندو.؟“ ها.

ماڻهوهنکي ٻوڇيندا هئا، هو سونهن جو مالڪ به هو، امير به هو ۽ شانائتي شخصيت جو صاحب به، ماڻهن ۾ هن جو چوٻولو هو، هن بابت ڪي دلچسپ اسڪينڊل به نهي پوندا هئا پر اهي به سندس ناماچار ۽ ذات ۽ شخصيت کي ويتر وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جو سبب ٿيندا هئا. انهيءَ ريت سماج ته خود سندس بچاءَ جو ذريعو بنجي ويو چاڪاڻ ته سماج. گهٽ ۾ گهٽ جديد ۽ مهذب سماج. ڪڏهن به ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ بابت جيڪو امير به هجي ۽ خوبصورت به هجي، ڪنهن اهڙي ڳالهه تي يقين نه ڪندو جنهن سبب هن جو نقصان ٿئي، هو پنهنجي اميري ۽ شخصيت جي آڌار سماج ۾ مقبول هو، سماج جي فطرت ئي انهيءَ احساس تي مبني آهي ته نيڪ سيرت هئڻ کان نيڪ چلن هئڻ وڌيڪ اهم آهي، هن جو پنهنجو به اهو رايو هو ته وڏي دستر خوان جو مالڪ هئڻ وڏي ڳالهه آهي نه ڪي وڏي اخلاق وارو هئڻ، جيڪو مان ڪشادي دستر خوان واري کي ملي سگهندو اهو مان ڪشادي پيشاني واري کي ڇا ملندو، جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن جي دعوت ۾ ڪا ڪس لڳي سو پنهنجي ميزبان جي شخصي معاملن جون به ويهي اوڻيون پوڻيون پڌريون ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندو، عمدي سماج جا به اهي ئي ضابطا آهن، يا هئڻ گهرجن، جيڪي فن جا آهن، فن ۾ به ڏيکاءَ جي اهميت آهي ته سماجڪ رک رکاءُ ۾ به ڏيکاءَ کي اهميت آهي. سماج رک رکاءُ ۽ لڳ لاڳاپن ۾ اسان کي هڪ بهترين

اداڪار تي رهڻ گهرجي جيڪو ڏاڍي رياڪاري ۽ بناوت سان پنهنجي ناٽڪ کي ڏاڍو اثرائتو ڪري ڇڏيندو آهي. اها رياڪاري سچ پچ ڪا اڻوڻندڙ شئي آهي ڇا-؟ منهنجي خيال ۾ نه - بلڪ اها ته هڪ وات آهي جنهن وسيلي اسين پنهنجين شخصيتن جي افزائش ڪريون ٿا.

هو عجب ڪائيندو هو انهن ماڻهن تي جيڪي انسان جي ذات کي هڪ سادي دائمي، پروسي جهڙي ۽ هڪ سستي شئي سمجهن ٿا، جڏهين ته سندس راءِ ۾ انسان جي هڪڙي وجود ۾ هزارين وجود آهن هزارين نفس ۽ احساس آهن، هو گهڻين شڪلين جي هڪ شڪل آهي انيڪ مخلوقن جي هڪ مرڪب مخلوق آهي جنهن ۾ فڪر ۽ احساس جا عجب جهڙا خزانا لڪل آهن ۽ (البت) هنجو جسم گذري ويل ماڻهن جي مرضن جي اثر کان داغدار ٿيل آهي. ڊورين آرٽ گيلرين ۽ عجائب گهرن ۾ وڃي پنهنجن وڏن - جن جو خون سندس رڳن ۾ گروش ڪندڙ هو - جون تصويرون ڏاڍي چاه سان ڏسندو هو ۽ هڪ هڪ جي تاريخ هڪ هڪ جي ڪهاڻي سان پنهنجي ڪهاڻي ۽ پنهنجن حالات کي ڀيٽڻ لڳندو هو ته - مثلاً فلاڻي ملڪ جو حسن ڪيئن ورثي ۾ مليو آهي، فلاڻي بادشاه جو دٻدٻو سندس شخصيت جو دٻدٻو بنجي ويو آهي، فلاڻي شهزادي يا شهزاديءَ يا لارڊ يا جاگيردار جون وارداتون سندس وارداتن ۽ در گيتن سان ڪيتري قدر ٻيون نهڪن - !

ڊورين اهو به سوچڻ لڳو هو ته جيئن خون ۽ نسل جي

رشتن جي لحاظ کان اسين پنهنجن بزرگن ۽ اسلاف جا وارث ۽ اولاد آهيون تيئن علم ۽ ادب ۾ به اسانجا کي اسلاف ۽ بزرگ گذريا آهن ۽ اسين انهن جا به اولاد ۽ وارث آهيون، انهن بزرگن جو به اسانجي نسل تي اثر قائم آهي. ڪڏهين هو محسوس ڪندو هو ته هيءَ سڄي تواريخ فقط سندس ئي زندگي جو هڪ پوتاميل آهي يا اهو سموروئي اتهاس خود سندس ئي ذهن جي تخليق آهي سندس ئي جذبات جو عڪس آهي، ڇڻ اتهاس جي انهن مڙني شخصيتن سان هو گناه توڙي ثواب نيڪي توڙي بديءَ ۾ گڏو گڏ رهيو آهي. جن گناه کي اهڙي ذي شان صورت ڏئي ڇڏي آهي ۽ جن بديءَ کي اهڙو سپاويڪ ۽ سشيل بنائي ڇڏيو آهي! پانئي پيو ته پاڻ تاريخ جي انهن ئي عجيب شخصيتن جي زندگي پيو گهاري — ۽، هينري جي موڪليل فرانسي ناول جو هيرو ته سندس نگاه ۾، سندس ئي ڪنهن جنم جو هڪ حصو هو! اهوئي سبب هو جو هو انهيءَ ناول کي ۽ خاص ڪري انجي سندس حالات سان ميل ڪائيندڙ حصن کي ورائي ورائي پڙهندو ۽ انمان پنهنجي فڪر ۽ احساس جي تسڪين پيو وٺندو هو. ۽ ڪڏهن نيٺ اچي انهيءَ نتيجي تي پهچندو هو ته بدي، هڪ وسيلو آهي سونهن کي سمجهڻ ۽ سهي ڪرڻ جو!

[١٣]

هڪ رات، سخت سيءَ ۾ اٽڪل ٻارهين بجي ڌاري هو هينري وٽان رات جي ماني کائي-ڪچهري ڪري موٽي

رهيو هو ته وات تي هن هڪ شخص کي تڪائـي سان پنهنجي پرمان لڳهندو ڏٺو ــ اهو باسل هالورڊ هو.

باسل کي ڏسي ڊورين کي هڪ عجيب قسم جي خوف جو احساس ٿيو! هو بي نيازي سان ـ جڻ باسل کي ڏٺوئي نه اٿس ـ اڳتي وڌي ويو پر باسل هنکي ڏسي ورتو هو سو پٺيءَ رهيو ۽ تکو تکو هن ڏانهن وڌي آيو:

”ڊورين قسمت سان تون ملي وئين.“ باسل سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو. ”آءٌ نوين بجي کان تنهنجي لائبرري ۾ تنهنجو انتظار ڪندو رهيس ۽ نيٺ تنهنجي نوڪر کي ٿڪندو بيزار ٿيندو ڏسي هنکي سمهي پوڻ جي صلاح ڏئي هليو آيس. آءٌ اڄ آڌي رات واري گاڏيءَ ۾ پيرس وڃي رهيو آهيان تنهنکان اڳ توکي ڏسڻ ضروري سمجهيم.“

”مونکي پاڻ توسان ملڻ جي اڪير هئي، عرصي کان نه مليا آهيون، اهو ٻڌي افسوس ٿيو ته تون ڏيسارو پيو وڃين خير، اميد ته سگهوئي موٽي ايندين ـ“

”نه ڊورين، آءٌ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهنا ته ٻاهر ئي هوندس، پيرس ۾ هڪ اسٽوڊيو ورتو اٿم ۽ پوءِ اوسيتائين اتي ترسندس جيسين اها تصوير نه مڪمل ڪري وٺان جيڪا منهنجي ذهن ۾ آهي ۽ جنهن لاءِ اميد اٿم ته هڪ عاليشان شاهڪار ٿيندي.“

ڳالهيون ڪندا هو ڊورين جي جاءِ تائين پهچي ويا. ”تنهنجي جاءِ اچي وئي ڊورين، توسان هڪ ضروري ڳالهه ڪرڻي اٿم، اندر هلان؟“ ”ڏاڍي خوشي جي ڳالهه ٿيندي،

پر تنهنجي گاڏي نه ڇٽي ويندي-؟"

"گاڏي سوائي ٻارهين ٻجي ڇٽندي ۽ هن وقت يارهن وڳا آهن، آءٌ نه توکي گهوڙ لاءِ ڪلب ٻي ويس، سامان اڳ ئي موڪلي ڇڏيو اٿم، اڃا ڪافي وقت آهي-"

هو ٻئي اندر داخل ٿيا ۽ لائبرري ۾ اچي ويٺا.

"پيئندين -؟" ڊورين پڇيو.

مهرباني، هاڻي آءٌ سنجيدو ٿي توسان ڳالهائيندس ڊورين، پر ڏس منهن ۾ گهنڊ نه وجهجان، مهرباني ڪجان، تنهنجو ڪروڌ مونکي ڏک ٿو پهچائي-"

"ڇاٿو چوڻ چاهين-؟ پر اميد ته منهنجي ذات ۽ شخصيت بابت ڪجهه نه چوندين. آءٌ هميشه وانگر اڄ به انهي موضوع تي گهٽوئي ڪجهه ٻڌي هاڻي بيزار ٿي چڪو آهيان-؟"

"آءٌ تو بابت ئي ڳالهائيندس ۽ ضرور ڳالهائيندس، تنهنجو فقط اڌ ڪلاڪ سيڙائيندس-؟"

"اڌ ڪلاڪ-!" ڊورين ڊگهو ساه کڻي، سگريٽ دکائيندي چيو.

"ڊورين، تنهنجي باري ۾ شهر اندر ڏاڍي چوپچو آهي، ڏاڍا افواه آهن، ڏاڍا اسڪينڊل آهن. انهن تي مونکي اعتبار نٿو اچي خاص ڪري تڏهين، جڏهين توکي ڏسان ٿو، تنهنجي منهن ۾ گناه جو نه مونکي ذرو به اهڃاڻ نٿو ملي جڏهين ته گناه انسان جي چهري تي نشان ضرور ڇڏي ويندو آهي. آءٌ اهو نٿو مڃان ته بدي انسان ۾ لڪل هوندي آهي يا انسان بديءَ کي لڪائي سگهي ٿو، نه، بدڪار

ماڻهوءَ جي بدي هن جي چپن جي خطن مان، هنجي اکين جي جڪاءَ مان ايتري قدر جو هنجي اکين جي چرپر مان به صاف پڌي بکندي آهي. ڊورين تنهنجي برخلاف ڳالهايل هڪ اکر تي به مون کي اعتبار نه ايندو آهي چاڪاڻ ته تنهنجو چهرو ته پاڪيزو، معصوم ۽ روشن آهي ۽ تنهنجي جوين کي ڪو ڇيهو نه رسيو آهي— پر پوءِ ڀلا اهين ڇو آهي ڊورين -! جو تون ڪلب ۾ اچين ٿو ته ڊيوڪ آف بروڪ جهڙو ماڻهو به اتان اٿيو وڃي-؟ ڇو ڀلا لنڊن جا ڪيترا اشراف زادا نه، تو وٽ اچن ٿا نه توکي پاڻ وٽ ڪوٺين ٿا-؟ تنهنجي ئي دوست لارڊ اسٽيولي ڪلهه مون کي چيو- ”ڊورين ڏاڍو باذوق ڇوڪرو آهي پر اهڙو به نه آهي جو ڪا پاڪيزا خيال رکندڙ ڇوڪري هن سان دوستي ڪري يا هن کي ڪنهن پاڪدامن عورت سان گڏ ڪمري ۾ اڪيلو ڇڏجي-“ مون ڪانئس سبب پڇيو ته هن سيني جي اڳيان تنهنجي بابت اهڙيون اڻوڻندڙ ڳالهيون ٻڌايون جي سيني کي ڏاڍيون ڏکيون لڳيون. ڊورين ڀلا نوجوانن لاءِ تنهنجي دوستي ايتري قدر هاڃيڪار ڇوٿي ثابت ٿئي-؟ تنهنجي هڪ سپاهي دوست آپگهات ڪيو، هينري آشٽ پنهنجي ناموس وڃائي ۽ مورڳو شهر ڇڏي هليو ويو، هو تنهنجو نه جدا ٿيڻ جهڙو دوست هو، لارڊ ڪينٽ جو اڪيلو پٽ تنهنجو گهاٽو يار هو پر هن جو به ڪهڙو نه برو حشر ٿيو-! ۽ نوجوان ڊيوڪ آف پرٿ - ڪو اشراف هن سان ملڻ لاءِ به تيار ڪونهي. سنگلٽن جو ڪهڙو پواڌو انجام

ڏيو-!-"

"بس ڪر بماسل-" ڊورين رڙ ڪئي- "تون اهـي ڳالهيون پيو ڪرين جن بابت ڪجهه به نٿو ڄاڻين. ڊيوڪ آف بروڪ مون کان ان ڪري ڪو ڪٿو ڪانئي جو آءٌ هن جي سيني افعالن کان واقف ٿي چڪو آهيان نه ان ڪري جو هو ڪو منهنجين برايـن کان واقف ٿيو آهـي، جهڙو بنا بنياد اتهمس تهڙو ئي بدنام آهي، اهڙي طرح تو جن پين دوستن جو ذڪر ڪيو آهي سي پاڻ پنهنجن بد افعالن جي ڪري اهڙي انجام کي پهتا منهنجو هنن جـي بربادي ۾ هٿ نه هو نه آءٌ هنن جي ڪرتوتن جو ذمه دار آهيان. مون کي خبر آهي ته ماڻهو مون لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪن. هن ملڪ جو ته اهو رواج آهي جو وچولي درجي جا اوباش ماڻهو پنهنجين عياشين تي پردو وجهڻ ۽ پاڻ کي نيڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پين جـون ڏير برايـون بيان ڪندا آهن، هو اخلاقي تعصب جو شڪار هوندا آهن، جنهن کي به ٿورو چڙهندو ڏسن ٿـا تنهن جي گلا غيبت تـي سندرو ٻڌي ٿا بيهن، خسيس ماڻهن کي اشرافن ڏانهن چٿرون ڪرڻ لاءِ زبان مليو وڃي، باسل، انهن ڏالي پنيل معزز ماڻهن جون پنهنجيون راتيون ۽ ڏينهن ڪيئن ٿا گذرن -؟ تو کي شايد وسري ويو آهـي ته پاڻ هڪ عيارن ۽ مڪارن جي ملڪ جا رهواسي آهيون -؟-"

"اها ڳالهه نه آهي ڊورين-! برابر انگلينڊ ۽ ان جـو سماج ٻئي گهڻا خراب آهن تڏهن ته آءٌ چاهيان ٿو ته توتي

ڪو داغ نہ لڳي پر، تون بي داغ بہ نہ رهيو آهين، ماڻهو اهو حق رکن ٿا تہ ڪنهن کي هن جي دوستن جي نسبت سان سڃاڻن ۽ تنهنجن دوستن ۾ تہ، چڱ چڱائي، عزت ۽ پاڪيزگي جو تہ ڪو شعور ئي نہ رهيو آهي، تو هنن ۾ لذت پرستي جو جنون پيدا ڪري ڇڏيو آهي— ها، توئي هنن کي انهيءَ اوڙاه ۾ ڌڪيو آهي ۽ عجب آهي جو تون انهيءَ داغ لڳڻ کان پوءِ بہ مرڪي سگهين ٿو جيئن هن وقت پيو مرڪين—؟ ۽ اڃا تہ الائي ڇا ٿيڻو آهي. برابر هينري ۽ تنهنجي دوستي ڌڻ واري ناهي، تڏهن ئي تہ چوان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ نسبت کي ئي آڏو رکي تون، هينري جي ڀيڻ جي نالي کي تہ پنهنجي نالي سان ڪٺو نہ ڏين ها—"

"ڏس باسل—! تون حد کان وڌي رهيو آهين—"

"ٻورين، مون کي ضرور ڳالهائڻو آهي ۽ تو کي ٻڌڻو آهي ۽ تون ٻڌندين، تو سان ملڻ کان اڳ هينري جي ڀيڻ هر طرح جي اسڪينڊل کان پاڪ هئي ۽ هاڻي حالت هيءَ آهي جو لنڊن جي ڪا اشراف عورت هن سان گڏجي هلڻ لاءِ بہ تيار ناهي، هاڻي تہ هن جي ٻارن کي بہ هن وٽ رهڻ نٿو ڏنو وڃي، ۽ اهڙيون ٻيون بہ گهڻيون ئي ڪهاڻيون آهن جي تنهنجي نالي سان مشهور ٿي ويون آهن، ڇا تنهنجي ڳوٺ واري بنگلي جي ۽ اتي رات ڏينهن ڪهڙا کيل ٿا کيڏيا وڃن تنهن جي ماڻهن کي ڪا بہ خبر ڪانهي—؟ ماڻهن تو کي بري حالت ۾ بدنام جاين تان پره ڦٽيءَ ويل نڪرندو

ڏنو آهي. ٻورين توکي کھڙي خبر تہ ماڻھو تو بابت کھڙيون ڳالھيون ٿا ڪن. ها انهن ٿي سمجهہ تہ آءٌ تنهنجي اڳيان وعظ پيو ڪريان، هينري بہ چوندو آهي تہ شوقين واعظ پاڻ پنهنجن ٿي اکرن تان قربان لڳندا آهن ۽ شوقين ۽ سيڪڙات واعظن مان ڦري سچا پچا واعظ بنجي ويندا آهن، آءٌ وعظ تہ ڪرڻ چاهيان ۽ چاهيان ٿو تہ تون اهڙي هلت هلين جو تنهنجو ناماچار ٿئي، عزت ٿئي، تنهنجو مرتبو ۽ مان وڌي، انهن ٻچڙن ماڻهن جي صحبت ڇڏي ڏي پنهنجي حسن ۽ جوڀن جو غلط استعمال نہ ڪر، هرڪو پيو چوي تہ تون جنهن سان بہ گھرو ٿين ٿو تنهن کي بگاڙيو ڇڏين، آءٌ ترديدون ڪري ڪري ٿڪي پيو آهيان، تڏهن سوچيم تہ هڪ وار توسان ملي تنهنجو اندر تہ ڏسي وٺان."

"منهنجو اندر ڏسندين—؟ منهنجي روح ۾ جهاتي....؟"

ٻورين گري اهي اکر اچاريندو اٿي کڙو ٿيو. خوف کان هن جو منهن ٿي رنگ ڇڏي ويو.

"ها—" باسل ڏاڍي ڏک سان چيو— "پانيان تہ تنهنجي روح جو انت لهان پر.... پر اهو ڪم پلا خدا کان سواءِ پيو ڪير ٿو ڪري سگھي—!—"

ٻورين کڙو منهن ڪري هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ منهن تي ڌڪار ۽ ڪروڌ وجهي طعني جي انداز ۾ چيو:

"اڄ تہ تون بہ اهو ڪم ڪندين، اڄ تہ تون منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي ٿي وٺ—" هن اٿي هڪ بتي هٿ ۾ کنئي، "اڄ باسل، آخر اهو تنهنجي هٿ جو ڪارنامو

آهي، آخر تون ان کي چو نہ ڏسين، ۽ ٻوءِ پلي پيو دنيا کي ٻڌائيندو وتجان پنهنجي انهيءَ شاهڪار جون خوبيون، جي ٻڌائڻ جهڙيون هجن تہ ۽ جي ماڻهن تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪيو تہ ٻڪ سان منهنجو بہ مان وڌندو— جيتوڻيڪ آءٌ اڄڪلهہ جي ماڻهن جي فطرت کي توکان وڌيڪ ٿو سڃاڻان، تون ڪيتري بہ ٻڪواس ڪندين ماڻهو اعتبار نہ ڪندا. اڄ باسل آءٌ چوان ٿو اڄ، تو اخلاقي بگاڙ جي موضوع تي گهڻي جهڳڙي هنئي آهي هاڻي ان کي پنهنجي منهن سامهون ڏسي وٺ—"

ڊورين جي اکر اکر ۾ هئي، جي جنونيت هئي، هن قدم اڳتي وڌايا تہ هن جي وک وک ۾ ٻاراڻي شوخي هئي، هن جي دل ۾ هڪ وحشت گاڏڙ خوشيءَ جو احساس هو تہ هاڻي ڪو ٻيو شخص بہ سندس من جي ڀيد کان واقف ٿيڻ وارو آهي— ۽ سو بہ اهو ئي شخص آهي جنهن هن شرمناڪ شيءِ کي تخليق ڪيو آهي ۽ هاڻي سندس انهيءَ وحشتناڪ احساس ۽ ذهني پيڙا ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي جنهن ۾ هو ٻاڻ عرصي کان پيڙهبو رهيو آهي—"ها باسل" ڊورين هن جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو— "اڄ تہ توکي پنهنجي آتما ڏيکاريان اچي اها شيءِ ڏس جيڪا تنهنجي خيال ۾ خدا کان سواءِ ٻيو ڪير بہ نٿو ڏسي سگهي—!"

"اهو تہ ڪفر ٿو ڳالهائين ڊورين—!" باسل ڇرڪ ڀري ٻوڏي هنيو— "اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، وحشت واريون ڳالهيون—! جن جي ڪا معنيٰ مطلب ئي نہ آهي—"

”تنهنجو اهو ئي خيال آهي، هان ـ؟“ ڀورين وري وڏو ٽهڪ ڏنو.

”خيال ڇا اهو منهنجو ايمان آهي. ۽ جيڪي ڪجهه توکي تنهنجي بابت چيم سو تنهنجي ئي ڀلي لاءِ چيم. ڏس ڀورين، آءٌ ته تنهنجو هميشه خير خواه دوست رهيو آهيان نه ـــ“

”ڏس مون کي هٿ نه لاءِ، ۽ جيڪي چوڻو اٿئي سو جلدي پورو ڪر ـ“

ويچاري چترڪاري جي دل جهري پئي، منهن تي ڏک ۽ پيڙا جو دهو پکڙجي ويس. ٿورو ويچار ڪري هو پنهنجي پاڻ کي ئي ڏوهه ڏيڻ لڳو ته برابر ڀورين کي ايترو مهڻو ميار ڏيڻ جو کيس ڪو حق نه هو، هن جي چال چلگت جي ايتري اپتار ڪرڻي نه هئي، هن کي شرمندو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻي هئي، هن کي برابر ڏک پهتو هوندو، هن جي شخصي معاملن ۾ اها جهات جهوت رکڻ جو کيس حق نه هو. باسل اٿي اچي بخاري وٽ بيٺو ۽ ان ۾ ڏکندڙ ڪاٺين ۾ نهارڻ لڳو.

”ڇا ٿو چوين باسل ـ! آءٌ تنهنجي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهيان.“ ڀورين صاف ۽ تکي آواز ۾ سوال ڪيو.

”ڀورين آءٌ رڳو اهو ٿو چاهيان ته توتي جيڪي الزام پيا لڳن تن جو مون کي خاطر خواه جواب ڏي، ڇو ته ماڻهو ڪوڙ ٿا ڳالهائين ته آءٌ توتي اعتبار ڪندس، ڇو ته ڀورين ڇو ته ماڻهو ڪوڙ ٿا ڳالهائين ـ! ڀورين توکي ڪهڙي

خبر ته منهنجي دل تي ڇا پيو وهي واپري - متان چوين ته هو جيڪي چون ٿا سو سچ آهي- متان ائين چوين -!"

ڊورين مرڪڻ لڳو ـــ اها ڏي ڏڪار ۽ ڪروڌ پري مرڪ -!

"مٽي هسل باسل، اتي مون هڪ ڊائري رکي آهي، جنهن ۾ آءٌ پنهنجين روز مره جي سرگرمين جو تفصيل روزانو لکندو آهيان، هل ته توکي اها ڊائري ڏيکاريان -"

"جي تنهنجي اها مرضي آهي ته آءٌ هلندس، منهنجي گاڏي ته هونئن ئي ڇٽي وئي آهي، ڪٿي سهائي پيرس ويندس، ڊائري پڙهي ڇا ڪندس، بس مون کي منهنجي سوال جو جواب کپي -"

"مٽي توکي تنهنجي سوال جو جواب ملي ويندو جو آءٌ هتي نٿو ڏئي سگهان -"

[١٣]

ڊورين ٻٽي هٿ ۾ جهلي ڪمري مان نڪتو ۽ مٿئين ڪمري جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو، باسل هن جي پٺ ورتي، هنن ٻنهي جي هلڻ جو انداز اهو ئي هو جيڪو عام طور ماڻهو رات جي بيگاهه وقت ۾ هلندي اختيار ڪندو آهي؛ ٻتيءَ جي سهائيءَ پٽين ۽ ڏاڪڻ تي عجب قسم جا پوڇولا پئي ناهيا، ڪمري وٽ پهچي ڊورين ٻتي فرش تي رکي ۽ تالو کوليندي چيو:

"چئبو توکي جواب ضرور کپي باسل -"

”ها—“ باسل جواب ڏنو،

”مون کي خوشي ٿي—“ ڊورين مرڪي جواب ڏنو، ۽ پوءِ لهجو سخت ڪندي—”چو نه، آخر هن دنيا ۾ تون ئي ته هڪ اهڙو ماڻهو آهين جنهن کي مون بابت سڀڪجهه ڄاڻڻ جو حق آهي، توکي مون لاءِ گهڻو ئي ڪجهه ڪرڻو پيو آهي، انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ جيترو تون سمجهين ٿو—“ ائين چئي هن بتي فرش تان کنئي ۽ ڪمري ۾ داخل ٿيو، باسل به هن جي پويان اندر گهڙيو. هوا جي هڪ ٿڌي جهوٽي سندن چوڌاري آجيان ڪئي ۽ بتيءَ جي لاٽ ٿورو پڙڪو کاڌو.

”دروازو بند ڪري ڇڏ باسل—“ ڊورين ائين چئي بتي ميز تي رکي ڇڏي.

باسل واڱڻ وانگر ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن اکيون ڦرڙائڻ لڳو، ڊورين ايتري ۾ اهـا ميڻ بتي به ٻاري ڇڏي جا ٽيبل تي اڌڙ جي صورت ۾ رکي هئي. باسل ڪمري جي ڊانوانڊول حالت ڏسي اکيون ڇنڀڻ لڳو.

”ها باسل—! ته تنهنجو خيال آهي ته روح خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نظر نه ايندو آهي—؟ ڇڱو تون تصوير تي پيل اهو پردو هٽاءِ، توکي منهنجو روح ڏسڻ ۾ ايندو—!“ ڊورين جو آواز ٻنهي ٿڌو ۽ سخت هو.

”چريو ٿيو آهين ڇـا ڊورين—؟ يا ڪو چرچو پيو ڪرين—؟“ باسل ڪجهه چڙندي چيو.

”تون نه هٽائيندين پردو هٽائيندين پردو—؟ تڏهن اهو

ڪم سون کي ڪرڙو ٻوندو-" ٻورين ٻردو تصوير تان چڪي ڦاڙي هيٺ ڦٽو ڪري ڇڏيو — ۽ جڏهن جهڪي روشنيءَ ۾ ٻورين جي انهيءَ تصوير — هڪ ڀيانڪ ڏند ڪرڻيندڙ چهري تي- باسل جي نظر پئي جو ڏانهس گهوري رهيو هو — ته هن ڪان رڙ نڪري وئي-! ٻچان ۽ ڪراهت جي احساس سندس منهن ئي مٿاڻي ڇڏيو، ڪي اهڙيون اگريون ليڪون هن کي ان جي چهري تي نظر آيون-! يا خدا-! هي ٻورين گري جو ئي چهرو آهي-؟ هن جي سونهن انهيءَ هيبت ۽ ڪراهت جي پٺيان اڃا به جهلڪا پئي ڏئي، پر، ڇا سچ پچ هيءَ ٻورين جي ئي شبيهه آهي-؟ هي ان جو هيڙو حشر ڪنهن ڪيو آهي-؟ باسل ميڻ بتي کڻي تصوير جي سامهون جهلي، برابر، هيءَ اهائي تصوير آهي جا هن پاڻ سوچي ۽ چٽي، سندس نالو صاف اکرن ۾ لکيل هو، پر هيءَ ڪهڙي مهما جو شڪار ٿي-؟ جهڙو ڪر ڪو بيهودو ڪل جهڙو واهيات نانڪ هجي، جهڙي ڪر ڪنهن تان نٿول ٿيندي هجي، ڪنهن تي ڦٽڪارون وسائيندڙ سوانگ هجي-! هن ته ائين نه ناهي هئي، سندس شاهڪار جو هي حال ٿيو پيو آهي-! باسل کي ائين لڳو ڇڻ رت سندس رڳن ۾ جمي برف ٿي ويو آهي....هن ٻورين ڏانهن منهن ورايو — جيئن ڪو بيمار چنگهندي پساسو ورائيندو آهي — چپ ڪوليائين پر زبان چرڻ کان نابري واري بيٺس، پنهنجي پيشاني تي هٿ رکيائين ته اها سڄي پگهر سان تر ٿي پئي هئي .

ڊورين کي ڏنائين ته هو هڪ مينٽل پيس تي نميو بيٺو هو ۽ ڏانهس ائين ڏسي رهيو هو جيئن کو ماڻهو ڪنهن دلچسپ ناٽڪ ۾ ڪنهن مهان ڪلاڪار جي اداڪاري ڪسي ڏسڻ ۾ محو هوندو آهي، ڊورين جي چهري تي نه حقيقي خوشيءَ جا نشان هئا نه حقيقي رنج جا — البت اکين تي هڪ هلڪي مرڪ هئي — جهڙو ڪرڪا ڪاميابي ڏني هجيس، هو پنهنجي ڪوٽ جي ڪالر مان گل ڪڍي سونگهڻ لڳو — يا شايد فقط اهڙي ڏيکائي ٿي ڏنائين.

”هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟“ باسل نيٺ رڙ ڪري سوال ڪيو، ۽ سندس تکي آواز خود سندس ئي ڪنن ۾ واڇٽ وجهي ڇڏيا.

”ڪي سال اڳ، جڏهن آءٌ هڪ ڇيرو ڇوڪرو هوس.“ ڊورين گل کي پنهنجن هٿن ۾ مهٽيندي چيو. ”تون مون کي مليئين، تو منهنجي سونهن سوڀيا جي واه واه ڪئي ۽ مون کي پاڻ پسندي جو سبق سيکاريو، هڪ ڏينهن تو مون کي پنهنجي هڪ دوست سان ملايو جنهن حسن ۽ جواني جون مڙئي حقيقتون مڙئي راز ۽ رمزون مون کي کولي سمجهايون، ۽ تو منهنجي تصوير ناهي مڪمل ڪئي جنهن ۾ سونهن ۽ سوڀيا جا سڀ عجائبات القاء ڪيل هئا. ۽ مون هڪ ديواني خواهش ظاهر ڪئي — هڪ انڌي آرزو ڏاري، شايد تون ان کي هڪ دعا چوندين....“

”ها مون کي ياد آهي.... پر ائين ڪو ٿي سگهي ٿو ڇا؟ آءٌ پانيان تو ڪمري جي گهڻم سبب ڪينوس ڪجهه

سنبارجي ويو آهي ۽ رنگ وغيره بگڙي ويا آهن ، ته اها
اڻ ٺهڻي آهي ته...."

"ڇا اڻ ٺهڻي آهي-؟" ڊورين دري تائين ويندي پنهنجي
پيشاني ان جي ٿڌي شيشي تي ٽڪائيندي چيو.

"پرتوته چيو هو ته تون تصوير تلف ڪري ڇڏي آهي-؟"

"مون غلط چيو هو، خود هن تصوير مون کي تلف
ڪيو آهي-"

"مون کي ويسهه ڪونه ٿو ٿئي ته هيءَ منهنجي ئي
ڏاهپ آهي-"

"تو کي ان ۾ پنهنجو آدرش نه پيو ڏسڻ ۾ اچي-؟"
ڊورين ڪڙو منهن ڪري چيو.

"منهنجو آدرش -! هاءِ، تون منهنجي آدرش جي ڳالهه
ٿو ڪرين -؟"

"تون ئي اهو اڪر چوندو هئين-"

"منهنجي آدرش ۾ ته نه ڪا بديءَ جي ڳالهه هئي نه
ڪا بي شرميءَ جي، تون ته منهنجو هڪ اهڙو آدرش هئين
جو مون کي وري ڪڏهن نه ملندو. هي ته ڪنهن هوس
پرست جي تصوير ٿي ڏسڻ ۾ اچي-!-"

"اها منهنجي روح جي صورت اٿئي باسل-!-"

"خداوندا-! ڇا مون هن جي پوڄا ڪئي هئي-؟ هن
جون اکيون ئي ابليس جهڙيون آهن-!"

"اسان مان هرهڪ انسان ۾ شيطان ۽ رحمان ٻئي موجود
آهن باسل صاحب! -" ڊورين نراسائي ڳاڙهي تکي وحشيائي

لهجي ۾ چيو.

باسل وري تصوير ڏانهن نهاريو:

”يا خدا- ! ٻرڊورين، جي اڱين ئي آهي ۽ تو ٻنهنجي حياتي هيئن برباد ڪئي آهي ته پوءِ تون انهيءَ کان به وڌيڪ برو هوندين جهڙو ماڻهو چون ٿا-“

هن تصوير ڪي غور سان ڏٺو، تصوير اهائي هئي جيئن هن ڏٺي هئي پر ان جي تهن ۾، ان جي اندر ۾ ۽ ان جي ڏيکاءَ ۾ اهائي گناه ۽ بدڪاري جي غلاظت ۽ ڪراهت هئي جا ٻهرين ڊورين ڏٺي هئي ۽ هاڻي هي چترڪار پاڻ ڏسي رهيو هو، گناه جو ڪوڙه سندس رچناڪي ناس ڪندو ٿي ويو. هن جو هٿ ڏکڻ لڳو ته ميڻ بتي ٻنهنجي ڪانچي مان نڪري هيٺ ڪري پئي، هن هڪدم پير ڏئي ان کي اجهائي ڇڏيو ۽ ميز جي پير ۾ پيل هڪ جهور ٿيل ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجو مٿو ڪٺي هٿن ۾ جهليائين.

”واه جو سبق مليو آهي ڊورين -! ڪهڙو نه سٺو سبق مليو اٿئون - !-“ باسل کي ڪو جواب نه مليو پر هن ڊورين جا سڏڪا صاف پئي پڌا، - ”دعا گهر ڊورين، دعا گهر، ننڍي هوندي پاڻ کي ڪهڙي دعا سيکاريندا آهن-؟ ’يا خدا اسان کي گمراه ٿيڻ کان بچاءِ، اسان جا گناه معاف ڪر، اسان جون خطائون ميساري ڇڏ-!‘ ها، اچ ته گڏجي اها دعا گهرون. تو جا هٺ مستيءَ ۾ دعا گهري سا به ڏس ته قبول ٿي نه -؟ هاڻي جي پشيمان ٿي توبهه جي دعا گهرندين ته اها به ضرور قبول پوندي، مون به تنهنجي حد کان وڌيڪ

پڇا ڪئي— پاڻ ٻنهي کي سزا ملي آهي-"

ٻورين آلين اکين سان هن ڏانهن نهاريو:

"دعا جو وقت گذري ويو باسل-"

"دعا جو وقت هميشه هوندو آهي پيارا، اڄ ته گوڏا کوڙي دعا گهرون-"

"مون لاءِ انهن لفظن جي هاڻي ڪا اهميت ناهي-"

"هش-! ائين نه چئه، ڏس اڳ ئي گهڻو گناهگار ٿي چڪو آهين، ڏسين نٿو ته هيءَ لعنتي تصوير پاڻ ڏانهن ڪيئن پئي اک ٽيڪ سان نهاري-!-"

ٻورين تصوير تي نظر وڌي— ۽ اتي ئي هن جي دل باسل لاءِ سخت ڏڪار جي جذبي سان ٽمٽار ٿي وئي، ڄڻ انهيءَ ڇهري ئي ڪيس ڪو اهڙو اشارو ڏنو، ڄڻ ان جي چپن ئي سندس ڪنن ۾ اهڙي سخت ڏڪار پيدا ڪندڙ لفظ چيا-! هن جي اندر ۾ هڪ شڪار ٿيل جانور وارو انڌو جوش جاڳيو— هن جي دل ۾ باسل لاءِ اهڙي بي‌پناه نفرت جاڳي جنهن کان هو سڄي عمر ۾ ڪڏهن واقف نه ٿيو هو....

ٻورين چوڦير نظر ڊوڙائي، هڪ ڪٻٽ تي هڪ چمڪندڙ شئي تي نظر پيس، اهو چاقو هو- جو هن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪا رسي ڪپڻ لاءِ آندو هو ۽ اتي ئي رهجي ويو هو، هو آهستگي سان اڳتي وڌيو، باسل جي پويان بيهي هن هٿ وڌائي چاقو ڪٻٽ تان کڻي ورتو، ايتري ۾ باسل ڪرسيءَ تان اٿڻ جي ڪئي.... ته ٻورين هن کي اتي جهلي ڪئي سو گهو

ڪيو ۽ اتي جو اتي اهو چاقو هڻ جي ڪيائڙي واري شهه رڳ ۾ ڪپائي ڇڏيائين ۽ پوءِ هن جو مٿو ميز تي سڌي وار مٿان وار ڪندو ويو....

....هڪ گهٽيل دٻيل ڪنجهڪار ڪمري ۾ هلڪو پڙاڏو ڪيو ۽ پوءِ رت جي سينڌن ۽ ڦوهارن جا گهٽيل گهٽيل خوفناڪ آواز گونجڻ لڳا، باسل جون ٻانهون تي پيرا مٿي هوا ۾ ڪجهي پوءِ ڏرڪي پيون، ڏورين اڃا ٻه چاقوءَ جا ٻه وار ڪيا، پر باسل جو بدن ساڪت ٿي چڪو هو، رت جا وڏا وڏا ڦڙا ٽپ ٽپ ڪري فرش تي ڪرڻ لڳا. ڏورين هاڻي باسل جي ڪنڌ مان هٿ ڪڍيو ۽ چاقو ٽيبل تي ڦٽو ڪري انهيءَ رت جي وڏ ڦڙي جو آواز ٻڌڻ لڳو.... ان وقت هن کي ڪو ٻيو آواز نٿي ٻڌڻ ۾ آيو.

هو دروازو کولي هيٺ آيو، سڀ سانت لڳي پئي هئي، گهٽيءَ ۾ ڪا پهر نه هئي، هن اونده ۾ ڪجهه وقت نظرون ڊوڙايون ۽ پوءِ مٿي اچي ڪمري ۾ داخل ٿي دروازي کي اندران قفل چاڙهي ڇڏيائين. باسل جو بدن بالڪل بيجان ٿيو پيو هو— اهڙي طرح جو مٿو ۽ ٻانهون ميز تي هيون ۽ باقي بدن ڪرسيءَ تي هئس، اهڙي طرح جو جيڪڏهن ڪنڌ جو چير ۽ ميز تـي رت جو ڍبو نه ڏسڻ ۾ اچي ته جيڪر ستل سمجهجي.

سيڪجهه ڪيترو نه جلد ٿي ويو—! ۽ ڏورين ۾ عجب طرح جو ڌيرج هو، هو هڪ پيرو وري ٻاهر نڪتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جو جائزو وٺي وري اندر آيو، هن پيري

هن لاش ڏانهن نظر به نه ڪئي- ”هن سڄي ڪهاڻيءَ جو راز هي آهي ته صورتحال جو احساس ئي نه رکجي- جنهن دوست هيءَ هاجيڪار تصوير ڏاهي جنهن سبب آءٌ هيترو برباد ٿيس، تنهن جي حياتي پوري ٿي وئي، بس اهو ڪافي آهي.“

هن ٻتي ڪٺي ورتي ۽ دروازو بند ڪري هيٺ لهڻ لڳو، ڪاٺ جي ڏاڪڻ چيچاٽ ڪرڻ لڳي جڻ سور ڪان ڪنجهندي هجي، هن هڪ به دفعا قدم روڪي ماحول جو جائزو ورتو- نڪ سندس پيرن جي آهٽ ڪان سواءِ ٻي هر شئي سانت ۾ هئي. هو لائبرري ۾ آيو ته باسل جي ڪوٽ ۽ ٿيلهي تي نظر پيس— ’انهن کي لڪائي ڇڏڻ گهرجي‘— هن پنهنجو هڪ ذاتي ڪبٽ کولي اهي شيون ان ۾ لڪائي ڇڏيون— ’پوءِ ڪنهن وقت انهن کي ساڙي ناس ڪري ڇڏبو—‘. هن واچ ڪيسي مان ڪڍي وقت ڏٺو— ٻن ۾ ويهه منٽ هئا.

هو ويٺي رهيو ۽ سوچڻ لڳو— ’هن ملڪ ۾ هر سال هر مهيني ماڻهن کي اهڙن ئي ڏوهن ۾ ڦاسي ڏني وڃي ٿي، خونن جو ته واءُ ئي اهڙو وريو آهي، دنيا ڪنهن خوني ستاري جي اثر ۾ اچي وئي آهي.... پر منهنجي خلاف ثبوت ڪهڙو ٿو ٿي سگهي-؟ باسل هتان يارهين بجي ڏاري روانو ٿي ويو، پوءِ هن کي هتي پيهر ايندي ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي— ها، باسل پيرس روانو ٿي ويو! آڌيءَ رات واري

گاڏيءَ ۾ـــ! اها تہ گهٽن کي خبر آهي، ۽ خود هنجي اڪيلائي پسندي ۽ گوشہ نشيني واري فطرت! ڪوئي هنجي پچار ئي ڪانہ ڪندو، ڪي مهنا گذرندا تڏهين وڃي خبر پوندي تہ هو گم آهي تيسين هرڪو ائين سمجهندو تہ ڪنهن نويڪلي ڪمہ ۾! تيسين تہ آءٌ سڀ ثبوت مليا ميٽ ڪري ڇڏيندس۔“

اوچتو هنکي ڪو خيال آيو.... هن هڪدم اٿي پنهنجو بڙ واروڪوٽ ۽ ٽوپلو پائي ورتو ۽ ٻاهر پڌر ۾ نڪري آيو ۽ تيسيتائين اتي چپ چپات ۾ بيٺو رهيو جيسين رات جو گشت ڪندڙ سپاهي اتان لنگهي ويو، تنهن بعد هو ٻاهر نڪتو ۽ ٻاهرئين دروازي جو ڪڙو ڏاڍي هوشياري سان بند ڪري هن گهنٽي وڄائي، پنج منٽ ئي مس گذريا تہ سندس نوڪر فرانسس اکيون مهٽيندو ٻاهر آيو ۽ اچي در کوليائين۔

”فرانسس مغاف ڪجان مون توکي ننڊ مان اٿاريو، آءٌ ٻاهرين چابي اتي ئي وساري ويو هوس، وقت گهڻو ٿيو آهي۔؟“

”سائين ٻہ لڳي ڏہ منٽ ٿيا آهن۔“

”اوهو ايڏي دير ٿي وئي، خير تون مونکي صبح جو نوين بجي ضرور اٿارجان مونکي ضروري ڪم ڪرڻو آهي۔“

”چڱو سائين۔“

”ڀلا ڪو ملڻ تہ نہ آيو هو۔؟“

”ها سائين، باسل هالورڊ صاحب آيو هو، يارهين تائين تہ اوهانجي واٽ نهاريائين پوءِ گاڏيءَ تي هليو ويو۔“

”افسوس جو هن سان ملاقات نہ ٿي سگهي، ڪجهہ نيايو

ته نه ڏئي ويو-؟“

”نه سائين، بس ايترو چيائين ته جي اوهين اڄ ڪلب ۾ نه به مليا ته اوهانکي بيرس مان خط لکندو-“

”ٺيڪ آهي، تون ياد ڪري نوين بجي مونکي اٿارجان-“

”ها سائين-“

ڊورين لائبرري ۾ اچي ڪوٽ ۽ ٽوپلو هڪ طرف ڦٽو ڪري ڪمري ۾ پسار ڪندو رهيو، اٽڪل پندرهن منٽ هو ائين سوچيندو ڪمري ۾ ٿهلندو رهيو ۽ پوءِ هڪ ڊائري ڪڍي ڪنهن جو سرنامو ڳولڻ لڳو- الان ڪيمپبيل، ١٥٢- هرٽفورڊ اسٽريٽ، مي فيئر- هـا اهوئي ماڻهو درڪار آهي-

[١٤]

صبح جا نو وڳا ته نوڪر چاڪليٽ جو ڪوپ کڻي اندر داخل ٿيو ۽ درين جا شٽر کولي ڇڏيائين- ڊورين نهايت سانت سڪون سان گهري ننڊ ستو پيو، هن ساڄي پاسي تي هڪ هٿ ڳل هيٺان ڏئي — ڄڻ ڪو ٻار راند ڪري يا پڙهي لکي ٿڪو هجي ۽ پوءِ بي خبر سمهي پيو هجي-!

نوڪر ٻه ڀيرا ڪيس ڪلهي کان ڌونڌاڙيو تڏهين هو سجاڳ ٿيو؛ اکيون کوليائين ته ڄڻ تي هڪ هلڪي مرڪ پکڙجي ويئي ڄڻ ڪنهن سهڻي خواب مان جاڳيو هجي — جواني جا انيڪ جادو آهن ۽ انهن مان هڪ وڏو جادو هي آهي جو بنان سبب جي پڻ ٻڌي مرڪندي آهي-! هن پاسو ورائي ٺونٺ تي ٽيڪ ڏئي ويهي چاڪليٽ پيتو؛ نومبر جي ٿڌڙي اُس ڪمري ۾ لهر لهر ڪري پئي ٿلڪي جنهن سبب

فضا ۾ آنند ڏيندڙ ڪو ساڻ جو واسو هو، سج چڙهو ۽ اجرو ٿيو بيٺو هو، پوءِ، قدرتي طور، گذريل رات جي واردات جي ياد پنهنجن رتول پيرن سان ڏيمي ڏيمي سرندي هنجي ذهن ۾ اچڻ لڳي ۽ اتي هڪ پيو ڏياريندڙ ماڻڊاڻ ناهي بيهي رهي، انهيءَ ياد هن جي بت ۾ هلڪي ڪنبٽي پيدا ڪري ڇڏي پر ساڳي ئي وقت باسل لاءِ هنجي اها ڏڪار به اچي اتي واسو ڪرڻ لڳي جنهن ڪيس هنجي جان وڃڻ تي مجبور ڪيو هو- ۽ تنهن سان ئي گڏ اهو خيال ته هنجو لاش اڃا متي ڪمري ۾ پيو آهي-! خوف ڪان هو ڪجهه ساڏو ٿيڻ لڳو- ۽ هاڻي ته اچو ڏينهن آهي، رات جي پي ڳالهه آهي-!- 'ايترو فڪر ڌارڻ جو نتيجو اهو ٿيندو جو يا ته آءٌ چريو ٿي پوندس يا بيمار ٿي پوندس، ڪي گناه اهڙا به هوندا آهن جن جو احساس خود انهن جي عمل ڪان وڌيڪ ستائيندڙ هوندو آهي، هي ڪو ڪاميابيءَ جو ڪم ته ناهي جنهنڪي ذهن ۾ هميشه تازو رکڻ خوشي ۽ فخر جي ڳالهه ٿيندي، اهڙن عملن کي ته جلد وساري ڇڏڻ ضروري آهي، انهن کي گهتي ڇڏڻ بهتر آهي انهيءَ ڪان اڳ جو هو انسان کي ئي گهتي ڇڏين-'

اڌ ڪلاڪ گذريو ته هو اٿي تيار ٿيڻ لڳو ۽ اڄ ڪجهه زياده ئي اهتمام ۽ شوق سان تهي نڪي ويٺو، ناشتي تي به گهڻو وقت ويٺو ۽ شوق سان مختلف شيون کاڌائين، نوڪر سان به اڄ گهڻو وقت خوش گفتاري سان ڳالهايائين—

-دل مضبوط ڪرڻ لاءِ ۽ دل جي مضبوطي ڏيکارڻ لاءِ-!

تنهن بعد ٽپال ڏٺائين ۽ پوءِ لکڻ جي ميز تي ويهي هن به

خط لکيا، هڪڙو پنهنجي ڪيسي ۾ وڌائين هڪڙو نوڪر جي حوالي ڪري هن کي تاڪيد ڪيائين:

”هي خط ١٥٢ – هرٽ فورڊ اسٽريٽ تي پهچاءِ فرانسس، ۽ جي مسٽر الان ڪيمپبيل نه ملي ته سندس پتو معلوم ڪري اچجان –“

نوڪر ويو هليو ته هو پهرين ڪاغذ قلم کڻي پانت پانت جا نقش ۽ خاڪا ٺاهڻ لڳو ۽ پوءِ هڪ ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳو– هر صورت ۾ پيانڪ ۽ پريشان ڪندڙ خيالن ۽ يادن کان بچڻ لاءِ – . گاٽيئر جي شعرن جي ڪتاب ۾ ته هوا هڙو غرق ٿيو جو خيالن ۽ خيالن ۾ وڃي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پهتو. پر، انهيءَ خود فراموشيءَ ۾ بہ هن واردات سان واسطو رکندڙ خيال رکي رکي هن جي ذهن ۾ ڪٿان نه ڪٿان جاءِ ڪري ايندا رهيا– ’ويچارو باسل، ڪهڙو نه دردناڪ موت مرڻو پيس–!.... ۽ پلا جي الان ڪيمپبيل نه مليو ته–؟ يا جي اچڻ کان ڏي نابري واري ڇڏيائين ته–؟ هو منهنجو بهترين دوست رهيو آهي.... پوءِ جي جدا ٿياسين ته سال گذري ويا وري نه ملياسين–! وري جڏهين به گذيو آهي مون مرڪي نهاريو آهي ۽ هن نه–‘

الان ڪيمپبيل هڪ هوشيار نوجوان هو، فن سان گهڻي دلچسپي نه هئس، شاعري جي خوبين بابت به ٿورو گهڻو ڊورين کان متاثر ٿيو، البته سائنس جو وڏو شيدائي هو، هنجي بدي ۽ سوجهي جو مرڪز سائنس هئي. هنوقت به هن جي زندگي ڪيمسٽري جي اڀياس لاءِ وقف هئي ۽ پنهنجي هڪ ليبارٽري

هئس جنهن ۾ تجربا ڪندي سچو سچو ڏينهن گذاري ڇڏيندو هو، هن معاملي ۾ ڏاڍو ناٿو ڪيو هئائين— ڊورين لاءِ هن وقت انهيءَ ڏي سائنسدان دوست جو انتظار ۾ سخت ضرورت هئي—! جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو هو بي چين ۽ بي قابو ٿيندو پئي ويو، نيٺ هو اٿيو ۽ ڪمري ۾ ٽهلڻ لڳو— جيئن ڪو خوبصورت پکي پڃري ۾ هيڏانهن هوڏانهن وراڪا ڏيندو هجي، هن جي آنڊ مانڊ وڌندي وئي، گهڻو ئي پنهنجو ذهن کي صاف رکڻ جي ڪوشش ڪري پر ذهن جي غذا آهن فڪرات—! سي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان پيا وارد ٿين ۽ ڊورين- وسامندو پيو وڃي—! وقت جي رفتار بيهي وئي هئي، وقت ڄڻ فوت ٿي ويو هو ۽ پنهنجي قبر مان هن جو مستقبل -هن جو انجام— هنکي آرسيءَ وانگر ڏيکارڻ لڳو هو- هو خوف کان پنڊ پهڻ بنجي ويو-!

خدا خدا ڪري ڪمري جو در کليو ۽ نوڪر اندر داخل ٿيو، ڊورين ٻي جان اکيون کٽي هن ڏانهن نهاريو.

”سائين، مسٽر ڪيمپبيل اچي ويو آهي-“

۽ ڊورين اطمينان جو ڊگهو ساه کنيو، منهن تي رنگ موٽي آيس.

”هڪدم اندر موڪلينس-“ هن ڄڻ نئين سر سگهر ٿيندي چيو، هنجو ڊپ غائب ٿي چڪو هو. ٿوري ويرم ۾ ڪيمپبيل اندر داخل ٿيو.

”الان، ڏاڍي مهرباني ڪيئہ جو آئين-“

”مون تہ تنهنجي در تي وري ڪڏهين بہ نہ اچڻ جو

ڪو ٻرن ڪري ڇڏيو هو، پر تو چئيءَ ۾ لکيو آهي ته زندگيءَ ۽ موت جو ڪو معاملو آهي....“ الان جو آواز به کهرو هو، لهجو به سپاٽ هو ۽ اکين ۾ ٻورين لاءِ ڪجهه حقارت به. هن ٻورين جي ڪيڪار جو به ڪو اثر نه ٿيڻ ورتو.

”ها، الان زنـدگي ۽ موت جو ئي معاملو آهي، سو به هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهن لاءِ، ويهه ته سهي.“ الان هڪ ڪرسي سيري وبهي رهيو ٻورين به سندس سامهون اچي ويٺو، ٻنهي جون نگاهون ٽڪريون، ٻورين جي اکين ۾ ويچارگي هئي- هن کي خبر هئي ته هاڻي کهڙو پهاڙڪ کيل ٿيڻ وارو آهي-!

ڪجهه دير سانت رهي، پوءِ ٻورين اڳتي جهڪي هڪ هڪ اکر جهلي جهلي الان سان ڳالهايو ۽ گڏوگڏ هن جي منهن تي انهن جو رد عمل به جاچيندو ويو:

”الان-! مٿي ڇت تي هڪ بند ڪمري ۾ ميز تي هڪ ماڻهوءَ جو لاش پيو آهي، هنکي فوت ٿئي اٽڪل ڏه ڪلاڪ گـذري چڪا آهن، ڏس ڇرڪجي نه وڃ نـه مونسان اهڙين نظرن سان نهار، اهو ماڻهو ڪير آهي، ڪيئن فوت ٿيو آهي ۽ ڇو-؟ انهن سوالن سان تون پاڻکي فڪرمند نه ڪر،توکي فقط هيئن ڪرڻو آهي جو.....“

”بس ٻورين، تون سچ ٿو ڳالهائين يا ڪوڙ مونـکي انهيءَ جو ڪو فڪر ڪونهي، آءٌ تنهنجي ڪنهن به ڪم ۾ توسان شريڪ نه ٿيندس، تون ڄاڻ تنهنجا ڪم، مونکي تنهنجي زندگي جي پيد پاو سان ڪا دلچسپي ڪانهي-“

”پر هن ڪم سان توکي ضرور دلچسپي ٿيندي آلان، خاص

ڪري هن ڪم سان، معاف ڪجان، هن معاملي ۾ مونکي تنهنجي مدد درڪار آهي پيو ڪير به مون کي بچائي نه سگهندو، مجبور ٿي توکي هن معاملي ۾ شريڪ ڪري رهيو آهيان، ڏس، تون ڪيمسٽري جو گهڻو چاڙهو آهين تو تجربا ڪيا آهن، بس تون هيئن ڪر جو انهيءَ لاش کي ساڙي فنا ڪري ڇڏ — اهڙي طرح جو ذري لِڪ به نه بچي، هن معاملي جي ڪنهن کي به خبر ڪانهي، سڀئي هن کي پيرس ويل سمجهي رهيا آهن، مهينن کان پوءِ مس هن جي پڇا پچار ٿيندي تيسين ته هن جو نشان به نه رهندو، بس تون پنهنجين ڪيميائي مرڪبات سان هن کي رک جي پڪ ۾ بدلائي ڏي ته آءٌ ان کي هوا ۾ واڙي ڇڏيان."

"ڇريو ٿي پيو آهين ڇا ڊورين ـ؟"

"شڪر ٿيو تو منهنجو نالو ته پنهنجي زبان تي آندو!"

"آءٌ چوان ٿو تنهنجو دماغ سچ پچ جاءِ ناهي جو سمجهين ٿو ته هن ڪڏي ڪم ۾ آءٌ تنهنجي سهائتا ڪندس، مون کي اهڙو راز پيو ٻڌائين ـ؟ ڇريو نه آهين ته ڇا آهين جو سمجهين ٿو ته آءٌ تنهنجي خاطر پنهنجي ڪارپٽ خراب ڪندس! ـ مون کان اهو ڪم نه ٿيندو ـ باقي منهنجو انهيءَ ۾ ڇا ته تو ڪهڙو کيل ڪيڏيو آهي ـ"

"فوتيءَ آپگهات ڪيو آهي ـ"

"ڏاڍو سٺو ڪم ڪيائين، ۽ پڪ سان توئي هن کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو هوندو ـ"

"لان ـ تون منهنجو ڪم ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪرين ـ؟"

”بالڪل، ۽ مون کي تنهنجي شرمناڪ انجام تي ذرو به افسوس نه ٿيندو، تون انهيءَ لائق آهين ٻه ته ماڻهن ۾ تنهنجي بدناموسي ٿئي تون خوار ٿين، تو کي همت ڪيئن ٿي جو مون کي هھڙو ڪڌو ڪم ڪرڻ لاءِ تو چوين–؟ وڃين پنهنجي ڪنهن ٻي يار کي هٿ ڪر، آءٌ ڪجهه نه ڪندس–“

”الان – منهنجي اچڪلهه جا پوزيشن خراب ٿي آهي تنهن جو ڪارڻ اهو ئي شخص آهي جنهن جـو لاش مٿي رکيو آهي ۽ انهيءَ سبب مون – هن کي قتل ڪيو آهي، هينري منهنجي زندگي کي داغدار نه ڪيو آهي بلڪ انهيءَ ڏي فوتيءَ منهنجي حياتيءَ جو نقشو بدلايو آهي، هينري اها ڪوشش ڪري ها ته هن جو به اهوئي انجام ٿئي ها–“

”هان –! تو خون ڪيو آهي ڊورين –؟ خير آءٌ تنهنجي مخبري نه ڪندس جو تون هوندن به اڄ ڪي سيان قانون جي پڪڙ ۾ ايندين ڏي، ماڻهو ڏوه ڪرڻ سان گڏ ڏي ڪا حماقت اهڙي به اوس ڏسي ڪري ويندا آهـن جنهن جي ڪارڻ نيٺ به پڪڙبا آهن، خير آءٌ ڪجهه نه ڪندس–“

”تو کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو ئي پوندو —– ترس، ٿورو صبر ڪر الان، منهنجي ڳالهه ٻڌ، توهين سائنسدان هوندن به لاش جي چير ڦاڙ ڪري تجربا ڪندا آهيون ۽ ذرو به خوف يا پريشاني نه پائيندا آهيو جو سمجهندا آهيو ته عام ڀلي ۽ واڌاري جو ڪم ٿا ڪريو، بس هي ڪم،

هن لاش کي ساڙي ناس ڪرڻ جو ڪم ٻي، هڪ اهڙو ٿي روزمره جو عام تجربو سمجهي ٻنا ڊپ ڊاءُ جي ڪري ڏي، ڏس الان، اهڙي ريت تو ڪي منهنجي مدد، منهنجو بچاءُ ڪرڻو آهي— ٻلي جو ڪم سمجهي— هونئن ٻه اوهين لاش جي وڌ ڏڪ ڪرڻ ڪان اڳ اهو ته نه ڇپندا آهيو ته هي ڪيئن مئو آهي، بس هن وقت ٻه اهڙو سوال نه پڇ، ڏس ڪڏهن پاڻ هڪ ٻي جا دوست رهيا آهيون—“

”انهن ڏينهن جي ڳالهه نه ڪر—“

”الان، آءٌ وينتي ٿو ڪريان، هي ڪم نه ٿيو ته آءٌ تباه ٿي ويندس، هو مون کي ڦاسي چاڙهي ڇڏيندا- ڦاسي— مون کي ڦاسي اچي ويندي الان—!“

”ڳالهه کي اينگهائڻ جي ضرورت ناهي، منهنجي طرفان انڪار سمجهه—“

”تون انڪار ٿو ڪرين—؟—“

”ها—“

”ڏس آءٌ منٿ ٿو ڪريان—“

”اجائي آهي—“

ڊورين مجبور ٿي، هٿ وڌائي پر مان هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو کنيو ۽ ان تي ڪجهه لکي الان ڏانهن وڌائي ڏنائين ۽ پاڻ اٿي اچي دريءَ وٽ بيٺو. الان حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو ۽ اهو ڪاغذ هن کان وٺي پڙهڻ لڳو— ڪاغذ تي لکيل اکر پڙهي الان جي منهن جو رنگ ٿي لهي ويو ۽ هو ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ڍرڪي پيو، پانيائين ته ٻت مان ساه

تو موڪلائي، هن جي دل ڀڄڻ لڳي، چند گهڙيون خاموش رهي ڏورين هن جي پٺيان اچي بيٺو ۽ هن جي ڪلهن تي هٿ رکي ڌيرج سان چوڻ لڳو:

”مون کي افسوس آهي الان -! پر تو مون لاءِ ڪو ٻيو رستو ئي نه ڇڏيو، مون اڳ ئي هڪ خط لکي ڇڏيو آهي جو منهنجي کيسي ۾ موجود آهي، اڄهو هي ڏس ۽ ان تي لکيل سرنامو پڙهي وٺ، جي تو منهنجو ڪم نه ڪيو ته پوءِ اهو خط روانو ڪرڻو ئي پوندم ۽ پوءِ تون پاڻ سمجهين تو ته ڇا نتيجو نڪرندو، خير هاڻي ته تون انڪار ڪري به نه سگهندين، مون ته تو کي ڪنهن آزمائش ۾ آڻڻ نٿي چاهيو پر تو سخت ورتاءُ رکيو، اهڙو ورتاءُ — جو ٻيو ڪو به ماڻهو اهڙي همت نه ساري سگهيو، مون تنهنجو سلوڪ برداشت ڪيو، بهرحال هاڻي منهنجو وارو آهي هاڻي آءٌ حڪم هلائيندس -“

الان ڪيمپبيل پنهنجو منهن ڪٽي هٿن ۾ لڪايو ۽ ڪنبڻ لڳو. ڏورين پنهنجا اکر ورجائيندو رهيو- ”هاڻي منهنجو حڪم هلندو، هاڻي اٿي ڪم ڪر، وسمي ۾ نه پئه، هاڻي منهن ڏي -“ ۽ الان ڪنبندو ۽ ڪنجهندو رهيو، گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ وقت کي هن جي پيڙا جي هڪ هڪ گهڙيءَ ۾ ورهائيندي ٿي وئي، پاڻيائين ته سندس مٿي جي چوڌير ڪا تار ويڙهي ڪشي پئي وڃي ۽ اها ذلت، جنهن جو ڪيس دڙڪو ڏنو ويو آهي، سا ڪيس اچي رسي آهي. ڏورين جي ڪنهن به اکر جو هن کي ڪو جواب نه پي سجهيو.

”متي باه جو بندوبست ته آهي-؟“ هن گهٽي مان ڪانپوءِ لاچار ٿيندي پڇيو.

”ها گيس جو چلهو آهي-“

”مونکي ڪجهه سامان آڻڻ لاءِ گهر وڃڻو پوندو-“

”نه- تون هتان نه ويندين، چٺي لکي ڏي ته منهنجو نوڪر تنهنجي گهران ضروري شيون کڻي ايندو-“

الان هڪ ڪاغذ تي پنهنجي نائب ڏانهن چٺي لکي، ڊورين اها وٺي پڙهي تسلي ڪري پنهنجي نوڪر کي سڏي چٺي سميت ضروري هدايت ڏئي هنکي الان جي گهر ڏانهن روانو ڪيو.

نوڪر روانو ٿيو ته الان اٿي چمني وٽ وڃي بيٺو، اٽڪل ويهن منٽن تائين هنن ٻنهي هڪ اکر به نه ڳالهايو، تنهن بعد جو الان ڊورين ڏانهن نهاريو ته هنکي اڙڪ ڳاڙيندڙ ڏٺائين— ڊورين جي غمناڪ چهري جي شسيلتا ۽ معصوميت جي تهن ۾ ڪي ڪيفيتون ڏسي الان پنهنجي ڌڪار تي ضبط نه ڪري سگهيو ۽ ڦڪڻ جي انداز ۾ چوڻ لڳو:

”حيف هجئي ڊورين-! وڏو لعنتي آهين-!-“

”ڪجهه نه چئه الان، بس تو منهنجي زندگي بچائي آهي....“

”تنهنجي زندگي-؟ حيف آهي اهڙي زندگي تي، تون بڇڙاين مٿان بڇڙايون ڪندو ويو آهين ۽ هاڻي هھڙو پاپ ڪيو اٿئي، ۽ مونکي هن ڪم تي مجبور ڪري تون سمجهين پيو ته آءٌ تنهنجي زندگيءَ بابت پيو سوچيان-؟“

”هاءِ، الان ڪاش تون مونتي انهيءَ جو هزار ونو حصو به رحم ڏارين جيترو سون توتي ڪيو آهي.“ ٻورين منهن ڦيرائي وري باغ ۾ نهارڻ لڳو. الان ڪو جواب نه ڏنو.

ڪجهه دير بعد نوڪر الان جي سامان جي صندوق کڻي آيو، ٻورين هنکي وري هڪ ڪم سمجهائي روانو ڪري ڇڏيو ۽ شام جي موڪل ڏئي ڇڏي، تنهن بعد اهو سامان کڻائڻ ۾ الان جي مدد ڪري مٿي اچي هن ڪمري جوتالو کولي ڏنو پر پاڻ اندر وڃڻ جي همت نه ساري سگهيو، الان هنکي ٻڌايو ته هن ڪم ۾ اٽڪل پنج ڪلاڪ لڳندا، هن ڪمري جي در کي دڪو ڏئي کوليو ۽ نه چاهيندي به هنجي نظر وڃي اندر رکيل سندس تصوير تي پئي جنهن تان رات ڪپڙو لاهڻ بعد وري نه چاڙهيو ويو هو— هنکي بت ۾ سيانٽو وٺي ويو، ڪجهه پريرو هوندي به هنکي تصوير جي هٿ تي رت جا چٽا نشان نظر آيا! لاش کي ڀيهرڏسي به هنکي ايتري وحشت نه ٿي ها جيتري وحشت اهو رت ڀريل هٿ ڏسي هنجي حواسن تي سوار ٿي وئي هئي، لاچار هو اندر گهڙيو ۽ لاش کان پاسو ڪري ان ڏانهن نهارڻ بنان اڳتي وڌي پردو کڻي تصوير کي وري ڍڪي ڇڏيائين، هن جا پير اتي ئي کپي ويا، هاڻي وري ٻاهر نڪرڻ جي همت نه پي سارياٿين، اتي ئي الان سامان جي صندوق ڇڪي اندر ڪئي ۽ هنکي چڙ حڪم مليو. ”هاڻي سونکي ڇڏ ته آءٌ پنهنجو ڪم ڪريان.“

ٻورين تيزي سان ڪمري مان نڪري هيٺ هليو آيو.

ستين بجي کان به پوءِ الان ڪم ختم ڪري هيٺ آيو، هو نيال ٿيو پيو هو پر ٿڌهين به منهن تي سانت هئس:

”مون تنهنجي حڪم جي پوئواري ڪري ڇڏي، هاڻي خدا حافظ، هاڻي وري جيئن هڪ ٻئي کي ڪڏهين نه ڏسون.“

”الان! تو مونکي تباهي کان بچائي ورتو، آءٌ تنهنجو احسان نه وساريندس.“

الان ڪيمپبيل روانو ٿي ويو ته ڊورين مٿي اچي ڪمرو کولي ڏٺو، لاش غائب هو، فقط نائٽرڪ ايسڊ جي سڙڻ جي اگري ڌپ ڪمري ۾ واسي پئي هئي.

[١٥]

رات جو سادي اٺين ڌاري ڊورين ليڊي ناربورو جي گهر آيو ته نوڪرن روايتي انداز ۾ جهڪي سندس آجيان ڪئي ۽ ڏاڍي ادب سان کيس آڻي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. هو ڏاڍو ٺهي ٺڪي تيار ٿي آيو هو، جيتوڻيڪ هن جي ذهن تي جنون جهڙو اثر هو ۽ جسم به جوش جي اثر کان ساڻو ٿيندڙ پر ڏاڍي ڪمال سان هن پنهنجن حواسن تي ضابطو رکيو ۽ ليڊي ناربورو جي اچڻ تي ڏاڍي شائانئي ۽ سانتيڪي ۾ هن جو هٿ ورني جهڪي کيڪار جو جواب ڏنائين. شايد ـــ اداڪاري ڪرڻ وقت، ۽ پنهنجي اصل جذبات کي لڪائي ظاهري جڙتو انداز اختيار ڪرڻ وقت انسان جيترو به سانتيڪو ۽ دلجاءِ هوندو آهي اوترو ٻيو ڪنهن وقت به نه هوندو آهي! ڊورين جي اداڪاري ۽ بناوت به هنوقت اهڙي هئي

جو ڪير بہ اهو گمان نٿي ڪري سگهيو تہ هو ڪنهن وڏي پيانڪ ڪيل مان گذري آيو آهي- ڪير چوندو تہ هي ٻولائتيون سهڻيون آڱريون ڪو چاقو بہ جهلي سگهن ٿيون-! ڪير چوندو تہ سهڻا چپ خدا ۽ نيڪيءَ جي خلاف ڪو اکر بہ ڳالهائي سگهن ٿا-! هو پاڻ پنهنجي هيئري ڏيرج تي حيران هو ۽ ڪن پلن لاءِ تہ هنکي زندگيءَ جي انهي بہ رخائيءَ تي عجب طرح جي خوشيءَ جو احساس ٿيو.

هتي ليڊي ناربورو هڪ ننڍي دعوت جو انتظام ڪيو هو- ليڊي ناربورو- جنهن جي هوشياري ۽ حرفت جي ڏاڍي شهرت هئي ۽ جنهن لاءِ هينري جي راءِ هئي تہ هوءَ بهترين بدصورتي ۽ بيڇڙائي جو هڪ کنڊر هئي. ڊورين جي هوءَ بہ بين وانگر ڏاڍي پرستار هئي ۽ اڪثر هنکي چوندي هئي "ڊورين چڱو ٿيو جو تون منهنجي جوانيءَ ۾ مونسان نہ مليين نہ تہ آءٌ تنهنجي عشق ۾ ڇتي ٿي پوان ها-" پارٽيءَ ۾ جيڪي دعوتي آيل هئا تن ڪي ڏسي ڊورين البت ڏاڍو بي مزي ٿيو، سب ڪرڏا ڪرڏا پوڙها مرد ۽ بي سريون بي ڍنگيون عورتون، هنکي مورڳو هتي اچڻ تي پڇتاءَ جو احساس ٿيو پر جڏهين ليڊي ناربورو هينري جي دير ڪرڻ تي ڪرڪر ڪئي تہ هنکي دلجاءِ ٿي تہ اها دلچسپ شخصيت بہ اچڻ واري آهي، ۽ جڏهين هينري پنهنجي ساز جهڙي آواز ۾ گفتگو ڪندو اندر داخل ٿيو تہ هنجي سڄي بوريت ختم ٿي وئي.

ماني هلي تہ هن ڪائڻ جي بدران شمپين پيئڻ تي زور

رکيو ڇڻ جيترو گهڻو ٿيو پئي اوترو تاس ٿيندي وڌيس،
هينري هنجي ماٿ ۽ هنجو بي محابو ورتاءُ ڏسي پاڻ حيران
ٿي ٿيو. آخر هن ٻورين کان سوال ڪيو:

”ڇا ڳالهه آهي ٻورين؟ اڄ ڪجهه وياڪل ٿيو ڏسجين؟“

”آءٌ ته ٿانيان ٿي عشق جي چيٽ ۾ اچي ويو آهي.“ ليڊي ناربورو چيو. ”پر مونکي نٿو پڌائي ته متان آءٌ اير ڪا جي شڪار نه ٿي وڃان، سان ته آءٌ ٿيندس ئي.“

”محترمه“ ٻورين ڌيمي سان چيو. ”هفتو ٿيو آهي آءٌ ڪو عشق ٻشق نه ڪري سگهيو آهيان، مادام فيرول جو شهر ڇڏي وئي آهي!“

تنهن تي اچي ويچاري مادام فيرول تي نڪته چيني هلي، هنجون اوتيرن ٻوتيون ٻتريون ٿيڻ لڳيون.

”خوبصورت عورتن جا مڙس ڏوهاري طبقي مان هوندا آهن.“

”توبهه هينري، تڏهين دنيا سچ ٿي چوي ته تون وڏو شرارتي آهين.“

”ڪهڙي دنيا ٿي چوي؟ خير اها ڪا ٻي دنيا هوندي، هن دنيا سان ته منهنجا ڏاڍا سٺا دوستاڻا ناتا آهن.“

”هر ڪوئي ٿو چوي ته تون وڏو بدڪار آهين.“

”اها ڳالهه سٺي ته ناهي جو ماڻهو ٿين جي باري ۾ هنن جي پرپٺ هنن جون سچيون حقيقتون بيان ڪندا وتن، ڪوڙ ناهڻ اچا ته چڱو پر پرپٺيرو سچ ڳالهائڻ ڏاڍي بري

عادت چئبي۔"

"اوهان مادام فيرول ۾ ايترو چاه ڏيکاريو ته آءٌ به ٻي ٻي شادي ڪريان."

"ڏس مادام۔! عورتون ٻي شادي ان ڪري ڪنديون آهن جو هنن کي پهرين مڙس سان نفرت هوندي آهي ۽ مرد ٻي شادي ان ڪري ڪندا آهن جو هنن کي پهرين زال سان محبت ه وندي آهي۔ عورتون پنهنجي قسمت آزمائينديون آهن ۽ مرد جوکم کڻڻ داءُ لڳائڻ جا شوقين هوندا آهن۔ عورتون مردن جي عيبن جي ڪارڻ هنن سان محبت رکنديون آهن، مردن ۾ جيترا گهٽا عيب هوندا اوتريون ئي وڌيڪ هو معاف ۽ درگذر ڪرڻ ۾ هيڪانديون هوشيار ۽ تيار هونديون آهن۔"

"هينري۔! اهو ته سچ ٿو چوين، اسين عورتون اها وصف نه ڏاريون ته ، اوهان مردن جو جيڪر ڪهڙو حشر ٿئي۔! بدنصيب ڪنوارن جي هڪ فوج ٺهي وڃي، اڄڪلهه ته پرڻيل مرد ڪنوارن جي ۽ ڪنوارا مرد پرڻيلن جهڙي حياتي پيا گهارين۔"

هينري ۽ ليڊي ناربورو جي وچ ۾ ڪيترو وقت اهڙي دلچسپ گفتگو هلندي رهي۔ تنهن بعد ڊورين جي شاديءَ جي ڳالهه ليڊي ناربورو ڇيڙي، ۽ اها ٽيڏي ڪانهي جو لارڊ هينري ڪنهن موضوع تي پنهنجي راءِ ۽ دلچسپ فقرن جي پيشا نه ڏي۔!

"ماڻهو خوشگوار زندگي بابت ڪيڏيون نه احمقائيون

ڳالهيون ٿا ڪن.“ هن چيو. ”ڪنهن به عورت سان اوسيتائين خوش گذاري سگهجي ٿو جيسيتائين هن سان محبت نٿي ڪجي.“

”ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهين هينري.“

”عورتون اهي سنيون جن جو ڪو ماضي هجي ۽ مرد اهي سٺا جن جو مستقبل هجي.“ هينري پيو فقرو چيو عورتون ڪمري مان نڪري مٿي هليون ويون. باقي ڪي مرد گپ شپ ڪندي رهجي ويا. ڊورين اٿي اچي هينري جي ڀر ۾ ويٺو. هينري پڇيس:

”ٺيڪ ته آهين.؟ ڊنر جي وقت ڪجهه ٿڪل پئي ڏسڻ ۾ آئين.؟“

”بالڪل ٺيڪ آهيان، برابر ڪجهه ٿڪاوٽ آهي ۽ بس.“

”ڪلهه مون موت جي ڊيوڪ جي زال واري دعوت ۾ ته تو سڀني کي موهت ڪري ڇڏيو. هوءَ پاڻ ته توتي اصل چڪن ٿي پئي آهي باقي سندس مڙس. انهيءَ کي ڏسي ته آءٌ اهڙو بيزار ٿيندو آهيان جهڙو بيزار هو پنهنجي زال کي ڪندو هوندو. ڊورين، مون موت جي زال ڏاڍي هوشيار آهي. ضرورت کان وڌيڪ تيز سون جي بت کي مٽيءَ جي پيرن تي رکيو آهي تڏهين ملهائتو ٿيندو آهي، هن جا پير به سهڻا ته ڏاڍا آهن پر مٽيءَ جا نه آهن چينيءَ جا ڪٺي سمجهه، اهي ڪنهن باه مان لنگهيا آهن پر توکي خبر آهي ته باه جنهن شئي کي ناس نه ڪري سگهندي آهي تنهنکي پچائي پڪو ڪري ڇڏيندي آهي، هن جا پير به ڏاڍا پڪا پختا آهن،

ڏاڍا تجربا ٿي رکي-"

"شادي ڪئي گهڻو وقت ٿيو اٿس-؟" ٻورين پڇيو.

"سچي عمر ٿي پرٽيل رهي آهي، ڏه سال شاديءَ جا سچي عمر ٿي ٿيو ڇا- خير، پر تون ڇو يارهين ڪان اڳ اٿي وئين-؟ سڌو گهر وئين يا ڪنهن ٻي پاسي-؟"

ٻورين گهور ڪري هيڏي ڏانهن نهاريو. سوال ٿي اهڙو هو. ڪجهه وقت منهن ۾ گهڻ وجهي هن کي ڏسندو رهيو، پوءِ جواب ڏنائين:

"نه- سڌو گهر نه ويس، گهر ته آءٌ ٿي وڳي ڌاري مس پهتس-"

"ته ڇا ڪلب ۾ ويو هئين-؟"

"ها-" هو چپ چپاڙڻ لڳو- "نه- آءٌ، بس ائين هُتي رلندو رهيس، بس مون جيڪي ڪجهه ڪيو سو وساري ڇڏيم.... هيڏي تون به ڪيڏو نه پيچ پڇيو آهين، پاڻئين ته هر ڪنهنجي ڪمن جي پوري خبر رکين، خير تون صحيح وقت ٿو ڄاڻڻ چاهين ته ٻڌ، آءٌ پوري اڍائي بجي گهر پهتو هوس، ٻاهرين چابي گهر وساري ويو هوس تنهنڪري در کولائڻ لاءِ نوڪر کي سڏ ڪرڻو پيو.... پلا جي اعتبار نٿو ڪرين.... توکي شاهدي کپي ته تون پلي هن کان پڇي ڏس ته...."

"اوهو يار، منهنجو ان ۾ ڇا ته تون ڪهڙي وقت گهر پهتين-! پر ٻورين، توسان ڪو معاملو ٿيو ضرور آهي، مون کي پڌاءِ ته ڇاڳالهه آهي، اڄ ڪجهه منجهيل آهين-"

”ڏس هينري مون کي تنگ نه ڪر، آءٌ پريشان آهيان، مون کان ڪا اڻ سهائيندي ڳالهه نه ٿـي ٻوي، هاڻي آءٌ هلان ٿو، ڪچهريءَ تي نه ويهي سگهندس، آءٌ سڀاڻـي ڏهه پڙهيئن تو وٽ ايندس-“

”چڱو ٻورين، همت ساري ڇوانءَ ٿو ته سڀاڻي ڇانهه جي وقت اڇجان ته سهي-“

”ڪوشش ڪندس-“ ۽ جڏهن هو پنهنجي گهر ٻهتو ته هن کي محسوس ٿيو ته ڀوٗ ۽ وهشت جـي جنهن ڀوت کي هن گهٽو ڏئي ماري ڇڏيل سمجهيو هو سو وري اچي سندس دل ۽ دماغ ۾ پرگهٽ ٿيو هو. هينري جـي سوالن هن جي اعصاب کيجو ٿوري دير لاءِ زير زير ڪري ڇڏيو هو— بس ڀانئي ته ڪوبه ڀوائتو خيال ذهن ۾ اصل نه رهي، اهڙو ڪو نشان ئي نه رهي جو اهڙا خيال پيدا ڪري— پنهنجي لائبرري ۾ اچي هـن اهو ڪبٽ کوليو جنهن ۾ باسل جو ٺيلهو ۽ ڪوٽ لڪائي ڇڏيـو هئائين، هوڏانهن ٻخاري ۾ باه جو ننڍو مچ ٻرندڙ هو، هن اهي شيون انهيءَ مچ ۾ اڇلايون، هڪ وڏيڪ دوکي باه ۾ وڌي— اٽڪل منو ڪلاڪ هن کي اهي شيون ٻوري طرح ساڙي دف ڪرڻ ۾ لڳو، هن کي ٿڪاوت ۽ وياڪلتا ذري گهٽ ساڻو ڪري ڇڏيو، ٿڌي پاڻيءَ ۾ خوشبو ملائي هن هٿ منهن ڌوتو، اتي سامهون ٻن درين جي وچ ۾ رکيل هڪ نهايت خوبصورت ڪبٽ تي هن جي نظر پئي ۽ هن جا حواس ڏانواڊول ٿيڻ لڳا— جڻ ڪنهن اهڙي شئي کي ڏٺو هئائين جنا سندس

خوف ۽ دهشت وڌائي سگهي ٿي، ان ۾ ڪا اهڙي شئي رکيل هئي جيڪا ڌڪار لائق به هئي ۽ سندس ضرورتجي به ـــ ڀهرين ته سگريٽ دکـائي ويهي رهيو پر پوءِ ان کي هڪدم اچلي انهيءَ ڪبٽ کي تڪڻ لڳو، تنهن بعد اٿي ان کي کولي ان جـي انـدر لڳل هڪ اسپرنگ کي زور ڏنائين ته هڪ ڏڪنبو خـانو کلي پيو، ان ۾ هڪ نهايت خوبصورت ننڍي صندوق هئي، ڪنهن ماهر ڪاريگر جي ڏاهپ اڻ لپي شئي، هن اها صندوق کولي، ان ۾ ساڻي رنگ جي ليٽي پيل هئي ـــ سخت پوءِ واري ميڻ جهڙي ليٽي ـ!
اها شئي ڏسي هن جي ذهن ۾ کو خيال آيو ۽ هو مرڪڻ لڳو.... ڪجهه هڪيو، ۽ ڪمري ۾ تپش هئڻ جي باوجود هڪ پل لاءِ هن جي بت کي ڏڪڻي جو ٿوڏو اچي ويو....
پوءِ هو اٿي بيٺو ۽ گهڙيال تي نظر وڌائين، ٻارهن ۾ ويهه منٽ هئا ـــ اهـا صندوقڙي واپس انهيءَ خـاني ۾ وجهي ڪبٽ بـنـد ڪري هـو پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليو آيو.

آڌي رات تي ته هن اٿي رواجي ڪپڙا پاتا، هڪ مفلر گلي کي ويڙهيو ۽ پير پير ۾ ڏئي مانُ ميٺ ۾ گهر کان ٻاهر نڪري آيو. بند اسٽريٽ تي هن هڪ خالي گهوڙي گاڏي ڏٺي، ان کي روڪي ڪوچوان کي پتو ٻڌايائين:
”سائين ايترو پري ته نه هلي سگهندس ـ“ ڪوچوان پتو ٻڌي ڪند ڌوڻي ناڪار ڪئي، ٻوڙين هن کي وڌيڪ ڀاڙي جي لالچ ڏني ته هو هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

”جي تکو هلئين ۽ جلد پهچايئه ته اڇا به پاڙو وڏائي ڏيندوسانءِ.“

”سائين بس هڪ ڪلاڪ جي اندر تو اوهان کي اتي پهچايان.“

ڪوچوان گاڏي کي هلندو ڪري سڌو نديءَ ڏانهن رخ رکيو.

[١٦]

اتي برسات پوڻ لڳي—سياري جي ٿڌي وسڪار—۽ گهٽين جون جهڪيون پرندڙ بتيون وسڪار جي لڙاٽ ۾ پوتن جهڙو ڏيکاءُ ڏيڻ لڳيون. گهرن جا دروازا بند ٿيڻ لڳا هئا، ڪٿي ڪٿي مردن ۽ عورتن جا ننڍا ننڍا ٽولا جهنڊ ٺاهيو پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙندا نظر آيا، ڪن شرابخانن مان بيهودن ٽهڪن جو آواز ٿي آيو ته ڪن مان شرابين جو گوڙ گمبوڙ ۽ ڌمچر ٿي ٻڌڻ ۾ آيو.

ڊورين، گاڏيءَ جي ڪوچ تي پٺيءَ پر ٽيڪ ڏيو هن هيڏي ساري شهر جي انهيءَ شرمناڪ ماحول کي ڏاڍي بي نيازي سان ڏسندو پئي ويو، سندس ٽوپلو سندس پيشاني تي گهڻو نميل هو، هن رکي رکي دل ئي دل ۾ هينري جا هي لفظ پئي ورجايا- ”نفس جي ذريعي روح جو علاج ۽ روح جي ذريعي نفس جو علاج....!“ ها برابر، اها ڏاڍي ڳُر واري صلاح هئي، هن انهيءَ صلاح تي عمل ڪيو به هو ۽ هاڻي به نهيءَ ئي صلاح تي عمل ڪرڻ لاءِ

وڃي رهيو هو ــــ هتي آفيم خانا موجود آهن جتي ماڻهو خود فراموشي خريد ڪري سگهي ٿو، اهڙا هيبتناڪ اڏا موجود آهن جتي پراڻن گناهن جي ياد کي ميٽڻ لاءِ نون گناهن جو جنون ملي ٿو ــــ.

چند آسمان ۾ هڪ مردي جي هيڏي ڪوهري وانگر لٽڪيل پي ڏسڻ ۾ آيو، ڪنهن وقت ڪنهن بي ڊولي ڪڪر چڻ پنهنجي ٻانهن ڊگهيري ان کي ڍڪي ٿي ڇڏيو، گاڏي رستو ڪٽائيندي ٿي آئي، وڏين گهٽين جي بدران هاڻي سوڙهيون گهٽيون پي آيون جنهن ۾ بتين جو تعداد به گهٽ هو، ٻورين سوچيندو رهيو.... نفس سان روح جو علاج ـ! هن جو روح برابر بيمار ۽ مورڳو فنا ٿي ڪنڌيءَ تائين اچي پهتو هو، نفس سان روح جو علاج ٿي به سگهي ٿو ـ؟ هڪ بيگناه جو خون ٿي چڪو آهي تڏهن به ـ؟ انهيءَ خون جو ڪو ڪفارو به آهي ـ؟ افسوس ـ! اهڙي پاپ جو ته ڪو ڪفارو ٿي نٿو سگهي ـ! ماءُ پاپ جي سزا کان بچڻ ناممڪن آهي پر ان جي ياد ۽ احساس کان بچڻ اچـا به ممڪن آهي، انهيءَ ياد ۽ احساس کان بچڻ جو پڪو ارادو آهي ـ باسل کي اهڙيون ڳالهيون چوڻ جو آخر ڪهڙو حق هو ـ؟ هن کي سندس امين بڻجڻ جو ڪنهن اختيار ڏنو هو ـ؟ هن جون ڳالهيون بنهه برداشت کان ٻاهر هيون ـ!....

....گاڏي جي رفتار ڄڻ جيئن پوءِ تيئن ڍري پئي ٿئي ـ! هنکي ته ائين ئي محسوس ٿيو، هن ڪوچوان کي گاڏي تيز ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو، آفيم جي اندي ٻاڙ جيئن پوءِ

تيئن وڌندي وئي، نڙيءَ ۾ ڄڻ ٻاه ٿي ٻري، هن پنهنجو نيٽ ڪٽي گهوڙي تي وهائي ڪڍيو، ڪوچوان ٺهڪ ڏنو، هن ٻه هڪ ٺهڪ ڏنو، ڪوچوان ماٺ ٿي ويو ـــ! مسافري ختم ٿيڻ ۾ ٿي نه اچي ۽ گهٽيون ائين پيون ڀانئجن جيئن ڪنهن ڪوريئڙي جو ڄار هجي، اهو هڪ سنو سفر ٻورين لاءِ اڻ سهسائيندو بڻجي ويو ۽ هن جي اندر جو خوف وري وري ٿي جاڳي پيو.

ڇيو ويندو آهي ته جوش ۽ جذبي جو شڪار انسان هڪڙي ئي دائري اندر سوچيندو آهي، ٻورين ٻه جوش ۽ جذبات جي ٻاه ۾ ڪاملندي انهيءَ هڪ اڪرـــ نفس ۽ روح ـ تي سوچيندو ٿي ويو ۽ انهيءَ هڪڙي ئي دائري ۾ ڦيرا ڏيندڙ سوچ جي هاڻي هن کي خود پنهنجي سڀاءَ ۽ سوجهيءَ مان تصديق ملڻ لڳي هئي انهيءَ جواز ڪان سواءِ هن جو سڀاءُ جيڪر انهيءَ سوچ جي ڌٻاءَ ۾ ڇپائجندو رهي ها. هن وقت هن جي ذهن تي فقط اهو اندو جنون سوار هو ته زنده رهڻو آهيـــ زنده رهڻ جي اڇاـــ انسان ذات جي هڪ نهايت ئي ڀيانڪ هوس، جيڪا انسان جي نس نس ۽ رڳ رڳ کي جاڳائي شڪتي ڏئي حرڪت ۾ آڻي ڇڏيندي آهي ۽ انسان زنده رهڻ لاءِ سڀڪجهه ڪري گذرندو آهي. قباحت، جنهن ڪان اڳي هن کي انهيءَ سبب نفرت هئي جو اها هر شئي کي ان جي اصلي روپ ۾ ظاهر ڪري ڏيکاريندي آهي؛ هاڻي ساڳي ئي سبب ڪري هن کي وڻڻ لڳي ۽ هن محسوس ڪيو ته قباحت ته حقيقتن مان هڪ

حقيقت آهي، پلا عيب جهڙو سچ ڪوبه تي سگهي ٿو-؟ ڏسو ته هل هنگامو بيهودو ڌمچر، ڪراهت جهڙا بدڪاري جا اڏا، بي ڊنگي زندگيءَ جون بي ادبيون، چورن ۽ بدذات ماڻهن جون بچڙايون ڪيڏيون نه پڌري پٽ صاف ۽ عيان آهن ڪيڏيون نه حقيقي آهن، اظهار جي لحاظ کان ڪنهن به شاهڪار فنپاري جي اسلوب ۽ اظهار کان وڌيڪ چٽيون ۽ سچيون-! پاڻ وسارڻ لاءِ، زندگي جي ڪراهتن کان بي نوار ٿيڻ لاءِ ڊورين کي انهن ئي حقيقتن جي ضرورت هئي ۽ هن سوچيو ته فقط ٽي ڏينهن انهن حقيقي ڪراهتن ۾ گذاري هو زندگي جي مڙني ڪراهتن کان آزاد ٿي ويندو، بديءَ جي پيانڪ احساس کان پاڪ ٿي ويندو.

هن جي سوچن جو سلسلو اتي ٽٽو جتي ڪوچوان اچي گاڏي روڪي هنکان پڇيو: ”سائين هتي ئي ڪٿي....اٿين نه سائين-؟“

ڊورين ٻاهر نهاريو، هڪ اونداهي گهٽيءَ جو چيڙي تي ڪي بي ڊوليون جايون هيون جهڪين چٽين ۽ ڇهندار ڇمبن واريون، هو اتي لهي پيو ۽ ڪوچوان کي ڀاڙو ڏئي جهازن جي بندر واري پاسي رخ رکيائين، هلندي پليان نهاريندو به وڃي ته ڪو پيڇو ته نه پيو ڪري-. ستن اٺن منٽن ۾ هو هڪ بدصورت مڪان تي پهتو جو اهڙن ئي بن رواجي ڪارخانن جي وچ ۾ ٺهيل هو. دروازي تي پهچي هن خاص مقرر ڪيل انداز ۾ ٺڪ ٺڪ ڪئي، دروازو کليو ۽ هو دروازو کولڻ واري ڏانهن نهارڻ بنان اندر هليو ويو، وڏي

هال ڪمري جي ڇيڙي تي هڪ دروازي مٿان هڪ ساڻي رنگ جو ڇيٽل پردو هوا ۾ ٽڙڪي رهيو هو، ڪمري ۾ سوجهري جا جهڪا پاڇا هئا جنڪي سوجهرو به ڇنجي يا نه، ٻورين اهو پردو هٽائي ان ڪمري ۾ داخل ٿيو جنهنجي فرش تي ڪاٺ جو ٻورو وڇايل هو، هڪ طرف اگرن جي ٻرندڙ سگريءَ جي چوڦيرڪي ماڻهو ٻونبڙا ٿيو ويٺا جوڻا ڪيڏي رهيا هئا، ڪمري جون گدليون آرسيون به مکين جي گند سان ڍڪيون پيون هيون جن گيس بتيءَ جي هيڊي روشنيءَ ۾ ٻوتن جهڙو ڏيکاءُ پي ڏنو، فرش تي هاريل ٻوري ۾ ڪٿي ڪٿي چڪڻ ٿي پئي هئي ۽ ڪٿي ڪٿي هاريل شراب جا دٻا نهيا پيا هئا، جوڻا کيڏيندڙن جو رکي رکي ٺهڪ ٿي ڏنا ته هنن جي ڏند ٽيڙ به عجيب ٻيهودو نظارو ٿي پيش ڪيو. ڪي وڻشيائون ڪنهن مرد سان بيهودي مذاق ۾ مشغول هيون. ٻورين انهيءَ ڪمري مان لنگهي انجي ڇيڙي وٽان نهيل هڪ ڏاڪڻ تان ٽڪڙو ٽڪڙو چڙهندو هڪ ٻي بند ڪمري ۾ اچي نڪتو جتي پهچڻ کان اڳ ئي آفيم جي تيز بدبوءِ هن جي نڪ ۾ واسو ڪري وئي هئي.

ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي ٻورين جي نظر هڪ هيڊن وارن واري نوجوان تي پئي جو پنهنجو پائپ دکائي رهيو هو، ٻورين کي ڏسندي ئي هو ڪجهه هٻڪيو ۽ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو جڻ پنهنجين اکين تي اعتبار نه پيو اچيس ته ٻورين به هن هنڌ اچي سگهي ٿو. ٻورين هنکي ڏسي

سوال ڪيو:

”آڊريان! تون، هتي-؟“

”پيو ڪٿي هجان هان، سونسان ته هاڻي ڪير ڳالهائڻ لاءِ به تيار ڪونهي-“ ڊورين به اکر پنهنجي هن ”سابق“ دوست سان ڳالهائي انهي ڪمري جي گندي ۽ گدلي ماحول جو جائزو ورتو، فرش تي وڇايل ڳري ميري گلم تي ڪي آفيمي ڪل جهڙيون صورتون بنايو ويٺا هئا، ڪي پاٿوليءَ هڻيو ويٺا هئا ڪي واڻ پٽيو سهڪيا پيا ۽ ڪي بي سرت بي جان اکين سان هڪ تڪ ڪنهن طرف نهاريندا ڏسڻ ۾ آيا، ڊورين کي اهو نظارو ڏاڍو وڻيو، هنکي ڄاڻ هئي ته هو ڪهڙين دلچسپ جنتن جا عذاب ڀوڳي رهيا آهن ۽ ڪهڙن اذن دوزخن مان نين خوشين جا سبق وٺي رهيا آهن. ”اهي بي خود ۽ بي نياز ماڻهو مونکان وڌيڪ بهتر حالت ۾ آهن-“ هن سوچيو. ”هو هر فڪر کان آزاد آهن ۽ آءٌ يادن ۽ فڪرات جي احساس جو قيدي-! هولناڪ يادون، جي منهنجي روح کي ڪاٽي ناس ڪري رهيون آهن-!“ آڊريان جي موجودگي هن جو مزو بگاڙي ڇڏيو هو، هن نٿي چاهيو ته هتي ڪو واقفڪار کيس ڏسي وٺي. هن آڊريان سان ٿوري گپ شپ ٻيئي ڏي ٻيهڻ ڪئي، وڻشاڻن هنکي روڪڻ ۽ ليائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن کين ڇڙٻي ڇڏيو ۽ ڪجهه رقم هنن جي اڳيان رکي اتان وڃڻ لڳو، هن جي چهري تي دک ۽ بيزاري هئي ۽ ويندي ويندي هن هڪ وڻشا جو هڪ تکو جملو ٻڌو- ”اهو پيو وڃي شيطان جو ڳماشتو-“ ڊورين

اهو ٻڌي هنکي چرپ ڏني، اتي هڪ نوجوان جهازي مزور پنهنجيون ننڍا ڪريون اکيون ٻئي وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ۽ جڏهين ٻورڙين ڪاوڙ ۾ زور سان دروازو بند ڪندو ٻاهر نڪتو ته اهو جهازي ٻه هجي پويان لڳو چڻ ٻورين جو پيڇو ڪرڻو اٿس.

ٻورين مينهن جي هلڪي ڦڙ ڦڙ ۾ بندر جي آس پاس تڪڙا تڪڙا چڪر لڳائيندو رهيو، آدريان واري ملاقات هنکي بي آرام ڪري ڇڏيو هو ۽ هو سوچڻ لڳو ته ڇا واقعي آدريان جي بربادي‌ءَ جو ذمه دار هو پاڻ آهي جيئن ٻاسل مهڻو ڏيندي چيو هو؟ نيڪ آهي تڏهين به ڇا ٿيو؟ ٻين جي ٻاري ۾ ايتري گهڻي ڏار جي ئي ڇو؟ هرڪو پنهنجو جيئڻ ٿو جئي ۽ انهي‌ءَ جيئڻ لاءِ پنهنجي ئي هڙان قيمت ٿو ادا ڪري، بس افسوس جي ڳالهه رڳو هي‌ءَ آهي جو ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي ڪنهن رواجي خطا لاءِ ڳري بها ڏيڻي پوي ٿي ۽ بار بار ڏيڻي پوي ٿي. مقدر، انسان سان پنهنجو حساب ڪتاب رکندوئي اچي ٿو ۽ انهي‌ءَ کاتي جو ڪتاب ڪڏهين به بند نٿو ڪري.

نفسيات جا ماهر چون ٿا ته ڪڏهين هيئن به ٿيندو آهي جو گناه جو احساس ۽ جذبو (يا انهي‌ءَ شئي جو احساس ۽ جذبو جنهنکي دنيا گناه چوي ٿي) انسان جي رڳ ريشي تي ايڏو اثر ڪندو آهي جو هو هڪ خوفناڪ صدمي جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ اهڙي موقعي تي مرد توڙي عورت ٻئي پنهنجي ارادي جي آزادي کان محروم ٿي ويندا آهن،

ٻوءِ هو ڪنهن مشين وانگر رواجي هڪ سستي چال هلندا وڃي ٿي پنهنجي انجام ڪي رسندا آهن، پنهنجي مرضيءَ ۽ اختيار جا مالڪ نہ رهندا آهن، هنن جو ضمير مري ويندو آهي يا جي زنده ٿي رهندو آهي تہ هنکي باغي ۽ نافرمان ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيئن تہ مذهبي اڳواڻ بہ چوندي نہ ٿڪندا آهن، سڀ ئي گناه نافرمانيءَ جا گناه هوندا آهن يعني انسان مڪمل نافرماني ڪري پورو گناهگار ٿيندو آهي. شيطان خدا جي نافرماني ڪري ئي تہ آسمان مان نازل ٿيو هو—

دورين گري جو بہ اهوئي حال هو، هنجي دل سخت ٿي چڪي هئي، هنجو سچو ڏيان بديءَ ڏانهن هو، هو داغدار هو، هنجو روح بغاوت جو بکيو بنجي ويو هو ان ڪري هو تيزيءَ سان گناه ڏانهن وڌي رهيو هو.

اتي پنڪندي هڪ طرف مور ڪاڻيندي هن ڪنهن کي پنهنجي پنيان ايندو ڏٺو ۽ اتي جو اتي ڪنهن اچي کيس سوگهو جهليو ۽ انهيءَ کان اڳ جو هو پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪجهہ ڪري انهن اجنبي هٿن`هنکي پر واري پٺ سان ڪٺي سنيو ۽ هڪدم سندس نڙيءَ تي بہ هڪڙي هٿ جو زور پوڻ لڳو. هن پنهنجو ساه بچائڻ لاءِ خوب هٿ پير هنيا ۽ نيٺ پنهنجو گلو آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اتي انهيءَ پريل بدن ۽ بندري قد جي اجنبيءَ روالور ڪڍي ورتو ۽ دورين ڏانهن ڪري جهلي بيٺو:

”تنهنجي ڪهڙي منشا آهي—؟“ دورين سهڪندي پڇيو.

”چپ رهہ، جي ذري بہ چرپر ڪيئہ تہ شوٽ ڪندو سانءِ—“

”چريو تہ نہ ٿيو آهين، سون آخر تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي-؟“

”تو منهنجي ڀيڻ سبل وين جي زندگي تباهه ڪئي آهي، هن جي موت جو تون جوابدار آهين ۽ مون قسم کنيو هو تہ هنجو بدلو وٺندس، آءٌ سالن کان تنهنجي ڳولا ۾ هوس، خدا کي ياد ڪرڻو هجنئي تہ ڪري وٺ هيءَ تنهنجي زندگي جي آخري رات آهي-“

ڊورين جو خوف ڪان ساهه ئي سڪي ويو، هو چوڻ وڃڻ لڳو:

”تون ڀليو آهين.... آءٌ تہ سبل کي سڃاڻان بہ ڪونہ، مغز تہ جاءِ اٿئي-“

”بهتر آهي تہ پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪر، اڄ آءٌ توکي ضرور قتل ڪندس-“

ڊورين کي سجهي نہ پيو تہ ڇا ڳالهائي ڇا ڪري-! نهايت ڀيانڪ صورتحال هئي، اجنبيءَ وري گير ڪئي:

”آءٌ توکي فقط هڪ منٽ جي مهلت دعا لاءِ ڏيان ٿو وڌيڪ نہ، اڄ رات ئي مونکي هندوستان ويندڙ جهاز سان وڃڻو آهي تنهنکان اڳ آءٌ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ ٿو چاهيان-“

ڊورين جون ٻانهون ڏرڪي پيون خوف کان بت ئي اهڙو نستو ٿي ويو هوس. اتي اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو ۽ هڪ اميد پيدا ٿي، هن ڇڙ رڙ ڪري پڇيو:

”ترس جوان-“ اهو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي ڀيڻ کي

فوت ٿئي گهڻو عرصو ٿيو آهي_؟“

”ارڙهن سال_“ اجنبيءَ، جيڪو سبل جو پيءُ جيمس وين ئي هو، جواب ڏنو.

”پر تون اهو سوال ڇو پيو ڪرين_؟“

”ارڙهن سال_؟“ ٻورين ٿهڪ ڏيندي چيو. ”ارڙهن سال گذري ويا آهن_؟ ميان تون مونکي ڪنهن ٻئيءَ جي هيئان بيهاري منهنجو منهن مهاندو ته ڏس_“

جيمس وين منجهي پيو، ٻورين جـو مطلب سمجهه ۾ نه آيس، پوءِ هن کي گهليندو هڪ بتيءَ وٽ وٺي آيو ۽ هنجي منهن ۾ جاچي ڏسڻ لڳو.... ٻورين جي ڇهري تي عمر جي اها پختي ڪٿي هئي_! هي ته ڪو ويهن ٻاويهن سالن جو نينگر آهي، جڏهين ته گهربل ماڻهو ته هنوقت قوه جوانيءَ ۾ هوندو، ارڙهن سال اڳ ته هي اجائي ننڍڙو ٻار هوندو، تڏهين هي ٻورين گري ناهي ڪو پيو ماڻهو آهي_! جيمس وين دولاب ۾ اچي ويو. هن ٻورين کي ڇڏي ڏنو:

”يا خدا_! مون ته توکي قتل ٿي ڪيو ڇوڪرا_!_“

”تون وڏو پاپ ڪرڻ ڪان بچي وئين ميان. مان ڪري گهر هليو وڃ ۽ پستول رکي ڇڏ متان ڪو ڪڏو ڪم نه ڪري وجهين_“

”معاف ڪجو سائين_!؟ جيمس خـوف ۽ مونجهه جـو شڪار ٿي ويو هو، ٻورين پٺ ورائي هڪ طرف هليو ويو ۽ جيمس بنال ٿيو اتي ئي بيٺو رهيو، هن جو سڄو بت رڻڻ لڳو هو، ابتري ۾ هڪ وئشا عورت جا اڳ ئي پرن واري پيت

پٺيان لڪي اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهي هئي، پير پير ۾ ڏئي اچي جيمس جي پٺيان بيٺي ۽ هنجي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين:

”ڇو هنکي قتل نہ ڪيئہ؟ بنهہ ڪو پوڪ آهين، هو وڏو پئسي وارو ماڻهو هو ۽ نهايت بدڪار بہ....“

”هي ماڻهو مونکي گهربل نہ هو، ۽ مونکي ڪنهنجي دولت نہ وڻي آهي زندگي وڻي آهي، هي تہ ڪو ننڍي چمار جو ڇيرو هو، جنهنکي آءٌ پيو ڳوليان سو تہ گهٽ ۾ گهٽ چاليهن سالن جو ماڻهو هوندو، خدا جو شڪر آهي هن ڇوڪري جو خون منهنجن هٿن تي نہ پيو-“

”ڇوڪرو-؟“ وڻشا زانيات جيڏو ٿهڪ ڏنو، ”ارڙهن سالن کان تہ هي مونوٽ ڏي ايندو رهيو آهي-! البت رنگ روپ نہ وڃايو اٿس جيئن مون وڃايو آهي....“

”قسم سان ٿي چوين تہ هي اهوئي شخص هو-؟“

”بالڪل قسم سان ٿي چوان-“ اهو ٻڌي جيمس هڪدم تيزي سان ان طرف ڊوڙيو جنهن طرف ڊورين نڪري ويو هو پر ڊورين هنکي هٿ نہ اچي سگهيو، هو مونٽي ساڳي جاءِ تي آيو تہ اها عورت بہ غائب هئي-

[١٧]

انهيءَ واقعي کان هڪ هفتو پوءِ ڊورين سان مائوٽ جي ڊيوڪ جي خوبصورت زال نواب بيگم جنهن پنهنجي سيلبي واري بنگلي ۾ دعوت ڪئي جيڪو شهر کان ٻاهر

پسگردائي ۾ ھو، اتي لارڊ هينري بہ موجود ھو ۽ ٻيون ڪيتريون زالون ۽ مرد بہ ڊورين جا مهمان هئا. پارٽي عروج تي هئي ۽ گڏوگڏ هنن جي ڪچهري بہ. هينري نواب بيگم سان دلچسپ گفتگو ۾ رڌل هو جنهن ۾ ڊورين بہ شريڪ هو:

"محترمہ! ڊورين اوهانکي ضرور ٻڌايو هوندو تہ آءٌ هر شئي جو نالو مٽائڻ جي هڪ دلچسپ رٿا تي عمل ڪرڻ وارو آهيان."

"مونکي تہ پنهنجو نالو مٽائڻو ڪونهي ۽، مسٽر گري بہ ضرور پنهنجي نالي تي مطمئن هوندو."

"اوهو، مونکي تہ فقط گلن جا نالا مٽائڻا آهن، اسين سهڻين شين جا سهڻا نالا رکڻ ۾ سدائين ناڪام ٿيا آهيون، منهنجو جهيڙو هميشه اکرن سان رهيو آهي ۽ نہ عملن سان، اهوئي تہ سبب آهي جو آءٌ ادب ۾ بيهودي حقيقت پسندي کي پسند ڪونہ ڪريان، جيڪو ماڻهو بيلچي کي بيلچو ٿو سڏي تنهن کي تہ بيلچو ئي ڪڻائجي ۽ سمجهجي تہ هو انهيءَ لائق هو."

"پلا تو کي ڪهڙي نالي سان سڏيو هينري؟"

"هينري جو نالو آهي گفتار جو بادشاه" ڊورين وچ ۾ ڳالهايو.

"نہ بابا نہ، آءٌ اوهانجو اهو لقب نامنظور ٿو ڪريان، جنهن تي ڪو ليبل لڳو سوچڻ ان ۾ هميشه لاءِ قابو ٿيو، مونکي نہ کپي اهو لقب."

"شاه ماڻهو ائين تخت ڇڏي نہ ڀڄندا آهن." نواب بيگم چيو

”ته ڇا پنهنجي تخت جو بچاءُ ڪريان-؟-“

”ها-“

”پر آءٌ بي مطلب ڳالهيون ته نه ڪندو آهيان جواوهين مونکي گفتار جو بادشاه سڏيندا، آءٌ ته مستقبل جون حقيقتون ٻڌائيندو آهيان-“

”۽ آءٌ حال جي خطائن کي وزن ڏيندي آهيان-“ سهڻا چپ وري چُريا.

”تون ته مونکان منهنجا هٿيار پڻ ٿي ڦرين-“

آءٌ تو کان تنهنجي ڍال ٿـي کسيان هينري، نيزو ته ٿي کسيان-“

”آءٌ ته حسن جو حمايتي آهيان-“

”تون حسن جو ڪجهه گهٽوڌ حمايتي ٿي پيو آهين-“

”آءٌ ته فقط ايتري حد تائين قائل آهيان ته سهڻو هجڻ سلڇڻو هجڻ کان وڌيڪ بهتر آهـي ۽ سلڇڻو هجڻ بدصورت هجڻ کان وڌيڪ بهتر آهي، بس-“

”تڏهين بدصورتي ستن وڏن گناهن مان هڪ گناه آهي-؟“

”بدصورتي ستن وڏين نيڪين مان هڪ نيڪي آهي محترمه، شراب، انجيل ۽ انهن ستن وڏين نيڪين ته انگلستان کي هُهڙو بنايو آهي جهڙو ٿيو آهي-“

”تڏهين تو کي پنهنجي وطن سان نفرت آهي-“

”آءٌ پنهنجي وطن ۾ ئي ته رهان پيو-“

”ته جيئن ان تي بهتر طريقي سان تهمتون مڙهي سگهين-“

”سچو يورپ تو تهمتون هڻي-“

”اسانجي قوم وڏا ڪارناما به ڪيا آهن.“
”اهي ڪارناما اسانتي مڙهيا ويا آهن.“
”قوم ترقي به ڪئي آهي.“
”قوم جو تنزل مونکي وڌيڪ موهيندو آهي.“
”فن بابت ڇا راءِ آهي؟ هينري.“
”فن هڪ مرض آهي.“
”۽ محبت؟“
”هڪ سراب.“
”مذهب؟“
”عقيدي جو جديد عيوضي.“
”تون ته دهريو آهين.“
”هرگز نه، دهريت ته ايمان جي ابتدا آهي.“
”تون آخر ڇا آهين.“
”پنهنجي حقيقت سمجهائڻ معنيٰ پاڻ کي پابند ڪري ڇڏڻ.“
”پر به ڪو اشارو ته ڏي.“
”منجهيل سٽ. مهاچار ۾ رستو نه وڃائي ويهين.“
خوبصورت نواب بيگم هينري جي گفتگو مان خوف محسوس ڪرڻ لڳي، هن موضوع بدلائڻ جي صلاح ڏني ته هينري ڊورين کي ڪٺي گفتگو جو موضوع بنايو.
”جيڪو ماڻهو هر دلعزيز ٿيندو آهي تنهن جا دشمن به هيڪاندا هوندا آهن.“ هينري چيو.
”اوهين مرد اکين وسيلي عشق ڪندا آهيو ۽ اسين

عورتون کان وسيلي، جي واقعي محبت ڪندا به آهيو ته."

"منهنجي خيال ۾ اسين انهيءَ ڪانسوءِ بيو ڪو ڪم ڪندائي نه آهيون." ٻورين چيو.

"نڌهين ته اوهين صحيح معنيٰ ۾ محبت ڪندائي نه آهيو."

"ائين ڪيئن ٿي چوين محترم" هيٺري چيو. "محبت قائم ٿي ورجاءَ سان هوندي آهي، ماڻهوءَ جو هر عشق پهريون عشق هوندو آهي، محبوب بدلجندو رهندو آهي جذبو بڪتا هوندو آهي، انسان زندگيءَ ۾ فقط هڪڙي تجربي جو ڪمال حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ زندگي جو راز هي آهي ته انهيءَ هڪڙي تجربي کي ورجائيو رهجي، جيترو ٿي سگهي گاهي گاهي ان کي ٿي ورجائجي."

"چاهي انهيءَ تجربي مان هنگي زخم مليا هجن؟"

"انهيءَ صورت ۾ ٿي ته انکي ضرور ورجائڻ کپي."

ان وچ ۾ ٻورين ٿوري دير لاءِ اٿي باغ ڏانهن هليو ويو ته هيٺري نواب بيگم کي چيو:

"تون هن سان ڪريل انداز ۾ ناز نخرو ٿي ڪرين، هوشيار رهندي ڪر هي نوجوان جادوءَ جو اثر ڪندڙ اٿئي."

"مهڙن جوانن تان ته لڙايون لڳي ويندي آهن."

"تون لغام ڍرو ڇڏي پئي گهوڙو ڊوڙائين."

"انهيءَ ڊوڙ ۾ ته زندگي آهي."

"اج آءٌ پنهنجي ڊائري ۾ وچي لکندس ته هڪ باه جو سڙيل ٻار باه سان محبت ڪري رهيو آهي."

"مونکي ته اجا لهس ٻه ڪاله لڳي آهي، منهنجا پَر

اجا سلامت آهن."

"انهن سان تون اڏامڻ ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪم وٺي سگهين ٿي."

اوچتو باغ وٽان ڪنهن جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ ان سان گڏ ئي ڪنهن جي فرش تي ڪرڻ جو آواز ٿيو، سڀئي مهمان خوف کان اٿي کڙا ٿيا ۽ نواب بيگم ته ٻي سرت ٿي بيٺي رهي، هينري جي اکين ۾ به خوف جهلڪا ڏيڻ لڳو انهيءَ ڏي حالت ۾ هو ڊوڙندو باغ ڏانهن ويو ۽ ڪجهن جي وڻن جون جهالرون هٽائي ڏٺائين ته گنڊري جي پڪي فرش تي ڊورين ڳري منهن ڀر ڪريو پيو هو بالڪل بيهوش هو. هنکي هڪدم کڻي ڊرائنگ روم ۾ آڻي هڪ صوفي تي ليٽايو ويو. ٿوري دير ۾ هنکي هوش اچي ويو ۽ هو وائڙن وانگر سخت خوف جي حالت ۾ چوطرف نهارڻ لڳو:

"ڇا ٿيو آهي؟" هن سوال ڪيو. "ها ياد آيو، هينري، هتي ته آءٌ محفوظ آهيان نه؟" ائين چوندي هو ڪنبڻ لڳو هو.

"ڊورين، پيارا تون فقط بيهوش ٿي ويو هئين بس ٻيو ڪجهه نه ٿيو آهي، شايد گهڻو ٿڪي پيو آهين، بهتر آهي تون ڊنر تي نه ويهجان، تنهنجي بدران آءٌ تنهنجي مهمانن جي آجيان ڪندس."

"نه، آءٌ ڊنر تي به موجود هوندس." هو صوفي تان اٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. "مونکي هوئڻ به اڪيلو نه رهڻ کپي."

هو ٻنهي جو لباس پائي اچي مانيءَ واري ميز تي ويٺو، ظاهر ۾ هن جو انداز بي نيازي ۽ بي پرواهي وارو هو، هو سيني سان ڪلمندو رهيو پر- ٿوري دير اڳ گندري ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺو هئائين سو نظارو رڪي رڪي هنجي اکين اڳيان ڦري تي ويو ۽ هو خوف کان ڪنبڻ تي لڳو. گندري جي دريءَ جي ٻاهران هن جيمس وين ڪي بيٺو پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏٺو هو-!

[١٨]

ٻي ڏينهن هو گهر کان ٻاهر نه نڪتو ۽ گهڻو وقت پنهنجي ڪمري ۾ ئي گذاريائين. هن تي موت جو خوف طاري هو پر، ائين به نه هو ته زندگي ۽ زنده رهڻ سان به اوتروئي چاه هجيس، هو هاڻي خود زندگيءَ سان به بي رخي ڪرڻ لڳو هو. هاڻي هنکي هر وقت اهو احساس جهوريندو ٿي رهيو ته ڪو سندس خون جو پياسو سندس پويان پيل آهي، سندس پيڇو ڪيو وڃي ٿو ڪيس اک ۾ رکيو وڃي ٿو- هاڻي ته دريءَ تي پردو به هوا ۾ لڏڻ لڳندو هو ته هوهراسجي ويندو هو، وڻن ۽ ولين جا سڪل پن سندس ڪمري جي دريءَ جي شيشن سان اچي ٽڪرڻ لڳندا هئا ته هن کي لڳندو هو سندس اجايا ايرادا ۽ انڌا پڇتاءَ آهن جي چڙو چڙ ٿي ٽڙي پکڙي رهيا آهن. هو اکيون پوريندو هو ته به جيمس وين جي چهري کي دريءَ مان گهوريندو ڏسندو هو ۽ ڊپ کان وياڪل ٿي ويندو هو.

هو سوچڻ لڳو:- ”تي سگهي ٿو اهي سڀ محض منهنجا وهم ۽ وسوسا هجن منهنجي گهٽي سوچ جو نتيجو هجي، حقيقي زندگي ته هوندئن به مونجهاري جو ڏي ٻيو نالو آهي پر تصور جو هڪ منطقي پهلو به آهي، اهو تصور ڏي آهي ڪيڪو پشيماني کي گناه جا پيرا ڪٽڻ جي ڪم تي ٿو لڳائي— تصور ۾ پهرين پشيماني پئدا ٿئي ٿي جا پوءِ پنهنجي جوان لاءِ ڪو نه ڪو گناه ڳولي وٺي— . اهو تصور ئي آهي جنهن ۾ انسان جا سڀ ڏي باپ اچو ڳاهٽ ٿيو وڃن، رواجي عملي دنيا ۾ نڪا بدڪار کي سزا ٿي ملي نڪا نيڪوڪار کي جزا، زور واري کي ڪاميابيون عطا ڪيون ٿيون وڃن ۽ ناڪاميون ڪمزورن جي حصي ۾ ٿيون اچن، بس ٻيو ڇا. اهو سڀ سوچ ويچار جي حاصلات آهي نه ته پلا ڪو ماڻهو اچي ڊريءَ مان جهاتي پائي ته جيڪر نوڪر چاڪر نه ڏسي وٺنس—؟ تڏهين اهو سڀ منهنجي هيڪاندي سوچ جو نتيجو آهي. سبل وين جي پاءُ کي منهنجي اٿي پٽي جي ڪهڙي خبر، هو خبر ناهي ڪهڙي ديس ۾ پيو سمونڊ جهاڳي، باقي اهو ماڻهو جنهن مونتي حملو ڪيو، تنهن ڪان آءٌ پنهنجي جوين ۽ جمال جي نقاب سبب بچي ويس—!

پر جي اهي سڀ منهنجي خام خالي آهي ته به هي قدرت جي ڪهڙي نه عجب جهڙي سٽا آهي جو ضمير يا اندر آتما منجهان اهڙيون هيبتناڪ شڪليون نهيو پون ۽ جيئرن جاڳندن جيئون وانگر اچو اکين آڏو بيهن، ۽ چرن پرن به—! ۽ جي انهن ئي ٿيندو رهيو، اهڙيون خوفناڪ شڪليون

ڏيکاڙي ڏينديون رهيون، منهنجو گناهه منهنجو پاپ طرح طرح جا ڊيڄاريندڙ ويس ڌاري مونکي گهوريندو مونکي ويچارا ڏيندو منهنجن ڪنن ۾ سرٻاٽ ڪندو رهيو، مونکي ننڊ مان ڇرڪائيندو رهيو، ته منهنجي حياتي ڪيئن گذرندي—؟—"

اهي خيال هنکي ستائيندا رهيا، ڏوهه جو احساس هنکي ڊيڄاريندو رهيو.— ۽ شام جو ڇهين وڳي ڌاري هينري وٽس آيو ته هنکي روئندو ڏٺائين ڇڻ دل اڇها ٿي ٿي پيس—!

ٻه ڏينهن هو گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو حوصلو نه ساري سگهيو. ٽئين ڏينهن هنجي دل ڪجهه هلڪي ٿي سو ٻه انڪري جو خود سندس سياءُ ٿي انهيءَ هيڪاندي ذهني پيڙا جي خلاف بغاوت ڪري بيٺو جنهن سندس سڪون تباهه ڪري ڇڏيو هو. جن ماڻهن جي سياءَ ۾ شيلتا هوندي آهي نزاڪت هوندي آهي لطافت هوندي آهي تن سان ائين ٿي ٿيندو آهي، اهڙي ماڻهوءَ جا جذبات يا ته ٻُڏي ويندا آهن ۽ وقت جو ساٿ ڏيندا آهن يا پاڻ پيسجي ٻي اثر ٿي ويندا آهن، يا پاڻ ناس ٿي ويندا آهن يا انسان کي ٿي ماري ڇڏيندا آهن. سڪڻو سطحي عشق ۽ سڪڻو سطحي غم، اهي ٻئي امر هوندا آهن، جڏهين ته گهرو عشق ۽ گهرو غم اهي ٻئي پنهنجي ٿي مهان شڪتي جي هٿان پيسجي مري ويندا آهن. هن پنهنجي سياءَ ۾ هي ڦيرو آندو جو پنهنجي انهيءَ ڊڄندڙ جهجهندڙ حالت تي پاڻ سان نفرت ڪرڻ جي بدران پاڻ تي رحم کائڻ ۽ پاڻ سان همدردي ڪرڻ لڳو.

نيرن کائڻ بعد هن پهرين پنهنجي مهمان نواب بيگم

سان گڏجي سير ڪيو ۽ پوءِ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي پسگردائي واري ٻيلي ۾ هڪ شڪار پارٽي سان وڃي مليو، اتي هن نواب بيگم جي پاءَ سر جيوفري سان ڪجهه گپ شپ ڪئي جو پڻ سندس مهمان هو ۽ پوءِ اڪيلوئي هڪ طرف ٿي ٻيل شڪار ۾ مشغول ٿي ويو. ٻيلي جي رومانوي فضا، وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن تي جرڪندڙ اس، شڪاري هاڪارن جون رکي رکي ٿيندڙ هڪلون ۽ هوڪا، بندوقن جا ٺڪاءَ - انهيءَ وائي منڊل ۾ هن کي گهڻي سرهائي ٻي ملي، پاڻيانئين ته هر غم ۽ فڪر کان آزادي ملي وئي آهي:

اوچتو هنن جي سامهون اٽڪل ويهه وال پريرو ٻوٽن جي هڪ گهاٽي جهڳٽي مان هڪ سهو نڪري آيو ۽ هڪ ٻي جهڳٽي ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. سر جيوفري سهي کي ڏسي ورتو ۽ هڪدم پنهنجي بندوق سڌي ڪيائين، پر ـــ ڊورين کي انهيءَ معصوم جانور تي ڪجهه اهڙو پيار آيو، انجي چال ۽ چر پر ۾ ڪا اهڙي سونهن نظر آئي جو هن هڪدم رڙ ڪري جيوفري کي فائر ڪرڻ کان روڪيو:

”گولي نه هلائجان جيوفري ـ! هن کي ڇڏي ڏي ته زنده رهي.“

”اهي وري ڪهڙي پوڪپائي آهي يار.“ سر جيوفري به رڙ ڪئي ۽ جيئن ئي سهو هنجي سامهون واري وڻن جي جهڳٽي جي آڏو سندس نشاني ۾ آيو هن هڪدم فائر ڪري ڇڏيو ـــ ۽ اتي هڪ ئي وقت ٻه دانهون ٻڌڻ ۾ آيون ـ! هڪڙي سهي جي هلڪي دانهن ۽ ٻي ـــ ڪنهن ماڻهوءَ

جي رڙ-!

”افوه -! منهنجي گولي ته ڪنهن هاڪاري کي وڃي لڳي-!“ جيوفري رڙ ڪئي - ”آخر انهيءَ گڏه کي بندوق جي سامهون اچڻ جو ڪهڙو ڪم هو، نهيو شڪارموقوف ڪريو، مور گهو هڪڙو ماڻهو ٿي ڏکي وڌوسين-“

هاڪارن جو جمعدار هٿ ۾ لٺ کنيو ڊوڙندو آيو،

”ڪٿي سائين-؟ ڪٿي ڪريو آهي همراه-!-“

سر جيوفري وڻن جي جهڳٽي ڏانهن اشارو ڪيو:

”اجهو اتي، ڪمبختو پنهنجن ماڻهن کي جائتو ڇو نٿا رکو، منهنجو شڪار جو لطف ئي بگاڙي ڇڏيو-!-“

ٻورين اهو سڄو اتفاق ڏسندو رهيو، هو سڀ انهيءَ جهڳٽي ۾ داخل ٿيا ۽ ٿوري دير ۾ ئي هڪ انساني جسم کي گهليندا آيا ۽ اچي کلي جاءِ تي اس ۾ رکيائون. هن هڪدم ٻويان پير ڪيا، هڪ خوفائتو احساس هنکي وڪوڙي ويو-

”هي ڇا آهي جو آءٌ جتي به وڃان ٿو اتي ڪو نه ڪو اهڙو منحوس واقعو ٿيو پوي-؟ بدبختي منهنجو پيڇو نه ٿي ڇڏي-!-“ پريان ڪان هن جيوفري جي سوال جي جواب ۾ جمعدار جا اکر ٻڌا ته اهو همراه فوت ٿي چڪو آهي— ٻيلي جي هر شئي ۾ ڇڙ ساه پئجي ويو، هر شئي کي هڪ ڀوائتي شڪل ملي وئي هئي، هزارين ٻيرن جا ڪڙڪا، هزارين آواز—!

ٿورو وقت گذريو — پر اهو ٿورو وقت هن لاءِ هڪ نه ختم ٿيندڙ عذاب ۽ پيڙا جو دور هو— جو هينري اچي

سندجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ هن کي تسلي ڏئي گهرڏانهن وٺي هليو. رستي ۾ ڊورين هينري کي چيو:

”ڏاڍو برو سوڻ ٿيو هينري.“ هن ڏکهو ٿڌو ساهه کنيو.

”برو سوڻ؟ ڪهڙو؟ ها، اهو حادثو، خير انهيءَ جي ڳڻتي ڪرڻ اجائي آهي. اهو ته ثابت ٿي ويندو ته گولي هنکي اتفاقي لڳي جو هو شڪارين جي سامهون اچي ويو هو، پيو ته پاڻ ڇو ڳڻتي ڪريون. گولي جيوفري هلائي هئي، هن لاءِ ڪو مسئلو ٿئي ته ٿئي، پر خير پاڻ ڇو انهيءَ جي پچار ڪريون؟“

”مونکي ڪتڪو ٿي پيو آهي هينري، اهو اسان مان ڪنهن لاءِ مون لاءِ برو سوڻ نه ثابت ٿئي.“ ڊورين اکين تي هٿ رکندي چيو ڇڻ اکيون ڏکنديون هجنس. هينري ٽهڪ ڏنو:

”يار ڊورين، دنيا جي رذيل کان رذيل شئي آهي بيزاري، حالات جي نتيجي ۾ ٻت کان بيزار ٿيڻ، اهو هڪڙو گناهه اهڙو آهي جنهنجي ڪا بخشش ٿي ڪانهي، رهيو بري يا ڀلي سوڻ جو سوال، سو سوڻ جهڙي شئي جو ڪو وجود ئي ناهي دوست، مقدر ڪڏهين نياپا نه موڪليندو آهي نه اڳواٽ خبردار ڪندو آهي. انهيءَ معاملي ۾ مقدر يا حد کان وڌيڪ ظالم آهي يا حد کان وڌيڪ سياڻو، جيڪي ڪجهه ڪرڻو هوندو اٿس بنان اطلاع جي سانت ميٺ ۾ ڪري ويندو آهي، بري ۽ سٺي سوڻ جو ڪهڙو سوال. تنهن ڪانسواءِ آخر توتي انهيءَ معاملي جو ڪهڙو اثر ٿو ٿي سگهي، تو

وت هر طرح جي نعمت آهي هرڪو تو جهڙو ٿيڻ جي سڌ ڪندو هوندو.“

”آءٌ پاڻ ئي پنهنجي سان اهڙي ريس ڪندڙ آهيان هينري..! تون ڪلهجانءِ نه، مونکي ته انهيءَ فوتيءَ سان ئي پئي ريس ٿئي جو هو هنوقت مونکان بهتر هنڌ تي پهچي ويو آهي، مونکي موت جو ڪوبه خوف ڪونهي، پر موت جي اچڻ جي جا رفتار آهي تنهن منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، گهوڙي هوا ۾ موت جي فرشتي جي پکن جو آواز منهنجن ڪنن ۾ سدائين پيو ٻرندو آهي.... ڏس هينري..! ڪو مائهو پريان وڏڪار جي پويان نه پيو چڙي پري——؟ ڪو آهي جو مونکي جاچي پيو، مونلاءِ ئي بيٺو آهي.!“

هينري انهيءَ طرف نهاريو جنهن طرف ڊورين پنهنجي ڏڪندڙ هٿ سان اشارو ڪيو هو:

”ها.. مالهي تنهنجي انتظار ۾ بيٺو آهي، شايد توکان گلن بابت ڪجهه پڇندو، پر يار تون ڪجهه وڌيڪ ماندو پيو ڏسڻ ۾ اچين، خير شهر هلي مونواري ڊاڪٽر کي ضرور طبيعت ڏيکارجانءِ.“

ڊورين مالهيءَ کي ڏٺو ته دلجاءِ ٿيس، مالهي به اڳتي وڌي هنن کي سلام ڪيو ۽ هڪ چٺي ڊورين کي ڏيندي چيو:

”حضرت نواب بيگم صاحبه جواب گهريو آهي سائين.“

”تون وڃي ڪيس ٻڌاءِ ته آءٌ پاڻ اچان پيو.“ ڊورين چٺي وٺي کيسي ۾ وجهندي چيو. مالهي سلام ڪري هليو ويو ته هينري ڪلندي چيو:

”عورت ذات به عجيب ذات آهي، خطري وارا ڪم ڪرڻ جي هميشه ٿي شوقين، تيسيتائين هر ڪنهن سان ناز نخرا ڪنديون جيسين ڪو ڏسڻ وارو ڏسندو هجي۔“

”۽ تون وري خطري واريون ڳالهيون ناهڻ جو هميشه ٿي شوقين، هينري، نواب بيگم سان مونکي بيشڪ گهڻو چاه آهي پر عشق ڪونهي۔“

”۽ نواب بيگم کي وري ته وسان چاه گهٽ ۽ عشق گهڻو آهي، حساب مڙئي برابر آهي۔“

”تون ڪنهن اسڪينڊل جهڙي ڳالهه پيو ڪرين جڏهين ته هتي ڪنهن اسڪينڊل جو بنياد ئي ناهي۔“

”اسڪينڊل جو بنياد آهي يقيني بداخلاقي ۽ بس۔“ هينري سگريٽ دکائيندي چيو۔

”تون ته پنهنجي هڪ ٽوڪي لاءِ ڪنهن جو سر وڍندي دير نه ڪرين۔“

”ماڻهو پاڻ ئي پيا پنهنجا سر قربان ڪندا آهن آءٌ ڇا ڪريان۔“

”هينري۔! سچ ته منهنجي به دل چوي ٿي ڪنهن سان محبت ڪريان، ڏاڍي محبت ڪريان۔“ ڊورين ڏاڍي دک ۽ ارمان سان چيو۔ ”پر ڇا ڪريان، مونکي الائي ڇا ٿي ويو آهي، جذبات ۽ خواهشن ڪان ته چڻ ٻنهه عاري ٿي ويو آهيان، رڳو پنهنجي ذات ۾ غرق ٿي ويو آهيان، منهنجي پنهنجي شخصيت مونتي بار بنجي وئي آهي، پانيان ڪنهن طرف منهن ڪري هليو وڃان ۽ سيڪجهه وسارڻ جا جتن ڪريان،

ناحق هٿي آيس، پاڻيان ته هاروي کي تار ڪريان ته آگ بوٽ تيار رکي ۽ آءٌ اتي هليو وڃان، آگ بوٽ تي ماڻهو محفوظ هوندو آهي نه؟“

”ڇا ڪان محفوظ ٿيڻ تو چاهين يار، مونکي ٻڌاء ته سهي توسان ڪهڙو معاملو آهي، توکي مونمان سهائتا جي ته اميد هوندي.“

”آءٌ توکي ڪجهه نٿو ٻڌائي سگهان، بس انهيءَ حادثي مونکي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، مونکي لڳي ٿو ڄڻ مونسان ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.“

”ڪهڙيون ناداني جون ڳالهيون ٿو ڪرين.“

”خدا ڪري اها محض منهنجي ناداني ئي هجي، پر آءٌ اهڙي احساس کان پاڻ بچائڻ کان به لاچار آهيان.“ هو ڳالهيون ڪندا بنگلي کي ويجها اچي رسيا.

اتي نواب بيگم به اچي پهتي.

”آءٌ جتان ڪٿان اوهانجو پڇائيندي وتان مسٽر گري، جيوفري ڏاڍو پريشان آهي.“

”ڳالهه ئي اهڙي ٿي آهي.“ هينري وچ ۾ ڳالهايو.

”۽ سچ پڇ جيڪڏهن هن هاسيڪار اهو قتل ڪيو آهي ته ڪهڙو نه دلچسپ ماڻهو ٿيو، مونکي ڪنهن سچي پچي قاتل سان ملي ڏاڍي خوشي ٿيندي.“

”هينري تون به سوچي سمجهي ته ڳالهائيندو ڪر.“ نواب بيگم رڙ ڪئي.

”ڏس ته سهي ٻورين جي طبيعت بگڙڻ لڳي آهي.“

ڊورين بيهوش ٿيندي ٿيندي پاڻ سنڀاليو ۽ مرڪڻ لڳو.
ڪا ڳالهه ناهي، بس ڪجهه نستائي آهي، شايد اڄ پنڌ گهڻو ڪيو اٿم ان ڪري، ۽ مون ته هينري جي ڳالهه ئي نه ٻڌي، ڇا ڪا اڻوڻندڙ ڳالهه چيئه هينري-؟ خير ڪنهن ٻي وقت ٻڌائجان، هنوقت اجازت ڏيو ته آءٌ وڃي ڪجهه آرام ڪريان اميد ته ٻرو نه پائيندا-"
هو ڊورين ڪي مٿي سندس ڪمري ۾ پهچائي آيا. هينري نواب بيگم کي اڪيلو ڏسي چيو:
"توکي سچ پچ ڊورين سان عشق آهي-؟-"
"ڪاش-! مونکي اهڙا چاڻ ه جي ها!" نواب بيگم ڪجهه ترسي پوءِ جواب ڏنو.
"چاڻ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي، شڪ ۾ ڏاڍو لطف آهي، ڏس ته ڪوهيڙي ۾ شيون ڪهڙيون نه وڻندڙ ٿي پونديون آهي-"
"ڪوهيڙي ۾ ته ماڻهو رستو ڀلجي سگهن ٿا-"
"سڀني رستن جو ماڳ هڪڙو ئي هوندو آهي-"
"۽ اهي ماڳ ٿي ڇا هوندو آهي-؟"
"اتي سپنا نه هوندا آهن سراپ نه هوندا آهن، سڀڪجهه ظاهر هوندو آهي-"
مٿي پنهنجي ڪمري ۾ ڊورين هڪ صوفي تي ليٽيو پيو هو، هن جي رڳ رڳ ۾ خوف ۽ دهشت جو احساس گهر ڪري ويو هو، زندگي هنکي هڪ نهايت وحشتناڪ ٻوجهه محسوس ٿيڻ لڳي هئي، بدنصيب هرڪاري جي موت هنکي

خود پنهنجي موت جو نقشو ڏيکاري ڇڏيو هو ۽ هينري جي چرچي ٿي چرچي ۾ چهل جملي کي ساري هنجي دل ٻڌڻ لڳي هئي.

شام جي پنجين وڳي هن نوڪر کي سڏي سامان ٻڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ بگيءَ واري کي چوائي ڇڏيو ته رات واري گاڏيءَ تي پهچائڻ لاءِ سادي انين وڳي بگي موجود ڪري هن کنهن به صورت ۾ پنهنجي انهيءَ سيلبي رائل واري بنگلي ۾ اها رات رهڻ نٿي گهريو ۽ شهر واپس وڃڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو. هتي هنکي چانڊوڪيءَ ۾ موت جو ڀوت هلندو ۽ ڳاه جي پنن تي رت جا ڇٽا ٿي ڏسڻ ۾ آيا.

تنهن بعد هن هينري ڏانهن هڪ چٺي لکي ته پنهنجي ڊاڪٽر ڏانهن سچانسپ ۽ سفارش جو خط لکي ڏي. اڃا اهـا چٺي لفافي ۾ ٿي وجهڻ لڳو هـو جو دروازي تـي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر اچي اطلاع ڏنـو ته جمعدار سائس ملڻ چاهي ٿو. هن جمعدار کي اندر گهرايو ۽ هن جي ايندي ئي پنهنجو چيڪ بوڪ ڪيڏي پين سنڀالي هن سان مخاطب ٿيو:

”تون صبح واري افسوسناڪ واقعي جي سلسلي ۾ آيو آهين_؟“ ”ها سائين_“

”ڇا هو شادي شده هو؟ ۽ کي ٻار ته هئس؟ جي ائين آهي ته هنن کي بي واهو نه ڇڏيـو، تـون جيتري بـه رقم ضروري سمجهين مونکي ٻڌاءِ ته آءٌ چيڪ لکي ڏيان_“

”سائين اسين ته فوتيءَ کي سڃاڻون ٿي ڪون، الائي ڪير هو، اهو معلوم ڪرڻ ته آءٌ اوهانوٽ آيو آهيان_“

”ڇا-؟ اوهين هنگي نہ سڃاڻو-؟ تہ ڇا هو اوهانجو ماڻهو نہ هو-؟“

”نہ سائين، اسان تہ هنگي ڪڏهين ڏٺو بہ نہ هو، ڪو خلاصي ٿو پاڻئجي سائين-“

قلم بورين جي هٿ مان ڇڏائجي ويو، هنجي دل ٻهڻ لڳي-!

”خلاصي-؟، ڇا چيئہ هو ڪو خلاصي هو-؟“

”سائين هن جا پار پتا تہ خلاصين جهڙا هئا، ٻنهي پاڻهن تي تروڪڙي لڳل هئي-“

”هن جي نالي جي خبر پئي-؟“

”نہ سائين، منهن مهاندبو تہ چڱو هوس پر حالت چڱي نہ هئس سائين، هو تہ ڪو خلاصي-“

بورين ٽپ ڏئي اٿي کڙو ٿيو، اندر ۾ زبردست اميد جي ڪا لاٽ ٻرندي محسوس ڪيائين-!

”هن جو لاش ڪٿي آهي-؟ هل هلي مونکي ڏيکار، هينئر جو هينئر-“

ٿوري ئي دير ۾ بورين پنهنجو گهوڙو پاڻ تيار ڪري انکي فارم ڏانهن ڊوڙائيندو ٿي ويو۔ انهيءَ فوتيءَ جو لاش فارم جي هڪ خالي ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويو هو۔ اتي پهچي هو انهيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌندي ڪن پل لاءِ هڪي ٻڪي بيهي رهيو—

— هو هڪ اهڙي شئي ڏسڻ وارو هو جنهن مان هنگي ا خاطري ملڻي هئي يا وڏيڪ پريشاني پلئہ پوڻي هئي-

خاطري، جنهنجي نتيجي ۾ سندس زندگي تباهي کان بچي سگهي ٿي ۽، وڏيڪ پريشاني، جنهنجي نتيجي ۾ سندس زندگي وڌيڪ برباد ٿي سگهي ٿي.

هو دروازو کولي اندر داخل ٿيو، فوٽيءَ جو لاش ڪوٺيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪوچ جي هڪ سٽي تي رکيو هو، هنجو منهن هڪ چٽڪمڙي رومال سان ڍڪيل هو، پر ۾ هڪ بوتل ۾ ڪپاٿي رکيل ميڻ بتيون ٻرندڙ هيون. ڊورين رومال هٽائي هن جو منهن ڏسڻ لاءِ هٿ وڌايو پر خوف ۽ بي همتيءَ سبب رومال کي ڇهي به نه سگهيو، نيٺ، هن هڪ ڪڙميءَ کي سڏ ڪري رومال هٽائڻ جو حڪم ڏنو، ڪڙميءَ حڪم جي تعميل ڪئي، ڊورين اڳتي وڌي لاش جو چهرو ڏٺو ۽ خوشيءَ کان هنجو منهن ٻهڪڻ لڳو. اهو لاش سبل وين جي ڀاءُ جيمس وين جو هو!

۽ جڏهين هو واپس موٽي رهيو هو ته هنجي اکين ۾ لڙڪ هئا. انهيءَ احساس جي شدت کان، ته هاڻي هو محفوظ آهي.

[١٩]

”هاڻي مونکي اهو چئو پيو ٻڌائين ته تون نيڪ بنجڻ جي تيارين ۾ آهين.“ لارڊ هينري پنهنجون خوبصورت آڱريون گلاب جي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ پيالي ۾ وجهندي تکي آواز ۾ چيو. ”بس تون هونئن ئي هر لحاظ کان نيڪ آهين، مهرباني ڪري پاڻکي بدلائڻ جي ڪوشش نه ڪر.“

”نه هينري نه.“ ٻوڙين کنڌ لوڏيندي چيو. ”مون زندگيءَ ۾ گھڻائي ڪڏا ڪم ڪيا آهن، بس هاڻي وڌيڪ ڪو برو ڪم نه ڪندس، مون ڪلهه کان ئي نيڪ ڪمن جي شروعات ڪري ڇڏي آهي.“

”ها. ڪلهه تون هئين ڪٿي..؟“ هينري پڇيو.

”ڪلهه آءٌ هڪ ڳوٺ ۾ وڃي هڪ ننڍڙي سراءِ ۾ ترسيو هوس.“

”جاني..! ڳوٺ ۾ رهي نه. هرڪو ماڻهو نيڪ بڻجي سگھي ٿو، اتي جذبات کي اڀارڻ واري ڪا شئي ئي ناهي، ڳوٺاڻا ماڻهو انهيءَ ڪري نه اڻ سڌريل هوندا آهن. مهذب هئڻ ڪا سولي ڳالهه ناهي، انهيءَ منزل تي پهچڻ جا نه فقط ٻه ئي رستا آهن ـــ هڪڙو رستو آهي سڌاري جو ۽ ٻيو آهي بگاڙ جو. ڳوٺاڻن ويچارن کي نه هي رستو ٿو ملي نه هو، نه هيڏانهن جا نه هوڏانهن جا، تنهنڪري سدائين ٺاڏيءَ ۾ ماٺار ۾.“

”سڌارو ۽ بگاڙ ٻئي هڪ هنڌ به رهي سگھن ٿا..؟ انهيءَ خيال کان به مونکي پڻو ٿو ٿئي، هينري آءٌ سچ پچ پاڻکي بدلائي رهيو آهيان.“

”پر تو مونکي اهو نه ٻڌايو ئي ڪونه ته ڪهڙي نيڪ ڪم سان شروعات ڪئي اٿئي.“

”ٻڌ، آءٌ توکي ٻڌايان ٿو اها ڪهاڻي ٻـي ڪنهنکي ٻڌائڻ جهڙي به ناهي، ٻڌ، مون هڪ ڇوڪريءَ کي گناهه تي راضي ڪيو ۽ پوءِ گناهه ٿيڻ کان اڳ ئي هنکي ڇڏي

ڏنم ـــ ظاهر ۾ هي هڪ بي مقصد ڳالهه ٿي پائنجي پر تون ضرور سمجهي ويو هوندين تہ منهنجي انهيءَ عمل جو ڇا مقصد هو، هوءَ هڪ خوبصورت ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، بالڪل سبل وين جهڙي، سبل ـ! هاءِ اها ڪهاڻي ڪيڏي نہ پراڻي ٿي چڪي آهي ـ! خير، مونکي هن ڇوڪري سان بيحد محبت هئي، آءٌ هفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا هنسان ملڻ لاءِ هنجي ڳوٺ ويندو هوس، ڪلهہ هوءَ مونکي هڪ باغيچي ۾ ملي، اتي هوءَ منهنجي هر خواهش پوري ڪرڻ تي راضي ٿي وئي ۽ ٻي ڏينهن صبح جو مونسان پنهجي هاڻ جو پڪو وعدو ڪيائين، پر پوءِ مون هن کي بي داغ ڇڏي ڏيڻ جو پختو ارادو ڪيو ۽ کيس انهيءَ حالت ۾، بي داغ بي گناه ۽ بي عيب، ڇڏي ڏنم“

”۽ آءٌ پانيان ٿو تنهنجي انهيءَ اڇوتي خيال ۽ اڇوتي عمل تو کي خوشين جي مستيءَ مست ڪري ڇڏيو هوندو.“ هينري ٻورين جي ڳالهہ پوري ٿيڻ نہ ڏني ـ ”پر آءٌ هيئن چئي ٿو تنهنجي ڪهاڻيءَ کي ختم ڪريان تہ تو هن کي هڪ سٺو سبق ڏئي هنجي دل ٽوڙي ڇڏي، نيڪ بڻجڻ جي شروعات بہ اجها ائين ڪئي اٿئي ـ!“

”توبهہ هينري، ڪيڏو نہ ڪئور آهين جو اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين، هيٺي ـ هن جو اهوئي نالو آهي ـ دل شڪستي نہ ٿي آهي، برابر مونکان جدا ٿيڻ وقت هوءَ روئڻ لڳي هئي، دلگير ٿي هئي، پر هوءَ ذلت کان جا بچي وئي، هوءَ خوش رهندي....؟

”۽ پنهنجي محبوب جي بيوفائيءَ تي روئندي رهندي.“ هينري ڳالهائيندي چيو.

”ڊورين يارتون اڄ ڪلهه ڇوڪرن جهڙا ڪم ٿو ڪرين، سوچ ته سهي هاڻي جا هن غريب جي شادي سندس ئي حيثيت جي ڪنهن ڪهري ڪرڏي ڪڙميءَ سان ٿي ويندي ته ڇا هوءَ پنهنجي مڙس سان محبت ڪري سگهندي ۽ خوش رهندي؟ جڏهين ته هوءَ تو جهڙي نفيس ۽ باحيثيت شخص جو پيار ۽ آر ڏسي چڪي آهي، ظاهر آهي هنجي حياتي برباد ٿي ويندي، بهرحال تنهنجي شروعات ئي خاطر خواه نه ٿي.“

”هينري! تنهنجيون ڳالهيون منهنجي برداشت کان ٻاهر آهن، تون هميشه هر ڳالهه تان ٺٺول ڪندو آهين ۽ پوءِ نهايت پياري صلاحون ڏيندو آهين، مون ناحق توسان ڳالهه ڪئي، خير مون جيڪي ڪيو نيڪ ڪيو، تون پنهنجون نصيحتون پاڻوٽ رک. هاڻ ٻي ڪا خبرچار ڪر.“

”ٻي خبر هيءَ آهي ته ماڻهو باسل هالورڊ جي گم ٿيڻ جي اچا ٻه چوٽچو پيا ڪن.“

”هون!“ ڊورين منهن ۾ گهنڊ وجهندي ۽ بوتل مان شراب اوتيندي چيو. ”مون ته سمجهو هو ماڻهو هنکي وساري چڪا هوندا.“

”انهيءَ موضوع تي ماڻهو فقط ڏيڍ مهيني کان ته ڳالهائڻ لڳا آهن، انگلستان جا ماڻهو ڪو موضوع ڪٿي ته ڏن مهينن کان اڳ انجي پچر ئي ڇو ڇڏين، خير اسڪاٽ

لينڊ يارڊ پوليس جو زور انهيءَ تي آهي ته باسل نائين نومبر تي آڌي رات واري گاڏيءَ ۾ پيرس لاءِ روانو ضرور ٿيو آهي ۽ فرانسسي پوليس جو اعلان آهي ته باسل پيرس پهتو ئي نه آهي....“

”تنهنجي خيال ۾ باسل سان ڇا ٿيو واپريو هوندو، هينري؟“ ڊورين گلاس روشني ۾ جهليندي پڇيو. هو پنهنجي انهيءَ حوصلي تي حيران ٿي رهيو هو جو هن موضوع تي پاڻ بحث ڪرڻ لڳو هو.

”منهنجو ڪو خيال ئي ڪونهي، جي باسل پاڻ ئي ڪٿي لڪي ويو آهي ته انهي منهنجو ڇا ۽ جي گذاري ويو آهي ته آءٌ هن بابت ذرو به سوچڻ نٿو چاهيان، موت وارين ڳالهين کان مونکي هميشه خوف ٿيندو آهي، مونکي ان سان نفرت آهي.“

”ڇو ڀلا؟“ ڊورين ڪجهه بي چين ٿيندي پڇيو.

”ڇاڪاڻ ته.“ هينري هڪ ڪافوري شيشي نڪ هيٺان جهليندي چيو. ”ڇاڪاڻ ته ماڻهو هر شئي کان بچي سگهي ٿو سواءِ موت جي، موت کان بچڻ ناممڪن آهي. هن اڻويهين صديءَ جون فقط ٻه حقيقتون اهڙيون آهن جن جي ڪو صحيح وضاحت نٿو ڪري سگهي، هڪڙو موت ۽ ٻي ڪميٽپائي — ڇڏ انهن ڳالهين کي ڊورين، پيارا هل ته هلي ميوزڪ روم ۾ ڪافي پيئون، تون پيانو ته وڄاءِ يار جيڪو جوان منهنجي زال کي ڀڄائي ويو سو پيانو ڏاڍو سٺو وڄائيندو هو، ويچاري وڪٽوريا —! مونکي ڏاڍي وڻندي هئي، هن

ڪانسواءِ گهر ۾ سڄو ڏينهن لڳي. اذدواجي زندگي بس هڪ عادت آهي ٻيو ڇا آهي-! هڪ نهايت بڇڙي عادت- پر ماڻهو اڪثر بڇڙيون عادتون ڇڏي به ته ڇڏي نٿا سگهن. عادتون ته ڇڏي به ته، پڇتائيندو آهي، بلڪ شايد بڇڙين عادتن کي تياڳڻ تي جيترو پڇتاءُ ٿيندو آهي اوترو ٻي ڪنهن عمل تي نه ٿيندو هوندو، بريون عادتون انسان جي شخصيت جو اهڙوئي لازمي جز هونديون آهن-"

ڊورين ڪجهه نه ڳالهايو ۽ خاموشي سان اٿي اچي ميوزڪ روم ۾ پيانو تي ويٺو ۽ انجي ڪنجين تي پنهنجون خوبصورت آڱريون هلائيندو رهيو. ڪافي دير کانپوءِ هن هينري کان سوال ڪيو:

"هينري، توکي ڪڏهين اهو خيال آيو آهي ته باسل متان قتل ڪيو ويو هجي؟"

"باسل مشهور ماڻهو نه هو" هينري اوٻاسي ڏيندي چيو.

"آخر ڪنهنکي ڪهڙي ضرورت پئي هوندي هنکي مارڻ جي-؟ اهڙو هوشيار به نه هو جو ڪو دشمن هجيس، مونکي به هنبر فقط هڪ ڳالهه تي چاه پيدا ٿيو جڏهين هن تنهنجي محبت ۾ اڙجڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ اهو به ٻڌايو ته تو هنجي فن کي نئين تحريڪ ڏني آهي، باقي هو صفا موڳو مرلڳيت-"

"يار آءٌ هنجو ڏاڍو شيدائي هوس-!" ڊورين اندر ۾ جهرندي چيو- "پلا، ماڻهو ائين ڪونه ٿا چون ته باسل قتل ڪيو ويو آهي؟-"

"اوهو، ڪي اخبارون لکن پيون ته هو قتل ڪيو ويو آهي پر منهنجي خيال ۾ انهن جو اندومان غلط آهي، باسل

اهڙين جاين تي وچڻ وارو ٿي ڪونه هو جتي خونريزي ٿيندي آهي-"

"۽- هينري- جي آءٌ چوان ته مون باسل کي خون ڪيو آهي، ته....؟" اهي اکر چئي ٻورين ٻنهنجون نگاهون هينري جي چهري تي کپائي ڇڏيون.

"ته آءٌ سمجهندس ته تون ڀانکي هڪ اهڙي ڪردار لاءِ پيش ڪري رهيو آهين جنهن لاءِ تون بالڪل موزون نه آهين. هر قسم جو ڏوه ڪمينپائي آهي جهڙي طرح هر قسم جي ڪمينپائي ڏوه آهي. ۽ تو ڀ قتل جهڙو ڏوه ڪرڻ جيتري ڪمينپائي آهي ٿي ڪانه. معاف ڪجان جو آءٌ تنهنجي سگهڻي هٺ تي چوٽ ڪري رهيو آهيان، پر ايترو ضرور چوندس ته تو ڀ ڏوه ڪرڻ وارو ظرف ٿي ڪونهي، ڏوه ته گهٽ درجي جا ماڻهو ڪندا آهن جو هو ڏوه کي ايتري ئي اهميت ڏيندا آهن جيتري اسين فن کي ڏيندا آهيون— انکي جوش ۽ حيرت پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو سمجهي-"

"تنهن جي معنيٰ ته اهڙي سنسني- يعني جوش ۽ حيرت- پيدا ڪرڻ لاءِ ماڻهو ساڳيو ڪم وري به ڪري سگهي ٿو-؟ هڪ ڀيرو قتل ڪرڻ وارو ماڻهو ٻيو ڀيرو به قتل ڪري سگهي ٿو-؟ ائين ته نه آهي نه-؟"

"لطف آهي ئي ان ڪم ۾ جو بار بار ڪيو رهجي-" هينري وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو- "اهو ته زندگي جي بيحد اهم اسرارن مان هڪڙو اسرار آهي، بهرحال منهنجو خيال

آهي ته. ڪنهنکي قتل ڪرڻ هڪ غلطي آهي، ماڻهو اهڙو ڪم ٿي ڇو ڪري جنهن بابت رات جي ماني ۽ بعد گفتگو ڪندي به خوف کائي. خير هاڻي باسل جي ڳالهه ڇڏي ڪو ٻيو موضوع ٿا کڻون— ڪاش مونکي تنهنجي ڳالهه تي اعتبار اچي سگهي ته هو تنهنجي هٿان قتل ٿي سچ پچ هڪ حقيقي رومانوي انجام کي پهتو آهي، پر مونکي اعتبار ايندوئي نه. آهه ته پاڻيان ٿو هو اومني بس مان سين نديءَ ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو، هنوقت هو نديءَ جي پيٽ ۾ پيءَ پر ستو پيو هوندو...."

ڊورين ڪجهه نه پي ڪڇيو، هينري چپ ڪئي ته هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو پر خاموش رهيو.

"ها ڊورين." هينري وري هن سان مخاطب ٿيو. "مون ڇيو ته عرصي کان باسل وري ڪو شاهڪار نه ناهي سگهيو، جيئن ٿي تو هن سان سنگت ٽوڙي ڇڏي تيئن ٿي هن جو فن سان ناتو ٽٽي ويو، تون هن جو سٺو دوست نه رهئين ته هو سٺو فنڪار نه رهيو، پر اوهانجي جدائي ڪهڙي سبب کان ٿي؟ شايد تون هنمان بيزار ٿي پئين، جي ائين آهي ته هو توتي اچا ڪاوڙيل هوندو ڇوته جيڪي بيزار ڪندا آهن تن ۾ وري درگذر جي وصف نه هوندي آهي. ڀلا تنهنجي انهيءَ خوبصورت تصوير جو ڇا ٿيو جا هن ناهي هئي؟ گهڻي وقت کان مون اها نه ڏٺي آهي."

"تون اهڙي شئي جي ڇو پيو پڇار ڪرين جنهن شئي کي مون ٿي ڪڏهن سٺو نه ڄاتيو، انهيءَ کي ڏسي مونکي

اهو عجيب شعر دل تي تري ايندو هو:

-”هڪ بي روح چهرو- ڄڻ غم جي تصوير....!“

”ها، اهو شعرڪجهه ان ريت هو، شيڪسپيئر جي ڊرامي هئمليٽ جو....“

هينري ٿهڪ ڏيندي هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو:

”جي ڪو ماڻهو زندگيءَ کي فنڪاراڻي ڍنگ سان ورتائي ٿو ته هن جو دماغ هنجي دل بنجو وڃي....“

ڊورين چپن ئي چپن ۾ اهو شعر ورجائيندو ۽ گڏوگڏ پيانو تي آڱريون هلائيندو رهيو. هينري هنکي اڌ کليل اکين سان چتائي ڏسندو رهيو، پوءِ هڪدم سوال ڪيائين:

”ڊورين، هي ته ٻڌاءِ ته- جي ڪو ماڻهو پنهنجو روح قيمت طور ڏئي سڄي دنيا خريد ڪري وٺي ته هنکي ڪيترو نفعو ٿيندو___؟“

پيانو جا سر بگڙي ويا، ڊورين هينري ڏانهن گهور ڪري نهاريو:

”تون مونکان ڇو ٿو پڇين-؟-“

”بس فقط ان خيال کان پڇيم جو سمجهان ٿو ته تو وٽ ان سوال جو جواب هوندو، اهو سوال مون رستي ويندي هڪ بازاري واعظ جي واتان ٻڌو هو، پهرين ارادو ڪيم ته هنکي آءٌ ئي ٻڌايان ته- ميان فن ۾ روح هوندو آهي مگر ماڻهوءَ ۾ نه- هوندو آهي، پر سوچيم هو الائي سمجهي نه سمجهي-“

”ائين نه چئو هينري، روح هڪ زبردست حقيقت آهي،

روح خريد ڪري سگهجي ٿو وڪڻي سگهجي ٿو، روح جي روح سان مٽا سٽا ٿي سگهي ٿي، انکي زهر آلود ڪري سگهجي ٿو يا انکي ڪامل بنائي سگهجي ٿو، اسان مان هر هڪ وٽ روح آهي-"

"پڪ اٿئي-؟"

"پوري پڪ اٿم-"

"هاء - تڏهين ته پڪ سان روح بابت به تون خام خيالي جو شڪار آهين ڇاڪاڻ ته اصل ۾ جنهن شئي بابت ماڻهوءَ کي پوري پڪ هوندي آهي انهيءَ ئي شئي جي ڪا حقيقت نه هوندي آهي. اها مونمار پڪ هئڻ جو نتيجو آهي ايمان جو ۽ سبق آهي تخيل پرستي جو. ڊورين تون به ڪجهه زياده ئي گنڀير ٿيندو ٿو وڃي، پلا پنهنجو هن دور جي اجاين وهمن اجاين اعتقادن ۾ ڇا وڃي! نه نه، روح وغيره ۾ اسانجو ايمان نه رهيو آهي، ڇڏ اهي اجايون ڳالهيون دوست پيانو تي ڪو راڳ ڇيڙ ۽ مونکي اهو ٻڌاء ته تنهنجو حسن تنهنجو جوڀن اڃا به ڇو دائم قائم آهي، تو وٽ ڪو راز آهي، آءٌ توکان فقط ڏه سال وڏو آهيان پر منهنجو رنگ روپ بگڙي ويو آهي ۽ تون اڃان به سچ پچ ساڳي سونهن جو مالڪ آهين بلڪ اڄ رات ته تون اڃان ئي وڌيڪ ناهوڪو ٿو ڏسڻ ۾ اچين، برابر تون بدلجي رهيو آهين پر منهن مهانڊي ۾ اصل نه بدليو آهين،

"مهرباني ڪري مونکي اهو گُر ٻڌاء، ٻيهر جواني ماڻڻ لاء آءٌ سويل اٿڻ، ورزش ڪرڻ ۽ عزت دار بڻجڻ کانسواء

ٻيو سڀڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هاءِ، جواني جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي-! ٻيءَ ماڻهوءَ جو الميو اهو ناهي تہ هو ٻڍو آهي بلڪ هن جو الميو هي آهي تہ هو ٻڍو آهي ۽ ڪو ٻيو اڃان جوان آهي— منهنجا ٻہ ڪي دک آهن، ڪي غم آهن ۽ ڪي سور آهن جنجي توکي ڪا خبر ناهي ڊورين-! خير تنهنجو ڪجهہ نہ بگڙيو آهي-"

"آءٌ اهو ساڳيو نہ رهيو آهيان هينري-"

"تون ساڳيوئي آهين. منهنجي بباقي بچيل جيون جو خير گهر انکي ويراڳ سان ويران نہ. ڪر، پاڻکي ساڳي طرح بي داغ ۽ سالم رک، تنهن ڪانسواءِ پاڻ کي فريب نہ ڏي، ڏس زندگي ارادي ۽ نيت جي تابع نہ هوندي آهي، زندگي رڳن ۽ نسن جي تاندوري جو هڪ منجهيل معاملو آهي جنهن ۾ فڪر لڪو ويٺو هوندو آهي احساس ويٺو سپنا سجائيندو آهي، تون پاڻکي ڪيترو بہ مضبوط ۽ محفوظ سمجهہ پر آءٌ توکي ٻڌايان ٿو تہ اسانجي زندگي جو مدار اهڙين شين تي آهي جي ظاهر ۾ رواجي اهميت جون آهن مثال طور ڪو وسري ويل شعر وري ياد اچي، ڪا سهڻي ياد وري دل تي تري اچي، برائوننگ ڪنهن هنڌ اهو فلسفو بيان ڪيو آهي پر اسانجو احساس بہ اسانکي اها حڪمت سيکاري ٿو، مونسان تہ ائين ٿيندو آهي جو ڪڏهين اچي سوسن جي خوشبوءِ اوچتو اچي منهنجن حواسن سان ٽڪرندي آهي تہ آءٌ وڌيڪ هڪ مهنو ڏاڍو خوش خورم گذارڻ جهڙو ٿي ويندو آهيان، ڊورين، تون اهو آدرش آهين جو اڄ جو

دور تنهنجي ئي تلاش ۾ آهي پر تنهنجي بدران وڪرا هوئي ميڙيو اٿس جنهن مان ڪيس هميشه خوف رهي ٿو، دنيا اسان ٻنهي جي برخلاف ڏاڍي واويلا ڪئي آهي پر تنهنجي هميشه سوچيا ڪئي اٿس ۽ ڪندي رهندي. مونکي ڏاڍي خوشي آهي ان ڳالهه جي جو تون ڪو فنڪار نه ٿئين ۽ پنهنجي اندر مان ڪجهه تخليق ڪري پيش نه ڪيئه نه ڪا تصوير نه ڪا مورت بلڪ تو پنهنجي زندگيءَ کي ئي پنهنجو فن ڪري ورتايو، تون پاڻ هڪ رسيلو راڳ بنجي وئين، تنهنجي زندگي جو هڪ هڪ ڏينهن هڪ غزل آهي—“

پورين پيانو ڇڏي اٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجن وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي جهيڻي آواز ۾ چيائين:

”خير، مون ڏاڍي البيلي زندگي گذاري آهي. پر هاڻي مونکان اهڙي البيلائي نه ٿيندي، هاڻي آءٌ اهي رنگين ڏينهن ۽ رنگيليون راتيون نه گذاريندس هينري، تون مونکي اهي اڃيپي جون ڳالهيون نه ٻڌائيندو ڪر، اهي غير معقول دليل نه ڏيندو ڪر، تو کي منهنجي هر معاملي جي خبر ڪانهي، جي چاڻي وٺين ته جيڪر تون ئي مونکان منهن مٽائي وڃين، تون ڪلين پيو هينري—؟ نه ڪلهه هينري نه ڪلهه—“

”جاني تون پيانو وڄائيندو ره، ڏس ميرانجهڙي آڪاش ۾ چنڊ ڪيئن پيو ڀڪي ۽ پاڻي ته تون ساز وڄائيندو رهين ته هو جيڪر ڌرتيءَ تي لهي اچي—! نه—؟ چڱو هل ته ڪلب هلون، ها، اتي هڪ نوجهڙو ئي سهڻو جوان توسان ملڻ چاهي ٿو ڏاڍو بيقرار آهي توسان ملڻ لاءِ، سچ ته هنکي

ڏسي مونکي تون ياد ايندو آهين-"

"اميد ته ائين نه هوندو-" ڊورين پنهنجي اندر جو دک پنهنجين اکين ۾ آڻيندي چيو.

"بيشڪ ته آءُ بيحد ٿڪل آهيان، يارهن ٿيا آهن هاڻي سمهڻ ٿو گهران-"

"تون پلي بدلجي وڃ پيارا، پر مونسان ته ساڳيو ئي هل، پاڻ ٻئي ساڳي طرح دوست ٿي رهنداسين-"

"ٻ دوست ٿي ڪري تون مونڏانهن اهڙو ڪتاب موڪليو جنهن منهنجي رڳ رڳ ۾ زهر ڀري ڇڏيو-؟ هينري وعدو ڪر ته اهو ڪتاب وري ڪنهن کي به نه پڙهائيندين، جيڪو اهو ڪتاب پڙهندو سو نقصان پرائيندو-"

"يار تون ته سچ پچ نيڪوڪار بنجڻ لڳو آهين-! ڇئبو تون جلدئي نئين جاڳرتا جو حامي بنجي ماڻهن کي پنهنجن ڏي گناهن ۽ انهن جي خراب نتيجن کان خبردار ڪرڻ لڳندين-؟ تڏهين واه جو ڪم ڪندين دوست-! پر تڏهن به انهيءَ مان ڪجهه ڪونه ورندو، تون جيڪي آهين سوئي رهندين، ۽ اهو به ٻڌي ڇڏ ڊورين ته، ڪو به ڪتاب ڪنهنجي به سياءَ کي زهر آلود نٿو ڪري سگهي، نه انسان جي عمل تي ڪو اثر يا زور نٿو رکي، البت عمل جي خواهش کي نابود ڪري ٿو ڇڏي، نه ته هڪ نهايت عمدي خوبصورت نسقل مثيءَ مثل آهي جنهن ۾ ڪو ٻچ ڇاپي ڏي نٿو سگهي. جن ڪتابن کي ماڻهو غير اخلاقي ڪتاب چون ٿا سي اصل ۾ سندن ڏي افعالن جو آئينو آهن- ۽ بس. خير پاڻ ادب

تي ڪو بحث مباحثو نہ ڪندا سين. تون سياڻي مونوٽ اڄ
نہ يارهين بجي گڏجي گهوڙيسواري ڪنداسين، ياد ڪري
اچجانءِ.“

”سچ پچ اچان ڇا؟“

”پڪ سان اچجانءِ.“

”چڱو، آءٌ وقت سر پهچي ويندس.“

اٿين ڇمي ڊورين دروازي ڏانهن وڌيو، ڪن پل لاءِ هڪ ئي
بيهي رهيو ڄڻ اڃا ڪجهہ چوڻو اٿس. پر پوءِ هڪ ٿڌو
ساهہ کڻي ڪجهہ چوڻ بنان ئي ٻاهر نڪري ويو.

[٢٠]

رات خوشگوار هئي، ڪجهہ ايتري گرم جو هن پنهنجو
اوور ڪوٽ لاهي ٻانهن تي ڪيو ۽ پنهنجو ريشمي مفلر
بہ گلي ۾ نہ وڌائين. سگريٽ ڇڪيندو هو پنهنجي گهر ڏانهن
وڌي رهيو هو جو رستي ۾ ٻہ نوجوان هنجي ڀر مان لنگهي
ويا، هڪ مان هڪڙي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو: ”هي
مسٽر ڊورين گري اٿئي.“

۽ ڊورين سوچڻ لڳو. ”هي ڇا آهي جو اڳي ڪنهن
جي واتان پنهنجو نالو ٻڌندو هوس ڪنهن کي پاڻ ڏانهن
گهوريندو ڏسندو هوس، ڪو مونڏانهن اشارو ڪري ڳالهائيندو
هو تہ ڪيڏو نہ سرهو ٿيندو هوس! ۽ هاڻي؟ پنهنجي نالي
ڪان ئي بيزار ٿي پيو آهيان! ڳوٺ ۾ رهيس تہ بہ اهڙو

گمنام تي جو اڌ ڪان وڌيڪ رهواسي مونکي اجا به ڪونه سڃاڻن ته ڪير آهيان، جنهن نازنين جي دل ڏتاريم تنهنکي به چيم ته هڪ غريب جو ٻار آهيان ۽ هوءَ ويچاري ويسهه ڪري وئي، هڪ ڀيري جو هنکي چيم ته آءٌ وڏو پاپي آهيان ته کلڻ لڳي چي پاپي ته ٻيا ۽ بدشڪل هوندا آهن تون ته...... هنجو ٽهڪڙو ته ڄڻ ڪهڙو هو جهڙي ڪنهن سريلي پکيءَ جي تنوار---! هوءَ ابوجهه هئي پر هن وٽ جيڪي ڪجهه هو سو مونوٽ ناهي، آءٌ سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو آهيان......"

گهر پهتو ته نوڪر اوسيئڙي ۾ هو، نوڪر کي موڪل ڏئي هو لائبرري ۾ اچي صوفي تي ڍنجي رهيو- "چاهيندي سچ تو چوي ته ڪير به تبديل نٿو ٿي سگهي اسين جهڙا آهيون تهڙا هئاسين ۽ اهڙائي رهنداسين-؟" هن سوچيو-

"هيئري چوندو هو آءٌ هڪ ڪومل گل جهڙو ڳيرو چوڪرو آهيان-! پر هاڻي، ڪيترو نه داغدار ٿي ويو آهيان-! گندا خيال ۽ گندو ذهن، خوف ۽ وسوسا ڪئي ڏاريا اٿم-! ٻين تي شيطاني اثر وجهڻ وارو ۽ انهيءَ هلت تي خوش ٿيڻ وارو، ڪهڙن ڪهڙن سٺن سلڇڻن ماڻهن کي خراب ڪري ماڻهن ۾ ڪلڻ هاب ڪيم، جا انهن سڀني گناهن جو ڪو ڪفارو ڪونهي، ڪا تلافي ڪانهي-؟ مون لاءِ ڪا اميد باقي نه رهي آهي-؟

الا-! اها ڪهڙي نه ڀيانڪ گهڙي هئي جو همت ۽ جوش ۽ ٻاراڻي ضدساري دعا گهريم ته منهنجو جوڀن منهنجي

سونهن ساڀيا سا ڳي رهي ۽ انجي زوال جو اثر انهيءَ تصوير تي ٿئي—! منهنجي هن سموري درگتي جو ڪارڻ اها دعا هئي، اها اندي خواهش—! منهنجي پاپن جي مونکي برابر سزا ملندي رهي ها، پنهنجي ڪئي جو ڦل بروقت پائيندو رهان ها ته اج هي حال نه ٿئي ها، سزا جي ذريعي انسان پاڪ ٿيندو رهي ٿو، دعا گهرجي ته اها ته— ”يا خدا اسانجي خطائن جي اسانکي سزا ڏي—“ نه اها ته ”اسانجا گناه.. معاف ڪر“ چاڪاڻ ته خدا بيحد انصاف ڪرڻ وارو آهي.

هن لارڊ هينري؛ وٽان سوکڙي مليل اها خوبصورت آرسي جنهن جي چوڌاري ڪام ديوتا ڪيوپڊ جي ننڍڙي مورتي ٺهيل هئي ميز تان کڻي ورتي ۽ پنل اکين سان انهي پنهنجو چهرو ڏسڻ لڳو— هن کي ياد آيو ته هڪ ڀيري سندس هڪ ديواني چاهيندڙ هنکي هڪ خط ۾ لکيو هو— ’تون عاج ۽ سون مان جوڙيو ويو آهين جو دنيا ئي بدلجي وئي آهي—! تنهنجي سهڻن چپن جا پيچ ۽ ور تاريخ کي نئين سر لکي رهيا آهن...‘ هن اهو جملو وري وري اچاريو ۽ پاڻ کان لائي پڌو، ۽ آرسيءَ ۾ پنهنجي من موهڻي منهن کي ڏسي هنجي اندر ۾ پنهنجي پاڻ سان نفرت جي هڪ لهر اٿي ۽— هن آرسيءَ کي زور سان فرش تي ڦٽي ڪري پيرن ۾ چيڀاٽي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو— ”اها منهنجي سونهن منهنجو جوڀن آهي جنهن مونکي تباه ڪيو، اهي ٻئي شيون نه هجن ها ته هيترو داغدار نه ٿيان ها—! جواني ڇا آهي—؟ جوانيءَ مونکي ڇا ڏنو—؟ سڪڻا جذبا سکڻا خيال جن مان فقط روڳ

پرايم، نه پارائي وچي ها مونکي جوانيءَ جي اها وردي جنهن مونکي ڪاري بگاڙي ڇڏيو!

—پر مونکي ماضيءَ بابت نه سوچڻ گهرجي، فقط پنهنجي ذات ۽ پنهنجي آئندي جو فڪر رکڻ کپي، جيمس وين هڪ بي نام قبر ۾ هليو ويو، الان ڪيمپبيل منهنجو راز ظاهر ڪرڻ ڪان اڳ خودڪشي ڪري ڇڏي، باسل هالورڊ جي گمشدگيءَ جي ڇوڇچو به پوين پساهن ۾ آهي، آءٌ هر لحاظ کان محفوظ آهيان— ۽ هي جو منهنجي دل تي بي انداز بوجهه آهي سو باسل جي موت جو نتيجو ناهي، هي ته منهنجو پنهنجو روح آهي جو مونکي پيو ڇڪي ۽ ڇيچلائي—! باسل جو موت نه پر منهنجي جيئري روح جو موت پيو مونکي جهوري—! باسل منهنجي اهڙي تصوير ناهي جنهن منهنجي جيون کي داغ داغ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مونسان اهڙيون ڳالهيون ڪيائين جي سهڻ جهڙيون نه هيون، مونکي جنون سوار ٿيو ۽ مون هنکي ماري ڇڏيو——!

— مونکي هڪ نئون جيون گهرجي،—— ۽ مون انلاءِ قدم وڌايو آهي، مون هڪ معصوم ڇوڪريءَ کي پنهنجي اثر کان آجو ڪيو جو ڪيس داغدار ڪري سگهيو ٿي، اڳتي ڪنهنجي به معصوميت سان ڪابه کيڏ نه کيڏيندس، آءٌ نيڪ ٿيندس—! تڏهين—— تصوير ۾ به ضرور ڪو ڦيرو آيو هوندو—؟ هي جو پنهنجو اندر اجارڻ جو سعيو ڪيو اٿم ته ضرور تصوير جو چهرو به اجريو هوندو—! ڏسان ته سهي شايد ان چهري تان بدڪاريءَ جا گدلا داغ لهي ويا هجن—!"

اها آس ساري، ارادو ڪري هن ميز تان بتي کڻي ۽ چپ چپات ۾ مٿي چڙهڻ لڳو، انهيءَ ڪمري جـو دروازو کوليندي عجيب سرهائيءَ جي مرڪ هنجي جوان خوبصورت چهري تي پکڙجي وئي ـــ ها ڇـو نـ؟ آءُ نيڪ ٿيندس ۽ تصوير مان اها ڪراهت اها قباحت ويندي رهندي پوءِ ان کـي ڏسي خـوف نـ ٿيندو!“ هن جـي دل تان بار هلڪو ٿيڻ لڳو.

هو خاموشيءَ سان ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ دروازو اندران بندڪري ڇڏيائين.۽ پوءِ تصويرتي پيل ڪپڙوڇڪي لاهي ڇڏيائين ـــ ”آه!“ صدمـي ۽ ڪروڌ کـان هنجي اندر مان هڪ دانهن نڪتي ۽ هـو ٿڙڪڻ لڳو ـــ! تصوير جي چهري تي اهائي ٺڪار هئي، اکين ۾ اهائي عياري ۽ چپن تي اهائي مڪاري!

اجـان ئي بڇان جهڙي، ويتر اڳـي کـان وڌيڪ بڇان جهڙي صورت، ۽ هاڻي تہ انجي هٿن تي رت جا ڇنا وڌيڪ تـازا ۽ گهرا ٿي ڏسڻ ۾ آيا ـ ـتڏهين ڇـا اها بہ منهنجي محض خودپسندي ۽ سڪئو هئ هو جنهن تحت مون اهو هڪ نيڪ ڪم ڪيو؟ يا اها بہ منهنجي ڪنهن نئين هنگامي نئين جذبي جي تلاش جي خواهش هئي جنهن مونکان اهو ڪم ڪرايو ـ جيئن هينري هڪ پيري ٺوڪ ڪندي چيو هو؟ ۽ رت جا نشان اڳي کان وڌيڪ ڇنا ۽ وڏا ڇـو آهن؟ هنجي تہ پيرن تي بہ رت جـا داغ آهن ڄڻ تصوير جي ئي هٿن مان ٽميا هجن؟

تہ ڇا ڏوہ جو اقرار ڪري ڦاسي چڙهڻ قبوليان ـ؟ هونهہ ـ (هن ٿهڪ ڏنو) اهو تہ خيال ٿي پيانڪ آهي، ڪير اعتبار ڪندو، هاڻي ڪو قتل جو نشان ٿي نہ رهيو آهي، ماڻهو مونکي چريو چوندا، ڪلندا ۽ ڪنهن بند ۾ بند ڪري ڇڏيندا. پر تہ بہ اهو منهنجو فرض آهي تہ آءٌ لوڪ اڳيان پنهنجي ڏوہ جو اقرار ڪريان ۽ انجي نتيجي ذلت ۽ خواري برداشت ڪريان تہ جيئن ڪفارو ادا ٿي وڃي، خدا برحق موجود آهي ۽ هو بندن کي حڪم ٿو ڏي تہ پنهنجن گناهن جو اقرار ڪن ڇرني ۽ تي بہ ۽ آسمان تي بہ، دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ، انهيءَ اقرار انهيءَ ڏوہ پاس ڪان سواءِ ٻي ڪنهن بہ عمل سان آءٌ پاڪ ۽ پوتر نہ ٿي سگهندس. گناہ ـ؟ باسل جو خون تہ ڪو ايڏو وڏو گناہ ڪونهي پر ـ ها، هن ڇوڪريءَ سان جو ورتاءُ ڪيم، هنکي بہ داغ ڇڏي ڏنم سو محض منهنجو سڪڻو هڻ هو، نيڪيءَ جو پهلو بنجي ويس سا محض منهنجي بهرويت هئي، پاڻ کي فراموش ڪيم سو هڪ نئين جذبي ۽ ولولي جي تلاش جو محض بهانو هو، پر هن معاملي ۾ منهنجو گناہ انهن ٿن حقيقتن کان بہ شايد ڪجهہ وڌيڪ آهي، پر اهو مونکي ڪير ٻڌائيندو ـ؟

.....تہ ڇا سڄي زندگي انهيءَ خوف ۽ دهشت ۾ ديجي گذارڻي اٿم ـ؟ ماضيءَ جو بار ڪلهن تي کڻندو وتان ـ؟ ڏوہ جو اقرار ڪريان ـ؟ ثابتي ـ؟ ها، فقط هيءَ تصوير ٿي تہ باقي بچيل ثابتي آهي، هن کي بہ تباہ ڪري ڇڏڻ گهرجي، هيترو وقت بہ اجائي هنجي رکشا ڪيم، هن فقط هڪ پهرو مونکي

خوشي ڏني باقي سڄي عمر رڳو مونکي منهنجون خطائون ياد ڏياريندي رهي، مونکي راتيون جاڳائيندي رهي، مونکي ڏيڄاريندي رهي، منهنجي جذبات ۾ هن رڳو اداسي ۽ ويا ڪلتا ڀري ڇڏي، هيءَ منهنجو ضمير بڻجي وئي منهنجي اندر آتما ٻڻجي وئي، آءٌ هن کي ضرور تلف ڪري ڇڏيندس ناس ڪري ڇڏيندس!

هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته هنکي اهو چاقو نظر چڙهيو جنهن سان باسل جو قتل ٿيو هو. هن ڪيترا ڀيرا انکي ڌوئي پوئي صفا ڪيو هو، باسل جي خون جا اهڃاڻ ميسارڻ لاءِ — هن چاقوءَ تصوير جي مصور کي قتل ڪيو اڄ هي چاقو مصور جي تصوير کي به قتل ڪندو ۽ بس، اهوئي مقصد آهي. اهڙي طرح منهنجو ماضي به قتل ٿي ويندو پوءِ آءٌ آزاد هوندس، اهڙي طرح روح سان رچيل جيون ختم ٿي ويندو ۽ پوءِ ضمير جا دڙڪا ۽ چتاءُ نه ملندا ۽ مونکي سڪون ملي ويندو — هن چاقو کنيو ۽ تصوير تي وهائي ڪڍيائين.

ڪمري ۾ هڪ دانهن ٿي ۽ هڪ ڌڏڪو ٿيو —

ٻيڙا جي اها دانهن ايڏي ڀيانڪ هئي جو هيٺ سڀئي نوڪر چاڪر جاڳي پيا ۽ پنهنجن ڪمرن مان نڪري آيا، به معزز ماڻهو جي عين انهيءَ وقت ٻاهران اچي لانگهائو ٿيا هئا تن به رڙ ٻڌي ۽ بيهي رهيا، ٿوري دير تائين بنگلي ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ پوءِ اڳتي وڌي پوليس جي هڪ سپاهي کي وٺي آيا، هنن ڪيترا ڀيرا دروازي جي گهنٽي وڄائي، بنگلي

جي ڇت واري ڪمري جي دريءَ مان روشني نظر آئي
ٿي باقي سڄي بنگلي جون بتيون بند هيون، گهنٽيءَ جو
ڪو جواب نه پئي مليو، ٿوري دير ترسي سپاهيءَ ٻاهرين
ڏيڏي تي چڙهي اندر نهاريو. ٻن معززن مان هڪڙي سوال
ڪيو:

”ڪانسٽيبل! هي ڪنهن جو گهر آهي-؟“

”مسٽر ڊورين گري جو سائين-“ جواب مليو.

هنن ٻنهي هڪ ٻي ڏانهن نهاريو، طنز واري مرڪ ٻنهي
جي چپن تي پکڙي ۽ پوءِ حقارت سان کلندا هڪ طرف
رستو وٺي هليا ويا. اندر نوڪرن واري حصي ۾ نوڪر پاڻ
۾ سس پس ڪندا رهيا، پوڙهي مسز ليف هٿ مهٽيندي
روئندي رهي ۽ فرانسس ته خوف کان سڄو پيلو پئجي
ويو هو.

اٽڪل پندرهن منٽن کانپوءِ فرانسس هڪ ڪوچوان ۽
هڪ پيادي کي وٺي آيو، هو ٽئي چڙهيا، ڪمري جو دروازو
کڙڪايائون پر ڪو جواب نه مليو، هنن وڏي واڪي سڏ
ڪيا پر هر شئي خاموش هئي، نيٺ لاچار ٿي هو ڇت تي
چڙهيا ۽ اتان بالڪني ۾ اچي دريون کولي ڪمري ۾
گهڙي آيا.

ڪمري ۾ سندن مالڪ جي بيحد خوبصورت ۽ من
موهيندڙ تصوير- جهڙو خوبصورت ۽ من موهيندڙ هو پاڻ هو-
برابر لٽڪي پئي هئي، تصوير جي حسن ۽ جوڀن ۾ ڪو
فرق نه آيو هو،- ۽ فرش، تي هڪ لاش پيو هو جنهنجي

هٿ ۾ موجود چاقو سندس سيني ۾ کتو پيو هو، لاش جو چهرو ڪومايل ۽ گهنجيل هو، ڏڪار جهڙو هو. هو سڃاڻي نه سگهيا ته اهو بگڙيل چهري وارو لاش ڪنهنجو آهي، پوءِ انجي آڱرين ۾ پيل منڊين کي چڱي طرح جاچي ڏٺائون، تڏهين پڪ ٿين ته لاش سندن مالڪ- ڊورين گري جو آهي.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

١- حليم شو	حليم بروهي
٢- ٻارن لاءِ آڪاٽيون	الطاف شيخ
٣- سورن سانڊياس (ناول)	وڪٽر هيوگو
٤- مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ
٥- ٽيرهون سچ	امرتا پريتم
٦- مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	الطاف شيخ
٧- سانپاهو سمونڊ جو (ٻيو ايڊيشن)	الطاف شيخ

ضروري اطلاع

(١) نيو فيلڊس جا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڪتاب گهرائڻ تي پوسٽ خرچ ادارو ڀريندو باقي هڪ ڪتاب گهرائڻ تي پوسٽ خرچ گهرائيندڙ کي ڀرڻو پوندو. (٢) جواب لاءِ جوابي لفافو يا ٦٠ پئسن جون ٽڪيٽون موڪلڻ ضروري آهي (٣) صرف نيو فيلڊس جي ڪتابن لاءِ آرڊر موڪلڻ جي صورت ۾ جوابي لفافو ضروري نه آهي. (٤) ايجنٽ حضرات ڪنهن به ڪتاب جون گهٽ ۾ گهٽ پنج عدد ڪاپيون جو آرڊر موڪليندا ڪن.

الطاف شيخ جو مشهور سفرنامو شايع ٿي ويو آهي.

جپان جن جي جيءَ سان

(ٻيو ايڊيشن)

قيمت ١٥-٠٠ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو: نيوفيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ٻيهون ڪتاب

جپان رس

الطاف شيخ

خوبصورت ٽائيٽل   قيمت ۱۵ رپيا

نيو فيلڊس پبليڪيشنس ڪان الطاف شيخ جا هيٺيان ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا

۱-	وايون وڻجارن جون	۱۲ رپيا
۲-	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل	۱۲ رپيا
۳-	سي ٿي جوين ڏينهن	۱۲ رپيا
۴-	سي پيڙيون رکين پاڃهه سين	۱۲ رپيا
۵-	جپان رس	۱۵ رپيا
۶-	پيار جي گهٽ	۱۰ رپيا
۷-	ڇا جو ديس ڇا جو وديس	۱۰ رپيا
۸-	ڳالهيون تنهن جپان جون	۱۰ رپيا
۹-	خدا ڏي خط	۱۰ رپيا
۱۰-	ارائونڊ دي ورلڊ	۱۲ رپيا
۱۱-	جاني ته جهاز ۾	۱۰ رپيا
۱۲-	سانپاهو سمونڊ جو	۱۳ رپيا
۱۳-	موج نه سهي مڪڙي	۱۲ رپيا
۱۴-	بندر بازاريون	۱۲ رپيا
۱۵-	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	۱۲ رپيا
۱۶-	بهترين سفرناما	۱۵ رپيا
۱۷-	جپان جن جي جيءُ سان	۱۵ رپيا
۱۸-	لنڊن ٽائين لنڊٽ	۱۲ رپيا

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوڻيهون ڪتاب

عاشي (SHE)

* هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه گهٽ اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهه قوت، لازوال حسن ۽ غيرمعمولي سياڻپ جي مالڪ هئي__!
* جنهن ڪروڙ ۾ اڳي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهي.... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هليو آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو....!
* مصري قوم کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي ”سدا حيات فرمانروا عاشي“ جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي___! مگر هنجي صورت ڏسڻ به ڪين نصيب نه ٿي هئي___!
* هوءَ هڪ لاش سان گڏيل ٻيرنٺمڊ ۾ رهندي هئي!
* هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ کپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن.

مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي گهرائڻ لاءِ لکو:

ڪل صفحا ٤٠٠ — نيوفيلڊس پبليڪيشنس

قيمت -/25 — ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

آسيه

(ناول)

هي ناول ب برک برطانوي ليکک هينري رائڊر هئگرڊ جي جڳ مشهور ناول THE RETURN of SHE, AESHA جو مڪمل ترجمو آهي جو سندس ٻئي ناميارې ڪتاب SHE جي ٻي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل آهي. ٻئي ڪتاب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي جدا جدا مڪمل ڪتاب ب آهن ۽ هڪٻئي سان لاڳاپيل ب. هي ٻئي برک ناول دنيا جي گهڻ وڏ مڙنئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن.

— هڪ اعليٰ نسل جي عورت هڪ ديوي بڻجي وئي. لازوال قوتن، بي پناه حسن، دائمي زندگي ۽ وڏي اقتدار ۽ اختيار جي مالڪ بڻجي وئي.

— هن جو محبوب، جوڪو ديوتا ن بلڪ هڪ عام انسان آهي، سو سندس قرب ماڻڻ لاءِ ن بيان ڪرڻ جهڙا ڪشٽ ڪاٽي جبل جهاڳي ڪشالا ڪڍي هن جي ٻي اچا پتالدر هن وٽ پهچي ٿ تو پر هنن ٻنهي جي وچ ۾ اها ئي ديوار آڏي اچي ٿي وڃي جا هڪ انسان ۽ ديوتا جي وچ ۾ هوندي آهي. هو وصل ۽ محض وصل چاهي ٿو تہ ديوي هن کي اڻ لکيون اڻ ميون آسماني ۽ ڪائناتي پيتائون پيٽ ڪري سگهي ٿي، تخت تاج جا خزانا ۽ عبادتون ۽ اطاعتون موجود ڪري سگهي ٿي پر هن لاءِ پنهنجن چپن جو چهاءُ نٿي سهسائي سگهي، هو زندگيءَ ڀر جي رفاقت گهري ٿو ته هن کي نہ ڪٽندڙ حياتيءَ جي سوغات پيش ڪئي وڃي ٿي، پر جي هوءَ "عورت" بڻجڻ لاءِ تيار ٿي ته......تہ ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري—؟ قيمت: ۲۰-۰۰ رپيا

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ستاويهون ڪتاب

غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايرڪ ڪارڊر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيو بيليشن ۾ وار ڪاندارينڊز جهيڙا ۽ مقابلا، غلامن سان ٿيندڙ لڳ ڪاندارينڊز واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوکي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ ڪي داءَ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺيهينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ ڪندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري. هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل

ڪل صفحا 288

قيمت ـ /20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

١-	بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	٠٠-١٢
٢-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٣-	اڌ ملاقات	طارق اشرف	٠٠-١٢
٤-	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٥-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	٠٠-١٢
٦-	زندگيءَ جو تنها مسافر	طارق اشرف	٠٠-١٢
٧-	٤ مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	(ختم ٿيل)
٨-	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	٠٠-١٢
٩-	اونداهي ڌرتي روشن هٿ	آغا سليم	(ختم ٿيل)
١٠-	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)		(ختم ٿيل)
١٢-	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣-	وايون وڻجارن جون	الطاف شيخ	٠٠-١٢
١٤-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	مختلف ڪهاڻيڪار	٠٠-١٥
١٥-	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	٠٠-١٢
١٦-	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	٠٠-١٠
١٧-	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	٠٠-١٥
١٨-	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	٠٠-١٥
١٩-	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	فيروز احمد	٠٠-١٢
٢٠-	دل جو بندر (ناول)	نصير اعجاز	٠٠-١٢
٢١-	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	٠٠-١٦

٢٢-	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	١٢-٠٠
٢٣-	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	١٨-٠٠
٢٤-	ڪنهن سان سور سليان	فيروز احمد	١٢-٠٠
٢٥-	فڪر جي آزادي	ابراهيم جويو	٢٠-٠
٢٦-	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٢٧-	غلامن جو بيڙو (ناول)	دوست محمد پتي	٢٠-٠٠
٢٨-	سي ٿي جوين ڏينهن	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٢٩-	عاشي (ناول)	فضل احمد بچاڻي	٢٥-٠٠
٣٠-	سي بيڙيون رکين ٻاجهه سين	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٣١-	مدارت	فضل احمد بچاڻي	١٠-٠٠
٣٢-	جپان رس	الطاف شيخ	١٥-٠٠
٣٣-	روح جي ڳولا	فضل احمد بچاڻي	١٠-٠٠
٣٤-	درد جا ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	٢٠-٠٠
٣٥-	سانياهو سمونڊ جو	الطاف شيخ	١٣-٠٠
٣٦-	سورج هوندي مرجهايل	نجم عباسي	١٥-٠٠
٣٧-	آسيه (عاشي جي واپسي)	فضل احمد بچاڻي	٢٠-٠٠
٣٨-	قلندر	مدد علي سنڌي	١٢-٠٠
٣٩-	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٤٠-	سزا جا سک	فضل احمد بچاڻي	١٢-٠٠
٤١-	بهترين سفرناما	الطاف شيخ	١٥-٠٠
٤٢-	للڪار	نجم عباسي	١٥-٠٠
٤٣-	ٽڪل سريت	وليرام ولڀ	١٢-٠٠
٤٤-	لنڊن تائين لفٽ	الطاف شيخ	١٢-٠٠

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙهو، پاڄوڪڙُ، کاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئـي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو پيـو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڻن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿئي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي ڀاڱَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)